# ٻارن جي سنڌي ادب ۾

# ڪھاڻين جو تحقيقي اڀياس

# 1980ع_2000ع

# Analytical study of children’s stories in Sindhi literature

# 2000_1980

ايم فل تحقيقي مقالو

مقالانگار: صبا شاهه

نگران : ڊاڪٽرنواب ڪاڪا

# فهرست

## باب پهريون


موضوع جو تعارف (Introduction) **5**
تحقيق جو طريقه ڪار **6**
اڳ ٿيل تحقيق
تحقيق جا مقصد
تحقيق جو دائرو


## باب ٻيو
## ٻاراٽين ڪهاڻين جوفن


1. ٻولي **9**
2. پلاٽ **11**
3. اسلوب **12**
4. ڪردارنگاري **14**
5. منظرنگاري **16**
6. موضوع **19**


## باب ٽيون
## ٻاراٽين ڪهاڻين جي اوسر 1980ع کان 2000ع)


لوڪ ڪهاڻيون **21**
جديد ڪهاڻيون **27**

4.پروانوسيوهاڻي **41**
5.ڊاڪٽرظفرعباسي **43**

| | | |
|---|---|---|
| 6.عزيزڪنگراڻي | | 44 |
| 11.غلام مصطفيٰ سولنگي | | 57 |
| 12 .ڊاڪٽرغلام مصطفى سولنگي | | 58 |
| 13.عبدالجبارآزاد منگي | | 61 |
| 14.خالد ڀٽي | | 62 |


## باب چوٿون

## ٻارن جي ڪهاڻين جي ڪتابن جو اڀياس


**1.نصيحت آميز ڪهاڻيون**

| | | |
|---|---|---|
| پکين ۽ جانورن جون نصيحت ڀريون ڪهاڻيون | ڊاڪٽراياز قادري | 66 |
| عقلمند ڪان | عبدالرحمان جتوئي | 71 |
| مائي جهرڪي ۽ ڪانگ خان | بشير خان | 74 |
| جيتن جي ڪانفرنس | ڊاڪٽرادل سومرو | 80 |
| ڏاهي جهرڪي | الطاف شيخ | 84 |
| مور ۽ سهي جي ڳالهه | محمد صالح کهڙو | 90 |
| وچايل دولت | عبدالجبارعبد | 92 |
| جنهن کي رب رکي | شمس الدين سومرو | 93 |
| پولڙي جي پل ۽ ٻيون آکاڻيون | گوهرممتاز | 96 |

**2.مزاحيه ڪهاڻيون**

| | | |
|---|---|---|
| رمون پيٽي | اڪبرجسڪاڻي | 100 |
| خيرو حجم | اڪبرجسڪاڻي | 101 |
| پيندو بادشاهه | انجنيئر عبدالمالڪ ميمڻ | 110 |
| ناني سڦوران | جاويد عباسي | 115 |

**3.ٻارن جا مسئلا ۽ انهن جا احساس** **118**

**4.ٻارن جي ڪهاڻين جا ٻارن جي سوچ ،سمجهه ۽ انهن جي زندگيءَ تي پيل** **133**

**اثرات**


| | |
|---|---|
| **5.بارن جي ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين جي باري ۾ راءِ** | **138** |
| پريتم قاضي | **138** |
| خالد آزاد | **139** |
| غلام مصطفيٰ سولنگي | **139** |
| يوسف سنڌي | **141** |
| ڊاڪٽر ظفرعباسي | **142** |
| خالد ڀٽي | **144** |
| عزيزڪنگراڻي | **146** |
| **بارن جي ڪهاڻين متعلق شاگردن جا رايا** | **147** |
| **باب چوٿين جا حوالا** | **149** |
| **ڪهاڻيڪارن جا حوالا** | **152** |
| **نتيجا** | **154** |

# باب پهريون

## موضوع جو تعارف INTRODUCTION

دنيا اندر قديم دؤر کان وٺي ٻارن کي قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌائڻ جو سلسلو جاري آهي، اهڙي طرح سنڌ اندر به هڪ وڏي عرصي تائين ٻاراڻين آکاڻين ٻڌائڻ جو ڏاڍو محبت ڀريو هڪ رواج کي قائم رکندڙ سلسلو هلندو رهيو آهي، جنهن ۾ اڪثر ڪردار گهَرجي وڏڙن جو رهندو آيو آهي، جيئن ماءُ، ماسي، ڀڦي، ڏاڏي، ناني اهي رات جو سمهڻ وقت ٻارن کي آکاڻيون ٻڌائينديون هيون، جيڪي ٻار تمام گهڻي دلچسپي سان ٻڌندا هيا ۽ انهن مان گهڻو ڪجهه پرائيندا به هيا، ڇو ته اهي آکاڻيون اعليٰ اخلاقي قدرن تي مشتمل هونديون هيون، جيڪي وندر ۽ سکيا سان گڏ ٻارن جي ذهني سنوار خاطر ڏاڍيون مقصد سان ڀرپور هونديون هيون.

آڳاٽي دؤر ۾ اهي قصا ڪهاڻيون زباني ٻڌايا ويندا هيا، جڏهن ته سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ ڪهاڻي لکڻ جي باقاعده روايت بابت ڇيو وڃي ٿو ته اها انگريزن جي دؤر کان ملي ٿي.

وقت گذرڻ سان جيئن جيئن دنيا ترقي جون منزلون طئي ڪندي رهي ته ادب ۾ به جديد ۽ نوان لاڙا ۽ رجحان پيدا ٿيڻ لڳا، 1843ع ۾ سنڌ تي انگريزن جي حڪومت قائم ٿيڻ ڪانپوءِ 1853ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي تيار ٿيڻ بعد ڪيترائي اشاعتي ادارا قائم ڪري مختلف علمي ادبي موضوعن تي ڪتابن ڇپجڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو، جنهن  ڪانپوءِ آکاڻيون لکڻ ۽ ترجمو ٿيڻ شروع ٿيون، جنهن جو سلسلو اڄ تائين جاري آهي.

سنڌي ادب ۾ ٻارن لاءِ ڪهاڻيون هر موضوع تي لکيون ويون آهن، جنهن ۾ اخلاقي، سماجي، اصلاحي، مزاحيه ۽ ٻيا ڪوڙ ٽڙيل پکڙيل موضوع ملن ٿا، جن جي اسلوب، ٻولي، رٿابندي، پلاٽ، ڪردار نگاري ۽ منظر نگاري تي تحقيق ڪري ان ۾ محسوس ٿيندڙ ضرورتن تي لکيو ويو آهي.

سنڌي ادب ۾ ٻاراڻيون ڪهاڻيون ڪنهن املهه خزاني کان گهٽ نه آهن. هن تحقيق ۾ ٻاراڻين ڪهاڻين جو 1980ع کان 2000ع تائين جو مرحليوار آيل تبديلين جو اڀياس ڪري سنڌي ادب ۾ ٻاراڻين ڪهاڻين جي بيان ۽ مثالن کي پيش ڪيو ويو آهي، جنهن مان ٻاراڻين ڪهاڻين جي افاديت ۽ ان ۾ سمايل پيغام کي سامهون آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

تحقيق جو اصل مقصد فطرت يا انساني زندگي جي جدا جدا مسئلن جو حل تلاش ڪرڻ، انساني علم ۽ سندس ڄاڻ جي دائري کي وسيع بڻائڻ آهي.

تحقيق جو طريقه ڪار

دنيا ۾ تحقيق جا مختلف طريقا رائج آهن، تاريخي تحقيق بياني تحقيقي، تجزياتي تحقيق، علمي تحقيق، سائنسي تحقيق، سماجي تحقيق، هنري، ٽيڪنڪي تحقيق وغيره جيئن ته تحقيق جو مطلب ئي اهو آهي ته نئين معلومات ئي نوان نتيجا ظاهر ڪجن، اهڙن رازن ۽ ڳالهين کي ظاهر ڪجي جيڪي مونجهاري جو سبب هجن، هن ٿيسز لاءِ تجرباتي تحقيق جو طريقئه ڪار اختيار ڪيو ويو آهي، حوالن جي ترتيب جو طريقو APA وارو عمل ۾ آندو ويو آهي.

مقالي جو موضوع

جيئن ته سنڌي ادب ۾ ٻاراٽي ڪهاڻين جو تحقيقي اڃياس آهي، ان لاءِ موضوع سان نهڪندڙ ڪهاڻين جو گهرو مطالعو ڪيو ويو آهي ۽ مختلف محققن جي راين کي به شامل ڪيو ويو آهي، تحقيقي ڪم APA (Amrican Psychological Association) جي اصولن تحت ترتيب ڏنو ويو آهي.

تحقيق جو عمل

هي تحقيق پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان معياري تحقيق QualitativeResearch جنهن لاءِ موضوع جي اهميت کي نظر ۾ رکندي موضوع مطابق حقيقتن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري نتيجي تي پهچڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي وئي آهي، اسان جي تحقيق جو مقصد، سنڌي ادب ۾ ٻارن جي ڪهاڻين ۾ 1980ع کان 2000ع تائين خاص خدمتون سر انجام ڏيندڙ انهن اديبن ڪهاڻيڪارن ۽ انهن جي قلمي پورهئي کي منظر عام تي آڻڻ آهي، ڇو ته انهن جي تحريرن مستقبل جي معمار ٻارڙن جي روشن خيالي، ادبي روش، اتساهه مزاح ۽ سماجي اصلاح لاءِ قلم کڻي ڪهاڻيون لکيون آهن تحقيق جي دائري ۾ ڇپجندڙ رسالا، اخبار جا ادبي صفحا ۽ ٻالڪ ڪتاب ۾ شامل آهن، جن کي ترتيبوار سهيڙي تحقيق ۾ نيو ويو آهي، ان تي راين کي شامل ڪري نتيجن کي ڏنو ويو آهي، تحقيق جا هونئن ته ڪيترائي نمونا آهن پر انهن مان مقداري Quantitative research ۽ معياري يا ڪيفيتي تحقيق کي خصوصي اهميت حاصل آهي، منهنجو هي تحقيقي مقالو معياري تحقيق Qualitative research سان تعلق رکي جنهن ۾ گهڻو ڪري سماجي علمن، ٻولي ۽ ادب تي تحقيق ڪئي ويندي آهي.

# باب ٻيو

ٻاراٽين ڪهاڻين جو فن

”فن“ سنڌي ٻوليءَ جو قديم لفظ آهي، جنهن جو معنائون ”هنر“ ”ڪاريگري“، ”ساڄڙائي“، ۽ ”ڏانءُ“ يا ”انداز“ آهي. ادبي ٻولي ۾ ڪٿي ائين چئجي ته ڪهاڻي جو اهو هنر، ڏانءُ يا انداز ئي بنيادي طور هڪ فن آهي، جنهن ۾ ذهني ڪماليت، تفريح ۽ تجسس جا جلترنگ پيدا ڪري ٿي، ڪهاڻي جو فن تڏهن ئي پنهنجي ماهيت ۾ نرالو مقام ۽ سڃاڻپ رکي ٿو، جڏهن ڪو ليکڪ پنهنجي آکاڻي ۽ ڪٿا ۾ لفظن جي جادوگري سان پنهنجي انداز بيان يا طرز تحرير کي انتهائي سڄاڳي سان بيان ڪري يا لکي پيش ڪري ٿو. ڪهاڻي پنهنجي فن پاره ۾ ڪيترن ئي حصن ۾ ورهايل هوندي آهي، جيئن هڪ مڪمل ڪهاڻي جي سرجڻ تائين واقعن، مڪالمن ۽ ڪردارن جي هڪ معياري ترتيب جڙيل هوندي آهي، سماجي حقيقت نگاري، ضروري منظرنگاري ۽ ڪردارن جي بهتر ڪردارنگاري سان گڏ گڏ ڪردارن جي آغاز ۽ انجام تائين جا سڀ عنصر بهتر ڪهاڻي جي فن ۾ شمارجن ٿا، ان ڪان علاوه ڪهاڻي جو فن، ليکڪ جي گهري مشاهدي، ڳوڙهي مطالعي سان به سنوارجي ۽ سينگارجي منظر عام تي اچي مڪلمتا ماڻي ٿو. ”ذرتي تي ڳالهائجندڙ ڪابه اهڙي ٻولي ڪونهي، جنهن کي پنهنجا لوڪ داستان، قصا ۽ ڪهاڻيون نه هجن، ان ڪري افسانوي ادب جون پاڙون هر ٻوليءَ ۾ صدين کان وٺي ڪتل آهن، دنيا جي هر قديم تهذيب، يوناني، رومي، سميري، بابلي ۽ عمراني وغيره ۾ ڪٿائون، آکاٽيون، پرارٿنائون، پٿر، مٽي جي تختن، چمڙي ۽ پنن وغيره تي اڪريل ۽ لکيل ملن ٿيون“. ملاح 2015ع ص 60

ڪهاڻي جي تاريخ جيان ڪهاڻي جي فن به وقت سان گڏوگڏ اوسر ڪندي ڪيترائي روپ مٽايا آهن، مثال طور جيئن ڪهاڻي جو شروعاتي دؤر جنن، پرين، ديون جي قصه گوين تي آڌاريل هو ۽ جديد دؤر جي ڪهاڻين جون گهرجون نت نيون سماجي ۽ سائنسي آهن، اڄ جو ٻار برابر چنڊ، آڪاش، ڌرتي ۽

سيارن جي ڪهاڻين ڪي پڙهي ۽ پروڙي ٿو، ليڪن ان جي باوجود پراڻي دؤر جون ڪهاڻيون به اڄ جي ٻار ڪي پنهنجي طرف ڇڪي وٺن ٿيون ۽ هو آکاڻي ٻڌائيندڙ ڏاڏين، نانين ۽ ماسين کان آکاڻيون ٻڌي اهڙا سوال دهرائي پنهنجي دلچسپي جو يقين ڏياري ٿو ته:

"ناني ديو ڊگهي نند ڇو ڪندا آهن؟"

"پريون پرستان ۾ ڇو ٿيون رهن؟"

"جن، ڀوت پراڻن بنگلن کي آستانو ڇو ٺا بڻائيندا آهن؟"

مطلب ته دنيا ڪيتري به ترقي ڪري، مگر پراڻين آکاڻين ۽ قصه گوين تي مشتمل لوڪ ڪهاڻين جي اهميت هر دؤر ۾ رهڻي آهي.

ٻولي ٻولي نه رڳو دنيا جي سموري ادب ۾ اظهار جو ذريعو آهي، پر ٻولي جي مضبوط ۽ تاريخي اڻٽ سان قومن جي سڃاڻپ به ٿهي ٿي ته ادبي ذخيره به وجود ۾ اچن ٿا، اهي ٻوليون ئي ته آهن، جنهن جي ڄاڻ مغرب جي ماڻهو کي مشرق جي ماڻهو سان ويجهو آندو آهي، اها ٻولي ئي ته آهي، جنهن جي معرفت سڄي دنيا جي اسڪالرن، اديبن، ڊاڪٽرن، انجنيئرن، سائنسدانن ۽ پورهيتن ۾ هڪ جهڙائي جو ماحول جڙي ويو آهي، ۽ هو جبلن، پهاڙن، دريائن ۽ سمنڊن جي وڇوٽين ۽ اجهاڳ صحرائن جي نه کٽندڙ سفر باوجود به دنيا کي گلوبل وليج سمجهن ٿا. هزارين لکين ۽ ڪروڙين ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي رهندڙ قومن ۾ وڌندڙ ويجهڙائپ جو مکيه سبب به ٻولي ئي آهي، جنهن جي ڪشادگي سان ماڻهن جي وچ ۾ آيل وڇوٽين جو انت ٿي ويو آهي، "ٻولي گذريل هزارين نه پر لکين ورهين دوران هوريان هوريان ڏاڪي به ڏاڪي سري ۽ اسري آهي، هرهڪ ٻوليءَ ۽ ان جي هرهڪ ٻول کي پنهنجي ڪا مخصوص پختي صورت وٺڻ ۾ هزارين ورهيه لڳي وڃن ٿا ۽ هرهڪ ٻولي توڙي ان جو هر ٻول هوريان هوريان تبديل ٿيندا رهن ٿا. ٻولي انساني راڄ ڀاڳ جي ابتدا سان گڏ اسري ۽ انساني سماج ۾ ئي سکي ۽ سمجهي ۽ وڌي ويجهي سگهي ٿي" ٻرڙو ،2002ع،ص 12

ادبيات جو مشهور عالم ۽ محقق هڊسن پنهنجي علمي راءِ مطابق لکي ٿو ته "بنيادي طور ادب زبان جي وسيلي زندگي جو اظهار بنجي ٿو" هڊسن جي ان راءِ مان بخوبي طور اهو معلوم ٿئي ٿو ته ادب جي واڌ ويجهه ترقي لاءِ ٻوليءَ جو عام هجڻ لازم آهي، جهڙي طرح ادب، ٻوليءَ جي لاءِ انتهائي ضروري آهي، تهڙي طرح ٻولي به ادب جي سڃاڻپ بڻجي ٿي، اها ٻوليءَ جي ڪمال

گيري ئي آهي، جو سڄي دنيا جو ادب، ٻولين جي معرفت ئي پنهنجو سڃاڻپ وارو وجود ٺاهي ٿو، ان ئي ٻولي جو ادب سان به گهرو تعلق رهي ٿو، عام ماڻهن ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻولي، جڏهن ادب جو ويس پهري ٿي ته ان جو ڏيک ويک انتهائي سهڻو ۽ معياري لهجي ۽ انداز وارو بڻجي پوي ٿو. اها ٻولي جڏهن ادب جي سانچي مان ڇنڊي ڇاڻي ڪهاڻي جو حصو بڻجي پوي ٿي ته ان جي نکار ۾ اضافو اچي ٿو ۽ ڪيترائي غلط لفظ، محاورا ۽ تشريحون پنهنجي اصلي هيئت ۾ سامهون اچن ٿا.

”ڪهاڻي ۾ ٻين جزن کان علاوه ٻوليءَ جو درست استعمال نهايت ضروري آهي، مطلب ته ٻولي ڪهاڻي لاءِ ائين آهي، جيئن ٻيڙي لاءِ سڙهه ۽ گاڏي لاءِ ڦيٿا ضروري آهن“.چانڊيو، ص، 22

ڪارل مارڪس جي نظريي ”ٻولي عملي شعور آهي“ ۾ اسان ان لفظن جو اضافو آڻيون ٿا ته واقعي دنيا جو سمورو ادب ٻولين جو محتاج آهي، ٻولي ئي ان کي جياري جياپي جي قابل بڻائي ٿي، جيئن ادب هڪ آرٽ ۽ فن جو نمونو بڻجي پوي.

ڪنهن به ڪهاڻي لاءِ ٻولي جو درست استعمال انتهائي ضروري هوندوآهي.

ڊاڪٽر اياز قادري پنهنجي ڪهاڻين ۾ ٻولي جي استعمال کي عام ۽ سولو رکيو آهي ته جيئن اهو ٻاراڻي سطح تي پورو بيهي .

”هڪڙي شهرِ ۾ هڪڙي امير جي محل جي پرسان هڪڙي جهوپڙي ۾ هڪڙي غريب ٻڍڙي ءَ وٽ هڪڙي ٻلي هئي جنهن کي کائڻ لاءِ ڪراڙي جا بچيل سڪل ٽڪر ملندا هئا .تنهن ڪري ڏاڍي ڪمزور ۽ سڪل هوندي هئي “.قادري، 1981ع ،04

ليکڪ پنهنجي ڪهاڻين۾ٻولي جي سادگي کي رکيو آهي هن سهنجا ۽ سولا لفظ حسنائتي نموني سان پيش ڪيا آهن ته جيئن پڙهندڙ ٻار ان مان لطف اندوز ٿين.ٻارن جي ڪهاڻين ۾ نون نون لفظن جواضافوڪيوويو آهي ته جيئن ٻارڙن جي سکيا جوعمل اڳتي وڌي ۽ ٻارن وٽ استعمال لئي نوان لفظ اچن.

ممتاز گوهرجي ڪتاب ۾ استعمال ٿيل ٻولي جو ئي مثال وٺجي ”ميلي ۾ ڇا نه هو!دوڪانن ۽ اسٽالن کي وڪري جي سامان سان ڇڳي طرح سينگاريو ويو هو. رانديڪن جا دڪان ،ڪپڙي جا دڪان ،ڇا وري کاڌي جا سامان رکيا هجن!“قاضي 1984ع، 06

ڪهاڻين ۾ ڏکيا يا ادبي لفظ  استعمال ناهن ٿيل ڇو ته ان ۾ ٻارلئي ڪافي مونجهارا پيدا ٿيندا آهن.ٻولي جوآسان استعمال ٻڌندڙ کي وڌيڪ لطف اندوز ڪندوآهي جيئن  ته ٻاراڻي ادب ۾ ڪهاڻين کي خاص مقام حاصل آهي .ڪهاڻين ۾ ڏنل واقعا ٻارن لاءِ دلچسپي جو سبب آهن.اهي واقعا  ٻولي ۃ جي ذريعي  ڪهاڻي ۾ واضع ٿين ٿا.

ڪهاڻين ۾ جيڪڏهن  ليڪڪ ٻوليءَ  جو صحيح استعمال نه ڪندو ته اها ڪهاڻي پڙهندڙ کي سمجهه ۾ ڪا نه ايندي .

ڪهاڻيون لکڻ جو مقصد ٻارڙن جي تربيت ڪرڻ انهن کي سکيا ڏيڻ آهي .ان مقصد جي پورائي لاءِ ٻولي سان گڏ جملن جي بيهڪ جو خيال ڪرڻو پوندو آهي .ڪهاڻيون ٻارڙن جي ذهني نشونما لآءِ هونديون آهن جيئن پڑهندڙ جي فڪر کي اپاري سگهن هوجيڪو پڙهن ان مان انهن وٽ هڪ تصور پيدا ٿي ۽ اهوتصور ٻولي جي وسيلي ئي ممڪن آهي.

اڪبرجسڪاڻي جي ڪهاڻي جون سٿون آهن ”هي ماستر آيو آهي اسان جي ڳوٺ ۾ چار چندلڳي ويا آهن ۽ جيڪي ڇوڪرا رلندا هيا اهي هينئر پڙهن ٿا هوند سپ ماستر اهڙا هجن ته ڳوٺن ۾ تعليم سان گڏ تربيت به اعليٰ درجي جي ٿي وڃي.“ جسڪاڻي، 1984ع، 30

<u>پلاٽ:</u>

هر ڪهاڻي يا آکاڻي جو بنياد ”پلاٽ“ آهي، جيئن هڪ عمارت جي لاءِ ڏرتي جو مضبوط بنياد نهايت ضروري هوندو آهي، هر ڪهاڻي يا آکاڻي پلاٽ کان سواءِ نه ٿي جڙي سگهي، ائين ڪٿي چئجي ته ڪهاڻي يا آکاڻي جي پلاٽ جي رٿابندي کان سواءِ صرف لفظن جي اجائي لباڙ سواءِ ڪجهه به نه آهي، ناميارو اسڪالر امير علي چانڊيو ان ڪهاڻي ۽ آکاڻي جي پلاٽ جي وصف هن طرح ڪري ٿو ته ”ليکڪ طرفان واقعن جي ۽ ڪيل چونڊ ڏنل ترتيب جو نالو پلاٽ آهي يا سٽاءُ آهي، انهيءَ سلسلي ۾ ڪجهه نقادن جو چوڻ آهي ته پلاٽ (Plot) واقعاتي وچور (Chronological Order) جو نالو آهي، پلاٽ درحقيقت ڪنهن به ناپيد واقعي جي بياني کي سڏجي ٿو، بيانيه (Narrative) کي سڏجي ٿو، بيانيه يا Narrative مان مراد رڳو تسلسل نه آهي، پر ان جو اطلاق پلاٽ جي پورن جزن تي لاڳو ٿئي ٿو، پلاٽ ڪردارن جي عمل ۽ ردعمل جي بيان جو نالو آهي، جنهن کي ڪهاڻيڪار وقت ۽ جڳهه جي مناسبت سان يا انداز ۾ پيش

ڪري ٿو“. ملاح، 2015، ص،46

مٿين حوالن مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته ڪهاڻي ۽ آکاڻي جي پلاٽ يعني بنياد کان سواءِ پنهنجي اصلي هيئت ۾ نه ٿي اڀي سگهي، پلاٽ هر آکاڻي جو آغاز به آهي، اختتام به آهي، نه رڳو ايترو، پر پلاٽ هر ڪهاڻي ۽ آکاڻي جي ٽائٽل کان ڪلائمڪس تائين به سهڪاري رهي ٿو، اهو پلاٽ ئي ته آهي، جنهن تي ادب جا بند ٻڌي رستو گهڙي تخليقن جا محل جوڙجن ٿا ۽ جيئن اهي تخليقون انسان جي روزمره جي زندگي ۾ عمل دخل رکن ٿيون، تيئن تخليق جي انهي پلاٽ جو احساس به ٿئي ٿو، جڏهن هڪ فرد پنهنجي روشن مستقبل جي پلاننگ ڪندو آهي ته سڀ کان پهريان ان کي رٿابندي ڪرڻي پوي ٿي جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته دنيا ۾ هر شيءِ جي شروعات منصوبندي يعني پلاٽ سان جوڙي وڃي ٿي.

ادب جي سماجي ڪارج ۾ ڪهاڻي ۽ آکاڻي جو فڪر به تڏهن مضبوط ٿي سگهي ٿو، جڏهن ان جو پلاٽ جو خاڪو به نهايت هوشياري سان ٺاهيو وڃي ٿو، سنڌي ادب ۾ پلاٽ تي آڌاريل ڪهاڻين هر دؤر ۾ پاڻ کي زنده رکيو آهي، ٻاراڻي ڪهاڻي ۾ اڪبر جسڪاڻي، ادل سومرو، مشتاق پرڳڙي ۽ غلام مصطفي مشتاق تائين جون جيڪي اڪثر سماجڪ ڪهاڻيون ملن ٿيون، ان جا پلاٽ به شاندار آهن. ”ٻاراڻو ادب هر ٻولي جي ادب ۾ پيڙهه جو پٿر جي حيثيت رکي ٿو، اسان وٽ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڪجهه اهڙا ليکڪ موجود آهن جن سچائي سان سنڌي ٻاراڻي ادب جي ترقي لاءِ پئي ڪوششون ورتيون آهن، انهن ليکڪن ۾ مرزا قليچ بيگ صاحب جون ڪوششون ناقابل تعريف آهن“ https://ur.m.wikipedia

ٻاراڻي ڪهاڻي جي ان ئي سفر ۾ جتان جديد ٻاراڻي ڪهاڻي جي نئين سر شروعات ٿئي ٿي، ان سفر ۾ جن ۾ وڏيڪ ڪهاڻيڪارن پاڻ مڃايو آهي، تن ۾ پرواني سيوهاڻي، امام راشدي، عزيز ڪنگراڻي، ومي سدار نگاڻي جا نالا به سرفهرست آهن ۽ انهن جي لکيل ڪهاڻين جا پلاٽ نت نوان ۽ ٻارڙن جي حوصلا افزائي ڪندڙ آهن، ٻارڙن جو پڙهڻ ڇو ضروري آهي؟ ٻارڙا ذهين ڪيئن ٿا بڻجن؟ يا انهن کي پڙهائيءَ ۾ اڳتي وڌي اچڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ يا ڪهڙا اپاءُ وٺڻ گهرجن؟ وغيره جهڙن پلاٽن تي نصيحت آميز ڪهاڻين جو ڪارج ئي ٻاراڻي ادب جي مقصد کي اجاري ۽ سنواري ٿو. آکاڻي پڙهندڙ ٻار جڏهن آکاڻي ۾ ڪردار ادا ڪندڙ ٻار جو ڪردار پڙهي پرکي ۽ پروڙي ٿو ته هو متاثر ٿيڻ کان پوءِ اهڙو ٿيڻ گهرندو آهي، تنهن ڪري ٻاراڻي ڪهاڻي جي پلاٽ جي چونڊ لاءِ اهو ضروري

هوندو آهي ته ان جي ڪهاڻي جي پلاٽ ۾ شامل ڪردارن جي ٻولي به اخلاقي ۽ رهنمائي ڪندڙ هجي.ان ڪان سواءِ ڪابه اهميت نه ٿو رکي، مطلب ته سموري ادب جي سونهن صرف ٻولي جي بنيادن تي آذاريل هوندي آهي.

اسلوب:

اسلوب ڪهاڻي جو اهم جز آهي، هر هڪ ليکڪ يا ڪهاڻيڪار جي ڪهاڻي بيان ڪرڻ، لکڻ جو پنهنجو اسلوب هجي ٿو، سنڌي ٻولي جي مشهور ليکڪ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي جو لکي ٿو ته ”هرهڪ انسان جو لفظن کي استعمال ڪرڻ ۽ انهن کي جملن ۾ بيانن جو ورڇڻ جو پنهنجو پنهنجو طريقو آهي“، واقعي دنيا جي انهن ليکڪن ئي شهرت ماڻي آهي، جن پنهنجي ڪهاڻين ۾ پنهنجو منفرد انداز اپنايو آهي، جيئن اسان وٽ ٻاراڻي ادب ۾ اڪبر جسڪاڻي، ادل سومري، طارق قريشي ۽ طارق خشڪ جا اسلوب نهايت منفرد ۽ دلڪش انداز ۾ ملن ٿا، اسلوب هڪ فن آهي، جنهن جي انفراديت ، ليکڪ کي منفرد بڻائي ٿي، اسلوب جي جدت سان ئي اڪثر ليکڪ مڃتا جون منزلون طئه ڪندا آهن.

اها هڪ حقيقت آهي ته هرانسان جي سوچ سمجهه جو دائرو ٻئي ماڻهو کان الڳ ٿيندوآهي ان جي ڳالهائڻ جو انداز ڪي جي ڏنو وڃي ته هرڪو پنهنجي ڳالهه کي پنهنجي انداز ۾ ئي چوندو آهي.ائين ئي هر ليکڪ جو اسلوب به الڳ الڳ ٿئي ٿو. ڪهاڻيڪار لاءِ سڻن خيالن جو هجڻ تمام ضروري آهي ڇوته ان مان اديب جي شخصيت جواندازو لڳائي سگهجي ٿو. قابل غور ڳالهه اها نه آهي ته اسان ڇا چئي رهيا آهيون، بلڪ اها آهي ته ان کي ڪيئن چئي رهيا آهيون؟

ائين اسان جڏهن ٻارن جي ڪهاڻين تي نظر وجهنداسين ته شروعاتي دور ۽ بعد جي ڪهاڻين جي اسلوب ۾ فرق نظرايندو

ديوان ننديرام جو نالو نئين دؤر جي حوالي سان سنڌي ادب ۽ سنڌي زبان جي ترقي جي سلسلي ۾ سرفهرست اچي ٿو. هن جون ڪيل ادبي خدمتون سنڌي ادب جي تاريخ ۾ نمايان آهن .ديوان ننديرام سنڌي الف ب ٺاهڻ واري ڪميٽي جو مکيه ڪارڪن ۽ درسي شروعاتي ڪتابن جو مترجم پڻ رهيو.سندس ترجمو ٿيل”ايسپ جون آکاڻيون“ٻاراڻي ادب ۾ وڏي اهميت رکي ٿو.ان ڪتاب جي ترجمي مان اسان کي سادو ۽ صاف اسلوب ملي ٿو جنهن جومثال نموني طورپيش ڪيان ٿي.

”هڪڙو لومڙبکايل ڊاک جي باغ ۾ آيو

تنهن ۾ سنهارا چڳا ڏاک جا ٽنگيل ٻيل هئا،پر
منهن ڏاک جوايترو مٺي هو ته جيترو ڪيترو لومڙ
پنهنجي ٽڪجڻ تائين ٽپا ڏنا پر هڪڙو ڇڳوبه نه
مليس نيٺ ڇپائين،جنهن کي وٺي سو وٺي ڇا کان جو هي
کٽا ۽ ڪچا آهن مون کي نٽا گهرجن.سيوهاڻي ، 2016ع، ص15

هن دؤرجي نثرنويسن جي ڪهاڻين پڙهڻ سان پتوپوي ٿوته طرز بيان ۾ فرق آهي.1954ع واريون عبارتون ۽ هاڻي واريون ڪهاڻيون مطلب 1980ع کان لکجندڙ ڪهاڻيون مختلف آهن.خالد ڀٽي جي ڪهاڻي ”ڪهڙو ڏوهه“ جي عبارت آهي.

”سائين!اوهان صحيح ڀيا چئوڏهه پندرهن ڏينهن گذرڻ باوجود هن اسڪول ۾ منهنجو نه ڪو دوست آهي ۽ نه ئي مونسان ڪوڪيڏڻ وارو،ان جوسبب آهي منهنجو قد،منهنجي ننڍي قد هئڻ سڀني مون تي ٺوڪ ٺٺولي ڪن ٿانه رڳو منهنجا ڪلاسي مون تي ڪن ٿا پراسڪول جا مڙئي مون کي طنز جو نشانو بڻائڻ ٿا.ڪو به مون سان دوستي نٿو ڪري ۽ نه وري ڪو مون کي پاڻ سان گڏ ويهاري ٿو.پر سائين انهي ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه آهي؟“ڀٽي ، 2000ع،

اسلوب جيئن ته لکڻ جي اندازکي چيو وڃي ٿو ان لاءِ ڊاڪٽرشمس الدين عرساڻي لکي ٿو ته: ”خيال ۽ گفتار هڪ ٻئي کان جدا ٿي نٿا سگهن مواد ۽ اظهار هڪ ئي شي جا ٻه حصاآهن.

”اسلوب“ محض خيالات جو اظهار آهي جو ٻوليءَ ۾ آندو وڃي ٿو. اسلوب لکندڙ جي دل ۾ نه هوندو آهي بلڪه اهوخود لکندڙ جي دل هوندو آهي جيڪڏهن اسين ڪن به ٻن مصنفن جي ساڳئي موضوع تي مضمونن جو جائزو وٺنداسين ته اسان کي اڪثر ڏسڻ ۾ ايندو ته نه فقط ٻنهي جا جذبا مختلف هوندا پر انهي وٺ جذبات جي اظهار جو نمونو به الڳ هوندو،حقيقت ۾ ڳالهه بلڪل فطرت جي موافق آهي .جدا جدا ماڻهن جا خيال ۽ لفظ به بلڪل اهڙي طرح هڪ ٻئي کان جدا جدا هوندا آهن جهڙي طرح سندن عمل ۽ رجحان الڳ الڳ هوندا آهن تنهنڪري مصنف جو اهو خاص طريقو جنهن سان هو لفظن جي ذريعي سان پنهنجي خيالات جو اظهار ڪري ٿو ان کي ئي اسلوب ڪوٺجي ٿو“ عرساڻي ، 2009، ص 355.

<u>ڪردارنگاري:</u>

”ڪهاڻي ۾ موجود فردن کي ڪردار چيو ويندو آهي، پر جديد ادبي دنيا ۾ هر شيءِ هڪ ڪردار آهي انسان، جبل، جانور، سمنڊ، پکي، پکڻ سڀ پنهنجي جڳهه تي ڪردار آهن“.ملاح، 2015ع،ص.46

ٻاراڻي ادب جي ڪردارنگاري ۾ اسان کي ٻاراڻي ادب جا حوالا رقم ڪرڻا پوندا ۽ ٻاراڻي ڪهاڻي جي ڪردارنگاري ۾ اسان کي ٻاراڻي ادب ۾ شامل ڪهاڻين ۽ ان ڪهاڻين ۾ شامل ڪردارن جا ڪجهه مثال هن طرح ۽ انداز سان ڏيڻ ضروري ٿا سمجهون. ڪهاڻي جي سموري فني سٽاءُ ۽ ترتيب ۾ ڪردارنگاري جي حيثيت نرالي ۽ خاص مقام رکندڙ هوندي آهي، ناميارو ليکڪ ۽ اسڪالر ڊاڪٽر نواب ڪاڪا پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ڪهاڻي ۽ ڪردار_ هڪ اڀياس“ ۾ لکي ٿو ته ”ڪردار نگاري ذريعي هونئن ته هڪ سماج جي مختلف ڪردارن کي پيش ڪري، انهن جي زندگي جا نقش چٽيا ويا آهن، پر ڪردارنگاري جي وصف جي اڀياس مان پتو پوي ٿو ته هي الڳ ۽ نرالو فن آهي، جنهن ذريعي سماج جي منفرد ڪردارن کي پيش ڪري، انهن جي سماجي حيثيت، نفسياتي لاڙن ۽ ٻين مختلف رُخن کان جائزو وٺي سندس انفراديت کي پيش ڪيو ويو آهي“. ڪاڪا، 2017ع، ص25

ڪردار نگاريءَ جي ان هيئت ۾ عزيز ڪنگراڻي جون ڪهاڻيون تمام خوبصورت آهن، جنهن ۾ ڪردارن جي ويهڪ، اٿڻي، ويهڻي ۽ ڳالهه ٻولهه پنهنجو مٽ پاڻ آهي، عزيز ڪنگراڻي جي ڪهاڻين ”لغڙ“، ”پڇتاءُ“، ”گوسڙو“، ۽ ”روشني“ ۾ شامل ڪردار علم جي واڌ ويجهه ۽ بهتري لاءِ نه رڳو بهتر ڪردار ادا ڪن ٿا، پر ان تي عمل پيرا به آهن، سندس ڪهاڻي ”پڇتاءُ“ ۾ شامل ڪردار جي ڪهاڻي ليکڪ جي لفظن ۾ ڏسو:

”عرفان ذهين ڪلاس ۾ پڙهندو هو، هو تمام ذهين هوشيار شاگرد هو، اسڪول ۾ استاد ۽ شاگرد سندس ذهانت جي ڪري عزت ڪندا هئا، هر سال اسڪول ۾ پهريون نمبر ايندو هو، جڏهن کان وٽي ڪرڪيٽ جي جنون ۾ ڦاسي ويو هو، تڏهن کان سندس پڙهائي متاثر ٿيڻ لڳي هئي“ ڪنگراڻي ، 1980ع، ص 22.

عزيز ڪنگراڻي جي ڪهاڻي ”پڇتاءُ“ پنهنجي دؤرجي عڪاس ۽ اهم ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ ذهين شاگرد ڪرڪيٽ جي نشي ۾ تعليم جي زيور کان محروم ٿئي ٿو، اهو هڪ پڇتاءُ آهي، هڪ احساس آهي، جيڪو شاگرد جي مستقبل کي محفوظ رکڻ لاءِ بيچين رهي ٿو، عزيز ڪنگراڻي سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ تمام سئيون، پراثر ۽ پيغام ڏيندڙ ڪردارن کي عوام آڏو متعارف ڪرائي، ڪائن

سماجي اصلاح جا فيصلا ڪرائي ٿو، جيڪو قدم انتهائي ساراه جوڳو ۽ ڪارائتو آهي. مطلب ته سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ عزيز ڪنگراڻي پنهنجي ڪهاڻين ۾ اڪثر اصلاحي ڪهاڻيون لکيون آهن، جنهن جو مقصد ادب ۾ ٻارڙن جي بهترين تربيت ڪرڻ آهي. سنڌي ٻولي جي نامياري ليکڪا ۽ اسڪالر فهميده حسين جي راءِ آهي ته "ٻارڙن جي بهترين پرورش، تعليم ۽ تربيت انتهائي لازمي آهي، ان سان نه فقط نئين نسل ۾ اخلاقي ۽ جسماني صلاحيتون وڌنديون، پر معاشري مان براين جو پڙ خاتمو آڻي سگهجي ٿو"https:// ur.m.wikipedia

اهي سڀئي قدر ادب ۾ ڪردارنگاري جي معرفت ئي حاصل ٿي سگهن ٿا. ڪردارنگاري ادبي دنيا ۾ ڪردارن جي ان ڊڪ ڊوڙ، جدوجهد ۽ نتيجن ڪي چئجي ٿو، جنهن جا حاصل نتيجا زندگي جي سڦلتا جو سبب بڻجن ٿا، اهي ڪردار پوءِ عام زندگي سان تعلق رکندڙ ماڻهن جا هجن يا شاگردن جي پڙهائي واري زندگي سان جڙيل هجن، مگر انهن جي بهتر سوچ جو سڌو تعلق ان ليکڪن جي ئي سڃاڻپ سان ئي تعلق رکي ٿو، جيڪي ڪردار ٺاهن ۽ ڊاهن ٿا. ادبي دنيا ۾ ڪردار ٺاهڻ جي معنيٰ بهتر سوچ جي ڪردار کي متعارف ڪرائڻ آهي، ۽ جڏهن ته ڪهاڻي ۾ ڪردار ڊاهڻ جو مطلب ڪردارن جي بناوت ۽ ٺاهه ٺوهه ڏانهن ڌيان نه ڏيڻ آهي.

نامياري ليکڪ پرواني سيوهاڻي جي ڪهاڻين ۾ به موجود ڪردارنگاري، سنڌي ادب ۾ شامل ٻين ليکڪن کان ٿورو مختلف آهي، نه رڳو هن جا ڪردار چست ۽ چالاڪ آهن پر هو سماج جي سنوار ۾ به اڳڀرائي ڪن ٿا. اهو هڪ روشن خيال ڪهاڻيڪار جو ڪمال هوندو آهي ته هن جي ڪهاڻين جا ڪردار پنهنجي بيان ۾ ڪو مثبت فيصلو ڪري اڳتي وڌندا رهن.

<u>ڪهاڻي: چنڊ ۽ چڪور</u>

پرواني سيوهاڻي جي هي ڪهاڻي هڪ ٻالڪ جي ڪهاڻي آهي، جيڪو ننڍپڻ کان ئي چنڊ سان بيحد پيار ڪري ٿو، هن جا پتڪڙا هٿ هميشه آسمان ڏانهن چنڊ پڪڙڻ جي لاءِ ڪڇيل ۽ منتظر نظر اچن ٿا، ڪهاڻي پنهنجي محور ۾ بهترين ڪردارنگاري جو مثال آهي، جنهن ۾ مزاح به آهي ته ڄاڻ به، چڪور نالي ان ڪردار جي ڪردارنگاري هيٺين جملن ۾ محسوس ڪري سگهجي ٿي.

"ابو چنڊ ڌرتي کان ڪيترو پري آهي؟" پپو پيءَ کان پڇيو

"پٽ چنڊ اسان کان ڪروڙين ميل پري آهي"

"ڪروڙين ميل ابو؟"

”ها ڪروڙين ميل پري آهي“ پپو اچرج وچان آڱر وات ۾ وجهندي وراڻيو:”ابو اوهان ڪي خبر آ“

”ڪهڙي؟“

”ابو سڀ کان اول ڪهڙي سائنسدان چنڊ تي قدم رکيو؟“ پپو پيءُ کان پڇيو: ”مسٽر نيل آرلنگ ۽ ان کانپوءِ ايڊون ايلڊرن ۽ ڪونز ٽنهي پهرين چنڊ تي قدم رکيا“

پرواني سيوهاڻي جي هي ڪهاڻي تفريحي حوالي سان ٻه ڇاڻ ڏيندڙ آهي، ڇاڪاڻ ته اڄ ٻه دنيا جا لکين ۽ ڪروڙين ٻارڙا پنهنجي معصوم هٺن سان چنڊ کي ڦوڪٽي جيان پڪڙي ڪيڏڻ گهرندا آهن. سنڌي ادب ۾ ڪردارنگاري جي حوالي سان پرواني سيوهاڻي جي هي ڪهاڻي سنڌي ٻاراڻي ادب جي يادگار ڪهاڻي آهي، پر ٻاراڻي ڪهاڻي جي ڪردارن ۾ موضوع مطابق ٿوري ٿڪي تبديلي سان ڪردارنگاري مختلف روپ ٻه اختيار ڪري ٿي، شاگرد، استاد، اسڪول، ذهانت ۽ نصيحتون ڪندڙ ڪردارن کي ڪردارنگاري ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو، ٻين لفظن ۾ يا ڪٿي ائين ٻه چئي سگهجي ٿو ته اهي آکاڻيون جن جي محور ۾ جيڪي ٻه ڪردار چرپر، حرڪت، ڳالهه ٻولهه يا پنهنجي بهتر مستقبل جي رٿابندي ڪندي نظر اچن ان کي ڪردارنگاري چئجي ٿو، هڪ شاگرد جي زندگي ۾ ڪتاب، قلم، بورڊ، ٽيبل ۽ ڪرسي ٻه ڪردارن جي حيثيت رکن ٿيون.

منظرنگاري:

منظر نگاري ماحول جي ان عڪسن کي چئجي ٿو، جتان جنهن ٻه جڳهه ۽ ماحول ۾ ڪن ڪردارن جو گذر ٿيو هجي ۽ انهن ڪردارن پنهنجي تجرباتي ۽ مشاهداتي تجربي قلم يا ڪردار جي اک سان منظرن کي پنهنجي پنهنجي سوچ خيال ۽ راءِ سان ڏٺو ۽ بيان ڪيو هجي. ٻاراڻي ڪهاڻي جي منطرنگاري جا لوازمات ۽ منظر ٻه ساڳيا آهن، مثال طور استاد بورڊ تي پڙهائي ٿو، پر ان جي نظر ڪلاس ۾ موجود سڀني شاگردن تي آهي، ڪي شاگرد پڙهن ٿا، ڪي لکن ٿا، ڪي پاڻ ۾ ڪچهريون ۽ شرارتون ڪن ٿا، انهن سڀني شين ۽ ڪردارن جي حرڪتن کي بظاهر ته استاد ڏسي ۽ پرکي ٿو، پر ڪهاڻي جي بنيادي وصف ۾ ان کي منظرنگاري ئي چئجي ٿو، عام لفظن ۾ ائين ٻه چئي سگهجي ٿو، ته درياهه جي وهڪرن کي ڏسندڙ شاگرد ۽ استاد پاڻ ۾ درياه جي تاريخ يا ان جي تيز وهڪرن بابت ڳالهه ٻولهه ڪندي نظر ايندا هجن، پر درياه جو فطري

وهڪرو منظرنگاري جو اڻٽٽ حصو آهي.

جڏهن اسان ڪهاڻي پڙهندا آهيون اسان جي سامهون ان جي ڪردارجون ڪجھ خاصيتون اسان جي سامهون ايندبون آهن جيئن ڪهاڻي ۾ ڏنل ڪرداربهادر آهي يا رحمدل، فقير ،امير،بادشاه ،درويش وغيره پوءِ ان ڪردار جو اسان جي دماغ ۾ هڪ خاڪو جڙندو آهي هڪ تصويرٺهندي آهي ان تصور ذريعي اسان ڪهاڻي ۾ آيل ڪردار بابت سوچڻ شروع ڪندا آهيون.جيڪڏهن ڪهاڻي ۾ ڪردار هڪ بادشاه جو آهي ته اسان جي تصور ۾ بادشاه جومحل ايندو ان جو لباس ،ان جو شاهي ڪاڏو،درٻار جا ماڻهو، وزير، نوڪر اتان جي آس پاس جو ماحول ٺهي ايندو.ان منظر کي واضع ڪرڻ لاءِ وقت جوبيان به منظرنگاري جوهڪ حصوهوندوآهي ته وقت صبح جوآ شام آ منجهند يا رات آهي. وقت سان گڏوگڏ اسان کي منظرنگاري ۾ ماحول ملندو آهي ته ماحول شڪار جو آ،راند جو آ.جنگ جو آهي يا وري ڪنهن سيروتفريح جو آهي .ته اتان جي سڄي چاڻ ڏني ويندي آهي ته اتي ڇا ڇا هيو ۽ ڪهڙي نموني ان جو سٿاءُ موجود هيو. جي ماحول سيرو تفريح جو آهي ته اسان جو ذهن اهو تصورڪرڻ شروع ڪندو جيئن پرواني سيوهاڻي جي ڪهاڻي ”موهن جو دڙو“ آهي .

سارنگ تمام گهڻوخوش هيو هو پنهنجي منزل تي اچي رسيو هيو،هو خوشي مان ڪار جو دروازو کولي ڪار مان لٿو هن کي موهن جو دڙو جو منظرتمام چٽو ۽ ويجهو نظر اچي رهيو هو سارنگ سندس ابو ۽ امي موهن جي دڙي جي وڏي دروازي مان داخل ٿي اندر شهر ۾ آهستي آهستي اچي رهيا هيا.

آسمان مٿان ڪارن ڪڪرن جوڄار وڇايل هيو.تيز هوا لڳڻ ڪري بيد مشق جا وڻ هوا جي مڌم آوازتي رڪس ڪري رهيا هيا ائين لڳي رهيو هوجيئن هنن جي اچڻ ڪري بيدمشق جا وڻ نچي هنن جي آجيان ڪري رهيا هجن.هن جهڙالي موسم اجان به وڌيڪ موهن جي دڙي جي منظرن کي دلنشين بنائي ڇڏيو هو ،موهن جي دڙي جا وڻ هوا جي تيز لهرن تي جهومندا رهيا ۽ سارنگ پنهنجي ابوءَ ۽ امي سان گڏ گهمندو رهيو.سندس ڪپڙا تيز هوا لڳڻ ڪري ڦڙڪي رهيا هئا

”ابو هي روڊ ڪيڏانهن ٿو وڃي“

”ايئرپورٽ“

ڇا هتي ايئرپورٽ به آهي؟

”ها .....هتي ايئرپورٽ به آهي.“

”ابو هيءَ ڇا جي عمارت آهي؟“
”هيءَ ميوزم آهي“
”ميوزم.......!!!!؟“
ها... ...ميوزم هن ميوزم ۾ دڙي ۾ لڌل عجيب شيون رکيل آهن.سيوهاڻي، 1997ع، ص 73

هن ڪهاڻي جي عبارت پڙهڻ سان اسان جي اڳيان موهن جي دڙي جي منظرجو پورو عڪس ٺهي ٿواچي ته ان کي منظرنگاري چئبوآهي.

منظرنگاري جا ٻه قسم ٿين ٿا

**1.فطري منظر**

**2.غيرفطري منظر**

(1) فطري منظر ۾ الله تعاليٰ جي خلقيل سڀ شيون اچن ٿيون .

(2) غيرفطري منظر يا تصوراتي ڳالهيون ،هي منظرانسانن تي مدار رکن ٿا .ته هوپنهنجي آس پاس جي ماحول کي ڪهڙي ريت سنواريوءِ سڌاريو آهي.

منظرنگاري ڪهاڻي جو اهم جزو آهي هن جي وڏي اهميت آهي ڪنهن به ڪهاڻي ۾ ڪا به ڳالهه تيستائين بي مزي لڳندي جيستائين ان ۾ ڪيل منظرنگاري کي شامل نه ڪيو وڃي .

ٻاراڻي ادب ۾ منظرنگاري، ٻارڙن جي ذهني اوسر لاءِ نهايت اهم هوندي آهي، اهي منظر نگاري واريون ڪهاڻيون، ٻارڙن جي دل ۽ دلچسپي لاءِ تفريح جو مرڪز ۽ محور بنيل هونديون آهن، ٻاراڻي ادب جي سڃاڻپ ۾ نسيم حبيب ڪوسي جي ڪهاڻين ۾ به ڇا ته منظرنگاري ٿيل آهي، سندس بعنوان ڪهاڻي عظمت شاگرد جي پين چوري ٿي وڃي ٿي، پر هڪ شفيق استاد جي نصيحتن سان ڪيئن ته هڪ چور شاگرد کي ندامت جو احساس ٿئي ٿو:

<u>ڪهاڻي جو پهريون منظر:</u>

”شاهد هر وقت موقعي جي تلاش ۾ رهندو هو، ته ڪنهن به طريقي سان اياز جي چمڪندڙ پين چورايان ... ڪجهه لمحن کان پوءِ شاهد اُن جي پين چوري ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو“ ڪوسو، 1996ع، ص27

مٿيون منظر هڪ جڏي شاگرد جي چوري ڪرڻ جو هو، هو پنهنجي

غربت، حسد، عادت يا ساڙ واري سوچ کان مجبور ٿي، چوري ڪرڻ ۾ ڪامياب ته ويو، پر استاد جي هيئين نصيحت وري ڪيس ندامت جي ويجهو آندو، ليکڪ جي لفظن ۾: "پارو چوري ڪرڻ تمام خراب ڳالهه آهي، چوري ڪرڻ سان انسان جو سڪون ۽ چين برباد ٿيندو آهي، چوري ڪندڙ هر وقت ڪنهن نه ڪنهن خوف ۾ مبتلا هوندو آهي، چور ڪڏهن به سٺو شاگرد نه ٿو بڻجي سگهي"ڪوسو، 1996ع، ص27.

جيئن سچي دنيا ۾ ٻاراڻي ادب جو گهڻو تعلق اخلاقي نشونما ۽ روشن مستقبل جي آڌار تي هوندو آهي، تيئن سنڌي ادب ۾ ٻاراڻين ڪهاڻين جا موضوع به اڪثر طور استاد ۽ شاگردن جي نصيحتن تي دارومدار رکندڙ هوندا آهن، اهي منظر ٻارڙن جي ذهني، اخلاقي ۽ روحاني تربيت به ڪندا آهن ته سندن ننڍڙين ۽ محدود سوچن ۾ اضافو ۽ صلاحيتن ۾ نکار پڻ آڻيندا آهن، ڇاڪاڻ ته ٻاراڻي ادب جو مکيه ڪارج به اهو ئي هوندو آهي ته اهڙو ادب سرجيو وڃي جنهن جي هر منظر ڪشي ۾ ڪي لاجواب اصلاحي مثال پڻ رقم ٿين يا ٿي سگهڻ جي اميد جي لائق هجن.

موضوع:

اسان جي تحقيق جو موضوع ٻاراڻي ادب ۽ ان جي تحقيقي اڀياس متعلق آهي، جنهن ڪري اهو انتهائي ضرور آهي ته اسين پنهنجي تحقيقي موضوع سنڌي ادب ۾ ٻارن جي ڪهاڻين جو تحقيقي اڀياس ۾ ٻاراڻي ادب جي بهتري ۽ اوسر لاءِ ڪي نتيجا حاصل ڪري سگهون، "زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ايندڙ هر شيءِ هڪ ڪهاڻي جو موضوع ٿي سگهي ٿي، ايستائين جو خيالي دنيا جون ڳالهيون، (Fantasy) ڏند ڪٿائون،(Myths) جڙتو سائنسي قصا، Science Fiction) ڪهاڻين جا موضوع ٿي سگهن ٿا.

ڪوسو، 1996ع ،ص 28

ٻاراڻي ڪهاڻي جا بنياد عام ۽ سماجي، يعني سماج سان جڙيل ڪهاڻين کان به وسيع آهن، ٻاراڻي ڪهاڻي پوپٽ جي سندرتا تي به جوڙي سگهجي ٿي ته ڪوجهي شڪل رکندڙ چمڙن جون ڪهاڻيون به ٻاراڻي ادب جو حصو آهن، مگر اها ٻي ڳالهه آهي ته اڄ جي هرهڪ ٻار جي پسند پنهنجي پنهنجي آهي، ڪي ٻار جهرڪي کي پسند ڪن ٿا ته وري ڪي ٻار ڳيري، ڪبوتر، ڪڪڙ، باز، ڪانو ۽ مور پکي کي پسند ڪن ٿا، مطلب ته ٻاراڻي ادب جو ڪينواس تمام گهڻو وڏو آهي، جنهن جي سموري مرڪز ۽ بنياد کي ڪهاڻين جي موضوع ۾ شامل ڪري سٺي اڳڀرائي حاصل ڪري سگهجي ٿي. اسان پنهنجي تحقيق جي ايندڙ بابن ۾ سنڌي

ٻاراڻي ادب ۾ شامل انهن سڀني موضوعن تي لکيل مختلف آکاڻين ۽ ڪهاڻين کي شامل ڪنداسين، جنهن جو سڌو يا اڻ سڌو تعلق ٻارڙن جي نفسياتي پهلو ۽ اٿڻين ويهڻن وارين زندگين سان آهي، پوءِ ان ۾ اصلاحي ۽ سماجي ڪهاڻيون به اچي وڃن ٿيون ته سائنسي، علمي، ادبي ۽ تاريخي ڪهاڻيون به اچن ٿيون، سنڌي ادب جي ڪهاڻيڪار امر جليل جي راءِ وري هن طرح آهي ته ”افساني جي وسعت، موضوع ۾ اهي سڀئي فعل اچي وڃن ٿا، جن جي ڪارڻ زندگي ۾ تحرڪ رهي ٿو“. ڪوسو، 1996ع،47

واقعي زندگي جا سڀ رُخ زندگي جي انمول ڪهاڻين جا قصا آهن.

## حوالا


ا. ٻرڙو، محبت، ڊاڪٽر: ٻوليءَ جو ٻڻ (مهاڳ) ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر 2002ع ص، 13
2. ملاح، مختيار احمد، سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ 2015ع ص، 60
3. حوالو ساڳيو، ص، 31
4. ٻرڙو، محبت، ڊاڪٽر: ٻوليءَ جو ٻڻ، ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قنبر 2002ع ص، 12
5. چانڊيو، امير علي، ڪهاڻي ۽ ان جا ترڪيبي جزا، سنڌي ڪهاڻي نمبر، سهيڙيندڙ ڊاڪٽر ادل سومرو ص، 22
6. ملاح، مختيار احمد، سنڌي ڪهاڻي جي مختصر تاريخ، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، 2015ع ص، 46
7. https:// ur.m.wikipedia
8. سيوهاڻي ،ننديرام ”ايسپ جون آکاڻيون“
9.ڀٽي خالد .ڪهاڻي ”منهنجوکهڙوڏوهه“ سنگتي رسالو2000ع
10.عرساڻي،شمس الدين .سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ، ص:355 ڇاپوپهريون جنوري 2009ع اوسر پيڙهڪا اشاعتاڻوگهر.
11.ملاح، مختيار احمد، سنڌي ڪهاڻي جي مختصر تاريخ، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ 2015ع، ص 46
. ڪاڪا، ڊاڪٽر، نواب، سنڌي ڪهاڻي ۽ ڪردار، هڪ اڀياس، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2017ع ص، 25
10. ڪنگراڻي، عزيز، ڪهاڻي پڇتاءُ، ڪهاڻي ڪتاب سنڌ پري، سنڌي ادبي بورڊ، ع، ص 22
11. https:// ur.m.wikipedia
12. دائود پوٽو، عبدالغفار، الف، بي وار شاهه جو رسالو، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2009ع ص 121
13. حوالو، ساڳيو ص 149
14.سيوهاڻي.پروانو،”اڏام“ص:73،ڇاپوپهريون ،سرهاڻ پبليڪيشن سيوهڻ .1997ع
15. ڪوسو، نسيم حبيب، ڪهاڻي عظمت، ماهوار گلڙا، مرتب خالد ڀٽي، گلڙا پبليڪيشن شڪارپور جنوري 1996ع ص، 27
16. حوالو ساڳيو، ص 28
17. حوالو نمبر2، ص، 47

18. حوالو ساڳيو، ص ساڳيو

# باب ٽيون

لوڪ ڪهاڻيون/آکاڻيون

1980ع کان 2000ع ٻاراڻين ڪهاڻين جو جائزو

ٻارن جي سوچ سمجهه وڏن جي ڀيٽ ۾ ڪجهه گهٽ هوندي آهي، ان لاءِ ئي ٻارن جي سچاتل دنيا وڏن جي دنيا کان ڪجهه گهٽ ۽ ننڍڙي هوندي آهي هو پنهنجي وڏڙن جي ڳالهين تي ئي سوچ ويچار ڪندا آهن، يا وري پنهنجي استاد کان ٻڌل ڳالهه پنهنجي دوستن جي گفتگو يا ڪتابن مان پڙهيل ڳالهين ۽ استادن جي نصيحتن تي توجهه ڏيندا رهندا آهن، ائين ئي ٻاراڻيون ڪهاڻيون به ٻار تي گهرو اثر ڇڏيندڙ آهن، جيڪي ڪهاڻيون ۽ قصا اسان ننڍپڻ ۾ ٻڌندا آهيون اهي اڄ به ياد آهن، جيڪا پرين جي خوبصورتي ڪهاڻين ۾ ٻڌائي وئي اسان اڄ به اگر ڪا حسين ڇوڪري ڏسندا آهيون ته مثال اهو ڏيندا آهيون ته پري ٿي لڳي، انهن پرين جو سهڻو ۽ پرڪشش جيڪو لباس ٻڌايو ويو يا جيڪي اڏند کٽولي جو خيال پيش ڪيو ويو، شهزادن، شهزادين جا محل انهن جي سونهن ۽ سٺاءُ گلن،ٻوٽن جي سجاوٽ، باغ باغيچا، پاڻيءَ جا درياءَ، نهر، ساوڪ سان ڍڪيل جبلن جا نظاره، بادشاهن، وزيرن، ڏاهن جي عقلمندي ۽ سياڻپ جا قصا، شهزادن جي بهادري جا چرچا، شهزادين جي سونهن ۽ نازڪ مزاجي جا داستان، ديون جي ڊگهي ننڊ، ديون جي طاقت ۽ انهن جو پرين کي قيد ڪري وڃڻ، ديون جو ساهه ڪنهن پکيءَ ۾ هجڻ وغيره اهي ڪهاڻيون آهن جن کي عمر گذري وڃڻ جي باوجود به وساري ناهيون سگهندا اهي ڳالهيون ۽ قصا اڄ به ذهن تي نقش ٿيل آهن.

"ڪهاڻي جنهن کي هنديءَ ۾ ڪهاني"، سنسڪرت ۾ ڪٿانڪا ڌاتو يا بنياد اٿس: ڪٿ- چوڻ، ڪهاڻي کي آکاڻي به چون، آکاڻي- پراڪرت، آکاڻي،

سنسڪرت، اڪيانڪ، جنهن جو ذاتو آهي، ڪيا- بيان ڪرڻ، ڀهراڙيءَ ۾ ڪهاڻي يا آکاڻي ڪي ڳالهه به چون جنهن جو بنياد سنسڪرت لفظ گل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي"چوڻ".

"ڪهاڻي چوڻ جو رواج ڪڏهن کان پيو يا ڪڏهن کان ڪهاڻي شروع ٿي ان لاءِ اسان کي مختلف محققن جا مختلف حوالا ملن ٿا- ڪهاڻي جي شروعات لوڪ ادب ڪهاڻين سان ٿي، جنهن جي لاءِ

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو پنهنجي ڪتاب لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو ۾ لکي ٿو ته "لوڪ ڪهاڻين جو تڏو پهريائين ڪٿي لڳو ۽ ڪنهن هنيو سو معلوم ڪرڻ ڪٺن ڪم آهي، البته ايترو چئي سگهبو ته جيئن ئي انسان جي پيدائش ٿي ۽ منجهس سمجهه سوچ ۽ تميز جي طاقت تيز ٿي، تيئن ئي هن ٻاهرين ماحول کان متاثر ٿي پنهنجي اندر ۾ ويچاري، انهن ڳالهين کي عقلي رندو هڻي صاف ڪري پيش ڪيو، ٻاهرين ماحول جو اثر هو جهيڙا جهٽا ويڙهه جهيڙ، پرين، جنن، ڀوتن جا ڀئو، هوا طوفاني، پاڻيءَ جي طغماني، ڪنوڻ، جي ڪنواٽ ، ڪڪرن جي ڪڙڪاٽ وغيره ۽ فرحت بخش چيزون جن ۾ چرچو گهٻو کل مسخري، ناچ گانو وغيره اچي وڃي ٿو"سنديلو ، 2016ع، ص 359

ڪهاڻين جي باري ۾ ڊاڪٽر هوند راج بلواڻي لکي ٿو

"آڳاٽي سمي ۾ آکاڻيون زباني روپ ۾ موجود هيون، لکيل روپ ۾ پوءِ آيون، ماڻهو هڪ ٻئي کي آکاڻيون ٻڌائيندا هئا، ميڙن ۾ به آکاڻيون چيون وينديون هيون، ماڻهو هڪ هنڌ ڪٺا ٿيندا هئا ته ڳالهه مان ڳالهه نڪرندي هئي ۽ ائين رات جو دير تائين آکاڻيون ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو سلسلو هلندو هو، وقت گذرڻ سان ڏاڏين، نانين جي معرفت پوٽن ۽ ڏوهٽن کي اهي آکاڻيون مليون، ان طرح ڏاڏين، نانين ۽ ڀين وڏڙن وٽان مليل اهي آکاڻيون، اڄ سڄي دنيا ۾ موجود آهن." بلواڻي2007 ع، ص131

ڪهاڻيءَ جي وضاحت تعليمدان، لوڪ ادب جي پارکو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هيئن ڪئي آهي ته

"ڪهاڻين، ڳالهين ۽ آکاڻين جا جدا جدا نالا عمدا ۽ ارادتا استعمال ڪيا ويا آهن، انهيءَ لاءِ سنڌي لوڪ ادب موجب ڪهاڻي ۽ ڳالهه ۾ ڪو فرق ڪونهي، مگر محض علمي نظريي خاطر ڪلاسيڪي يا ڪهني قالب وارين حڪايتن کي ڪهاڻيون سڏيو ويو آهي، جن ۾ ديون، پرين، جنن وغيره غيبي ڪردارن کي خاص دخل آهي، اهي حڪايتون جن ۾ بادشاهن، راڻين شهزادن، سوداگرن وغيره انساني ڪردارن جو حصو نمايان آهي، انهن کي سهولت خاطر ڳالهيون

سڏيو ويو آهي ۽ اهي ننڍيون حڪايتون جن ۾ انساني معاشري جي مختلف شعبن جا ننڍا وڏا فرد شامل آهن ۽ جن جو مکيه مقصد ٻارن جي وندر آهي، تن کي آسانيءَ خاطر آکاڻيون، سڏيو ويو آهي.” بلوچ،2014ع، ص 05

ڪهاڻي تي ماحول جو اثر رهندو آيو آهي، ان ڳالهه کان انڪار نٿو ڪري سگهجي، ڪهاڻين کي پڙهڻ کانپوءِ ان ڳالهه جي خبر پوي ٿي ته جيئن وقت جو ڪانٽو ڦرندو رهيو ائين ڪهاڻين ۾ به تبديلي ايندي رهي، جنهن لاءِ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي لکيو ته:

”اهو تسليم شده آهي ته هرشيءَ جي شروعات ننڍي پيماني تي ٿيندي آهي ۽ پوءِ آهستي آهستي وڃي چوٽي ڪندي آهي، تيئن ڪهاڻين جي شروعات به ٿورن انگ اکرن سان ٿي هوندي ماحول کان متاثر ٿي، ڪنهن ڪجهه چيو ته ٻڌندڙ ان کي وڌائي پيش ڪيو ته جيئن وري وڌيڪ مرچ مصالا ملائي مزيدار ڪري پيش ڪيو، ته ڪنهن ذهين شخص ساڳي ڳالهه کي پنهنجي ذهانت سبب وڌائي نرالي رنگ ۽ روپ ۾ ورن ۽ ويس ۾ پيش ڪيو، مطلب ته ڪنهن ڪجهه ٻڌايو ته ڪنهن ڪجهه وڌايو جي ڪهاڻي وڃي راس ٿي.” سنديلو، 2016ع، ص360

.

سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ به ڪهاڻين جي وڏي اهميت رهي آهي، ٻار ڪهاڻين کي وڏي دلچسپي سان ٻڌندا آهن ۽ انهن تي عمل به ڪندا آهن، ان لاءِ سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ پڻ ٻارن لاءِ آکاڻين ۽ ڪهاڻين لکڻ جو سلسلو هڪ وڏي عرصي کان جاري آهي، ٻارن جي نامور ليکڪ ڊاڪٽر ادل سومري چواڻي

”سنڌي ٻولي قدامت جي لحاظ کان ننڍي کنڊ جي قديم ٻولين مان هڪ آهي، هن ٻوليءَ ۾ ٻڌايل ڪهاڻيون ۽ ڳاتل گيت صدين جي سينن ۾ ڦهليل آهن ۽ جنهن ڪري هزارين گيت ۽ قصا هوندا، جيڪي تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ ٿيڻ بجاءِ وقت جي حالتن جي هوائن ۾ پکڙجي گم ٿي ويا هوندا.” سومرو، ص115.

منهنجي خيال ۾ ته سنڌي ۾ ٻاراڻي ڪهاڻين جي تاريخ گهڻو وقت اڳ جي آهي، جنهن جي لکت ۾ تاريخ جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي چو ته ٻارن لاءِ پهرين آکاڻي اوائلي دؤر ۾ اها هئي، جيڪا پهريون پيرو ٻار کي رات جو ننڊ ڪرائڻ لاءِ امڙ ٻڌائيندي هئي پر جيئن ته تحقيق ۽ علم ادب جي جهان ۾ درست تاريخن سان حوالو ڏئي ڳالهه ڪبي آهي، ان سلسلي ۾ جڏهن پهرين آکاڻي جي تاريخ لاءِ ورق گرداني کانپوءِ اها معلومات ملي آهي.

1949ع ۾ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي سنڌي گرامر جي ضميني ۾ ڏنل منشي اڌارام ٿانو داس جي لکيل آکاڻي راءِ ڏياچ ۽ سورٺ کي پڻ ٻارن لاءِ پهرين ڪهاڻي سمجهيو ويندو آهي، چاڪاڻ ته ان ڪهاڻي جو پيرايو وڏڙن سان گڏ ٻارن لاءِ پڻ نهايت وڻندڙ آهي پر ٻارن لاءِ باقاعدي ڪتابن جي اشاعت جو ڪم عربي سنڌي لپيءَ جي رائج ٿيڻ ڪانپوءِ ئي ٿيو، منشي اڌارام ٿانوداس جي اها ڪهاڻي ديو ناگري لپيءَ ۾ هئي، جنهن کي اڳتي هلي هن 1861ع ۾ ٻين ڪهاڻين سان گڏي نئين صورت خطي ۾ هڪ مجموعي ۾ آندو.. وگهيو ، 2016ع، ص17.

ڪئپٽن اسٽئڪ جي گرامر کي ضميمي ۾ هڪ ٻئي ڪهاڻي شهزادي امل ماڻڪ ۽ شهزادي حسين پري جي آهي، ان ڪانپوءِ 1854ع ۾ غلام حسين قريشي جي ڪهاڻي "پنهي زميندار جي ڳالهه" ڇپي هئي، جيڪا هڪ هندي قصي تان ورتل هئي، اهڙي مٿي ذڪر ڪيل آکاڻين کي سنڌي ٻاراڻي ڪهاڻي کي شاندار ابتدا سمجهان ٿي، جن ۾ هر حوالي سان ٻارن لاءِ مواد موجود آهي، ٻولي اصلاح، نصيحت وندر ۽ ورونهن جي حوالي سان سموريون ڪهاڻيون بهترين هيون، شروعاتي دؤرجي آکاڻين جي مطالعي ڪانپوءِ اها معلومات ملي ٿي ته انهن ڪهاڻين ۾ ٻوليءَ جو استعمال عام فهم ۽ ٻارڙن جي ذهني سطح کي سمجهي انهن جي دلچسپي کي وڌائڻ لاءِ اهڙي قسم جا چونديا ويا، ڪجهه لکيل ڪهاڻين جو جائزو پيش ڪيو ٿو وڃي.

"منشي دفتر جي ڪليڪٽر صاحب کي وڃي چيو ته سائين جلال پور جي ڪاغذن منجهان ٿو پروڙجي ته جيڪي مختيارڪار سڌا توري لکئو آهي، سو سچ آهي ۽ دفتر جي ڳالهه ڪوڙي ان ڪوڙ ۾ ڪڌا توري جو ڪوڙ ٿو پروڙجي تڏهن صاحب ڪڌا توري کي ڪوٺائي پڇئو ته هن ڳالهه جي وچور ڪيئن آهي، صاحب سمجهو ته اهو ڪوٽ ۽ ڊوهه ڪڌا توري ڪئو آهي ۽ منشي دفتر جو پڻ ڏوهه آهي جو پهچي ڪم ۾ پاڻ سار ڪا نه رکي ۽ ٻئي کي پهچي ڪم ۾ موڪل چڙياءِ "وگهيو، 2016ع، ص 19

سنڌي ادب ۾ اوائلي آکاڻيون ايتريون ته بهترين لکيل آهن جو پڙهڻ سان لطف ملي ٿو، ڇڻ ته انهن ۾ ٻارڙن جي دلچسپي جو سمورو سامان موجود آهي، عنوان کان وٺي ڪردارن، مڪالمن ۽ پلاٽ جو جو اگر جائزو وٺجي ته ماٿهو داد ڏيڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهي. 1853ع عربي سنڌي لپيءَ جي رائج ٿيڻ ڪانپوءِ بابنامي جهڙا درسي ڪتاب ٻارن لاءِ لکيا ويا، جنهن ۾ ٻوليءَ جي سکيا جي حوالي سان سبق شامل ڪيا ويا هئا، منشي ننديرام ميراڻي پاران

لکيل هن ڪتاب ڪي سنڌي ٻوليءَ جو پهريون درسي ڪتاب چيو وڃي ٿو بعد ۾ اڌارام ٿانور داس مير چنداڻي ۽ ڪوڙيمل چندن مل ڪلناڻي، پرڀداس، رام چنداڻي ۽ ٻين پڻ درسي ڪتاب لکيا. 1854ع ۾ نند‌يرام ميراڻي ” ايسپ جون آکاڻيون پڻ انگريزي تان ترجمو ڪيون، جنهن ٻارن لاءِ نصيحت آميز آکاڻيون ڏنل آهن، جيئن ”آکاڻي ڇوڪر ۽ بادامين جي “

”هڪڙي دڪيءَ ۾ باداميون پيون هيون، تن منجهان ڪيترن بادامين ڪڍڻ لاءِ هڪڙي ڇوڪر دڪيءَ ۾ هٿ وڌو ۽ جيتريون مٺ ۾ آيس، اوتريون باداميون ڪٽي، هٿ ٻاهر ڪڍڻ لڳو، پردڪيءَ جي ڳچي ڪان مٺ جو وڌييس سو هٿ ٻاهر نڪريس ئي نه تنهن مهل هن ڪي ڏاڍو ڏک ٿيو: جي هاڻي ڇا ڪريان! جي مٺ ٿو پٽيان ته باداميون ٿيون ڪرن، جي باداميون جهلي ٿو بيهارن ته هٿ نٿو ڪري!

تنهن ڪري هو روئڻ لڳو، پوءِ اتي پاسي ڪان هڪڙو ڏاهو ماڻهو بيٺو هو، تنهن چيس ڇوڪر ٿوريون باداميون ڇڏي مٺ ننڍي ڪر ته باقي جيڪي باداميون بچنديون سي توکي هٿ ايندون تنهنجو هٿ به ٻاهر نڪرندو، ائين ڪيائون ته هٿ نڪري آيس.

نصحيت: اسان ڪي ڪنهن به شيءَ جي واسطي پوري پني سڌ رکڻ کپي ائين سو اها شي هٿ ۾ ايندي ۽ جي هبچ ڪري تمام گهڻي سڌرکبي ته اها ڪڏهن به پوري ڪين ٿيندي.”وگهيو، 2016ع، ص22.

ائين هي ڪتاب ٻارن لاءِ چاڻ پريو آهي، جنهن جي هر آکاڻي نصيحت پري آهي، ان ڪانسواءِ منشي اڌارام ٿانور داس آکاڻين جو ڪتاب ”طوطي نامو“ فارسي تان ترجمو ڪيو، جيڪو اصل سنسڪرت تان ورتل هو، 1861ع ۾ سيد ميران محمد شاهه اول جو ڪتاب ڇپيو هو، جيڪو هندي ٻولي تان ورتل هو، جنهن ۾ اخلاقي درس جي حوالي سان خوبصورت آکاڻيون شامل هيون، مفيد الصبيان جي هڪ عبارت مثال طور پيش ڪيان ٿي.

”بادشاهه جي محلي جي پاسي ۾ هيڪڙو موچي ڪميڻو بچڙو رهندو هو، بادشاهزادو سدا ان جي گهر ايندو ويندو هو راند روند ڪندو هو ۽ ان سين ڏاڍو پيار رکيائين، وزير چيو ڏيهه ڌڻي ٻارن ڪي ڪميڻن جي سنگت ۾ ڇڏڻ ڦٽائي آهي، ٿورن ڏينهن ۾ انهن جا آرکڻ ٻار وٺندا آهن، ماڻهوءَ ڪي جهڙي سنگت هوندي اهڙا آرکڻ سکندو گهرجي ته شهزادو موچيءُ وٽ نه وڃي، بادشاهه چيو ته اهو ٻار ابوجهه آهي ۽ موچيءَ سين پيار ٿي ويو آهي، جيڪڏهن سنگت ڪان جهلبو ته ڏکوئبو ۽ متان ان ڏک ۾ اگهو ٿي پوي، ڪي ڏينهن ڪاند ڪجي جڏهن

وڏو ٿيندو تڏهن نصيحت ڪري موچيءَ جي سنگت ڇڏائبي وزير ماٺ ڪري ويو "وگهيو، 2016ع، ص22.

آڪاڻين جي ڪتاب " مفيد الصبيان جي  هي عبارت انتهائي دلچسپ ۽ پرڪشش آهي ۽ ٻارڙن تي ذهني سنوار ۽ ڪين بري صحبت کان پري رکڻ لاءِ زبردست پيغام سان ڀرپور آهي، عبارت پڙهڻ کانپوءِ معلوم ٿئي ٿو ته مفيد الصبيان ٻارن لاءِ آکاڻين جو شاندار ڪتاب آهي، بعد ۾ 1864ع ۾ ديوان ڪيولرام سلامتراءَ جو آکاڻين تي مشتمل ڪتاب سوکڙي شايع ڪيو ويو هو. 1890ع ۾ ٻارڙن لاءِ زبردست شاعري ۽ ڪهاڻين جا ڪتاب شايع ٿيا هئا، سنڌي نثري ادب جي نامور اديب ڪوڙيمل چندن مل کلناڻي جي ئي ڪوشش سان هو ممڪن ٿي سگهيو هو، ٻاراڻين آکاڻيون جي نالي سان ڇپيل سندس ڪتاب ٻاراڻي ادب ۾ وڏي اهميت رکي ٿو، جنهن کي اصلوڪين آکاڻين جي سلسلي ۾ پهرين ڪتاب جو درجو مليل آهي، 1891ع ۾ ڇپيل هن ڪتاب ۾ شامل هڪ عبارت مثال طور پيش ڪجي ٿي.

"هڪڙو هو جهنگ انهيءَ جهنگ ۾ هيون ٻه هرڻيون هڪڙي هئي وڏي ٻئي هئي ننڍڙي وڏي هرڻي هئي، ننڍڙي هرڻي جي ماءُ هڪڙي ڏينهن اُپ ۾ گهٽا ڪڪر  ٿيا ۽ واءُ لڳو وڏي هرڻيءَ چيو ننڍڙي کي اڄ مان جهنگ کان ٻاهر ڪين ويندس، اڄ ڏينهن ٿڌو سو ماڻهو بندوق کڻي ايندا شڪار ڪرڻ ۽ هرڻي ڏسندا ته بندوق هڻي ماري وجهندا تون به اڄ ٻاهر متان نڪرين پر ننڍڙي هرڻي ماءُ جو چيو ڪين ڪيو."وگهيو، 2016ع ،ص 23

ڪيتري نه دلچسپ عبارت آهي! ٻارن لاءِ اها نصيحت ته وڏن جو ادب ڪرڻ گهرجي ۽ سندن نصيحت تي عمل ڪرڻ ۾ ئي سندن ڀلائي آهي اهڙيون آکاڻيون ٻارن لاءِ شاندار ٿيڻ سان گڏ ٻارن جي مستقبل جي حوالي سان انتهائي شاندار آهي.

ان ڪانسواءِ هن ئي ڏهاڪي ۾ احمد خان جلباڻي، عزت الله شيخ جي مشهور فارسي ڪتاب گل بڪاوليءَ جو ترجمو ڪيو حاجي امام بخش چار درويش 1890ع حاتم طائي جو قصو 1894ع ۾ الف ليليٰ 1894ع ترجمو ڪري ڇپايا، اهڙي ريت قصن ۽ ڪهاڻين جو اهو مواد وڏن سان گڏ ٻارن لاءِ پڻ مفيد آهي ۽ وندرا ئيندڙ ثابت ٿيو، 1894ع ها سارام ۽ سوڀراج گجومل جي اخلاق آکاڻين جو ڪتاب سمجهو وڃي ٿو، پر پنهنجي خيال آهي ته هي ڪتاب  به اهڙن ڪتابن جي سلسلي جي ڪڙي آهي، جيڪي هڪ ئي وقت ٻارن ۽ وڏن لاءِ دلچسپي، معلومات ۽ نصيحت جا سڀ گڻ رکندڙ ڪتابن مان آهن.

مطلب ته اسان کي عالمن، اديبن ۽ شاعرن لاءِ معياري ادب تخليق ڪرڻ جي حوالي سان زبردست تخليقي پورهيو ڪيو آهي، ويهين صدي جي شروعاتي دؤر ۾ اسان کي ليڪڪن پاران ڪافي تعداد ۾ نصيحت ڀريل ڪهاڻين جا ڪتاب لکيا ويا، ان حوالي سان پرمانند ميوارام جو دل بهار 1912ع ۾ ڇپيو هو، جڏهن ته نانڪ رام ڏرمداس جي ڪتاب ”ڏرمراءِ جي وهي“ 1915ع ۾ ڏيئو مل محبوب راءِ جو اخلاقي تعليم 1921ع ۾ ويومل جو موجي آکاڻيون 1928ع، نانڪرام ”ڏرمداس جو کل ۽ خوشي“ ۽ خوشي 1922ع ۾ ميلارام منگترا جو ”چرچن جي چهر“ 1933ع ۾ مرزا قليچ بيگ جو ٻارن جي وندر يا پروليون 1922ع ۾ ڇپيا هئا، هنن پنهنجون سموريون توانائيون ٻاراڻي ادب جي تخليق ۾ اشاعت لاءِ استعمال ڪيون هيون، ڇا ته بهترين آکاڻين جاڪتاب لکيا هيا، جيڪي ٻارن جي اخلاقي تربيت جي حوالي سان شاندار هئا اڄ به جيڪڏهن اهي ٻارن کي پڙهڻ لاءِ ڏنا وڃن ته اهي انهن لاءِ ٻولي جي حوالي سان انتهائي مفيد ثابت ٿيندا.

انهيءَ لاءِ ڊاڪٽر ادل سومرو لکي ٿو ته:

”ڪتاب اسان جا مخلص دوست آهن جن سان اسان  جو سچي حياتيءَ سان ناتو آهي، ڪمپيوٽر ۽ ٽيليويزن جي بي پناهه، ترقي به ڪتاب جي مقبوليت تي اثر انداز نه ٿي سگهي آهي، ٻارن جي زندگي ۾ ڪتاب وڏي اهميت رکن ٿا، ڪنهن ڏاهي چواڻي، ڪتاب پڙهڻ جو شوق خوشحاليءَ جي ڪنجي آهي ۽ اهو شوق ننڍپڻ ۾ ئي پيدا ڪري سگهجي ٿو، شروعات ۾ ٻار خود پسند هوندو آهي پر مطالعي ڪرڻ سان آکاڻين جي مختلف ڪردارن سان همدردي ۽ محبت هئڻ ڪري هن جي همدردين ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽  هن ۾ معاشري جي بهترين فرد بڻجڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي ٿي.“ سومرو، ص27

ٻاراڻي ڪهاڻي اسان وٽ صرف پڙهي ڪا نه ٿي وڃي پر ان جي ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو سلسلو اڄ به هلندڙ آهي، اهي ڪهاڻيون اڄ به وڻندڙ مزيدار آهن جو پڙهندڙ ان مان گهڻو ڪجهه پرائن ٿا، انهن ۾ ايندڙ واقعا، جملا ۽ موضوع اڄ به وڻندڙ ثابت ٿيا آهن. تاريخ تي نظر ڦيرائڻ سان پتو پيو ته ڪهاڻي هر دؤر ۾ پنهنجي هڪ جاءِ ٺاهي آهي ۽ ليڪڪن ان کي ڀرپور انداز ۾ لکيو آهي، اڄ به اسان کي لکين جي تعداد ۾ ڪهاڻيون لکيل ملن ٿيون، جن جا موضوع نوان ۽ وڻندڙ آهن، ٻارن جي ليڪڪن به پنهنجي جدوجهد کي جاري ۽ ساري رکندي سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ ڪهاڻين جو سلسلو جاري رکيو آهي.

1980ع وارو ڏهاڪي سنڌي ٻاراڻي ڪهاڻين جي حوالي سان گهڻيون ڪوششون ورتيون ويون، جن ۾ روايتي ڪهاڻيون به لکيون ويون جن ۾

”چورن مٿان مور“ 1980ع ۾ وک وڏايو پبليڪيشن هالا پراڻا سنڌ مان ڇپيو جنهن جو سهيڙيندڙ عرفان مهدي، ڊاڪٽر اياز قادري جا ڪتاب ”پکين ۽ جانورن جون نصيحت پريون ڪهاڻيون 1981ع پرين جون ڪهاڻيون 1981ع سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپيا، ”ايشيا جون لوڪ ڪهاڻيون ٻارن لاءِ ديس ديس جون آکاڻيون 1984ع سنڌي ادبي بورڊ ”زهُ“ عبدالرحمان جتوئي، ارباب علي ”عادل چوهاڻ 1988ع، منظور بڪ اسٽور شاهي بازار شڪارپور سنڌ، ”عقلمند درويش“ عبدالرحمان جتوئي 1988ع پاڪستان پرنٽنگ پريس لکيدر شڪارپور، 1989ع ۾ مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور پاران ٻارن جي ڪهاڻين جي ڪتاب ڇپرايا ويا، انهن ۾ ”حجم ۽ ديو“ عبدالرحمان جتوئي، ”شام جا نڳ“ محمد صالح کهڙو، ”جادو جو ڏنڊو“، عبدالجبار عبد ”دال جا دڙڪا“ مخفي ميمڻ، ”مسخرو جاسوس“ ڊاڪٽر سليم مصطفيٰ ميمڻ، ”شمن جو وظيفو“ غلام مصطفيٰ مشتاق ”هٺيلا جن“، عبدالرحمان جتوئي، عبدالرحمان ميمڻ ”ٽي ڏاڙيل“ عبدالرحمان جتوئي ”وڃايل دولت“ عبدالجبار عبد منظور بڪ اسٽور شاهي بازار شڪارپور ”عقلمند چوڪرو“ عبدالرحمان جتوئي 1997ع سنڌي ساهت سوسائٽي سنڌ شڪارپور، گدڙ ۽ جهرڪي 1997ع، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور جابلوراٽي جو تحفو 1997ع، عبدالستار درس، نويد بڪ ڊيپو گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ، ٻارن لاءِ لوڪ ڪهاڻيون 1997ع فضل الرحمان ميمڻ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.

جديد ڪهاڻيون:

ڪتاب جيڪو انسان جو بهترين ساٿي رهيو آهي، ڪتابن جو مطالعو انسانن کي شعور، ڄاڻ، تهذيب ۽ ثقافت جي واقفيت ڏيڻ جو ذريعو رهيو آهي، اهي ڪتاب ئي آهن، جن جي ڪري تاريخ محفوظ رهي ٿي، ڪتاب ماڻهو کي ماضي حال ۽ مستقبل سان ڳنڍي رکڻ جو ڪردار ادا ڪن ٿا، ڪتاب ئي پنهنجي ٻوليءَ سان ميلاپ جو هڪ اعليٰ مثال آهي، جنهن مان هو پنهنجي ٻولي کي سڪندو رهي ٿو ۽ پنهنجي بي بها ورثي کي پنهنجي لکڻين ذريعي ئي محفوظ بڻائي سگهبو آهي، پنهنجي ادب کي پنهنجي ٻولي جي زور تي بهتر کان بهتر بڻائڻ ئي ليکڪن جو فرض آهي، جيڪي پنهنجي ان فرض کي نڀائيندا رهيا آهن هو پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت کي پنهنجو فرض سمجهندا رهيا آهن، سنڌي ٻاراڻيون ڪهاڻين لکڻ ۾ به هو اڳڀرا رهيا، هنن ٻاراڻي ڪهاڻين کي خوشبو جيان ڦهلايو ۽ ٻاراڻو ادب روشني وانگر پکڙجي ويو، نت نوان موضوع مليا، نئين سوچ ۽ خيال جنم ورتو، جنن، پرين، بادشاهن، ديون کان حقيقي دنيا طرف سوچ وڌي هن سماج جي هلندڙ واقعن کي اڳيان آڻڻ جون ڪوششون ورتيون ويون

۽ اهي تخليقي خيال اسان کي ۽ سنڌ جي گلڙن جهڙن ٻارن کي مليا، جن انهن جي تربيت ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، هيءَ زمين جنهن تي اسان سڀ رهون ٿا، پنهنجي حيثيت آهر پنهنجا پنهنجا گهر ٺا اڏيون پر پوءِ به نهار ڪجي ته زمين ڪيتري نه وسيع آهي، اوترو ئي ڪشادو آسمان جنهن جي ڪا حد ڪا پڇاڻي ناهي، رات ٿئي ته سهڻا چمڪندڙ تارا ۽ روشن چنڊ، صبح ٿئي ته سج پنهنجي ڪرڻن سان جڳ کي روشن ڪري ٿو، ڇڏي لکين ڪروڙين انسان آهن، جيڪي زمين تي رهن پيا، ڪيترائي جانور هن زمين تي هلن ٿا، مختلف مختلف سڀ هر هڪ کان جدا جدا رنگ روپ الڳ الڳ پر ڏسجي ته ان طرح جي ماڻهن ۽ طرح طرح جي جانورن جي ڪا حد ئي نه آهي. جانورن جو ڪو شمار، وري جي قدرتي نظرن کي ڏسجي ته سهڻا سهڻا پهاڙ انهن جون اونچيون چوٽيون ۽ انهن پهاڙن مان نڪرندڙ درياءَ ان جي پاڻيءَ سان سيراب ٿيندڙ ٻنيون ٻارا، باغ باغيچا جيڪي پنهنجي پنهنجي حسنائتي رنگ روپ سان ماحول کي سهڻو ناهيون، منظر کي رونق بخشيدا آهن، وري جي گلن ٻوٽن کي ڏسجي ته سڀ هڪ ٻئي کان سونهن ۾ سرس ئي نظر ايندا آهن، ڪيترائي اهڙا گل اسان جي نظر مان گذرندا آهن جن جا رنگ اسان کي حيران ڪندا آهن انهن سڀني کي هڪ ليکڪ پنهنجي لفظن جي روپ ڏئي هڪ ڪهاڻي تخليق ڪندو آهي، جيڪا ڪهاڻي ڪهاڻيڪار لکندڙ آهي، اهي پنهنجي تجربي جي بنياد تي لکندو آهي ۽ ان جي وسيلي هو ٻارن جي رهنمائي ڪندو آهي، تخليقي ڪهاڻيون ڏنل وائنل ڳالهين جو عڪس ٿين ٿيون، جيئن قاضي مقصود گل جي ڪهاڻي ”الله سائين جي ڳولا“ ”پٽ! تون وڃي هاڻي باهر گهٽيءَ ۾ پنهنجي سنگتين ساٿين سان کيڏ ته مان وڃي سيئين جي گهر جو ڪم ڪار لاهي اچان، حرمت پنهنجي پٽ کي پيارا ۽ پاٻوهه مان مٿي تي هٿ گهمائيندي چيو نه نه--- امان گهٽيءَ ۾ گهمڻ نه ويندس--- سڀ ڇوڪرا مون تي کلن ٿا--- چون ٿا تون گندو ڇوڪرو آهين--- تنهنجا ڪپڙا ڦاٽل آهن--- مان کيڏڻ نه ويندس --- مان تون سان هلندس“ سانول ماءُ جي چنگهن ۾ پاڪر وجهندي چيو. حرمت ڪجهه سوچيندي چيو نه پٽ تون وڃي کيڏ، مان جهٽ ۾ ڪم پورو ڪري موٽي اچان---اجائي سيئياڻي رنج ٿيندي پٽ نه امان، نه مان توسان هلندس---الا مان ڪجهه به نه ڪندس---ماٺ ڪري تنهنجي پرسان ويهي رهندس---الا امان سيئياڻي ڪو نه ڪاوڙبي حرمت کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو---هن سانول کي ٻانهن کان ورتو پنهنجي پراڻي گهرڙي جو در ٻيڪڙي، ڪڙو ڏئي، ڪنڊو ۾ ڪوٽو ڪلف وجهي سيٺ جي گهر ڏي روانو ٿي.

سيئياڻيءَ حرمت کي سانول سان گڏ ايندي ڏٺو ته سندس منهن تي ڪِوليون گهمي ويون ۽ ڪاوڙ مان حرمت کي چيائين

”اڙي حرمت! هيءَ به ڪا مهل آهي ڪم تي اچڻ جي“

”سائڻ ٿوري دير ٿي وئي آهي، پر منٽ ٿي ڪري وٺان ڪم کي توهان ناراض نه ٿيو“

”هي ٻلهر وري چو ڪڍ لايون آئي آهين،“سيئياڻيءَ شوخيءَ سان چيو جيجان ٻارڙو آهي، ڀنيان لڳي پيو، چا ڪيانس--- مڙي تنهنجا ٻچا آهيون--- رنج نه ڪر حرمت نيزاري ڪندي چيو.

سانول نماڻا نيڻ ڪٽي، هر سيئياڻيءَ جي منهن ڏي هر ماءُ جي منهن ڏي نهاري ڪجهه ڳولهڻ لڳو، ڪيس سيئياڻي جي منهن اونهاري جي ٿاڪ منجهند جهڙي تپش ۽ ماءُ جي منهن ۾ ڏڪاريل ٿرين جهڙي مجبوري نظر آئي.

حرمت ڪم ڪار کي لڳي وئي ۽ سانول گهمندو گهمندو بنگلي جي باغ ۾ آيو---باغيچي ۾ سيئياڻي جو پٽ نويد، پنهنجي ڀيڻ شازيه سان کيڏي رهيو هو، شازيه ٻارآٽي سائيڪل ي چڪر ڏئي رهي هئي ۽ نويد شازيه تي تاڙيون وڄائي رهيو هو.

سانول هوريان سرندو اچي باغيچي جي ڪنڊ ۾ وڻ هيٺيان اچي ويٺو ۽ حسرت مان ڪڏهن ٻارڙن ڏي ته ڪڏهن سندس رانديڪن ڏي نهارڻ لڳو، سندس ننڍڙي دل ۾ ننڍڙي تمنا جاڳي اٿي ته جيڪر انهي نويد جي جهاز کي پنهنجي ننڍڙن هٿڙن ۾ ڪٽي ويجهڙائي سان ڏسي.

هر ٻار جي اها خواهش هوندي آهي ته ان کي معاشري ۾ عزت ملي  هر ڪو ماڻهو ان کي محبت ۽ شفقت جي نگاهه سان نهاري، جنهن مان ٻار کي سٺي تربيت ۽ توجهه ملندي ته اهو ٻار پنهنجو ڪم سٺي نموني ڪرڻ چاهيندو آهي، جيئن جيئن ٻار وڏو ٿيڻ شروع ٿيندو آهي ان جي سوچ به پختي ٿيڻ شروع ٿيندي آهي، هو ڳالهائڻ کي سوچڻ شروع ڪندو آهي، هر ٻار پنهنجي انفرادي سوچ رکندڙ آهي، اهو ٻار هن معاشري مان ئي سکندو آهي، ان لاءِ اهڙن لکڻن جو انتخاب ڪري ٻار کي پڙهڻ لاءِ ڏنيون وڃن، جنهن سان هو حقيقت کي ڄاڻي سگهن يا جيڪي به مسئلا انهن جي اڳيان اچن انهن وٽ انهن کي سلجهائڻ جي قوت هجي ٻارن کي ڪهاڻي جي ذريعي هڪ تصور ملندو آهي، جنهن سان هو بنيادي شين جي باري ۾ رکندو آهي. ان سلسلي ۾ ٻارن جون ڪهاڻيون ئي بهترين ڪردار ادا ڪن ٿيون ۽ ڪهاڻي ئي ٻار ۾ اخلاقي سڌارا آڻڻ ۾ اڳڀرائي رهي آهي جو ماءُ اڪثر ٻارڙن کي ڪهاڻي ٻڌائي اصلاح ڪندي آهي.

سنڌي ادب ۾ ٻارن جي ڪهاڻين جو اڀياس ڪرڻ سان اسان کي اها ڄاڻ ملي ته 1980ع وارو ڏهاڪو سنڌي ٻوليءَ جي ٻاراڻي ادب لاءِ نهايت ڪارائتو ثابت ٿيو، جنهن ۾ ٻارن جي ڪتابن ڇپائڻ لاءِ اشاعتي ادارن توڙي انفرادي طور اديبن ۽ ليکڪن ٻارن لاءِ ڪتاب لکيا ۽ شايع ڪرايا هن دؤرم جيتوڻيڪ جيڪي به ڪهاڻين جا ڪتاب لکيا ويا اهي پنهنجي معيار ۾ بهترين ثابت ٿيا، جنهن ان ماحول جي نمائندگي ڪئي ان لاءِ مان اهو چوندس ته هي دؤرسنڌي ٻاراڻي ڪهاڻين جو عروج وارو دؤرهو، جنهن ۾ جيڪي به ڪهاڻيون لکيون ويون اهي هڪ ته ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيون ۽ ٻيون اهي ڪتاب تمام گهڻا مشهور ٿيا ۽ ليڪڪن شهرت ماڻي انهن جي لکڻين ۽ موضوع کي پسند ڪيو ويو ماڻهن انهن کي خوب ساراهيو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي ادب ۾ واڌارو ڪندي گوهر ممتاز قاضي ٻاراڻين ڪهاڻين جو ڪتاب پولڙي جي پل ۽ ٻيون آڪاڻيون لکيو، جنهن جا عنوان منهن جو ميلو، ٻچڙي بدڪ، نبيلا جي گڏي، پولڙي جي پل، بزرگ جو باز ۽ ڪينهوڙي تي ڪيڻو آهي، هن ڪتاب ۾ نبيلا جي گڏي هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جيڪا ڇوڪرين جي راند وندر ۾ دلچسپي کي ظاهر ڪري ٿي، هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پاران 1981ع ۾ ڇپيو، هن ئي سال ۾ "تارا تارن هيٺ" ظفر عباسي جي ڪهاڻين جو مجموعو ڇپيو جيڪو ساهتي پبليڪشن ڪنڊيارو ضلعو نوابشاهه طرفان شايع ڪيو ويو، جنهن ۾ اجهو سڄ لٿو، چاچو ولڻ، سفارش، بابا بک لڳي آ، هاءِ هي حياتي، ضد جو انجام، سنڌي رسالو، اڏوري آس، سونا زيور، ڪرندا ڦهري ڪوٺ ،تارا تارن هيٺ ،ڪٽي ٻڌي شامل آهن.

ظفر عباسي جي لکڻين لاءِ عرفان مهدي لکيو ته ظفر جو قلم ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ خلاف حق چوڻ جو ڪردار ادا ڪري ٿو، پاڻ حق جو حامي ۽ سچ جو ساٿي آهي، سندس ڪهاڻيون اجهو سڄ لٿو ۽ چاچو ولڻ ۾ ظفر اهي ڪردار استعمال ڪيا آهن جيڪي اسان کي روز مره جي حياتي ۾ ملندا رهن ٿا، اجهو سڄ لٿو ۾ پوڙهو فقير پنهنجي پٽ جي دوا لاءِ خيرات ٿو وٺي ته چاچو ولڻ کي ٻارن سان ايڏو پيار آهي جو ڪين ڪارڪون ڏيڻ لاءِ سندس من ۾ آنڌ مانڌ متل آهي، جن مان اسان کي خبر پوي ٿي ته ظفر هن ڌرتي جي مسئلن حادثن کي قلمبند ڪيو آهي. (10)

عزيز پٽي جو ڪهاڻين جو ڪتاب ڪاري ٽوپي 1983ع ۾ صداقت بوڪ ڊيپو حيدرآباد طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو، سنڌ جي ناليواري ليکڪ ٻارن جي چاتل سچاتل ڪهاڻيڪار جنهن گل ڦل کي چار چنڊ لڳايا، اڪبر جسڪاڻي جو مشهور

ڪهاڻين جو مجموعو ”رمون پيٽي“ 1983ع ۾ روشن تارا ساهت سرڪل حيدرآباد پاران ڇپيو، هن ڪتاب جي ڪهاڻين جا عنوان به ڪهاڻين جيان نهايت دلچسپ دل کي وڻندڙ ۽ ٻارن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائيندڙ آهن، جيئن رمون پيٽي عرس مست حيدرآباد ۾، خرڪار، ڪيڏي ڌرتي، ڇو واٽو، مسيحا، ننڍڙو ٻار اوچي سوچ، آيا، به ته ٻارنهن ۽ چنڊ اجهامي ويو، چاچو ولو، شو فاطمه، سورج ان ڪانپوءِ 1984ع ۾ سنڌي ٻولي جي ناليواري شاعر، ليکڪ ۽ محقق ڊاڪٽر ادل سومري جو ڪتاب ”جيتن جي ڪانفرنس“ آگم پبلشنگ ايجنسي حيدرآباد، هن ڪتاب ۾ آيل ڪهاڻين جا نالا مزاحيه ۽ نرالا آهن شرارتي ڪوئو، ڪرڇولي، چار چور ۽ سانوڻ ڊڪڻ، جيتن جي ڪانفرنس، نيڪدل طوطو، شهباز خان ۽ فقير ڏگهو ۽ بندرو به دوست، مرڪ پري ۽ دودو درزي، مڪار گڏهه جو انجام، وليداد واپاري، 1984ع ۾ مقبول گهلو جو ٻارن جي ڪهاڻين جو مجموعو ”روبوٽ“ ڇپيو جيڪو سرهاڻ پبليڪشن سيوهڻ مان پرواني سيوهاڻي شايع ڪرايو، ساڳئي سال سرهاڻ پبليڪيشن پرواني سيوهاڻي جو ڪتاب ”تماشو“ ڇپيو، 1986ع ”پکين جي ديس ۾“ پروانو سيوهاڻي 1987ع ۾ محمد بخش جوهر جو ”ٽارزن“ نويد بوڪ ڊيپو حيدرآباد 1986ع اڪبر جسڪاڻيءَ جو ڪتاب ”خيرو حجم“ روشن تارا ساهت سرڪل، حيدرآباد پاران پڌرو ٿيو، اڪبر جسڪاڻيءَ جي هن مجموعي ۾ ڪل 12 ڪهاڻيون شامل آهن، جيڪي سڀ پنهنجي پنهنجي جڳهه تي نه رڳو ٻارن لاءِ تفريح پيدا ڪندڙ آهن پر انهن کي هڪ پيغام ڏيندڙ پڻ آهن، سندس بهترين ڪهاڻيون ٽائيٽل ڪهاڻي خيرو حجم، وئڪيشن، حرڪت مان برڪت آفيسر، ٻار ۽ ڪار، عوامي چڪن سوپ، اٺ پٽڻ تي، پپو جا گفتا، چور ماريائو، شرارتي فيضو، عالم ثاني، گڏهه جون خرمستيون آهن، هن هر هڪ ڪهاڻي ۾ ٻارن جي دلچسپي ۽ موهه کي اڳيان رکندي، اهڙو مزيدار اسلوب اختيار ڪيو آهي، جو ٻار ڪهاڻي پڙهندي ڪڏهن به بور نه ٿيندو هر ڪهاڻي جي آخر ۾ هڪ پيغام ڏنل آهي، جنهن کي پڙهي ۽ سمجهي ٻار پنهنجي زندگي ۾ بهتري آڻڻ جي ڪوشش ڪندو، اڪبر جسڪاڻي جي ڪهاڻين ۾ اسان کي سکيا جا ڪيترائي رنگ ملن ٿا، ڪهاڻين جي ٻولي جيتري سادي استعمال ٿيل آهي، اوترو ئي ان ۾ گهرائي ملي ٿي مان ته ائين چوندس ته اڪبر جسڪاڻيءَ جي ڪهاڻين ۾ مقناطيسي ڪشش آهي جو پڙهندڙ پلي ڪيترا ڀيرا پڙهي پر ان مان بور نه ٿيندو ۽ هر ڀيري ان کي پهرين ڀيري پڙهڻ جيترو ئي مزو ايندو.

چنڊ ۽ چڪور 1989ع پرواني سيوهاڻي، سرهاڻ پبليڪشن، عبدالستار درس جو ڪهاڻين تي مشتمل ڪتاب ”خوني ڪنڌر“ 1990ع نويد بڪ ڊيپو

حيدرآباد، 1991ع هٿيلي هرٽي قاضي مقصود گل جو ڪتاب سرهاڻ پبلڪيشن جو ڪتاب 1993ع ۾ پڌرو ٿيو، جنهن ۾ ناني سڦوران جون ٻڌايل ڪهاڻين ڪي ڪتاب جي صورت ۾ آندو ويو آهي، جيڪو ان ڳالهه جي پذيرائي ڪري ٿو ته گهرن ۾ ٻارن جي مستي مذاق پنهنجي نانين ۽ ڏاڏين سان ويجهڙائپ رهي ٿي، جنهن سان ٻار ۽ اهي نانيون ڏاڏيون خوشي محسوس ڪنديون آهن هي ڪتاب نانين، ڏاڏين سان وجهڙائپ ڪي ظاهر ڪرڻ سان گڏوگڏ اخلاقي تعليم ڏيڻ ٻارن ۾ شعور وڌائڻ لاءِ بهتر آهي، هن ڪتاب جا سمورا موضوع ناني تي آڌاريل آهن، عنوان ناني سڦوران جي ناس، دٻلي، ناني گم ٿي وئي، نانيءَ جي لٺ، ناني جو ضد، ناني جي جتي، نانيءَ جي نصيحت، ناني جا چوزا، ناني ۽ اسان جا ٻار 1994ع ۾ پرواني سيوهاڻي جو ڪتاب ٻارن جون چونڊ ڪهاڻيون، سرهاڻ پبليڪيشن 1995ع بشير پٽي جو ڪتاب مائي جهرڪي ۽ ڪانگ خان، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو 1997ع ۾ صداقت بڪ ڊيپو حيدرآباد علم بادشاهه منظور ابڙو، سرهاڻ پبليڪيشن سيوهڻ طرفان اڏام ڪتاب 1997ع ڇپيو جنهن جو مهاڳ ٻارڙن جو مشهور ليکڪ اڪبر جسڪاڻي لکيو آهي، موضوع ڏاڍا دلچسپ ڏنل اٿس، اڏام، جيجل، سائنسدان، پيئڻ بلا، وقت جي آتم ڪهاڻي، چنڊ جو عاشق، علم جي ڳولا، موهن جو دڙو، احتجاج، پاڳ پري، جيڪو منهنجي من ۾ هن ڪتاب ۾ اسان ڪي موضعن سان گڏ ڪهاڻين ۾ ڏنل ڳالهيون به ڄاڻ پريون آهن، جيئن هن ڪهاڻي ۾ پيئڻ بلا، عنوان جي لحاظ سان ته ان بلا جو نالو آهي جا ٿر ۾ سٽل ماڻهوءَ جي منهن ۾ زهر هاري ويندي آهي ۽ انسان ڪي ننڊ ۾ ننڊ ڏياري ڇڏيندي آهي.

هن ڪتاب لاءِ اڪبر جسڪاڻي لکي ٿو ته اڄڪلهه اسان وٽ وڊيو گيم جي وبا به ٻارن ڪي تعليم کان پري ڌڪي رهي آهي، هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ٻاروڊيو جي شوق ۾ اسڪول نه ٿو وڃي سمورو وقت وڊيو جي دڪان تي ضايع ڪري ٿو ۽ امتحان ۾ فيل ٿئي ٿو، ان وقت ٻار جي اندر جو ٻار سجاڳ ٿئي ٿو، ۽ سڀني ٻارن، نوجوانن ۽ وڏي عمر جي ماڻهن ڪي گڏ ڪري ان خلاف تحريڪ هلائي ٿو، ان ڪي بند ڪرائي ٿو ڇڏي، ڪاش اسان جا ٻار ڪهاڻي پڙهي ان تي عمل ڪن.!

1998ع شمس الدين سومرو جو ڪتاب شيري ۽ پوري ساڳئي سال سندس ٻيو ڪتاب جنهن ڪي رب رکي گلشن پبليڪيشن طرفان ڇپيا جنهن ڪي رب رکي ڪتاب جا موضوع ماحول جي مطابق حقيقت تي ٻڌل ڪهاڻين جي طرز تي ڏنا ويا آهن، جنهن ڪي رب رکي، اسان جو پهلوان موڳو ٻلو، اصول ۽

چماٽ، ٻوڙو، گڏي، ڪوڙ جي سزا، تصوير،پڇتاءُ، صحبت جو اثر، مون ڪي پنهنجن مارايو، مولا بخش ۽ ڊرامو، سورن جو سودو، حڪيم جي هوشياري، ڳنڍيريون، جي جيءُ ڪي جيارين، ڳڙ جو گهوڙو، ٺڳي جا ٺاهه، توڪي ساري ساهه قيدي قيديءَ جو آواز پنڻ جا طريقا 1999ع ۾ نئون جنم پبليڪيشن حيدرآباد پاران سنڌ پري ڇپيو هن جي ڪهاڻين جا عنوان پڙهڻ ڪان پهرين ضرب ضربا ضَربو، لغڙ، پڇتاءُ، گوسڙو، روشني، سنڌ ٻري، 2000ع ۾ شمس الدين سومرو جو ڪتاب روبي آئي خوشبو آئي.

سنڌي ٻاراڻي ادب جي تاريخ لکندي ٻارن جي ڪهاڻيڪار خالد آزاد لکيو ته 1979ع ڪان ويندي 1989ع تائين پورو ڏهاڪو سنڌي ٻوليءَ جي ٻاراڻي ادب جو سونهري ڏهاڪو آهي، هن عرصي دوران ٻارن جون  ڪيتريون ئي تنظيمون جڙيون، اخبارن هفتيوار صفحا جاري ڪرڻ سان انهن جي سهاري هيٺ تنظيمون قائم ڪيون، ماهوار ۽ به ماهي رسالا شايع ٿيڻ لڳا نتيجي ۾ هڪ نئين کيپ پيدا ٿي جن ٻارن لاءِ پنهنجا نظم توڙي نثر جا ڪتاب شايع ڪرائي پڌرا ڪيا (12)

سنڌ جي مشهور علمي ادبي اداري سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي ٻاراڻي ادب جي اشاعت توڙي واڌاري لاءِ هميشه ڪان ساراهه جوڳو ڪم ڪيو آهي، ان اداري طرفان 1959ع ڪان نڪرندڙ ٻارن جي رسالي گل ڦل ۾ ٻارن لاءِ ڪيترن ئي سنڌي ٻوليءَ جي مشهور ليکڪن ڪهاڻيون  لکيون جيڪي اڄ به سنڌي ٻوليءَ جا معروف ۽ وڏا نالا آهن، انهن ڪهاڻين ذريعي سنڌ جي ٻارڙن جي آئندي لاءِ انهن جي پختي ذهني اڏاوت لاءِ لازمي سمجهندي هن ماحول تي ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون جيئن ٻارن جي صحيح منظم موثر ۽ مضبوط ذهني تربيت ٿي سگهي، جنهن سان هنن جو ڏيان تعليم تدريس سان گڏ ادب ڏانهن به ٿئي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي هن دؤرم سنڌي ڪهاڻي کي لکڻ ۽ اڳيرو ڪرڻ ۾ ليکڪن ڀرپور ڪوششون ورتيون، هنن ٻارن جي فڪري اوسر لاءِ اثرائتا عنوان ڏئي ڪهاڻيون لکيون جنهن مان سنڌ جي ڪيترن ئي ٻارن اثر قبوليندي ڪهاڻيون لکيون، ٻاراڻي ادب ۾ جنهن رسالي ٻارن جي شوق ۽ پسند وڇان ڪم ڪيو اهو سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو پاران نڪرندڙ رسالو گل ڦل آهي، هن رسالياسان ڪي قاضي منظر حيات ۽ ڪهاڻي ڪئي نالا ڏنا، انهن ۾ 1982ع بهادر شهزادو داد سنڌي، واه واه  جمالو 1983ع ظفر عباسي، ساڳئي سال ”محبت موتي آيو“ ارباب علي عادل چوهاڻ ”مٽيءَ جون مانيون“ دادا سنڌي، ”حق“ محمود مغل ”چانو ڏسان“ ولي محمد طاهر زادو ”ماڪ ڦڙن جو تاج“ عبدالجبار عبد 1984ع ”سهي جي چالاڪي“ پير امام المتقين راشدي 1986ع ”چالاڪ

ڪوئا″ امام راشدي 1991ع ″انشاءَ الله″ خالد ڀٽي، ″چڳائي″ امام راشدي ″جهرڪ جو ٻچڙو″ ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو، ″ڏڪ″ ڊاڪٽر احسان دانش ″موتي جو پيار″ امام راشدي 1993ع منهنجو انتظار نه ڪجو شمس الدين سومرو، ظالم ته ڪو نه رهندو، نثار بزمي 1995ع ″ماسي مصيبت″ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي، ″بادشاهي ٻار″ امام راشدي، ڀهاڪن جو استاد ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي ″غلطي جو احساس″ مختيار گهمرو ″اوچا ڳاٽ″ گلبدن جاويد، ٻارڙن جي ادب ۾ ڪهاڻين جي روايت کي برقرار ۽ معياري رکڻ لاءِ ليکڪن جي محنت نظر اچي ٿي.

سنڌي اخبارن  به ٻارن جي ادب کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪيترائي ٻاراڻا صفحا شايع ڪرڻ شروع ڪيا، انهن ۾ عبرت مئگزين ۾ ٻارن جو صفحو ٻالڪ رنگ، مئگزين جي شايع ٿيڻ واري سال 1980ع کان شايع ٿيندو پيو اچي ان رسالي ۾ ٻي معلومات سان گڏ ڪهاڻيون به ڇپجڻ لڳيون، جنهن کي ٻار دلچسپيءَ سان پڙهندا رهندا هيا. گلستان روزاني  سنڌ نيوز حيدرآباد هن صفحو 1985ع ۾ شروع ڪيو ويو، جنهن جو انچارج نظير احمد لغاري ٿيو، هن صفحي ۾ ٻارن لاءِ ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون ويون، ان ۾ سميع ڀنڀري جي ڪهاڻي ″بيوقوف بگهڙ ۽ چالاڪ گڏهه″، ايم اقبال بيوس خاصخيلي جي ڪهاڻي هن صفحي تي مستقل هلندي هئي، ايوب عمراڻي جي ڪهاڻي جيڪا صفحي ۾ قسطوار ڇپجندي رهي اها ″فوٽ پاٿي″ هئي، هڪ ليڪڪه شبانه شيخ به ڪهاڻين لکڻ جو مسلسل سلسلو جاري رکيو ۽ شهرت  ماڻيائين، ائين ئي ڪهاڻين جي سلسلي کي هلائيندي قاضي مقصود گل، عزيز ڪنگراڻي ڪهاڻيون لکيون، 1986ع واري پرچي ۾ شمشير الحيدري جي ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻي چنڊ جي ڪهاڻي شايع ٿي.

روزاني هلال پاڪستان حيدرآباد ٻاران 1974ع ۾ گلن جهڙا ٻارڙا نالي سان ٻارن جو هفتيوار ادبي صفحو شروع ڪيو ويو، جنهن ۾ ڪالم ڪهاڻي کي اڳتي وڌائيندي عبدالجبار آزاد منگي 1982ع کان ٿمون شرارتي جي نالي سان ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون ۽ اهو ڪهاڻين جو سلسلو 1997ع تائين هلندو رهيو، 2019ع ۾ انهن ڪهاڻين کي سهيڙي ڪتابي صورت ۾ سمبارا پبليڪيشن طرفان ڇپرايو ويو، ٿمون شرارتي جي ڪهاڻين جا عنوان ٿمون حاضر آهي، ٿمون جو تعارف، ٿمون جو پيٽ تي ڇاپو، ٿمون ۽ ناني ناس واري، ٿمون جي همت، ٿمون مشاعري ۾ ،ٿمون ريڙهي گاڏي  تي، ٿمون ٻٽيو نجومي، ٿمون ۽ قلفي، ٿمون تاريخ جي لکڻ جي چڪر ۾، ٿمون ۽ ڪينجهر، ٿمون ريل ۾ ،ٿمون ۽ لغڙ،

ٿمون اسپتال ۾، ٿمون ۽ تقرير، ٿمون گهٽيءَ ۾، ٿمون شهر ۾، ٿمون اوطاق ۾، ٿمون امتحاني هال ۾، ٿمون ۽ ٽڪڻ، ٿمون ۽ ٻز، ٿمون ۽ اليڪشن، ٿمون جو آخري سنيهو شامل آهن.

هن ڪتاب لاءِ ياسر قاضي پنهنجا خيال ونڊيندي لکي ٿو ته عام ماڻهن سان گڏ اٽڻ ويهڻ سبب ڪيس عام زندگيءَ ۾ عام ماڻهوءَ سان پيش ايندڙ واقعن جو مشاهدو روز ٿئي ٿو، تنهن ڪري ٿمون ڪي هلندي ڦرندي ڪهڙين ڪهڙين خوشگوار توڙي مايوس ڪندڙ صورتحال سان منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو، اهو ليڪڪ لاءِ تصور ڪرڻ ڏکيو ناهي، چاڪاڻ ته هو ڪئين ڀيرا پاڻ ٿمون بڻجي وڃي ٿو ۽ پاڻ سان ٿيل ويڌن ۽ جنين جو بيان ٿمون جي زباني ڪرائي ٿو، پر اڪثر هو ٿمون جي مستقبل پارٽنر طور نظر اچي ٿو، جيڪو سدائين ٿمون کي چڱن ڪمن لاءِ همٿائي ٿو ۽ برين عادتن کان روڪيندي نظر اچي ٿو، ٿمون هن سان حجائتو به ڏاڍو آهي، ڪڏهن ڪيس ڪلهي ۾ مڪ ٿو نڪاءُ ڪرائي ته ڪڏهن ساٽس ڪاوڙ ڪندي ٿو نظر اچي، ٿمون جي ڪردار جي اٽت جبار جنهن نموني ڪئي آهي، اهو هڪ عام ڪردار آهي، جيڪو اوهان سان وانگو به چانگي چونپل(جُتي) پائي گهٽيون ڪڇيندو نظر اچي ٿو... ٻار ڪيس پسند ڪن ٿا، جنهن جو اندازو ڪيس به آهي ۽ شرارت سندس خاص گڻ آهيم، جنهن ڪري هو ٿمون شرارتي چورائي ٿو، تنهن ڪري هر ڪالم ڪهاڻيءَ ۾ جبار سندس شرارت جي عنصر کي خاص طرح هاءِ لائيٽ ڪيو آهي، پر ان جو اظهار هن اهڙي ڪاريگري سان ڪيو آهي، جو اها شرارت ٿمون جو ڪو هيرو وارو عمل نه ٿي سمجهجهي ته متان ٻار پڙهندڙ ان کي پنهنجو ڪن ۽ وڏن يا جيڏن کي تنگ ڪندا وتن، بلڪ جبار سندس ان شرارت کي صرف تفريح لاءِ بيان ڪندي ان کان بچڻ جو اشارو به ڏنو آهي، خود ٿمون تقرير نالي ڪالم ڪهاڻي ۾ هو نڪمي نٿر گوسڙو، شرارتي ۽ محنت کان پچندڙ ٿمون جي محنت سان تقريري مقابلي ۾ ڪٽيل انعام جو ذڪر ڪندي، ٻارن کي اها ترغيب ٿو ڏئي  ته ڪا به بري عادل مستقبل ناهي هوندي ۽ ان کي ختم ڪرڻ سان ڪاميابي يقيني بڻجي ويندي آهي، ان قسم جون ڪهاڻيون انهن ٻارن لاءِ اتساهه جو باعث آهن، جيڪي محنت سان چاهه نه هئڻ سبب پنهنجي استادن جا لاڏلا ناهن بڻجي سگهيا. (13)

هلال پاڪستان اخبار جي صفحي ۾ عبدالجبار آزاد منگي جي قسطوار ڪهاڻي صبح ٿيندو، به شهرت حاصل ڪئي، ان ڪانسواءِ ڪهاڻي ”انڌا اونڌ ويچ“ ”پنهنجي ڏيهه ۾ سجاٽپ ڪارڊ“ 1982ع ”ڏکن سکن جي سونهن“ 1980ع

”پنهنجي عيد“ 1983ع ڪوڙو ڦٽاڪو ”حسرتن جا قاتل“ پنهنجي ڏيهه ۾ 1982ع ”عيد ۽ غربت،“ هو ڪير آهي 1991ع آهن، سنڌي ادب جي هڪ ٻئي نالي واري ليڪڪ ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو ٻه ڪهاڻيون لکيون، ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي پنهنجي ڪهاڻين لاءِ چيو ته هن ڪتاب جون ڪهاڻيو مضمون ۽ ٻيو مواد ان وقت لکيم جڏ هن مان ٻاڻ بلڪل هڪ ٻار هيم، هي لکڻيون 1986ع کان 1990-91ع تائين لکيل آهن. (14)

ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو جون لکيل ڪهاڻيون ته ٻارن کي اتساهه ڏيندڙ آهن پر ان جي ڪهاڻين جا موضوع ٻه ڏاڍا وڻندڙ آهن، جيئن جهرڪي جو ٻچڙو ساڙيلو پولو ڏاهو ٻار، سچار چوڪر، بهادر چوڪري، هڪ ڏينهن جي ڳالهه، حرڪتي ٻار، شرارت ،منو پيٽي، چوريءَ جي سزا، امڙ، نوشيروان، بادشاهه وارو فيصلو سڀ ڪهاڻيون نصحيت آميز ۽ وندر ورونهه سان ڀريل آهن.

# بارن جا نمائنده  ڪهاڻيڪار

پروانو سيوهاڻي

پارن جو مشهور ڪهاڻيڪار ۽ معياري ٻاراڻي ادب جي ڇپائي لاءِ زبردست انداز ۾ سهڻو ڪم ڪندڙ اداري سرهاڻ پبليڪيشن جو سرواڻ پروانو سيوهاڻي 21 جولاءِ 1963ع تي سيوهڻ ۾ ڄائو هو، سندس اصل نالو منظور احمد سومرو آهي، ايم اي تائين تعليم حاصل ڪري تعليم  کاتي ۾ پرائمري استاد مقرر ٿي، انتهائي فرض شناسي سان درس و تدريس واري خدمت سر انجام ڏئي رهيو آهي، هي ننڍپڻ کان ٻارن لاءِ لکندو رهيو آهي، لکڻ سان گڏ هن 1975ع ۾ سرهاڻ پبليڪيشن جي نالي سان اشاعتي ادارو قائم ڪري ٻاراڻي ادب جي ترقي لاءِ جدوجهد ڪرڻ جي شروعات ڪئي هئي،  هن اداري ڪيترائي ڪتاب ڇپرايا هئا ۽ هڪ سلسليوار رسالو سرهاڻ جي نالي سان جاري ڪيو ويو هو جنهن کي پرواني سيوهاڻي سونهاري سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائڻ وارو بهترين ڪم ڪاميابي سان ڪيو هو، ٻار هن رسالي کي وڏي دلچسپي سان پڙهندا هيا، ڇو ته هن ۾ سندن دلچسپيءَ جو سمورو سامان موجود هو، علمي، ادبي مضمون، ڪهاڻيون، شاعري، مزاحيه ٽوٽڪا ۽ سائنسي مواد شامل هئڻ ڪري هو انهن رسالن جو انتظار ڪندا هيا، لڳ ڀڳ 200 شمارا هن رسالي جا شايع ٿيا هئا، پرواني سيوهاڻي جي ڇپيل ڪتابن ۾ ٽياسي جا ٽي ناٽڪ 1983ع ٻارن لاءِ ناٽڪ تماشو 1985ع ٻارن لاءِ ڪهاڻيون پکين جي ديس ۾ 1986ع ٻارن لاءِ ڪهاڻيون چنڊ ۽ چڪور 1989ع ٻارن لاءِ ڪهاڻيون ”هل ته هلون چنڊ تي“ 1992ع ٻارن لاءِ سفر نامو، ٻارن جون چونڊ ڪهاڻيون 1994ع ترتيب ڪهاڻيون، ٻارن جا گيت 1994ع شاعري ”منهنجون يادون منهنجو ننڍپڻ“ 1993ع ٻارن لاءِ آتم ڪهاڻي، ”اڏام“ 1997ع ٻارن لاءِ ڪهاڻيون ”ڌرتي جو تارو“2004ع ٻارن لاءِ ڪهاڻيون، ”انڌي فقيرياڻي“، 2004ع ٻارن لاءِ ڪهاڻيون، ”خيرو خيالي“ 1995ع ٻارن لاءِ ڪهاڻيون، سهڻي صلاح 2005ع ٻارن لاءِ ڪهاڻيون شامل آهن، ٻاراڻي ادب جي واڌاري لاءِ پرواني سيوهاڻي سموري زندگي وڏي جاکوڙ ڪئي آهي، ان سلسلي ۾ ڪيس سنڌي ليئنگويج اٿارٽي سنڌي ادبي سنگت ۽ ٻين ادارن پاران بهترين خدمتن عيوض ايوارڊ پڻ مليا آهن پر هن بنان ڪنهن ايوارڊ ۽ تمغن جي لالچ جي پنهنجي حصي جو قومي ڪم لڳاتار حسنائتي طريقي سان پئي ڪيو آهي.

سيوهڻ سنڌ جو قديم شهر آهي هر شهر قلندر لعل شهباز جي حوالي سان ڏيهه ڏيهان مشهور آهي پر هاڻ ته عالم چنا جي ڪري به سڄي دنيا ۾ مشهور آهي پر ٻاراڻي ادب جي حوالي سان هڪ شخصيت به سيوهڻ ۾ آهي، جنهن ڪي سيوهڻ جو هر ٻار سڃاڻي اهو آهي، اسان جو پيارو پرواني سيوهاڻي، پروانو سيوهاڻي نه رڳو ٻارن جو ليکڪ آهي پر ان سان گڏ پبليشر ۽ هڪ رسالي سرهاڻ جو ايڊيٽر پڻ آهي، پرواني سيوهاڻي جو اهو ڪمال آهي ته بنا ڪنهن مدد جي ڪتاب ڇپرائي، پنهنجي سراڪيلو سڄي دنيا سنڌ ۾ وڃي ڪتاب به ڪپائيندو آهي، انهيءَ حوالي سان به پرواني سڄي سنڌ گهمي ڏٺي آهي، سنڌ جو هر اديب ۽ استاد ڪيس سڃاڻي. (10)

پرواني جي ڪهاڻين جو هي مجموعو "اڏام" جنهن ۾ مختلف وقتن تي پرواني جون لکيل ڪهاڻيون آهن، جيڪي سرهاڻ ۾ ڇپجي چڪيون آهن پر هڪ هنڌ ڪتابي صورت ۾ هاڻ اوهان جي آڏو پرواني جي ڪهاڻين ۾ نصيحت سان گڏ سماج جي غلط رسمن جو به ذڪر آهي، جن ڪي پڙهي ٻارن جي عمل تي سندن مستقبل سنوارجي وڃي!

سنڌ جو عوامي شاعر سنڌي شاعري ۾ روح ڦوڪيندڙ سنڌي ٻولي کي جياريندڙ استاد بخاري پرواني سيوهاڻي لاءِ لکي ٿو ته انين جماعت ۾ هو ته ساٽس ڏيٺ ويٺ ٿي هو منهنجو شاگرد سڏائي خوشي محسوس ڪري ٿو ۽ مان هن کي لڳاتار سرگرم ڏسي سرهو ٿيا ٿو، هن ننڍي/وڏي/آيل/ اجهل اسان جي سرهاڻ ٻاراڻي ادب کي وسي رهي آهي، سندس محنت جي خوشبو ۽ نيڪ نيتي جي روشني ڏينهون ڏينهن وڌندي رهي ٿي. (11)

پرواني سيوهاڻي نه صرف ٻارن لاءِ ڪهاڻيون ۽ ڊراما لکيا آهن  پر علمي طور ڪوششون وٺي ٻارن جي ادب جي ترقي لاءِ ٻالڪ ڪتاب لڙي جي نالي سان هڪ سلسلو جاري ڪيو، هن اداري ٻارن لاءِ نثر ۽ نظم جا سستا ۽ سٺا ڪتاب ڇپرايا پرواني سيوهاڻي ٻارن جي ادب لاءِ ان جي اشاعت ۾ پنهنجون ڀرپور صلاحيتون استعمال ڪيون آهن. (12)

ظفر عباسي

سڀاجهي سپاءُ وارو، مائيٽو، ڳمڀير، ناميارو شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ محقق ظفر عباسي جنهن ٻارن جي احساسن انهن جي تڪليفن کي محسوس ڪندي پنهنجي لفظن  ڪهاڻين جو روپ ڏئي پڙهندڙن آڏو پيش ڪيائين، ظفر عباسيءَ ڌرتي جي تارڙن معصوم ٻارڙن لاءِ نهايت دلفريب ڪهاڻيون نئي نڪور عنوان

تارا تارن هيٺ لکيو جيڪو ساهتي پبليڪيشن ڪنڊياري پاران 1981ع ۾ شايع ٿيو، ظفر عباسيءَ سنڌي ۾ پهرين ڪهاڻي منزل جي تلاش لکي جيڪا صداءِ سنڌ پبليڪيشن ۾ ڇپي هن باقاعدي ادب ۾ پهرين وک ساهتي پبليڪيشن جي قيام ۾ گهرا گهرا گهاوَ پنهنجي ڪهاڻين جي مجموعي 1979ع ڇپجڻ سان ڪنئي ان ڪانپوءِ هن ٻيون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون، ظفر عباسيءَ ٻارن لاءِ ناول حليم حرڪتي سنڌ نيوز اخبار، حيدرآباد ۾ قسطوار ڇپجندو رهيو، هن ٻارن لاءِ ڪيترائي خوبصورت گيت لکيا، جيڪي مختلف ٻاراڻين رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن، ظفر عباسي ڪجهه وقت لاءِ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري مان شايع ٿيندڙ ٻارن جي رسالي "گل ڦل" جو اعزازي ايڊيٽر رهيو.

ظفر عباسيءَ جو پورو نالو ڊاڪٽر ظفر الدين عباسي آهي، جيڪو ڪنڊياري تعلقي جي ڳوٺ آباد ۾ 2 اپريل 1964ع تي ڄائو ايم بي بي ايس ۽ ار ايم پي ڪرڻ بعد پنهنجي ئي شهر ۾ ڪلينڪ قائم ڪرڻ سان گڏوگڏ سنڌي ادب لاءِ لکندو رهيو، ٻارن ڪانسواءِ سندس 15 ڪان وڌيڪ ٻيا به ڪتاب ترتيب، ترجمو طبعزاد شامل آهن، جن ۾ "گهرا گهرا گهاو"، ڪهاڻيون 1979ع، "تارا تارن هيٺ" ٻارن جون ڪهاڻيون 1981ع، "سوال ڇهرا جواب ڇهرا" ڪهاڻيون 1982ع،"شاعري جون صنفون" تحقيق 1993ع، "ٽين دنيا" ڪهاڻيون 1996ع، "گناهن ڀريو ديوتا" ناول ترجمو 1998ع، "بي آواز گولي" ناول ترجمو 1999ع، "تو ته چيو هو" شاعري 2005ع، "تون ئي تون" شاعري 2007ع، "مون ۾ تون" شاعري 2007ع، "سنڌي ۾ شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون" تحقيق 2007ع، وغيره ظفر عباسي کي خدمتن طور ڪيترائي ايوارڊ مليا، جن ۾ سنڌ فنڪار 1993ع، چينل 5 ايوارڊ 1994ع سڳا ڪنڊيارو ايوارڊ 2004ع، ڪاس ايوارڊ 2005ع ورلڊ ليڪ مچنا ايوارڊ 2006ع شاهه لطف ايوارڊ، پي آءِ ڊي طرفان 2006ع ۽ سنڌ چلڊرن اڪيڊمي طرفان مچنا ايوارڊ 2007ع قابل ذڪر آهن.

عرفان مهدي، ظفر عباسي لاءِ لکي ٿو ته ظفر جي هر ڪهاڻي اسان جي معاشري جي  ڪهاڻي آهي، سندس سڀئي ڪهاڻيون هڪ آرٽسٽ جي ٺاهيل مختلف تصويرن سمان آهن، جن ۾ هن جيون جا انيڪ روپ ڏيکاريا ويا آهن، بقول شيڪسپيئر هيءَ دنيا هڪ اسٽيج آهي، جتي هر ڪو انسان پنهنجو پنهنجو رول ادا ڪرڻ لاءِ آيو آهي... دنيا جي هن ڊگهي اسٽيج تي هلندڙ ڊگهي ڊرامي جا مختلف پهلو آهن، ان ڊرامي ۾ ڪيئن هيرا آهن ته ڪيئن ولين آهن ۽ ڪي ڪريڪٽر رول، ظفر به ان ساڳئي دنيا جو رهاڪو آهي، هي اسٽيج دنيا، مختلف حصن ۽ طبقن ۾ ورهايل آهي، ظفر به ان ئي اسٽيج جو رهواسي آهي،

جيڪو خالق بڻجي پنهنجي حصي ۽ پنهنجي طبقي تي جنم وٺندڙ مسئلن ۽ دشوارين کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏي ٿو. (13)

انور هالائيءَ ظفر عباسي جي ڪتاب تارا تارن هيٺ لاءِ لکي ٿو ته ڏاڍي خوشي جي ڳالهه آهي جو ٻار خود ٻارن تي لکي رهيا آهن، چاڪاڻ ته ٻارن لاءِ وڏا ليکڪ تئا لکن شايد هنن کي ٻارن لاءِ لکڻ ڪو نه ٿو وڻي ظفر جو هي ڪتاب ڪن خامين هوندي به گهڻيون خوبيون رکي ٿو، ڪيس گذارش ڪندس ته هو تنقيد جي خوف کانسواءِ لکندو رهي. (14)

آغا قيوم لکيو ته "ٻار ظفر جي ڪمزوري آهن، ظفر ٻارن لاءِ لکي ڪهاڻين سان نياءُ ڪيو آهي". (15)

ناز سهتي لکيو ته "ظفر جا انيڪ روپ آهن ۽ هو هر روپ ۾ ڪامياب ويو آهي. (16)

<u>عزيز ڪنگراڻي</u>

اديب، ڊراما نگار، استاد ۽ آرڪيالاجيءَ جو ماهر دادو ضلعي جي تعلقي جوهي جي ڳوٺ حاجي ڪنگراڻي ۾ جنم وٺندڙ ادب جي دنيا جو نشانبر ليکڪ عزيز ڪنگراڻي جنهن پنهنجي لکڻين ذريعي سنڌ جي ماڻهن جي ماحول انهن جي پريشانين انهن جي غربت مسڪيني حال تي لکيو، هن وڏن لاءِ ته لکيو ڏاڍو ئي خوبصورتي سان لکندو ان کي ڊرامي جي صورت ۾ پيش ڪندو رهيو پر هن ٻارن تي به لکيو هن جي ٻارڙن لاءِ لکيل ڪهاڻين ۾ مون کي ائين محسوس ٿيو ته عزيز ڪنگراڻي ٻارڙن جي اندر جي احساسن ۽ سندن سماجي ڪيفيتن کي چڱي طرح پرکيو آهي، جيڪو سندن ڪهاڻين ۾ اسان کي نظر اچي ٿو.

ڊاڪٽر اسحاق سميجو عزيز ڪنگراڻي لاءِ چئي ٿو ته عزيز ڪنگراڻي اٽڪل 20 سالن کان ڪهاڻيون، شاعري، مضمون ۽ ڊرامه لکي رهيو آهي، ڊرامي کانسواءِ ٻين سمورين صنفن ۾ هن ٻارڙن لاءِ به لکيو آهي ته پلي ته هو ادل سومري، اڪبر جسڪاڻي ۽ پرواني سيوهاڻي وانگر ٻارڙن لاءِ نڪرندڙ اڪثر رسالن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن، توڙي جو هن وٽ ٽيوشن پڙهندڙ ٻار توڙي نوجوان هن ۾ موجود مزاح واري حس کان واقف آهن پر هن جي ڪهاڻين تي هن جيءظاهري شخصيت واري سنجدگي وڌيڪ ڇانيل آهي ان جو هڪڙو سبب ته اهو پيغام به چئي سگهجي ٿو ته جيڪر هر ڪهاڻيءَ وسيلي هن ڏيڻ چاهيو آهي ته جيئن پڙهندڙ ٻار ان کي غور سان پڙهي، ان تي عمل به ڪري

بلڪه انهن سمورين ڳالهين کان پاڻ بچائي جيڪي راند روند يا پڙهائي ۾ لاپرواهيءَ سبب سندس توڙي ان جي والدين لاءِ پريشاني جو سبب بڻجن ٿيون، ان کانسواءِ هن وٽ ٻاراڻي ادب لاءِ هڪ پنهنجو نظريو آهي ته ٻاراڻو ادب چاهي کهڙي به ٻولي ۾ سرجيو وڃي اهو ٻار جي ذهني اوسر سندس وندر، ذهني تربيت ۽ سجاڳي لاءِ هوندو آهي، هئڻ گهرجي ۽ اهو ڪجهه ئي عزيز جي هنن ڇهن ڪهاڻين کانسواءِ ٻارڙن لاءِ لکيل هن جي ٻين ڪهاڻين توڙي ٻئي مواد ۾ ملي ٿو. (17)

اسان جي معاشري ۾ ڏنو وڃي ته ٻارن جي تربيت گهٽ ئي نظر ايندي، ڳوٺن اندر ٻارن کي مدرسي جي مولوين حوالي ڪرڻ جو رجحان ڪجهه گهٽو ئي رهيو آهي، جن مان اڪثر مدرسن ۾ ٻارن کي اسلامي تربيت ۽ ديني علم ڪجهه اهڙي ته نرالي نموني ڏنو ويندو آهي جو ٻار شاگرد نه پر ڏوهاري سمجهيو ويندو آهي، جنهن جي مثان تشدد به ٿيندو آهي ۽ اسان ان تشدد کي نظر انداز ڪري پنهنجي ٻارڙن کي اتي مار کائڻ جي حوالي ڪندا آهيون، پوءِ انهن تي اتي جيڪو به ظلم ٿئي، پر هڪ ليکڪ ان ڳالهه تي ضرور آواز اٿاريندو رهي ٿو. هو انهن سڀني رازن تان پردو کڻندو آهي ۽ اسان کي ان اصل ڳالهه جي تصديق پنهنجي ڪهاڻين ذريعي ڪرائيندو آهي. هڪ استاد جنهن جو ڪم نهايت معزز سمجهيو وڃي ٿو، يا اسان جي نظر ۾ اهو پيغمبرانا پيشو آهي پر ان کي جيڪڏهن درست نموني سر انجام ڏنو وڃي ٿو، نه ته اهو پيغمبرانا پيشو معصوم ٻارن لاءِ راڪاس ۽ عذب جي شڪل اختيار ڪري وٺندو آهي، جنهن وٽ ٻار علم حاصل ڪرڻ ته پري جي ڳالهه آهي پر هو ان استاد جي صورت ڏسڻ يا نالو وٺڻ به گوارا ناهن ڪند. جيئن عزيز ڪنگراڻي پنهنجي ڪهاڻي "ضرب ضربا ضربو" ۾ لکيو آهي ته "سائين مولوي محمد الياس جو ڪاوڙ ۾ دڙڪو ٻڌندا هئاسين ته سيئي ماٺ ٿي ويندا هئاسين، چڻ ڪو راڪاس هچي ويو هجي ۽ اجهو اسان کي ڳڙڪائي ويندو!"

هڪ ٻار جيڪو پنهنجي طبيعت ۾ ۽ سوچ ۾ به معصوميت رکندڙ آهي، ان تي جيڪڏهن ڏاڍ ۽ جبر ڪيو وڃي ته هو هن سماج جو معزز انسان نه بڻبو پر هو علم کان، سٺي صحتمند سوچ کي پيدا ڪرڻ، ان کي ناهڻ کان محروم ٿي ويندو. هن جي سکيا جو عمل رڪجي ويندو، اهو اڳتي نه وڌندو. ان ٻار ۾ ڪا به بهتري نه ايندي، هو خوفزده رهڻ لڳندو، ان جو ذهن تخليقي سوچ طرف وڌڻ بجاءِ مايوسين جو شڪار ٿيندو، ٻار جيڪي والدين ۽ استاد وٽان ئي سکڻ جو عمل شروع ڪندا آهن، هو جيئن انهن کي ڏسندا اهو ڪرڻ شروع ڪندا يا

ان عمل جي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهن، پر جڏهن ٻارن ڪي ماحول ئي تنگدستي خوف، تشدد ۽ بيزاريءَ وارو ملي ته اهي ٻار مستقبل ۾ ڇا ٿيندا، اهي اڳتي هلي پنهنجي نئين نسل کي ڇا ڏيندا؟ ان ڳالهه جي عزيز ڪنگراڻي جي ڪهاڻي اسان کي هڪ گهري سوچ ۾ وجهي ٿي ان فڪر تي غور ۽ ويچار ڪرڻ جي ضرورت آهي، لکي ٿو ته مولوي صاحب چٽگيلو به ڏاڍو هو، شل نه ڪو سندس ڪم ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪري پوءِ ته ان لاءِ حشر مچي ويندو هو، هڪ دفعي مان بيمار ٿي پيس شام جو ڪاٺيون ڪرڻ نه ويو مانس، ٻئي ڏينهن بخار سان جيئن ئي مدرسي ۾ ويس ته ڪيائين هم نه تم، ڳچي کان وٺي مدرسي جي پٽين ۾ اُڇلي اُڇلي اڌ مئو ڪري ڇڏيائين، منهنجو بخار ويتر تيز ٿي ويو، ڏڪ ۾ روئڻ لڳس، ته اچي لپاٽ هنيائين ته اکين اڳيان اوندهه اچي وئي هئي، ڪاوڙ ۾ ايندو هو ته وجهندو هو ڪلهي تي رکڻ واري پوتڙي جو اڌ وات ۾ زور سان هٽندو هو لپاٽ، چڻ ڪپر ڪائي وڌو! سڀ ٻار ڪائنس ڏاڍو ڊڄندا هئاسين! (20)

عزيز ڪنگراڻي مذهب جي پرچار ڪندڙ وڏيون دعوائون ڪندڙ انهن ماڻهن جي روين کان هن ڪهاڻي ذريعي واقف ڪرائي ٿو ته ٻارن سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو ٿو وڃي، جيڪو سراسر غلط آهي، استاد جوڪم ٻارن جي تربيت ڪرڻ آهي ڇو ته اڄ جي ان ٻار کي دنيا جي مختلف ماڻهن، اتان جي ڪمن ۽ مختلف شعبن سان واسطو پوندو اهي ئي ٻار سماج جا پيرو ڪار آهن پر انهن جي تعليم انهن جي پرورش، ئي غلط نموني ڪئي وڃي ته اهو ٻار ڪنهن به شعبي ۾ ڪا ترقي نه ڪري سگهندو، بلڪه اهو ٻار احساس ڪمتري جو شڪار ٿي ويندو، عزيز ڪنگراڻي جيئن ته تعليمي شعبي سان وابسته آهي هڪ ۽ ان جون ڪهاڻيون اهو ٻڌائن ٿيون ته هو ٻار سان ڪيترو ويجهو رهيو آهي، عزيز ڪنگراڻي ٻارن لاءِ ئي نه پر وڏن لاءِ به گهڻو ۽ معياري لکيو آهي جنهن جي گواهي سندس لکيل 15 ڪتاب ڏين ٿا جن ۾ "سنڌ پري ٻارن لاءِ" ڪهاڻيون نئون جنم پبليڪيشن حيدرآباد 1999ع "روڳ" ڪهاڻيون روشني پبليڪيشن حيدرآباد 2005ع "تڙ تڙ تي طوفان" شاعري نئون نياپو پبليڪيشن ڪراچي 2005ع "ڪاڇو هڪ اڀياس" انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد، 2009ع اکر اکر آرسي، استاد بخاري جي شاعري جي لغت سنڌي ليئنگويج اٿارٽي حيدرآباد 2009ع سنڌ ٽوئرازم آرڪيالوجيڪل جرني سنڌ ڊولپمينٽ ڪارپوريشن، سياحت ڪاتو سنڌ 2012ع "گورک مٿي چنڊ" شاعري نئون نياپو پبليڪيشن ڪراچي آڪٽوبر 2016ع "تاريخ جا نروار" تحقيقي

مضمون، نئون نياپو پبليڪيشن ڪراچي، ڊسمبر 2016ع ”پيار گرهڻ“ ڪهاڻيون، سارنگا پبليڪيشن حيدرآباد فيبروري 2017ع ” محبتن جو الميو“ نئون نياپو اڪيڊمي ڪراچي 2018ع،”عشق، عقل، استاد“ جوت پبليڪيشن ڪراچي 2018ع، ”اي گلمپس ان تي هسٽري آف سنڌ“ انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي 2019ع، ”انڊس اسڪرپٽ ان اسٽونز“پيڪاڪ پبلشرس ڪراچي ڊسمبر 2019ع، ”دي امپلس نه اڊارن دي آرٽ آف پينڊ ميورلس ان ويسٽرن سنڌ“انڊومينٽ فنڊ ٽرسٽ ڪراچي آڪٽوبر 2020ع.

سنڌي ادب جي ميدان ۾ پنهنجو وٽندڙ لڪٽيون ڏيندڙ شاعر ڪهاڻيڪار ڊرامه نگار عزيز ڪنگراڻي جو جنم سنڌ جي دادو ضلعي جي جوهي تعلقي ڳوٺ حاجي ڪنگراڻي ۾ 4 جنوري 1958ع ۾ ٿيو پاڻ ماسٽرس اسلامڪ ڪلچرل ۾ ڪيائين. ان ڪانسواءِ بي ايڊ جي ڊگري به حاصل ڪئي، اٿس، پاڻ اڄ تائين سنڌ ادب جي واڌاري لاءِ ڪوششون ڪندو رهي ٿو.

<u>غلام مصطفيٰ سولنگي</u>

ٻارن جي مشهور ڪهاڻيڪار غلام مصطفيٰ سولنگي جو جنم 8 مارچ 1976ع ۾ ڀان سيد آباد ۾ احمد خان سولنگي جي گهر ۾ ٿيو، هن کي ننڍپڻ کان وٺي ڪيس لکڻ جو شوق هو، گل ڦل سميت سنڌي ۾ ڇپجندڙ اڪثر رسالن ۾ سندس ڪهاڻيون شايع ٿينديون رهيون آهن، غلام مصطفيٰ سولنگي سنڌي ادبي سنگت شاخ حيدرآباد جو سيڪريٽري رهيو آهي، هو علمي ادبي سرگرمين جي حوالي سان انتهائي متحرڪ رهيو آهي، حيدرآباد ۾ هن جيتريون سرگرميون رهيون آهن ڪو ٻي به نه ٿو ڪري سنگت شاخ حيدرآباد ٻاران به هن سنگت جي نالي سان علمي ادبي رسالو جاري ڪيو هو، جڏهن ته سنڌ رائيٽرس فورم جي نالي سان هڪ ادبي تنظيم جوڙي هن سنڌي ٻولي توڙي، سنڌي ادب جي ترقيءَ لاءِ تمام وڏو ڪم ڪيو آهي، هن ٻارن لاءِ گل ڦل رسالي ۾ ناني نوران جي آکاڻي جي عنوان سان سلسلواري ڪهاڻيون لکيون جيڪي انتهائي دلچسپ هيون اهو ئي سبب هو جو هنن ڪهاڻين کي ٻارن ۾ تمام وڏي مقبوليت ملي هئي، جن کي اڳتي هلي 2017ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ٻاران ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو ويو، غلام مصطفيٰ سولنگي ٻاراڻي ادب لاءِ مسلسل ڪم ڪيو آهي، هن سنڌي ٻاراڻي شاعري جي اينٿالاجيءَ جي عنوان سان زبردست تاريخي حيثيت رکندڙ ڪتاب لکيو اٿس، جنهن کي سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ جي

ٻاراڻي ادب واري شعبي پاران ڇپايو ويو.

”ٻارن لاءِ لکيل سلسلوار ڪهاڻي“ ”ناني نوران جي آڪاٽي“ ٻارن ۾ بيحد مقبول ٿي، هي ٻارڙن لاءِ نڪرندڙ ٻن رسالن ”ڪنول“ ۽ ٻارڙن جي ٻاريءَ جو ايڊيٽر پڻ رهيو آهي ۽ مختلف اخبارن ۾ رم جهم ۽ مکڙيون جي نالن سان ٻارڙن لاءِ صفحا پڻ ترتيب ڏنا، هو چلڊرن ادبي بورڊ پاڻ سيد آباد جو چيئرمين پڻ رهيو آهي. (28)

غلام مصطفيٰ سولنگي ٻاراڻي ادب جو نرالو نانءُ آهي، هن سنڌ راڻي پبليڪيشن جي نالي سان هڪ اشاعتي ادارو قائم ڪري ان پاران پڻ ڪيترائي ڪتاب ڇپرايا آهن، هن اداري پاران مشهور عوامي شاعر استاد بخاريءَ جي ٻارن لاءِ لکيل گيتن جو ڪتاب پڻ ڇپيو آهي، جڏهن ته ٻارڙن لاءِ ماهوار رسالو پڻ ڇپجي ٿو، سندس شاعريءَ جو ڪتاب پئسو لڌم پٽ تان، 2016ع سنڌ راڻي پبليڪيشن پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي، جيڪو پڻ وڏي اهميت رکي ٿو، هن جي محنت ۽ لڳن جو پورهيو سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت رکندڙ آهي، هن پنهنجي جدوجهد سان پنهنجو پاڻ مڃرايو آهي، هن مشهور شاعر محمد صديق مسافر جو ڪتاب اسيمبلي جو راڳ مرتب ڪري ڇپايو آهي، جنهن مان غلام مصطفيٰ سولنگي جي ٻاراڻي ادب لاءِ ڪيل جفا ڪشي ظاهر ٿئي پئي، هن کي خدمتن جي عيوض ڪافي ايوارڊ ۽ انعام ملي چڪا آهن.

زيب سنڌي پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو ته هڪڙي هئي ناني نوران جيڪا دادو شهر جي پرسان هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ رهندي هئي، اها ناني نوران ڏاڍي سباجهي ٻڍڙي عورت هئي، جيڪا ڳوٺ جي سڀني ٻارن کي ڏاڍو پيار ڪندي هئي، رات جي وقت سندس گهر توڙي ڳوٺ جا ٻيا ڪيترائي ٻار ڪانئس آڪاٽيون ٻڌڻ لاءِ اچي ناني نوران جو پاسو جهليندا هئا، اونهارو هوندو هو ته ناني نوران سڀني ٻارن کي گهر جي پٽر ويهي آڪاٽيون ٻڌائيندي هئي ۽ سياري ۾ وري ٻارن کي سيءُ کان بچائڻ لاءِ ڇپري هيٺيان مچ ٻاري، ٻارن کي مچ جي چوڌاري ويهاري آڪاٽيون ٻڌائيندي هئي.

ٽيهارو سال اڳ جڏهن ناني نوران ٻارن کي اهي آڪاٽيون ٻڌائيندي هئي تڏهن ڳوٺ جي انهن جي ڪيترن ٻارڙن ۾ هڪڙو ٻار غلام مصطفيٰ سولنگي به شامل هوندو هو، غلام مصطفيٰ سولنگي کي ٻارن سان پيار ڪرڻ پنهنجي ابي امڙ ڪانسواءِ ناني نوران کان به ورثي ۾ مليو آهي، اهو ئي سبب آهي ته غلام مصطفيٰ سولنگي نه فقط ٻارن لاءِ لکندو رهيو آهي پر ٻارن جي ادب کي هڙان وڙان خرچ ڪري ٻارن تائين پهچائڻ جو بندوبست ڪري ان لاءِ وڏي جاکوڙ

ڪندو رهيو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري الهڏتو وگهيو لکيو ته سنڌي ٻاراڻي ادب کي وڌائڻ ۾ وڏي جڳ جي نانين جو وڏو ڪردار رهيو آهي، جن لوليءَ جي صورت ۾ لوڪ گيت ۽ آکاڻين جي روپ ۾ لوڪ داستان ئي ڏنا آهن ۽ گھڻي حد تائين ٻارن انهن نانين جي آکاڻين ۽ لولين جو اثر قبول ڪري، سنڌي ادب ۾ ٻاراڻو ادب لکي پنهنجو نالو روشن ڪيو آهي، اهڙن ليکڪن ۾ غلام مصصطفيٰ سولنگي به شامل آهي.

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي

انسان اهو جي لوچي ۽ پنهنجي محنت جي زور تي پنهنجي شخصيت کي مڃرائي اهڙن ليکڪن ۾ ڪيئي نالا اچي وڃن ٿا، جدوجهد ان جو نالو آهي ته ماڻهو ويهي وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪري خالي حوال ڪاڻي اجاين سجاين ڪمن ۾ پنهنجو وقت وڃائي پر انسان جي اصل جدوجهد اها آهي ته پنهنجي محنت سان سچائي سان خلوص سان پنهنجو ڪم ڪندو رهي ۽ ٻين کي ان مان فائدو پهچائي ڪم اهو آهي، جيڪو نظر اچي پر جيڪڏهن ڪم لکڻ پڙهڻ جو هجي ۽ مسلسل ان کي پنهنجو فرض سمجهي ڪندو هجي ته اهو جدوجهد سڏرائبو انسان جا هن سماج ۾ ڪيترائي بنيادي حق آهن جن کي اهو حاصل ڪرڻ لاءِ لوچيندو رهندو آهي، جيئن صاف سٿري خوراڪ بجلي جي سهولت، صحت جي سهولت ۽ سڀ کان وڌيڪ اهم ۽ ضروري تعليم جيڪو هر ماڻهو جو تعليم حاصل ڪرڻ حق آهي ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ هو ڏينهن رات ڪوششون ڪندو رهندو آهي، اسان جي هن معاشري ۾ انيڪ اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي پنهنجي نيڪ نيتي سان علم جي پچار ڪندا رهيا آهن، انهن جاکوڙي ۽ محنتي انسانن ۾ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي به هڪ آهي، جنهن هڪ ئي وقت ٻاراڻي ادب کي ڏهه ڪتاب ڏئي پنهنجو فرض پورو ڪيو آهي.

غلام مصطفيٰ جو جنم 01 آگسٽ 1971ع ۾ غلام حيدر سولنگي جي گهر ۾ ڳوٺ سهتا، تعلقو ڳڙهي ياسين، ضلعو شڪارپور ۾ ٿيو، هن جي ادبي سڃاڻپ ڪهاڻيڪار، محقق، پروڊيوسر ۽ ٻارن جي ليکڪ طور ڪئي وڃي ٿي، هن پي ايچ ڊي به ٻارڙن جي رسالي گل ڦل جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو جي عنوان تحت 2019ع ۾ ڪئي، جنهن مان سندس ٻارڙن سان دلي لڳاءُ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، هن جي لکڻين ۾ عقلمند قاضي ٻارن لاءِ ڪهاڻيون 1990ع، ”مايوس چوڪريءَ جي آکاڻي“ ٻارن لاءِ 1992ع سياڻو شاگرد ٻارن لاءِ ڪهاڻيون

2001ع ، "ٽي ڪارڪون" ٻارن لاءِ 2001ع، "اسلامي رياست ۾ تعليمي نظام" 2001ع، عورتن خلاف تشدد 2012ع، ڳائيندڙ ڪنپ 2014ع، "پوپٽ" ٻارن لاءِ ڪهاڻيون 2019ع، موتين هار 2019ع، نرالو مضمون 2019ع، ننڍڙي سائي ريل ٻارن لاءِ ناول 2019ع، "بابا جي دعا" ٻارن لاءِ 2019ع، آخري ڪلاس ٻارن لاءِ 2019ع، "جهرڪي جو ٻچڙو" ٻارن لاءِ 2019ع، "ڪارڪ ۽ واليا جي عجيب و غريب مهم " ٻارن لاءِ 2019ع، ٻارن سان ڳالهيون 2019ع، اسلام ۾ تفريح جو تصور، 2020ع، مسلمان عورت 2020ع،

Pakistan Ties with xontaral Asia,1994
Sindhic English Sindhi Dictionary,1996
Sindhica Advanced Dictionary, 2006
Sindhica Satndard English ,2008
Sindhical Advanced Dictionary ,2013

سنڌي ٻاراڻي ادب جو ليکڪ خالد پٺي لکيو آهي ته ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي هڪ وڏي عرصي کان ٻارن لاءِ مختلف موضوعن تي لکندو پيو اچي، خاص ڪري گلن جهڙن ٻارڙن لاءِ ڪهاڻي لکڻ جو ڏانءُ ته ڪيس واهه جو ايندو آهي.

پاڻ ٻارن لاءِ جيڪي ڪهاڻيون لکيون اٿس تن کي پڙهيو ويو آهي، پسند به ڪيو ويو آهي، ۽ سندس ڪوشش کي ساراهيو به ويو آهي، ان مان ان ڳالهه جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سندس ڪهاڻيون سگهاريون آهن ۽ هو پنهنجي ڳالهه اثرائتي انداز ۾ پيش ڪرڻ جو فن به سٺي نموني ڄاڻي ٿو.

مان سمجهان ٿو ته ڪنهن به انسان جي اصل خدمت قلم جو پورهيو آهي، اهو پورهيو وري ٻارڙن لاءِ ڪيو وڃي ته پوءِ اها اعليٰ خدمت آهي، هن ڪتاب ۾ شامل ڪيل ڪهاڻيون به ٻارن جي دلچسپيءَ ۽ شوق وٽان آهن ۽ سندن لاءِ نصيحت جو پڻ سامان پريل آهي، انهن ڪهاڻين ۾ ٻارڙن جي مسئلن ۽ سرگرمين کي اهڙي ته انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي، جو هر ڳالهه دل ۽ ذهن جي گهرائي ۾ لهي وڃي ٿي، مان اڪثر ڪهاڻيون پڙهندي پڙهندي بيهجي ٿي ويس ۽ اهو ئي پئي سوچيم ته ڇا ٻيا ليکڪ به ٻارڙن لاءِ ائين لکندا آهن (..)

غلام مصطفيٰ سولنگي ٻارن جي مزاج کي سمجهندي ٻارن ۾ ڪتاب پڙهڻ جو شوق ڏيارڻ لاءِ ڪهاڻيءَ ۾ ٻارن جي ڪردار کي ڪاريگريءَ سان

ڪتاب پڙهڻ ۽ جيڪي ٻارن لاءِ لکي رهيا يا لکندا، رهن ٿا، انهن جي محنت طرفان ڌيان ڏيڻ جي ڳالهه ڪري ٿو، هڪ ڪهاڻي خاص نمبر ۾ لکي ٿو ته ڏس ته هو ويچارا اسان لاءِ ڪيتري محنت ڪن ٿا، صادق اوچتو چيو

واقعي يار! پر اسان جا سنڌي ٻار ته سنڌي رسالا مورڳو پڙهن ئي ڪو نه " ڪريم افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته ڪجهه سوچيندي صادق وري چيو" "سپاٽي هيئن ٿا ڪريون جو پنهنجي اسڪول جي ٻارن کان پنج پنج رپيا وٺي ڪجهه ڪاپيون گهرايون ٿا؟"

تجويز ڏاڍي سٺي آهي سپاٽي تون ۽ مان ائين ئي ڪنداسين " ڪريم انهن کي تاڪيد ڪندي چيو ته مان وري چيو اهو ڏاڍو سٺو ٿا ڪريون ائين ڪرڻ سان اسان جي سنڌي ٻارڙن ۾ ادبي سجاڳي پيدا ٿيندي، اهي گهٽي کان گهٽي معلومات حاصل ڪندا ۽ ڪهاڻيون پڙهي مستقبل جا وڏا ليکڪ بنجي ويندا ۽ پنهنجي سنڌي ٻولي جي خدمت ڪندا" (....)

غلام مصطفيٰ سولنگي جي ڪهاڻين ۾ اسلوب ۽ جملن جي بيهڪ ٻوليءَ جو استعمال هر طرح تي ٻارن جي معيار جو آهي، جنهن مان سنڌ جا ٻار گهڻو ڪجهه سکندا.

هڪ روشن خيال با شعور ليکڪ عبدالجبار آزاد منگي جنهن ٻارن لاءِ ڪهاڻيون لکي، ٻارڙن جي دنيا ۾ پنهنجو نالو متعارف ڪرايو، هن ٻارن جي فڪري اوسر لاءِ تمام دلچسپ ۽ نصيحت آميز ڪهاڻيون لکيون، جبار آزاد ٻارن جي شرارتن کي نظر ۾ رکندي، پهريان "ٺمون شرارتي" کي پڙهندڙ جي اڳيان هڪ ڪردار جي صورت ۾ آندو جنهن کي حرڪتي ڏيکاريو ويو ان جي عجيب و غريب حرڪتن تي خوب لکيو ويو پوءِ اهو ڪالم ڪهاڻين جو سلسلو ته ساڳيو هلندڙ هو پر ڪردار جو نالو ٺمون مان "ڊانبو عرف ڊز" رکيو ويو، جنهن جون حرڪتون لاءِ جواب رهيون عبدالجبار آزاد جو ٻارڙن جي ڪهاڻين لکڻ جو مقصد ٻارن ۾ شعور ڏيڻ تعليمي معيار کي اڀارڻ، شرارتن جي نقصان کان واقف ڪرائڻ سان گڏوگڏ انهن جي بهتر نموني تربيت ڪرڻ هو، جبار ڪهاڻيون لکندو ٻارن کي حرڪتن جي نقصان کان باخبر ڪندو رهيو، جنهن مان عبدالجبار جي ٻارن سان ويجهڙائي جو اندازو چڱي نموني لڳائي سگهجي ٿو ته انهن گلڙن جهڙن ٻارن سان هن جي ڪيتري نه محبت آهي، هو انهن کي رول شرارتي نه پر سٺو با ادب اخلاق تميز وارو سلڇڻو ۽ محنتي ٻار ڏسڻ چاهي پيو، هي ٻارن جي نفسيات کان بخوبي واقف آهي، تڏهن ته سالن جا سال ڪالم ڪهاڻيون لکندو رهيو.

عبدالجبار آزاد منگي جي ٺمون شرارتي لاءِ منصور ٿلهو پنهنجي راءِ ڏيندي لکيو ته عبدالجبار آزاد منگي جي ڪتاب ٺمون شرارتي جو مرڪزي ڪردار ٺمون جيڪو اکر "ش" شرارت کا اڻ واقف هوندي به اهڙيون شرارتون ڪري ٿو، جو پڙهندڙن کي ٺهڪ ڏياري ٿو، ٺمون جنهن معاشري ۾ رهي ٿو ان جي آس پاس اهڙا ڪردار گذرن ٿا، جيڪي معاشري ۾ ناسور ۽ تباهي جا ڪارڻ آهن، انهن کي مزاح جي انداز ۾ چٽو ڪندي ڏيکاريو ويو آهي، ان سان گڏ سجاڳي وارو سڏ پڻ ڏئي ٿو، سرڪاري اسڪول ۾ گوسڙو استاد جي ڪردار کي وائکو ڪرڻ ڪاپي ڪلچر سان تعليم جي تباهي تي ٺمون جي ٺوڪ ۽ ٺٺول ڪرڻ جو انداز حقيقت وارو آهي، ٺمون جون شرارتون چڻ نصيحتون آهن. (28)

عبدالجبار آزاد منگي سٺو ڪهاڻيڪار، ريڊيو ڪمپيئر، ڊراما نويس، شاعر، لطيف شناس پڻ آهي، صحافت ۽ ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جي خبرن واري شعبي سان وابستا رهيو، هن ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي تان سنڌ جي تاريخ تهذيب، تمد ن ۽ ٻوليءَ تي مشتمل پروگرام "سنڌ رنگ کي ويهن سالن تائين ڪري ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جي تاريخ ۾ ڊگهي ۽ وڏيڪ عرصو

پروگرام ڪرڻ جو رڪارڊ ٺاهيو، ان ڪانسواءِ شاعرن جي سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي فن ۽ فڪر تي مشتمل پروگرام ”روح رهاڻ به سندس محنتن سبب ڪامياببيون ماڻي چڪو آهي.

عبدالجبار آزاد منگي ولد عبدالرحيم منگي جو جنم 18 مارچ 1962ع تي نصير آباد، ضلعي قمبر-شهدادڪوٽ ۾ ٿيو، سندس قلمي پورهئي ۾ سنڌي ادب جو واڌارو ڪندڙ ڇهه ڪتاب جن ۾ ”لفظ هوا ۾ خوشبو“ ريڊيو اسڪرپٽ، ”اندر ڪارو ڪانءُ“، ڪهاڻيون، ”ٽمون شرارتي،“ ٻارن لاءِ ڪالم ڪهاڻيون، ”تعلقي نصير آباد جي جاگرافي“ ”انت بحر عميق جو“ تعلقي نصيرآباد جي ڪلاسيڪل شاعر نور باداڻي جي شاعريءَ جو ڪتاب سهيڙڻ، ”اي عشق جو آواز“، ريڊيو اسڪرپٽ شامل آهن.

خالد ڀٽي

شڪارپور جنهن ڪي ماضيءَ ۾ سنڌ جو پئرس سڏيو ويندو هو، سنڌ جي ان نرالي شهر شڪارپور لاءِ ئي شيخ اياز چيو هو ته شڪارپور شهر نه پر هڪ ڪيفيت جو نالو آهي، شڪارپور جي سڃاڻپ جا انيڪ حوالا آهن، جن کي هتي بيان ڪرڻ لاءِ سڄي ڄمار گهرجي، شڪارپور هڪ جادونگري ۽ طلسمي شهر آهي، هي خوشبوئن ۽ سونهن جو شهر آهي، زندگيءَ جي مڙني شعبن جي حوالي سان هن شهر اڻ ڳڻيا معروف ۽ مشهور ملهائتا ماڻهو هنڌ سنڌ ڏيهه، پرڏيهه کي سونهان ڪرايا آهن.

شڪارپور علم ادب جي ميدان ۾ پاڻ ملهائيندي رهي آهي، هن شهر جي ٻولي سپڪ، سولي ۽ سهڻي، ”من“، ”ادل“، ”ني“ جهڙا پيارا ۽ ٻاجهارا ٻول هن شهر جي سڃاڻپ آهن.

اڄ به شڪارپور علم ادب جي ميدان ۾ پوئتي ناهي وقت بوقت شڪارپور جا عالم، اديب، مورخ، محقق، شاعر پنهنجي محبوب شهر کي مهانتا ۽ عظمت بخشي علم ادب جا ڏيئا روشن ڪندا پيا اچن بلڪه آءُ اهو ئي چوندس ته اها عزت ۽ آبرو انهن کي شڪارپور عطا ڪري ۽ بخشي ٿي.

شڪارپور جي مٽيءُ مان جنم وٺندڙ اديب سنڌي ادب جي قافلي جو ڄاتل سڃاتل نالو خالد ڀٽي به آهي، جنهن جي سڃاڻپ ٻاراڻو ادب ۽ ترجمي نگاري آهي، ٻاراڻي ادب ۾ سندس ڪيل خدمتون ڪنهن کان لڪل ناهن، شڪارپور مان نڪرندڙ رسالا، گلڙا، خرچي، سونهن، سنگتي خالد ڀٽيءَ جي سڃاڻ جا حوالا آهن ڇو ته انهن رسالن جو ايڊيٽر ٿي رهيو آهي، خالد ڀٽي

فطرت سان پيار ڪندڙ آرٽسٽڪ ذهن رکندڙ ۽ مائيٽي شخصيت آهي، جيڪو پارن لاءِ اڄ به لکندو رهي ٿو.

هن شڪارپور جي مشهور ليکڪ، ڪهاڻيڪار، مترجمه خالد پٽي جو جنم پهرين سيپٽمبر 1968ع تي شڪارپور ۾ ٿيو هو، سندس پورو نالو خالد سيف الله ولد محمد مراد آهي، پرائمري کان انٽرميڊيٽ تائين تعليم شڪارپور مان حاصل ڪيائين. جڏهن ته شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس مان ايم اي اسلامڪ ڪلچر ۾ پاس ڪيائين، ننڍي هوندي کان ئي کيس لکڻ جو شوق هو، ڪيترائي ڪتاب ترجما ڪري ڇپائيندو رهيو آهي، هن مختلف ٻولين جي ٻاراڻي ادب مان ٻارن جي دلچسپي واريون ڪهاڻيون ۽ مضمون ترجمو ڪري ڇپرائي سنڌي ٻاراڻي ادب کي مالا مال ڪندو رهيو اهي، شڪارپور جي مشهور ڪتابن جي ڇپائي واري اداري مهراڻ اڪيڊميءَ سان هڪ وڏي عرصي کان وٺي سلهاڙيل آهي، هن اداري ٻاران سنڌ جي تاريخ تهذيب ۽ مذهبي حوالي سان انتهائي ڪارائتا ڪتاب ڇپرائڻ جي حوالي سان سندس ساراهه جوڳيون خدمتون رهيون آهن، هن جون تحريرون سنڌيءَ ۾ ڇپجندڙ رسالن ۽ اخبارن ۾ مسلسل ڇپجنديون رهيون آهن، سندس ڪتابن ۾ ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ، ڪهاڻيون مونولاگ، ”روشني روشني“ ٻارن لاءِ ترجمو ٿيل ڪهاڻيون ۽ واندڪائي جي ونڊر ٻارن لاءِ لوڪ ادب، ”سچا ٻول“، نبي سڳوري جا قول، ”گلن جون ڳالهيون“ ٻارن لاءِ ترجمو ٿيل ڪهاڻيون، ”نصيحت ڀريون ڪهاڻيون،“ ٽي حصا، ”شيطان جون شرارتون،“ ڪهاڻيون، ”ڇئن سالن جو پوڙهو،“ ٻارن جون آکاڻيون، ”احساس،“ آکاڻيون، ”صحبت جو اثر،“ ڪهاڻيون ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن.

خالد پٽي سنڌي ادب جو انتهائي متحرڪ ڪردار آهي، هن ڪيترائي ڪتاب ۽ رسالا شڪارپور مان ايڊٽ ڪري ڇپرايا آهن، سنڌي ادبي سنگت شڪارپور ۽ ٻين علمي ادبي تنظيمن ٻاران ٿيندڙ مختلف علمي ادبي پروگرامن ۾ شريڪ ٿيندو رهيو آهي، خالد پٽي جي علمي ادبي خدمتن جو رڪارڊ تمام گهڻو وسيع آهي، هو ٻارن جو مقبول ڪهاڻيڪار آهي، ساٿي رائٽرس ايوارڊ سميت مختلف ادارن ٻاران کيس علمي ادبي خدمتن عيوض انعامن سان نوازيو ويو آهي، هو هڪ وڏي عرصي کان وٺي فرض شناس استاد جي حيثيت سان خدمتون سر انجام ڏيندو رهيو آهي.

## باب چوٿون

ٻاراڻين ڪهاڻين جي مجموعن جو اڀياس

نصحيت مان مراد آهي، رهنمائي ڪرڻ، اهڙي هدايت جنهن ۾ ٻڌايل هجي ته ڪهڙي شيءِ توهان لاءِ فائديمند آهي ۽ ڪهڙي ڳالهه مان توهان کي نقصان پهچندو نصيحت هميشه ٻين جي رهنمائي عقلمند ۽ ڏاهن انسانن پاران وڏن يا ننڍڙن ٻارن  کي ڪئي ويندي آهي ته جيئن هو نقصان يا ڪنهن برائي کان بچي سگهن، ان ڪيل نصيحت مان ڪين فائدو پهچي جيڪڏهن ڪو وڏو يا سياڻو نصيحت ڪري ٿو ته ان کي انهي جي شفقت ۽ محبت شامل هوندي آهي، اڪثر ماڻهو ۽ ٻارڙا پنهنجي وڏن جي نصيحت کي ڌيان سان ٻڌندا آهن ۽ انهن تي عمل ڪندا آهن، جنهن سان هنن جي پريشانين ۾ گهٽتائي ايندي آهي ۽ پيش ايندڙ مسئلن کي سولائي سان منهن ڏئي سگهندا آهن، يا ائين چئجي ته نصيحت تي عمل ڪندي انهن کي فائدو پهچندو آهي، ڪجهه اهڙا نادان ٻار هوندا آهن، جيڪي ٻين جو چوڻ ناهن وٺندا، جيڪڏهن ڪو وڏو ڪا ڳالهه چوندو ته هو ان کان نٽائيندا اگر جيڪڏهن ڪجهه ٻڌندا به ته هڪ ڪن کان ٻڌ ٻئي کان ڪڍي ڇڏيندا آهن پوءِ ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي ته ٻارڙا ڪيترن ئي مصيبتن ۽ پريشانين ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن ۽ مشڪلاتن جو منهن ڏسندا آهن، سنڌي ادب جي ناميارن ليکڪن ٻارن کي هدايت ڪرڻ لاءِ انهن لاءِ تمام سٺيون ڪهاڻيون لکيون جن ۾ حسنائتي انداز ۾ ڪهاڻين جي ذريعي ٻارن کي نصيحت ڪئي.

ڊاڪٽر اياز قادري

ڊاڪٽر اياز حسين قادري جو جنم 1927ع ڏاري ميان جي ڳڙهي تعلقي قادري پاڙي، لاڙڪاڻي ۾ غلام سرور فقير جي گهر ۾ ٿيو، سندس والد تعليم کاتي ۾ آفيسر ۽ غزل جو سٺو شاعر پڻ هو ان کانسواءِ هن جو صحافت ۾ پڻ ڪافي خدمتون هيون، اياز اڃا ننڍو پنجن سالن جو هو ته سندس والد وفات ڪري ويو، جيئن ته اياز قادريءَ جو نانو حاجي زوار حڪيم فقير ميان علي محمد

قادري، پڻ غزل جو استاد شاعر ۽ سنڌ شاعريءَ جي پهرين رسالي گلدسته جو ايڊيٽر هو، سندس ڪتاب ديوان قادري سنڌي ادب جو املهه سرمايو آهي، اياز قادري تي به پنهنجي خاندان جو اثر ٿيو، جنهن جي نتيجي ۾ هو هڪ غزل جو بهترين شاعر ٿي اڀريو هن ڪي غزل صنف تي وڏو عبور حاصل هو، تنهن ڪري پاڻ پي ايڇ ڊي به سنڌي غزل جي اوسر عنوان تي ڪيائين جنهن ۾ هن غزل جي حوالي سان نهايت تفصيل سان بحث ڪيو آهي، ڊاڪٽر اياز قادري جيئن ته بنيادي طرح هڪ  شاعر هو پوءِ هن نثر ۾ به پاڻ ملهايو، هن جو سنڌي ۾ لکيل ڪهاڻيون اعليٰ پائي جون آهن، جنهن ۾ بلو داد ا تمام گهڻي شهرت ماڻي ۽ ان کان  سواءِ سنڌ جا ناليوارا ڪهاڻيڪار گهڻو متاثر ٿيا ۽ ان جي طرز تي غلام رباني آگري شيدو ڌاڙيل ۽ جمال ابڙي ”پشو پاشا“ لکي.

ڊاڪٽر اياز قادري ٻارن جي لاءِ پڻ ڪهاڻيون لکيون، جن ۾”پرين جون ڪهاڻيون“ لکيو، جنهن کي 1981ع ۾ سنڌي ادبي  بورڊ ڄام شورو ڇاران ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو، ڊاڪٽر اياز قادري جي ڪهاڻين ۾ بلاغت ۽ سلاست جو اندازو ڪهاڻين مان لڳائي سگهجي ٿو، اياز قادري لکي ٿو ته اڄ کان گهڻو وقت اڳ جي ڳالهه آهي ته هڪڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ هڪڙي ڇوڪري ۽ ان جي ماٽيلي ماءُ رهنديون هيون، ڇوڪريءَ جو پيءُ مري ويو هو، ان کي ٻيو ڀاءُ يا ڀيڻ، مٽ يا مائٽ ڪو نه هو، هن جي ماٽيلي ماءُ ڏاڍي سخت دل بي رحم هئي، سڄو ڏينهن ڇوڪريءَ کان ڪم ڪار ڪرائيندي هئي ڇوڪري صبح جو سوير اٿي گهر کي ٻهاري ڏيندي هئي، ڳئون کي ڏهندي ۽ ڏڌ ولوڙيندي هئي، کوهه تان پاڻي ڀري ايندي هئي، ماني پچائيندي هئي، ڪپڙا ڌوئيندي هئي ۽ گهر جو ٻيو ڪم ڪار ڪندي هئي، ان  هوندي به هن جي ماٽيلي ماءُ هن مان خوش نه هئي، هن جي ماٽيلي ماءُهن کي ڪڏهن ڪڏهن اهڙو ڪم چوندي هئي جيڪو هن جي ڪرڻ کان ٻاهر هوندو هو ۽ هوءَ نه ڪري سگهندي هئي، ته هن جي ماٽيلي ماءُ هن کي گهڻ وڌ ڳالهائيندي هئي ۽ ماريندي هئي.

ڊاڪٽر اياز قادري جو ٻارن لاءِ لکيل هڪ ٻيو ڪتاب نصيحت ڀريون ڪهاڻيون آهي، اهو ڪتاب به سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري طرفان پبلش ٿيو، جنهن جو پهريون ڇاپو 1981ع شايع ٿيو، جنهن ۾ 55 نصيحت آميز ڪهاڻيون شامل آهن، جن جي ٻولي سادي ۽ سولي آهي، ڪهاڻي ذريعي ٻارن لاءِ هڪ بهترين سمجهاڻي ڏنل آهي، جنهن سان پڙهندڙ ضرور لاڀ ماڻيندا.

ڊاڪٽر اياز قادري هڪ ڪهاڻي بگهڙ ۽ ٻگهه پکي هڪڙو بگهڙ کي شڪار ڪائيندي نڙي ۾ هڏو اٽڪي پيو، گهڻي ڪوشش ڪيائين ته هڏو ٻاهر نڪري

پرهڏو ڀاهر نه نڪتو، بگهڙ سور ڪان دانهون ڪندو جهنگ ۾ ڦرندو رهندو هو، جيڪو جانور هن سان ملندو هو تنهن کان نڙي مان هڏو ڪڍڻ لاءِ منٿون ڪندو هو ۽ کين چوندو هو ته جيڪو به منهنجي نڙيءَ مان هڏو ڪڍندو تنهن کي مان وڏو انعام ڏيندس، مگر ڪو به جانور بگهڙ جي وات مان هڏي ڪڍڻ جي همت نه ڪندو هو، هڪڙي ٻگهه جڏهن بگهڙ جي واتان انعام جي ڳالهه ٻڌي ته ان کي لالچ ٿي، بگهڙ جي وات ۾ پنهنجي ڊگهي ڳچي وجهي هڏو ڪڍي ورتائين، پوءِ انعام جي گهر ڪيائين (2)

بگهڙ کلي ٻگهه کي چيو اي لالچي تو جڏهن پنهنجي ڳچي منهنجي وات ۾ وڌي هئي ان وقت تنهنجي زندگي منهنجي هٿ ۾ هئي مون توکي تنهنجي زندگي کان وڌيڪ به ٻيو انعام آهي ڇا! جو تو انعام جي گهر پيو ڪرين؟

سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري انعام الله شيخ، ڊاڪٽرایاز قادريءَ جي ڪهاڻين بابت راءِ ڏيندي لکي ٿو ته ”نصيحت ڀريون ڪهاڻيون“ ٻارڙن لاءِ نصيحتن تي ٻڌل ڪهاڻين جو مجموعو آهي، هن مجموعي جي ليکڪ مرحوم اياز قادريءَ ڪهاڻين جو معيار ٻارڙن جي ذهني سطح کي نظر ۾ رکي تيار ڪيو آهي، ڪهاڻين جي مطالعي کانپوءِ خبر پوي ٿي ته هنن ڪهاڻين ۾ نصيحت ڀريل نڪتن سان گڏوگڏ وندر ورونهن ۽ تفريح جو عنصر به شامل آهي، جنهن سان ڪهاڻيون هيڪاري مزيدار ۽ دلچسپ بڻجي پيون آهن، هن دلچسپ ۽ معلوماتي ٻاراڻي ڪتاب ۾ 55 ڪهاڻيون شامل آهن، جن کي پڙهڻ کانپوءِ ٻار سوين نصيحت ڀريون ڳالهيون هينئين سان هنڊائيندا آهن ۽ گڏوگڏ ڪهاڻين جي موهه ۾ موهجي ويندا آهن.“ (3)

ڊاڪٽر اياز قادري جون لکيل ڪهاڻيون پڙهندڙ جي سوچ کي تبديل ڪرڻ ۽ ان جي فڪر کي وڌائڻ جو ڪم ڏين ٿيون هن جي لکڻين ۾ اهڙي ته ڏات سمايل آهي، جو هڪ ننڍڙي ڳالهه ۽ ان گهرائي ان فهم وڏو آهي، جنهن مان ٻارن سان گڏ وڏا به گهڻو ڪجهه پرائن ٿا.

ڊاڪٽر اياز قادري جي ڪهاڻين لاءِ سنڌ جو جاکوڙي ليکڪ يوسف سنڌي لکي ٿو ته اياز قادري سنڌ جي انهن اعليٰ پايه جي ڪهاڻيڪارن مان هو جن ڪهاڻيءَ کي سماجي حقيقت نگاري جي حوالي سان اهم موڙ ڏنو. (4)

ڊاڪٽر اياز قادري پنهنجي ڪهاڻين ۾ ٻارن لاءِ اهڙيون ته نصيحت ڀريون هدايتون ڏنيون آهن جو هر هڪ ڪهاڻي مان اڳ سبق ملي ٿو، هن جي ڪهاڻي چار ڊگا ۽ شينهن ۾ لکي ٿو ته هڪڙي ٻيلي ۾ چار ڍگا رهندا هئا، جن جي پاڻ ۾ ڏاڍي محبت هوندي هئي اٿندا گڏ هيا، ويهندا گڏ هيا، گهمندا ڦرندا

ڪائيندا پيئندا گڏ گڏ وتندا هيا، مطلب هو هڪ ٻئي کان پري يا ڌار نه ٿيندا هيا، انهيءَ ٻيلي ۾ هڪ شينهن به رهندو هو، جيڪو هر وقت چاهيندو هو ته ڍڳن کي کائي ڇڏي مگر ڍڳن ۾ ايڪو اتحاد، محبت ايتري هئي جو شينهن جي همت نه ٿيندي هئي ته هو انهن تي حملو ڪري، شينهن جاٽي پيو ته اڪيلي سر ڍڳن جو مقابلو نه ڪري سگهندم، هڪڙي ڏينهن شينهن سوچي ٿو ته جيڪڏهن ڍڳن کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪيان ته هنن جي طاقت ڪمزور ٿي ويندي ۽ پوءِ هڪ هڪ کي جدا جدا مارڻ سولو ٿي پوندو، اهو شينهن پنهنجو پاڻ سان فيصلو طئي ٿو ڪري هي ڍڳن سان دوستي ٿو ڪري ۽ انهن کي پنهنجو سچو دوست مڃڻ لاءِ يقين ڏيارائي ٿو، وقت گذرڻ سان ڍڳن جي شينهن سان پڪي دوستي ٿئي ٿي ته هو ڍڳن کي هڪ ٻئي جي خلاف ڪرڻ لاءِ انهن کي غلط ڳالهيون ٿو ٻڌائي، ائين ڍڳن جي دلين ۾ هڪ ٻئي لاءِ نفرت ۽ شڪ پيدا ٿئي ٿو، هوريا هوريان هنن جو پاڻ ۾ ايڪو ۽ دوستي ختم ٿي وئي، هاڻي هر ڪو الڳ پنهنجي منهن ٻيلي ۾ چرڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ لڳو، ائين شينهن پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿئي ٿو، ڍڳن کي ماري کائي ٿو ڇڏي، هيءَ ڪهاڻي ٻارن ۾ ايڪي اتحاد سان رهڻ گهرجي، ٻڌيءَ ۾ طاقت آهي، نفاق جي صورت ۾ نقصان آهي، کي ظاهر ڪري ٿي.

ڊاڪٽرایاز قادري جي ڪهاڻي: "گدڙ ۽ ڪانئر"هڪڙي جهنگ ۾ شڪاري شڪار لاءِ آيل هيا، اچانڪ انهن جي نظر گدڙ تي پئي ۽ ان جي پويان شڪار لاءِ ڪتا ڊوڙايائون، گدڙ پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ڀڄي ٿو ۽ هڪ جهوپڙي ۾ پناهه ٿو وٺي اها جهوپڙي هڪ ڪانئر جي هئي گدڙ ڪانئر کي شڪارين کي ٻڌائڻ لاءِ ڪيس روڪي ٿو، پر ڪانئر وٽ جڏهن شڪاري پهچن ٿا ته هو زبان سان ڪجهه نٿو چوي پر آڱر جي اشاري سان شڪارن کي ٻڌائي ٿو ۽ شڪاري اشارا نٿا سمجهن ۽ اتان هليا ٿا وڃن، جڏهن شڪاري گهڻو پري هليا وڃن ٿا ۽ گدڙ جهوپڙي مان نڪري پنهنجي رستي هلڻ ٿو لڳي، ان تي ڪانئر چويس ٿو، واهه يار واهه مان تنهنجي دشمن کان جان بچائي ۽ تون مهرباني به ڪا نه چئي ٿورو مڃڻ ڪانسواءَ ئي ائين وڃي پيو، گدڙ هن ڏانهن منهن ڪري چيو جهوپڙي ۾ پناهه ضرور ڏنئي پر جهوپڙي سچائي تنهنجي زبان ۾ اگر اهڙي ڪهاڻين جي چوندِ ڪيو جن ۾ سڌو سنئون ٻارن لاءِ ناصحانه پهلو هجي، سچائي آڱر کي به هجي ها ته مان تنهنجو ٿورو مڃڻ ڪانسواءِ ڪڏهن ڪو نه وڃان ها. (2)

هن ڪهاڻي ۾ ڊاڪٽر اياز قادري اها نصيحت ٿو ڪري ته جنهن به اسان سان چڱائي ڪجي ته چڱي نموني ڪجي ائين نه ڪجي ته زبان تي هڪ ڳالهه

۽ ڪردار ۾ ڪا ٻي ڳالهه هجي، ائين ڪرڻ سان نه صرف ان ماڻهو ٻين جو ويساهه به ختم ٿي ٿو وڃي پر ان تي ڪو به ڀروسو نه ڪندو، ان لاءِ زبان سان گڏوگڏ پنهنجي ڪردار کي به اجرو رکجي هن ڪهاڻي ذريعي سمجهايو ويو آهي ته هن دنيا ۾ رهندڙ ماڻهن جي ڳالهين تي جلدي ڀروسو نه ڪجي اڄ ڪلهه جي دؤر۾ ماڻهن جي قول ۽ فعل ۾ وڏو فرق اچي ويو آهي وڇون ۽ ڪمي سندس هڪڙي جيل ۾ وڇون رهندو هو، هڪ ڏينهن سندس دل ۾ خيال آيو ته ڇو نه پنهنجي گهر کان ٻاهر نڪري دنيا ڏسجي ۽ سير ڪجي اهو ارادو ڪري هو ٻرن ۽ جهنگن مان گهمندو، باغ ٻنيون ڏسندو هڪڙي ندي جي ڪناري تي اچي پهچي ٿو، هاڻ هو نه ندي پار ڪري پئي سگهيو نه ئي واپس ٿي سگهيو، انڪري پريشان حال ۾ اتي ٻيهي رهيو ائين ڪندي اتان هڪ ڪميءَ جو گذر ٿو ٿئي، وڇون کي پريشان ڏسي حال احوال ڪري ٿي پوءِ هن جي مدد ڪرڻ لاءِ هن کي ڇوي ٿي، پٺيءَ تي ويهاري ڪيس ٻئي ڪناري، پهچائڻ لاءِ نديءَ ۾ گهري ٿي وڇون هن جي پٺيءَ تي ڏنگ هڻڻ شروع ڪري ٿو، ڪمي جي ڪنن تي ٺڪ ٺڪ جو آواز ٿو پئي هي وڇونءَ ڇوي ٿو ته منهنجي ڏنگن جو آواز آهي، ڇو ته ڏنگن منهنجي عادت آهي ان تي ڪميءَ سوچي ٿي ته مان تڪليف ڪاٽي هن کي ندي پار ڪرائڻ، نڪتي آهيان ۽ هي مون کي ڏنگي ٿو، جنهن وٽ نيڪي جو بدلو برائي هجي ان جوجيئڻ ئي اجايو آهي، جي وڇونءَ جيئرو هوندو ته وتندو ٻين کي ڏنگيندو ۽ تڪليف ڏيندڙ ائين ڪميءَ پاڻيءَ ۾ ٽٻي ڏئي ٿي ۽ وڇون لڙهي مري ٿو، وڃي هن ڪهاڻيءَ ذريعي اهو سمجهايو ويو آهي ته جيڪو ڀلائي ڪري ته ان سان ڀلائي ڪرڻ فرض آهي، جيڪڏهن ڪو به ڇڱائي ڪندڙ سان مندائي ڪري ٿو ته ان جو نتيجو وڇوءَ جهڙو نڪرندو برائيءَ جو نتيجو نيٺ برو ئي آهي، زندگي ته وڃائي ويٺو پنهنجي بري عادت جي ڪري پرچڱي روش وارو سدا سرهو گذاري ٿو، جيئن ڪميءَ وٽ سچائي ۽ ڀلائي هئي، ان کي ڪو به نقصان نه پهتو، وڇونءَ کي بري عادت جو سلو برو مليو.

<u>"ننڍڙي مڇي ۽ وڏي مڇي":</u> ڪهاڻي ۾ ليکڪ لکي ٿو ته هڪڙي نديءَ جي نندي پاڻي ۾ هڪ ننڍڙي مڇي رهندي هئي، جيڪا سڄو ڏينهن هيڏانهن هوڏانهن خوش ٿي نچندي ٽپندي رهندي، هئي هڪ ڏينهن ننڍڙي مڇي کي شوق ٿيو ته هن ڪنڊ مان نڪري نديءَ کي ڏسان ته خدا ڪهڙا رنگ رکيا آهن، ان خيال سان ننڍڙي مڇي وڃي وڏي پاڻي ۾ ٿي پهچي، جتي هوءَ تمام گهڻو

خوش ٿي ٿئي ان خوشيءَ ۾ پاڻ ۾ ٽپا ڏئي ٿي،ٽپا ڏيندي هن جو ٽڪر وڃي وڏي مڇيءَ سان ٿئي ٿو، اها چوي ٿي ته مونکي کاءُ ،ننڍڙي مڇي ان کي چوي ٿي مان ڪيئن وڏي مڇي کي کائيندس، ان تي وڏي مڇي ننڍڙي کي کائي ٿي ڇڏي، دنيا ۾ هر طاقتور ڪمزور کي کائي ٿو، ڪهاڻيءَ ۾ وڏن جي اجازت ڪانسواءِ هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تي وڃڻ پنهنجي هلائڻ جي سزا ڏيکاري وئي آهي ٻيو ته ليڪ پاڻ کان وڌيڪ طاقت رکندڙن کان پاسو ڪرڻ جي نصيحت ڪري ٿو پاڻ کان وڌيڪ طاقتور  سان اٽڪڻ دراصل پنهنجو ئي نقصان ڪرڻ برابر آهي.

"ماري ۽ تتر":هن ڪهاڻي ۾ هڪ اصلاحي ڪهاڻي آهي، هڪ ماريءَ جي ڄار ۾ هڪڙو تتر ڦاسي ٿو پئي ۽ ماري جڏهن ڄار وٽ اچي ٿو ته تتر منٿ ٿو ڪريس ته ماري مون کي آزاد ڪراءِ جيڪڏهن تون آزاد ڪندين ته مان توکي ٻيا ڪيترائي تتر آڻي ڄار ۾ ڦاسائي ڏيندس ۽ تو سان انجام ٿو ڪيان ته هڪ کان وڌيڪ تتر آڻي ڏيندس، پر ماري سندس ڳالهه تي يقين نٿو ڪري چويس ٿو جيڪو پنهنجي ذات خاطر پنهنجي قوم کي ڦاسائي ان تي ڪهڙو يقين ڪجي هن ڪهاڻي تي ويچار ڪيو وڃي ته ڪنهن کي به خود غرض ٿي صرف پنهنجي لاءِ سوچڻ نه گهرجي، پر سڀني جي ڀلائي اندر ۾ رکي پنهنجن پروان جو خيال رکڻ گهرجي سڀني جو خير ۽ سلامتي گهرجي.

"لومڙي ۽ اٺ": هن ڪهاڻي ۾ لومڙي جي ناداني ڏيکاري وئي آهي، جيڪي بنا سوچڻ سمجهڻ جي ڪم ٿي ڪري لومڙي جيڪا پنهنجي شڪارخاطر پنهنجي ڏر مان نڪري ٿي، پر شڪار هٿ نٿو اچيس، تنهن تي واپس موٽي ٿي ته رستي ۾  هڪ اٺ ليٽيل ڏسي ٿي ۽ سوچي ٿي ته ڏٺي هيڏو وڏو شڪار ڏنو آهي، اٺ کي گهر ڪٺي ويندس مان ۽ منهنجا ٻچا آرام سان ڪائينداسين، ان ڪري پنهنجو پڇ اٺ سان ٿي ٻڌي ۽ اٺ کي پنهنجي گهر گهلڻ لاءِ ڇڪ ٿي ڏئي ته اٺ اٿي پوي ٿو، جيئن اٿي بيهي ٿو، لومڙي اونڌي لڙڪي ٿي پوي، ائين ٻيا جانور هن کان پڇن ٿا ته هي ڇا آهي، ان تي لومڙي سڀني کي ٻڌائي ٿي ته پاڻ کان ڏاڍي سان پڇ اٽڪايو اٿم هاڻي جيڏانهن هي ٽيڏانهن مان اوهان ڏنو ته بنا ڪنهن سوچ ويچار جي ڪم ڪرڻ سان ماڻهو ڪيئن نه ڦاسي پوندو آهي.

''ٻڪري ۽ رڍ'': هن ڪهاڻيءَجي ذريعي ضد ۽ هٺ کان روڪيو ويو آهي، ته ضد ڪرڻ تمام خراب ڪم آهي، جنهن سان نقصان جو منهن ڏسڻو پوندو آهي، هن ڪهاڻيءَ ۾ رڍ ۽ ٻڪري کي به نقصان جو منهن ڏسڻو پوندو آهي، هن ڪهاڻيءَ ۾ رڍ ٻڪري سان به ائين ٿي ٿو، گرمين جي ڏينهن ۾ جڏهن انهن کي اڃ لڳي ٿي ته ٻئي هڪ ٻئي سان ضد ٿيون ڪن ٻڪري چوي ٿي مان پاڻي گهڻو پيئندي آهيا ته رڍ چوي ٿي مان گهڻو پيئندي آهيان ائين ٻئي وڙهنديون وڙهنديون اچي تلاءَ تي پاڻي پيئڻ شروع ٿيون ڪن ايترو پاڻي پيئن ٿيون اهڙي طرح جو ٻنهي جو ساهه منجهڻ شروع ٿئي ٿو، وري ٻئي ساهه پٽڻ ويهي ٿيون رهن، جڏهن آسمان ڏانهن نظر ٿي ڪڇين ته مٿان ڳجهن کي لامارا ڏيندي ڏسن ٿيون اهي ڳجهون رڍ ۽ ٻڪريءَ جي مرڻ جو انتظار ڪري رهيون هيون ته هي پاڻ جي ايئن مرنديون ته انهن جو ماس اسان جو ٿيندو، هن ڪهاڻيءَ ۾ ضد تان لهي وڃڻ جي تاڪيد ڪيل آهي، اهڙو ضد ڪهڙي ڪم جو جنهن ۾ حياتي وڃائي ويهجي ۽ مرڻ ڪانپوءِ ڳجهن جو کاڄ ٿي وڃجي.

''ڏيڏر ۽ انهن جو بادشاهه'': هيءَ ڪهاڻي ڏيڏرن جي بي عقلي تي لکيل آهي، جيڪي پنهنجو فيصلو پاڻ ڪن نه ئي پنهنجي آزاد ۽ خوشحال زندگيءَ جو شڪر ادا ٿا ڪن پر هو چاهن ته سندن هڪ بادشاهه ضرور هجي ائين سڀ ڏيڏر گڏجي جهنگ جي بادشاهه وٽ وڃن ٿا، ان کي پنهنجي اچڻ جو مقصد ٻڌائن ٿا، ته انهن کي هڪ بادشاهه گهرجي جيڪو هنن کي پنهنجي حڪم ۾ رکي ۽ چڱيون عادتون ۽ اخلاق سيکاري اهو فيصلو ڪري اسان جا مسئلا حل ڪري ان تي جهنگ جو بادشاهه هنن کي گهڻو ئي سمجهائي ٿو ته توهان ائين نه ڪيو ڪجهه سوچو هينئر توهان آزاد زندگي بسر ڪري رهيا آهيو، ڪڏهن تلائن ۾ ته ڪڏهن ڍنڍن ۾ پنهنجي مرضيءَ سان رهو ٿا، پر ڏيڏر پنهنجي ضد تان نٿا لهن، بس انهن کي بادشاهه گهرجي، جهنگ جو بادشاهه سوچ ويچار ڪانپوءِ انهن جي تلاءَ ۾ هڪ بنڊ اڇلرائي ٿو ۽ انهن کي چوي ٿو هي اوهان جو ديوتا آهي پهريان ڪجهه ڏينهن ڏيڏر هن کان ڊڄن ٿا پر پوءِ جيئن جيئن وقت گذرندو ٿو وڃي هي ڪاٺي جي بي جان ديوتا مان بيزار ٿا ٿين، هي وري جهنگ جي بادشاهه وٽ وڃن ٿا ته اسان کي بي جان ديوتا نه کپي، اسان کي هي بنڊ نٿو وڻي پيو ڪو ڏيو، پوءِ جهنگ جو بادشاهه ڏيڏرن کي ٻگهه ديو تا مقرر ڪري ڏئي ٿو، ٻگهه اچڻ سان ڏيڏرن کي کائڻ شروع ڪيو ۽ ٿورن ئي ڏينهن ۾ ڪيترائي ڏيڏر کائي چٽ ڪيائين وري ڏيڏرن جي ساڳي ڳالهه ته اهو بادشاهه

نه هجي هي تمام گهڻو بيزار ٿيا، پر جهنگ جي بادشاهه به هاٿي هنن جو ٻڌڻ بند ڪيو، ائين ڏيڏرن ڪي پنهنجي بيوقوفي ۽ غلط سوچ جي سزا ملي، هنن پنهنجي آزاد ي جو پاڻ قدر نه ڪيو ۽ نقصان جو منهن ڏسڻو پئجي وين.

<u>“چنڊول ۽ ان جا ٻچا”:</u> هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ پنهنجو ڪم پاڻ ڪرڻ لاءِ چوي ٿو، چاڪاڻ ته ٻين جو آسرو ڪرڻ سان ڪو ڪم درست انداز ۾ ڪو نه ٿيندو آهي، هن هڪ چنڊول پکي لاءِ لکيو آهي چنڊول پکي هڪ ٻني ۾ پنهنجن ٻچن کي لڪائي پاڻ کاڌي جي تلاش ۾ نڪري ويندو هو، هڪ ڏينهن جڏهن چنڊول واپس آيو ته ٻچن ٻڌايس ته هاري فصل ڪٽڻ لاءِ پاڙي وارن ۽ دوستن کي چيو آهي ته ان چونڊول چوي ٿو فصل نه ڪٽبو دوست ۽ پاڙيوارا ڪو نه ايندس، ٻئي ڏينهن وري هو مٽن مائٽن کي سڏائي ٿو وري به فصل ڪٽڻ جي ڪري ٿو پر ڪو به ڪو نه ٿو اچي ۽ چنڊول بي فڪر ٿي کاڌي جي تلاش ۾ هليو ٿو وڃي، جڏهن واپس ٿو اچي ته ٻچڙا ٻڌائنس ٿا ته هاري پٽ کي ڏاٽا تکا ڪرائڻ لاءِ چيو آهي ته سڀاڻي ڪان پاڻ ڪم ڪندو پوءِ چنڊول ٻچڙن کي چوي ٿو هاڻي اسان جو هتي رهڻ مناسب ائين چنڊول ٻچن کي وٺي هليو ٿو وڃي هن دنيا ۾ جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ڪم لاءِ ٻئي تي پاڙي ٿو ته اهو ڪڏهن به نه ٿيندو پر جيڪڏهن ساڳيو ڪم پاڻ ڪرڻ جي همت ڪندو ته اهو ڪم سهڻو ۽ سٺو ئي ٿيندو آهي، عقلمندي انهيءَ ۾ آهي ته پنهنجا ڪم ٻين جي آسري تي نه ڇڏجن اهي پيا رکندا ۽ ماڻهو پريشان ٿيندو.

<u>“باز ۽ ڪان”:</u> هن ڪهاڻيءَ ۾ اهو سمجهايو ويو آهي ته جيڪو به ڪم ڪجي اهو پنهنجي عقل ۽ سوچ سمجهه طاقت آهر ڪجي نه ڪي ٻين کي ڏسي ان جو نقل ڪجي ۽ پنهنجو جيءُ جنجال ۾ نه وجهي پوءِ پڇتائجي ڪهاڻي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته باز ۽ ڪانءُ گهاٽا دوست آهن باز جيڪو طاقتور پکي آهي ۽ هو پنهنجي مضبوط چنبين سان ٻين پکين ۽ جانور کي جهڙپ ڏئي کڻي اڏامندو آهي، هڪ ڏينهن باز گهيٽي کي پنهنجي چنبن ۾ کڻي اڏاڻو اهو لقاءُ ڪانءُ ڏٺو ته ان به اهو ڪم ڪرڻ چاهيون ڪانءُ جا پير هيا، ڪمزور سوجيئن ئي گهيٽي کي کڻڻ جي ڪوشش ڪيائين ته ننهن وڃي ان جي ان ۾ ڦاسي پيس، گهڻي ڪوشش ڪيائين پر ناڪام ويو، ايتري ۾ ريدار به اتي اچي پهتو ۽ ڪانءُ جا ننهن ڪتري پر ڪٽي وجي گهر پنهنجي ٻارن لاءِ راند لاءِ ڏنائين، جڏهن ماڻهن سوال پڇس ته هي ڪير آهي، ريدار چيو هن ڪان پڇندو ته چوندو باز

آهيان، مون کان پڇندو ته ڪان آهي ۽ ڪان جوئي ٻچو آهي ان لاءِ پنهنجي طاقت ۽ حال مطابق ڪم ڪجي جي ائين نه ڪبو ته ان جو حشر ڪانءُ جهڙو ئي ٿيندو.

''گڏهه ۽ ان جا مالڪ '': هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ گڏهه جو قصو آهي، جيڪو ڏاڍو ناشڪر هو ٿوري گهڻي ڪم تي هر وقت رنج رهڻ جي عادت هيس، هو پاڻ کي ڏکيو سمجهندو هو هن کي پنهنجي مالڪ جو ڪم نه وڻندو هو، هڪ ڏينهن خدا کان دعا گهريائين ته هن مالڪ  مان جان ڇڏراءِ ڪو ٻيو مالڪ ڏي، اها دعا قبول ٿيس ۽ باغائي گڏهه کي وڪڻي وجي ڪنڀر کي ڏنو، جيڪو سڄو ڏينهن هن تي مٽيءَ ڍوئيندو هو ۽ شام جو وري ٿانوءَ ڪڍندو هو، وري هي ان ۾ به رنج ٿيو وري دعا گهرڻ لڳو مولا  منهنجي هتان جان آجي ڪر هي ڪنڀر مالڪ نه گهرجي سڄو ڏينهن لوڙائي ٿو، هن جي اها دعا به قبول ٿي، هن کي موچي مالڪ مليو، جيڪو هنن ٻنهي کان گهڻو بار گڏهه تي ڍوئڻ لڳو، پوءِ گڏهه پنهنجي ڪئي تي پڇتائي روئڻ لڳو ته پهريون مالڪ سٺو هيو، جيڪر ان کي نه ڇڏيان ها ته اڄ اهڙو حال نه ٿي ها.

''ڪڪڙ ڪتو ۽ گدڙ'': ڪڪڙ ۽ ڪتو هڪ گهر ۾ رهندا هئا هڪڙي ڏينهن ٻئي گڏجي سير لاءِ نڪتا ته رستي  ۾ کين رات پئجي ٿي وئي، ڪڪڙ هڪ وڻ جي ٽاري تي ٽپ ڏئي چڙهي آرام ٿو ڪري ته ڪتو وري ساڳئي وڻ جي هيٺيان ٿڙ جي پرسان سمهي ٿو پوي، فجر جو وقت ٿئي ٿو ته ڪڪڙ پنهنجي عادت ڪڪڙو ڪو سان ٻانگ ڏئي ٿو، جيڪا وڃي گدڙ جي ڪنن تي پئي ٿي ۽ شڪار جو سوچي ڪڪڙ وٽ ڊوڙندو پهچي ٿو، گدڙ ڪڪڙ کي کائڻ لاءِ ان جي تعريف ٿو ڪري ته ڪڪڙ تو ڪيڏو نيڪ آهين صبح جو سوير پاڻ به نماز لاءِ  اٿين ٿو ۽ ٻين کي به اٿارين ٿو هاڻي پلا هيٺ لهه ته نماز گڏجي پڙهون ڪڪڙ هو تمام سياڻو سو هن پنهنجو عقل استعمال ڪيو، گدڙ کي چيائين ته هيٺ هڪ ٻيو نمازي سٺو پيو آهي، ان کي به اٿار جيئن گدڙ اڳتي وڌيو ته ڪڪڙ جي دوست ڪتي هن کي چڪ وجهي ماري ڇڏيو.

''ماڻهو ۽ مڇي'': هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ سياڻي ماڻهوءَ جي ڳالهه آهي، جيڪو مڇيءَ جي ڳالهين ۾ نٿو اچي، مڇي پڪڙي جڏهن ڪٽي ٿو وڃي ته اها ڪيس ايلاز ٿي ڪري ته مون کي ڇڏ، اڃا مان ننڍي آهيان، جڏهن وڏي ٿيندس ته

توکي وڏيڪ ڪم ايندس، پر  ماٺهو ڏاڍو ڏاهو هو، سوچيائين ته مان انهن بيوقوف ماڻهن مان نه آهيان جو اڄ جي هٿ آيل شيءِ کي ڇڏي، سڀاڻي جي واعدي  تي اعتبار ڪريان.

"ٻڍو شينهن": هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ظالم شينهن جو قصو آهي ته جڏهن طاقتور هو ته جهنگ جي سڀ تي جانورن سان ڏاڍو ظلم ڪندو هو پر وقت گذرندي دير نٿي لڳي هڪ ڏينهن هو ڪمزور ٿي ٿو وڃي ۽ جهنگ جا سڀ جانور اڳي ڪيس ڪيل ظلم ياد ڏيارين ٿا، هو ايترو ته ڪمزور ٿي چڪو هو جو انهن کي ڪجهه نه ٿي چئي سگهيو، ائين هن تي جهنگ جا سڀ جانور حملو ٿا ڪن ۽ پنهنجي ظلمن جو بدلو ٿا وٺن، ان لاءِ سوچڻ گهرجي ته طاقت جي زور تي ڪنهن به مظلوم سان ظلم نه ڪجي، جيڪو اڄ ڪري ٿو ان سان سڀاڻي ساڳيو لقاءَ ٿي سگهي ٿو.

عبدالرحمان جتوئي

سنڌي ٻاراڻي ادب جو مشهور ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار عبدالرحمان جتوئي پهرين نومبر 1946ع ۾ شڪارپور ۾ ڄائو هو، بنيادي تعليم شڪارپور مان ئي حاصل ڪيائين، سنڌس تعليم ايم اي بي ايڊ آهي، ٻاراڻي ادب جي ترقي لاءِ سموري زندگي ڀرپور جدوجهد ڪيائين، ٻارن جي بهترين تربيت ٻاراڻي ادب جي ترقي سنڌس حياتي جو مقصد آهي، مهراڻ اڪيڊمي ٻاران ڪيترائي ڪهاڻين جا ڪتاب ڇپيا آهن، سنڌس ڇپيل آکاڻين جا ڪتاب ٻارڙن جي دلچسپيءَ جو سبب بڻيل آهن ۽ عبدالرحمان جتوئي جي ڇپيل ڪهاڻين جي ڪتابن ۾ اخلاقي آکاڻيون، "عقلمند صوبيدار"، "ابابيلن بمباري". ماڻڪ موتي، چار حصا، "عقلمند سپهه سالار" "عقلمند سهو" "سياڻو گدڙ،""عقلمند چوڪرو،" "نيل نديءَ جي ڪنوار،""اسلامي آکاڻيون،""عقلمند ٻوڙو،" "عقلمند مالهي،""عقلمند حڪيم،" "هيڻن جو همدرد،" "سچيون ڪهاڻيون" "هيٺلا جن،" "حجم ۽ ديو،" "مزدوُرشهزادو"، "عقلمند فقير،" "عقلمند قاضي،" "عقلمند ڪان،" "عقلمند جهرڪي،" اخلاقي آکاڻيون شامل آهن.

عبدالرحمان جتوئي جون نصيحت آميز ڪهاڻيون پڙهي انهن تي عمل ڪري ڪيترائي ٻار ترقي جي بلندين تي پهتا آهن، ڇو ته ٻارن جي ذهني اوسر ۾ آکاڻين جو  اعلي ڪردار هجي ٿو،  اهو ئي سبب هو جو نانيون ۽ امڙيون ٻارن کي ننڊ ڪرائڻ لاءِ به ڪهاڻيون ٻڌائينديون هيون، عبدالرحمان جتوئي نه صرف

نصيحت آميز ڪهاڻين تي مشتمل ڪتاب ڇپرايا آهن پر ٻارن جي وندر، وروڻهن ۽ دلچسپي جو پڻ تمام گهڻو خيال رکيو آهي، سندس اهڙين ڪهاڻين جا ڪتاب پڻ ڇپيا آهن، هو ٻاراڻي ادب جو انتهائي خوبصورت ۽ مقبول ليکڪ آهي، عبدالرحمان جتوئي جي ڪهاڻين ۾ اسان کي اسلامي مجاهدن جو خليفن جو ذڪر تمام گهڻو ملي ٿو، جنهن سان ٻارن کي پنهنجي مذهب جي بهادرن دليرن جي معلومات ملي ٿي، هن جي ڪهاڻين ۾ نصيحت به ڪجهه ان انداز سان ڪيل آهي، جو ڪنهن به اسلامي خليفي جو قصو ڏني ان جي ڳالهه کي نصيحت طور استعمال ڪيو اٿس، جيئن هن جي ڪتاب حجم ۾ ديو ۽ ٻيون دلچسپ ڪهاڻين ۾ هڪ ڪهاڻي ”غريبن جو همدرد“ ۾ حضرت ابوذر غفاري رضي الله تعاليٰ عنه جو قصو بيان ڪيو ويو آهي، ته هو غريبن جي ڪهڙي ريت مدد ڪندو هو هو انهن جي ڏکي ويل ڪيئن انهن جي ضرورت جو پورائو ڪندو هو.

حضرت ابوذر غفاري رضي الله تعاليٰ عنه غريبن جو هڏ ڏوکي ۽ وڏو مددگار هو ، ان وٽ جيڪا رقم به هوندي هئي، مسڪينن ۽ غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو ۽ نهايت سادگي سان زندگي گذاريندو هو، عبدالرحمان جتوئي، غريبن جو همدرد ڪهاڻي ۾ لکي ٿو ته هڪڙي ڏينهن حضرت ابوذر رضه کي خبر پئي ته پرواري ڳوٺ ۾ ڪي ماڻهو رهن ٿا، جي ڏاڍا غريب آهن، ڪاڏي لاءِ وٽن ڪجهه به نه آهي ۽ بکون ڪاٽي رهيا آهن، اها خبر ٻڌي حضرت ابو ذر رضه کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ اٺ سنڀاليندڙ ماڻهوءَ کي فرمايائين ته منهنجي اٺن ۾ جيڪو پلي ۾ پلو اٺ هجي اهو ڪُهي ذبح ڪيو. (27)

پوءِ ان اٺ جا ايترا حصا ڪيا ويا، جو اتي ڳوٺ ۾ رهندڙ جيترا به ماڻهن جا گهر هيا، انهن سڀني کي برابر جو حصو ڏنو ويو، هن ڪهاڻيءَ مان ٻارن ۾ ايثار جو جذبو وڌندو ته هو برابري ڪرڻ سڪندا، ٻارن جو ڌيان، پنهنجي پاڙيسرين، مٽن مائٽن، ڳوٺ ۽ شهر واسين جي غريبن طرف ضرور ويندو ته هو به وجي انهن جي مدد ڪن انهن جي ڏکين گهڙين ۾ انهن جو ساٿ ڏين، جيئن اسان جو مذهب اسلام به اسان کي سيکاري ٿو ۽ هو ان ڪهاڻِي کان پوءِ اهو ضرور سمجهندا ان مان سبق حاصل ڪندا ته الله پاڪ جي راهه ۾ جڏهن به ڪجهه ڏجي سٺي شيءَ ڏجي، جيئن حضرت ابو ذر غفاري رضه سڀني کان پلو اٺ ڏنو، هڪ ليکڪ جي خاص ڪري ٻارن جي ليکڪ جي اهائي ڪوشش ۽ سوچ رهندي آهي ته هو ٻار کي سٺي سوچ ڏي پنهنجي لکڻين ذريعي اهڙو پيغام ڏي جو هو ان کي هينئين سان هنڊائي هميشه لاءِ ذهن نشين ڪري، هڪ اعليٰ

انسان اهو آهي، جيڪو پنهنجي آس پاس جي ماڻهن ڪي رنج نه پهچائي ان جي زبان مان ڪنهن ڪي ڏک نه پهچي، ان لاءِ علم ۽ عمل جو هجڻ ئي لازمي آهي، علم هجي عمل نه هجي ته اهو سماج ترقي نه ڪندو اگر اسان پنهنجي ماحول جي ڳالهه ڪيون ۽ ان تي غور ڪيون ته اسان ڪي گروهه بندي، خود پرستي ماڻهن ۾ افراتفري مچل ملندي جيڪا اسان جي نئين نسل ڪي سواءِ تضاد، انا جي هڪ سٺي سوچ نه ڏئي سگهندي، اسان ڪي سوچڻ گهرجي ته اسان اهڙو ڪهڙو عمل ڪيون جو تاريخ جي ورقن ۾ اسان ڪي سانڍيو ويو ايندڙ هر نسل اسان جو مثال ڏئي سگهي، جيئن عبدالرحمان جتوئي جي ڪهاڻين ۾ حضرت ضرار، حضرت خالد بن وليد رضه، محمود غزنوي، حضرت سعد بن ابي وقاص جي ڳالهه ڪري ٿو، سچ ۽ ڀلائي جي ڪمن آڏو رنڊڪون ضرور ايندون آهن، پر اها به هڪ حقيقت آهي ته ڀلائي جي رستي تي هلڻ وارا ڪڏهن به ناڪامين جو منهن ناهن ڏسندا، ليڪڪ به هڪ سچ جو ساٿاري آهي هو علم جي ورچ نهايت دوستاڻي، نموني ڪندو آهي وري جي ڪنهن ۾ همدردي جو جذبو آهي هو ڪنهن سان ڀلائي ڪري ٿو ته اهو پنهنجي اندر ۾ يقينن سچي راحت به محسوس ڪندو، انسان ۾ اندر لڪل انسانيت ئي ان ڪي فرضن جي ادا ڪرڻ لاءِ آماده ڪندي آهي علم جي حدون وسيع آهن جن جي ماپ ڪرڻ ته نا ممڪن ئي آهي چو ته علم عظيم آهي اهو مها ساگر آهي ۽ انسان جي زندگي ته فقط هڪ لهر ئي آهي جيئن اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي عظيم شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه چيو ته:

جَر ۾ ڦوٽو جيئن، لهريُون لڳندي اڌ ٿئي،
تون پڻ آهين تيئن، دنيا ۾ ڪو ڏينهڙو، سر سريراڳ

پر ان ۾ ٿورڙي ننڍڙي زندگي ۾ جيڪي ڪجهه علم ذريعي حاصل ڪيونسين ۽ ان ڪي ٻين ڪي تائين پهچايون ۽ اهي پڙهندڙ اسان جي لکڻين مان ڪا هڪ سٺ ڪا هڪ ڪهاڻي سمجهي ان تي عمل ڪن ان ڪي سمجهن ۽ غور فڪر ڪن ته اها ليکڪ جي ڪاميابي آهي، اها هن جي سماج ۾ پائيداريءَ جي نشاني آهي، ان جو ڀورهيو ساٻيان آهي.

عبدالرحمان جتوئي ڪي سال 1994ع ۾ ٻاراڻي ادب تي ڪم ڪرڻ تي سنڌي لينگويج اٿارٽي حيدرآباد ٻاران ڪيس پهريون نمبر انعام ۾ هزار رپيا روڪ ۽ سند ڏني وئي.

عبدالرحمان جون ٻاراڻي ادب لاءِ ڪيل سچي لڳن سان خدمتون ڪڏهن به فراموش نه ٿيون ڪري سگهجن، هن جو سنڌي ٻاراڻي ادب جيڪو چاهه

آهي اهو ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته هو عمر جي ضعيفي ۽ بيماري واري حالت ۾ به ٻاراڻي ادب سان نڀائيندو پيو اچي هو اڄ به ٻارن لاءِ ڪهاڻيون ڪي رهيو آهي ۽ سندس چپچنديون رهن پيون.

<u>ڪتاب ''عقلمند ڪانءُ جو جائزو''</u>

سنڌي ادب ۾ ٻاراڻي ادب لاءِ ڪم ڪندڙ ليکڪ عبدالرحمان جتوئي پنهنجي ڪهاڻين ۾ اهڙا ته اخلاقي نڪتا ڏنا آهن جو هر پڙهندڙ کي ان مان سکيا ملندي، هن دنيا ۾ انسان جو جڏهن جنم ٿو ٿئي ته هن جو لاڳاپو دنيا جي مختلف شين سان ٿئي ٿو، ان جي آس پاس ڪي تمام ويجهڙائي رکندڙ رشتا آهن ته ڪن سان ان ان جو حسن اخلاق، ادب ۽ احترام وارو رشتو جڙي ٿو، جيئن ماءُ، پيءُ، ڀينر، ڀائر، استاد، مٽ مائٽ تنهن ڪري ان مٿان ڪي فرض به عائد ٿين ٿا، جن کي پورو ڪرڻ هر انسان لاءِ لازمي آهي، جيڪڏهن انهن فرضن کي سمجهندو انهن کي گهرائي ۾ سوچيندو انهن جي مقصد جي پرک ڪندو تڏهن ئي هن جهان ۾ عزت سان جي سگهندو، پوءِ هو خوشي، سک، چين، آرام تڏهن حاصل ڪري سگهندو پر جيڪڏهن هو سڀني فرضن کان پاڻ کي آجو ٿو رکي ۽ ڪنهن کي به اهميت نٿو ڏي ته پوءِ زندگي بي معنيٰ بنا مقصد جي ئي گذرندس، اسان دنيا اندر ڪنهن به مذهب تي نظر وجهون ته ان مان اسان کي اهو ئي سبق ملندو ته فرضن کي پورو ڪيو، جنهن ۾ گهڻي تاڪيد سئي اخلاق جي ڪيل ملندي، دنيا تي جيڪي به نبي ولي، بزرگ، رشي، عالم آيا، انهن سچ ڳالهائڻ نيڪي ڪرڻ، ٻين سان ڀلائي ڪرڻ، وڏن جو ادب، ننڍن سان پيار محبت ۽ شفقت سان پيش اچڻ، بزرگن جي نصيحت ڀريل ڳالهين تي عمل ڪرڻ، ڪنهن سان دوکو، بي ايمان ٺڳي کان پاسو ڪرڻ ۽ ٻين چڱن ڪمن جي هدايت ڪئي آهي. ڪهاڻين ۾ به اسان کي اها ئي ڳالهه سکڻ لاءِ ملي ٿي ليکڪ به هن معاشري جي عڪاسي ڪري اسان کي اوڻائن کان واقف ڪندو آهي، هو پنهنجي لکڻين ذريعي ڀلي ۽ بري جي ساڃاهه ڏيندڙ آهي، عبدالرحمان جي ڪهاڻي ”نالائق اولاد ۽ عقلمند پيءُ جو قصو“ هن ڪهاڻي ۾ بي ادب اولاد لالچ خاطر پيءُ سان خراب ڳالهائن ٿا، جڏهن ملڪيت جو حصو ملين ٿو ته پوءِ پيءُ کي ڏسن به ڪو نه ٿا، پيءُ جيڪو سڄي زندگي محنت ڪري اولاد کي ڪامياب ڪري ٿو، پر جڏهن سندس ڪم ڪرڻ جي همٿ نٿي رهي ۽ جسم ضعيف ٿو ٿئي، ان ۾ هلڻ ڦرڻ طاقت باقي نٿي رهي ته ان وقت اولاد ان جو خيال نٿي رکي، پٽ ڪيس ٻوجهه ۽ بار ٿا سمجهن، جڏهن به ڳالهائڻ

جي ڪوشش ٿو ڪري ته پٽ ڪيس چڙہون ڏئي خاموش ٿا ڪرائن، سندن پيءُ سوچي ٿو ته ڪاش ڪين دولت نه ڏيان ها، هن کي پٽن جي روپي جو تمام گهڻو ڏک آهي، ائين هڪ ڏينهن سندن ضعيف پيءُ جو هڪ دوست واپاري وڏي عرصي ڪانپوءِ ان پوڙهي شخص سان ملڻ ٿو اچي ۽ وڏي رقم کيس ڏئي ٿو وڃي ٿو. جنهن جي ضعيف کي به اميد ڪا نه هئي ته ڪا ايڏي رقم ايڏي عرصي ڪانپوءِ واپس ملندي، پئسا ڏسي ضعيف پيءُ جا پٽ دولت جي لالچ خاطر پيءُ جي خدمت لاءِ اچن ٿا پر ضعيف هن دنيا مان گذاري ٿو وڃي ان ڪانپوءِ هنن لالچي ماڻهن کي دوست جو فڪر وراڻي ٿو، هي چاهن ٿا ته جلد سون چاندي ۽ پئسا ملن ته عيش آرام سان زندگي گذاريون، هو جيئن ئي پيتي کولن ٿا ان ۾ خط رکيل هو ۽ پيتي پٿرن سان ڀريل هئي، خط ۾ لکيل هو ته الله پاڪ کي طاقت آهي ته سون ۽ چاندي کي بدلائي نالائق اولاد لاءِ پٿر ۽ ٺڪر ڪري سگهي ٿو.

هن ڪهاڻي ذريعي اهو سمجهايو ويو آهي ته پيءُ ماءُ جو ادب ڪجي هن جهان جي دولت خاطر سچن رشتن کي ائين نه ڇڏجي، پيءُ، ماءُ جو خيال رکجي.

"ڪهاڻي عقلمند ڪانءُ": هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪانءُ کي ڏاهو ۽ سياڻو ڄاڻايو ويو آهي، جيڪو پنهنجي ڏاهپ ۽ سياڻپ سان ٻين جانورن جا مسئلا ٻڌي انهن کي نهايت سهڻي انداز ۾ حل ڪندو رهندو هو، هي ڪهاڻيءَ هڪ ڀولڙي ۽ هاٿي جي آهي جيڪي ٻئي پاڻ ۾ ڏاڍو وڙهندا هئا، هاٿي چوندو هو ته طاقت وڏيڪ ڪارائتي آهي، ڀولڙو چوندو هو طاقت کان وڌيڪ سياڻپ اهم هوندي آهي، ائين اهي ٻئي وڙهندا وڙهندا وڃي سياڻي ڪانءُ وٽ پهتا ته توهان فيصلو ڪيو، ڪانءُ ٻنهي جون ڳالهيون ٻڌي چيو ته وڃو ۽ درياءَ جي ٻئي ڪناري تي ۽ اتان جي وڻ تان منهنجي لاءِ ميوو پٽي اچو، ڪانءُ جو حڪم ٻڌي ٻئي ڄڻا درياءَ جي ٻئي ڪناري تي وڃڻ لاءِ روانا ٿيا، ڀولڙو درياءَ جي ٻئي ڪناري وڃڻ لاءِ ڏاڍو پريشان هو ته دريا ڪيئن پار ڪجي جنهن تي هاٿي کيس مدد ڪندي پنهنجي پٺي تي ويهاري درياءَ پار ڪرايو، هاٿي هاٿي کي ڀولڙي جي مدد جي ضرورت پئي ڇو ته وڻن جون ٽاريون مٿي هيون، جنهن تي هاٿي جو پهچڻ مشڪل هو اتي وري ڀولڙو ٽپ ڏئي وڻ تان ميوو پٽي آيو، ائين ٻئي ڄڻا ميوو کڻي سياڻي ڪانءُ وٽ پهتا، ڪانءُ سڀني کي سمجهائيندي چئين ٿو جيئن درياءَ پار ڪرڻ لاءِ ڀولڙي کي هاٿي جي طاقت ڪم آئي ۽ ميوو وڻ تان پٽڻ لاءِ ڀولڙي جي سياڻپ

ڪيس ميوو پٽڻ ۾ آساني پيدا ڪئي ائين جي هاٿي کي ضرورت پئي ته هن پنهنجي ڦڙتي ڏيکاري تنهن ڪري ڦڙتي ۽ سياٽپ ٻئي ضروري آهن، ان ڪري سيني کي اها ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته الله تعاليٰ مختلف جانورن ۽ پکين ۾ مختلف خوبيون ۽ جدا جدا ذات ڏني آهي، جيڪا پنهنجي حساب سان ڪارائتي آهي، ان لاءِ اجاين فضول ڳالهين تي تڪرار ۽ بحث نه ڪرڻ گهرجي نه ئي پنهنجو قيمتي وقت هرو ڀرو ضايع ڪجي.

"شيخ چليءَ جي عقلمندي": ليکڪ هن ڪهاڻيءَ ۾ شيخ چليءَ جي عقلمندي ۽ دانائي ظاهر ڪئي آهي، شيخ چلي پڙهيل لکيل ماڻهو هو پر ويچارو ڏاڍو غريب هو، شهر جا ماڻهو مٿس ڪهل ڪري مدد پيا ڪندا هئا، هڪ ڀيري شيخ چلي جي زال مٿس ڏاڍي ناراض ٿي ۽ ڪاوڙ مان شيخ چلي کي گهٽ وڌ ڳالهائيندي رهي ته تون وڏو ڪنگال آهين، سُجو ۽ نڪمو آهين، تون مان اسان تنگ ٿي پيا آهيون، شيخ چلي جي گهر واري وڏي آواز ۾ شيخ چلي سان جهيڙو ڪري رهي هئي ۽ سندس آواز ٻاهر رستي تائين وڃي رهيو هو ته اتان هڪ امير شخص جو گذر ٿيو، جنهن شيخ چلي کي سٺي رقم ڏني ۽ چيو ته ان کي فضول خرچي ۾ نه وڃاءِ پر ڪنهن ڪم ڪار ۽ گهر جي ضرورت ۾ استعمال آڻجان، پر شيخ چلي ۽ ان جي زال پئسن کي ڏسي عياشي شروع ڪري ڏني هوٽلن تي لذيذ طعام، چانهيون، قيما، ڪباب کائڻ لڳا، ان ڪانسواءِ ان جي زال قيمتي جوڙا خريد ڪيا، اها خبر جڏهن ان ساڳئي شخص کي پئي ته هي پئسا فضول خرچ پيا ڪن ته ڏک ٿيس ۽ شيخ چلي کان رقم واپس وٺڻ آيو ۽ شيخ چلي کي عدالت هلڻ لاءِ چيائنس پر شيخ چلي پنهنجي عقل کي استعمال ڪندي امير شخص اڳيان هڪ شرط رکيو ۽ چيو ته پنهنجو قيمتي لباس ۽ گهوڙو مون کي ڏي ته پوءِ ئي مان هلندس، انتي امير شخص هن کي پنهنجو لباس ۽ گهوڙو ڏنو، ائين هي عدالت ۾ پهچن ٿا، امير شيخ سڄو قصو جج کي ٻڌايو ان ڪانپوءِ شيخ چليءُ ڳالهائڻ شروع ڪيو، شيخ چلي چالاڪي دوکي سان امير شخص کي عدالت ۾ ڪوڙو ثابت ڪيو، ۽ سيني کي چوي ٿو ڏسو منهنجي لباس کي ۽ منهنجو گهوڙو ڏسو ڇا مان توهان کي غريب ٿو لڳان، جناب اعليٰ هن شخص جو دماغ خراب آهي، سندس ڪنهن به ڳالهه تي يقين نه ڪيو وڃي هي شخص ڪوڙو آهي، جيڪڏهن ان کان پڇندو ته هي لباس ۽ گهوڙو ڪنهن جو اهي ته هي اهو ٻڌائيندو ته منهنجو آهي (4)

هي پنهنجا دليل ڏئي امير شيخ کي عدالت ۾ ڪوڙو ثابت ڪري ان جو

لباس ۽ گهوڙو ڦٻائي ٿو ويهي.

''جهرڪين جي فرياد'': هن ڪهاڻيءَ ۾ بي زبان جانور تي ڪهل ڪرڻ انهن جي حفاظت ڪرڻ جي نصيحت ڪيل آهي پر اسان جي معاشري ۾ ڪي انسان اهڙا به هوندا آهن، جيڪي بي زبانن جانورن ۽ پکين تي ڪو ترس نه ڪندا آهن، انهن کي تمام گهڻيون تڪليفون ڏيندا آهن، انهن کي ستائيندا ۽ ماريندا پڻ آهن، جيڪي اهو نه سوچيندا آهن ته اهي به خدا جي خلقيل مخلوق آهن، انهن کي به الله سائين ساهه ڏنو آهي، انهن کي ڏک لڳڻ سان ايذاءُ ايندو پر ڪيترا ماڻهو ته پکين کي مارڻ انهن جو شڪار ڪرڻ ئي پنهنجو مشغلو بڻائي ويهندا آهن پر انهن جي ڪيل ظلمن ۽ نا انصافيءَ جو هڪ ڏينهن انهن کي حساب ڏيڻو پوندو آهي بي زبان جانورن ۽ پکين کي ستائڻ نه فقط گناهه ۾ شامل آهي پر سماجي ۽ اخلاقي طرح به غلط آهي، معاشري ۾ به اهو ماڻهو ظالم ئي سڏبو آهي، هن ڪهاڻي ۾ هڪ اهڙي ڪردار کي ڪنيو ويو آهي، هڪ طرف جمال بابت ٻڌايو ويو آهي ته هو سٺي اخلاق جو مالڪ هو، سهڻا لچڻ وڏن مٿن مائٽن، استادن جو ادب ڪندڙ، علم دوست محنت سان پڙهندو لکندو هو پنهنجي ڪمن کي وقت تي پورو ڪندو هو ان جو ٻيو پاءُ ڪمال جيڪو ان جي صفا ابتڙ هو، شرارتي نه اسڪول وڃي نه ئي ڪنهن ننڍي وڏي جو لحاظ ڪري پر هڪ ڏينهن هن ۾ وڏي تبديلي ٿي اچي، جنهن کي ڏسي استاد ۽ شاگرد حيران ٿين ٿا، ان ڏينهن تي ڪمال جو اسڪول جو سچو ڪم ٿيل هو، استادن ۽ شاگردن گهڻو اسرار ڪيو ته انهن کي پنهنجي تبديلي جو ڪارڻ ٻڌائي سو ڪمال انهن کي ٻڌايو ته مان روزانو تمام گهڻيون جهرڪيون ماريندو هيس، انهن جي شڪار ڪرڻ ۾ مزو ايندو هو، هڪ ڏينهن مان انهن جو شڪار ڪندي تمام پري نڪري ويس جو مٿان شام ٿي وئي، مان جهنگ جو رستو پلجي هڪ اهڙي جڳهه تي وڃي نڪتس، جتي ميڻ بتيون ٻري رهيون هيون، هڪ عاليشان تخت تي پکين جو بادشاهه باز ويٺل هو ۽ ان وٽ جهرڪيون فريادي بيٺل هيون، جن باز کي منهنجي شڪار بابت شڪايت ڪئي هئي ۽ دانهون ڪري چئي رهيون ته اسان کي انصاف کپي هي ماڻهو اسان کي بيگناهه ستائيندو آهي، ان کي سخت سزا ٻڌائي وڃي اهو ئي جهرڪن جو قاتل آهي، ائين گناهه جي سزا ٻڌائي وئي ۽ هڪ بکايل شينهن جي اڳيان ڦٽي ڪيو ويو ۽ مان روئي پاڻ بچائڻ لاءِ منٿون ٿو ڪيان، بچايو مون کي شينهن کائي ويندو پر ڪوئي به ويجهو نٿو اچي ائين منهنجي اک نند مان کلي ٿي وڃي مان هميشه لاءِ پکين

جو شڪار ڪرڻ ۽ جهرڪن کي مارڻ کان توبهه ٿو ڪيان تڏهن پوءِ پڙهڻ جو پڪو ارادو ڪري اسڪول پهتس (5)

''امنگن جي آس'': جيئن دنيا ۾ جنم وٺندڙ هر انسان جي ڪا نه ڪا خواهش ضروري هوندي آهي، اهو ان کي پوري ٿيڻ لاءِ ڪوششون وٺندو آهي، جيڪڏهن ماڻهو مالدار ۽ شاهوڪار آهي ته هو پنهنجون ضرورتون خواهشون جلد پوريون ڪري سگهندو آهي پر جي ڪو غريبي ۽ مسڪيني حال ۾ هوندو آهي، ان کي پنهنجو ن خواهشون پوريون ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪرڻي پوندي آهي، تتي ٿڌي ۾ محنت ڪرڻي پوندي اٿس، تڏهن وڃي انهن جو پورائو ڪري سگهندو آهي، ائين هن ڪهاڻي ۾ جاويد به خوب محنت ٿو ڪري هو غريب هجڻ جي باوجود محنت ڪري پڙهي ٿو ۽ ان سان گڏ هو پورهئي ڪرڻ ۾ ڪو  به عيب نٿو سمجهي پورهئي مان جيڪا رقم ملندي هيس، ان مان ڪجهه خرچ ڪندو هو ۽ ڪجهه بچت ڪرڻ  لاءِ بانڊ خريد ڪندو هو پر جاويد پنهنجي غريبي حال تي گهڻو سوچيندو به هو هڪ ڏينهن هن کي رقم جي ضرورت ٿي پئي پر هن کي ڪو به پئسا ڏيڻ  لاءِ تيار نه ٿو ٿي گهڻو پريشان هو ۽ پنهنجي حال تي ڪيس افسوس ٿي رهيو هو، اچانڪ هن کي ورتل بانڊ ياد ٿا اچن، جيڪي ڪٺي بچت بئنڪ مان مٽرائي پئسا وصول ڪرڻ لاءِ پهچي ٿو پر هن کي محنت ۽ پنهنجي بچت ڪرڻ جي عادت جو نيڪ سلو ملي ٿو، هن جي بانڊ تي ويهه هزار انعام ٿو نڪري، ائين هي پنهنجي ضرورتن جو سولائي سان پورائو ٿو ڪري پنهنجي خواهش کي پورو ڪري ٿو، انسان جيڪڏهن صبر ۽ تحمل ۽ سياڻپ سان ڪم وٺي ته ڪيس الله سائين هڪ ڏينهن ضرور نوازي ڇڏيندو آهي ۽ سندس سوچ کان وڌيڪ عطا ڪندو آهي.

''ڪانون جو قتل'': هن ڪهاڻيءَ ۾ برائي ڪرڻ جو نتيجو برو ڏيکاريو ويو آهي، هڪ باغ جو مالهي جيڪو باغ ۾ ويهندڙ ڪانون کان بيزار ٿي پوي ٿو ۽ انهن جي پاڻي جي پاٽڙي ۾ زهر ملائي ڇڏي ٿو، جڏهن ڪانونءُ اهو پاڻي پيئن ٿا ته ڦتڪڻ ٿا لڳن ۽ هڪ هڪ ٿي مرندا وڃن ٿا، مالهي جيڪو بيدرد ۽ بي رحم هو سو ڪانون کي ڦتڪندو ڏسي ٺهڪ ڏئي کلي ٿو، هڪ ڏينهن ائين ٿيو ته جنهن باغ جي مالهي کي چور بندوق هٽي قتل ڪري وڃن ٿا، ائين ڪانون جي قتل جو خدا انصاف ڪري ٿو، ڇو ته سڀني کي الله سائين پيدا ڪيو آهي ۽ اهو ئي سڀني جي فرياد ٻڌندڙ آهي، هن ڪائنات جي هر شيءُ سندس طاقت جو

اظهار آهي، جنهن جي حڪم ڪانسواءِ وڻ جو هڪ پتو به نٿو لڏي سگهي، سو ان جي عذاب کان ڊڄڻ گهرجي، ڪنهن ڪنهن کي به ايذاءُ نه رسائجي ڇو ته مالڪ جي بارگاهه ۾ انصاف آهي، جيڪو ٻين جو برو ڪندو سو ان سان به برو ٿيندو.

<u>بشير ڀٽي جو ڪتاب ”مائي جهرڪي ۽ ڪانگ خان“</u>

بشير ڀٽي پنهنجي ڪهاڻين ۾ انوکو رنگ رکيو آهي، جنهن جي پڙهڻ سان پڙهندڙ جي اصلاح ٿئي ٿي هو انهن مان سبق حاصل ڪري ٿو، بشير ڀٽي جي ڪهاڻين ۾ ڳالهه کي سولي نموني سمجهايو ويو آهي، هن جو انداز اهڙو ته آهي جو ڪهاڻي پڙهڻ ڪانپوءِ اها ياد رهجي ٿي وڃي جيئن ڪهاڻي ”نالو ڪيئن قائم رکجي“ ان ۾ سليمان ٻار آهي، جنهن کي تمام گهڻو شوق آهي ته سندس نالو سدائين قائم رهي، ان لاءِ هو هر وقت اها ڪوشش ڪندو هو ته نالو اهڙي جاءِ تي لکان جو سڀ منهنجو نالو ئي ڏسن هو ان ئي سوچ ۾ رهندو هو ته اهڙي اٽڪل ڪري جنهن سان هاڪ ۽ ذڪر هجي هڪ ڏينهن هو درياءَ جي ڪناري تي واري تي پنهنجو نالو لکي ٿو جيڪو ڪجهه دير کان پوءِ پاڻي جي لهرن تي ڊهي ٿو وڃي ان ڪانپوءِ وري وڃي هڪ وڻ تي نالو لکي ٿو اڇي جيڪو به طوفان سبب ڪري ٿو پئي، ائين هي ڪڏهن ڪنهن پٽ تي ته ڪڏهن پٿرن تي پنهنجو نالو لکندو ٿو وتي پر ڪجهه اهڙو ٿئي ٿو هو هر ڀيري ڊهي ٿو وڃي هي پوءِ اداس رهڻ ٿو لڳي، هڪ ڏينهن هو اداس ويٺو هو ته اتان هڪ درويش جو گذر ٿيو، هن کان سبب پڇائين هن سڄي ڳالهه تفصيل سان ٻڌائي، درويش هن کي سمجهائي ٿو دنيا ۾ نالو ان جو قائم رهندو آهي، جيڪو سدائين ڀلائي جا ڪم ڪندو آهي ٻين جو خيال رکندو آهي، ڏک سک ۾ سڀني جو ساٿي بڻجي گڏ هلندو آهي اهو ماڻهو سدا ٻين جي دلين تي راڄ ڪندو آهي ۽ ان انسان جو نالو ڪڏهن به ناهي مٽبو، پٽين تي پٿرن تي لکڻ سان ڪو به فائدو ناهي انهن تي نالو لکڻ سان هرگز قائم نه رهندو نالو ان جو دنيا ۾ رهندو جيڪو سٺا ۽ چڱا ڪم ڪندو، بڪايلن کي ماني کارائي پاڙيسرن جو خيال رکي، ننڍن ٻارن سان پيار سان پيش اچي يتمين تي شفقت ڪري ان جو نالو ڪوئي ڊاهي نٿو سگهي.

<u>”ڪهاڻي سڀ کان وڏي ملڪيت“:</u>هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ فقير جو قصو آهي، جيڪو سڄو ڏينهن پني ۽ جيڪو مليس ڪائي پيءُ سمهي پئي، فقير ڪان

پورهيو ڪرڻ صفا نه پڄي هڪ ڏينهن هي رستي تان وڃي رهيو هو ته هڪ مسافر گڏجي ٿو، جيڪو فقير کي چئي ٿو چار هزار وٺ پنهنجو سڄو هٿ ڪٽي ڏي، جنهن تي فقير کي ڪاوڙ ٿي لڳي ته هٿ به ڀلا ڪا وڪڻڻ جي شيءُ آءُ، ائين مسافر فقير جي اکين جا چاليهه هزار، ڪنن جا ويهه هزار، پيرن جا ڏهه هزار لڳائي ٿو فقير جو غصو ٿو چڙهي وڃي ٿي وڌندي مسافر هن کي پوءِ سمجهائي ٿو ته جنهن وٽ قيمتي اکيون، هٿ، پير، نڪ جسم صحتمند جسم هجي اهو ڪيئن غريب ٿئي سگهي ٿو، توکي پنڻ ڇڏي، الله تعاليٰ جي نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي، اها نصيحت فقير کي وڻي ٿي ۽ شرمسار ٿي پنڻ کان بس ٿو ڪري محنت مزدوري ڪرڻ شروع ٿو ڪري.

"سڀ کان اعليٰ شيءَ ڪهڙي آهي": هن ڪهاڻيءَ ۾ اڪبر بادشاهه ۽ وزير بيربل جو ذڪر آهي، وزير بيربل هڪ ڏينهن دربار کان گهر روانو ٿو ٿئي، رستي ويندي هڪ غريب ڇوڪري تي نظر ٿي پئيس جيڪو وڻ هيٺيان پڳڙن جو ڪٽو ڪٽو ڪري ڪائي رهيو هو جنهن تي بيربل کي تعجب ٿو لڳي، ڇوڪري کان ان بابت پڇي ٿو ۽ خبر ٿي پئيس ته پڳڙا ٿورڙا آهن، بک تمام گهٽي لڳي آهي، دل کي آٿت ڏيڻ لاءِ هڪ هڪ ڪٽو ڪري ڪاوان ٿو، بيربل ان ڇوڪري کي گهر وٺي ٿو وڃي، جتي ان کي رهائش، ڪاڌو پيتي ڏي ٿو، اڪبر بادشاهه جنهن کي ڏکيا سوال پڇڻ جو شوق هو هڪ ڏينهن بيربل کي ٿو چئي ٻڌائي دنيا ۾ سڀ کان اعليٰ شيءَ ڪهڙي آهي، ان جو جواب ڏيڻ لاءِ بيربل مهلت ٿو گهري جنهن تي مهلت ته مليس ٿي پر جواب نه ڏيڻ تي قتل ڪرڻ جي ڌمڪي به مليس ٿي، بيربل جواب جي تلاش ۾ مختلف ماڻهن وٽ وڃي ٿو هر ڪو پنهنجي عقل مطابق جواب ٿو ڏي ڪو دولت، شهرت، تندرستي ائين مختلف ڳالهيون ٻڌي بيربل گهر ٿو اچي پر مطمئن نٿو ٿي، جواب ڏيڻ جو ٽائيم به پورو ٿيڻ تي اٿس سو لڙڪ لاڙي روئي ٿو ته هاڻ بس زندگي جي پڄاڻي آ غريب ڇوڪرو جنهن کي هن پناهه ڏني هئي سو اچي پريشاني جو سبب معلوم ٿو ڪري، بيربل ٻڌائي ٿو ته بادشاهه چيو اهو ته صفا سولو آ وڃ بادشاهه کي ٻڌاءِ ته سڀ کان اعليٰ شيءَ عقل آهي، بيربل خوش ٿيندو وڃي دربار پهتو ۽ بادشاهه کي جواب ٻڌايائين جنهن تي اڪبر بادشاهه تمام گهڻو خوش ٿو ٿئي ۽ بيربل جي سوچ جي ساراهه ٿو ڪري، بادشاهه وري هڪ ٻيو سوال ٿو ڪير ته عقل ڪائيندو ڇا آهي؟ بيربل وري جواب جي ڳولا ۾ نڪري ٿو پئي پر جواب ساڳئي ڇوڪري وٽان مليس ٿو اهو چئي ٿو، عقل فڪر ڪائيندو آهي، ان جي مٿان

اڪبر بادشاهه وري سوال ٿو ڪري عقل پيئندو ڇا آهي، بادشاهه سوال مٿان سوال ڪندو ٿو رهي وري بادشاهه چئي ٿو ٻڌاءِ عقل جي شڪل ڪهڙي آهي؟ ساڳئي بيربل جواب جي ڳولها ۾ پريشان ٿو ٿئي ڪو چوي ٿو ڇاپي جهڙي جيڪا بند ٽجوڙين ڪي کولي ٿي، ڪنهن حور پري چيو، ڪنهن ديوي ، ته ڪنهن هنج پکي چيو مطلب جيترا ماڻهو اوترا انهن جا مختلف جواب، گهمي ڦري ساڳئي غريب ڇوڪري وٽ آيو، هن پيري هو چوي ٿو عقل جي شڪل ڏيکارڻ لاءِ دربار هلندس، ائين هو اڪبر بادشاهه جي سامهون اچي بيهي ٿو، بادشاهه سلامت هڪ عرض آهي ته ڪلاڪ لاءِ بادشاهي مون کي ڏني وڃي، جنهن جي بادشاهه منظوري ٿو ڏي ۽ پاڻ تخت تان هيٺ لهي بيهي ٿو، غريب تخت ويهندي جلادن کي حڪم ٿو ڏي ته اڪبر بادشاهه جو سر قلم ڪيو وڃي، اهو ٻڌي سپاهي تلوارن کي مٿي ڪن دربار ۾ گوڙ مچي ٿو وڃي پر ڇوڪرو پنهنجي رعب سان چوي ٿو خبردار بادشاهه مان آهيان، ، ائين اهو پنهنجي ڏاهپ ۽ هوشياري سان بادشاهه کي عقل جي شڪل ڏيکاري ٿو، ان لاءِ ڪو به فيصلو جلد بازي ۾ اچي نه ڪجي جو سڀ ڪجهه ماڻهو وڃائي ويهي ٻين جي ڳالهين تي هلڻ کان پهرين ان تي غور ويچار ضرور ڪجي اهو سوچجي ته ڪهڙي ۾ فائدو ٿيندو ۽ ڪهڙي شيءَ ۾ نقصان ٿيندو.

"ٻيڙي جو واپار": هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻيڙي ايتري چالاڪ آهي جو پنهنجي سياڻپ سان هڪ دڪاندار کان 524288 وٺي ٿي وڃي ۽ ويچاري واپاري جو جهڳو ئي جهڻ ٿي ڪري ڇڏي.

"شهري ڪئو ۽ ڳوٺاڻو ڪئو"هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ سادڙي ۽ پورڙي ڳوٺاڻي ڪوئي جو ذڪرآهي، جنهن وٽ هڪ سگهارو شهري ڪئو گهمڻ ٿو اچي، ڳوٺاڻو ڪوئو ويچارو پنهنجي وصيت آهر هن لاءِ اوسي پاسي جي پوکن مان وڃي ڪونئرا ڪونئرا سنگ جون جو اٽو، ماني جا پورا، سٺي پڪل صوف جو ٽڪر، پنهنجي شهري مهمان جي ميزباني ۾ پيش ٿو ڪري پر شهري ڪئو هو شهر جي کاڌن جو عادي سو ٽڪو مزو نه آيس، سو ڳوٺاڻي غريب کي ويٺو پنهنجا ٻول ڏيڻ ته ڳوٺ ۾ ته جهنگ ئي جهنگ آهي، ڇا رکيو آهي، هتي ادا جي موڪل ڏين ته سڄي ڳالهه کولي ڪٽي ٻڌايانءَ پلا ههڙي ٻڇڙي جاءِ ۾ تون گذارين ڪيئن ٿو! هي جهنگ ۽ چوڏاري گاهه ۽ وڻ، جبل ۽ نيون انهن ڪانسواءِ ته ٻيو ڪي به ڪو نه ٿو نظر اچي تنهن ڪري منهنجي صلاح وٽ شهر هلي رهه

اتي تون ڏاڍو سکيو ٿيندين ۽ مزا ماڻيندين اتي جو ماحول ايترو وڻندي جو ٻهراڙي وسري ويندي! (6)

ڳوٺاڻو مئيون مئيون ڳالهيون ٻڌي صفا مست ٿو ٿي وڃي وني ٿو شهر ڏانهن منهن ڪري وڃي ٿو شهر پهچي جتي وڏيون عمارتون ڏسي حيران ٿو ٿئي، ائين شهري ڪئو هڪ جهنگلي ۾ وڏي وڃيس ٿو، بنگلي ۾ ان ڏينهن شادي هئي جتي قسمين قسمين جا کاڌا بورچي خاني ۾ رکيا هيا، مٺايون، ميوا، زردا، پلاءُ، اهڙا طعام ته هن ڏٺائي نه هيا، سو ساراهه ڪندي ٿڪجي ئي نه ٿو، شهري ڪئي کي داد ٿو ڏي بس زندگي شهر جي آهي، دوست سچو آهين، هي ڪائڻ ۾ گم هيا ته ٻه وڏا ٻلا ميائو ميائو ڪندا بورچي خاني ۾ پهتا، ڳوٺاڻي جو ساهه سڪي ويو، هن کي بنگلي ۾ لڪڻ جي ڪا جڳهه نظر نه آئي موت کي پنهنجي مٿان ڦرندو  ٿو ڀانيئن ائين سوچي ٿو ته نه ٻين جي ڏٽن تي لڳان ها نه اڄ اهڙو حال ٿئي ها.

<u>”گلاب جهڙا ڇوڪرا“:</u>هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ هڪ پوڙهي عورت جي چڙ، ڪاوڙ ۽ ننڍڙن ٻارن کي سمجهائڻ بجاءِ  انهن کي مارڻ ڪٽڻ سزا ڏيڻ جو انجام ٻڌايو آهي هڪ ڳوٺ ۾ هڪ پوڙهي عورت تنها رهندي هئي جنهن جو ڪو ٻه مٽ مائٽ ۽ سنگتي ساٿي نه هيو هو هر وقت پنهنجي اڪيلائي جي ڪري ادا ڏيندي هئي ۽ روئيندي هئي، هڪ ڏينهن ان وٽ هڪ پري ٿي اچي ۽ ان جي اداسي ۽ روئڻ جو سبب پڇي ٻڍڙي کي ان مدد ڪرڻ لاءِ چئي ٿي ٻڍڙي جي اڪيلائي دؤرڪرڻ لاءِ هو ڪجهه گلاب جا گل پٽي  ان جي ڪمري ۾ رکي ٿي، وڃي جيئن  ئي ٻڍڙي ڪمري ۾ داخل ٿي ٿئي ته اهي گلاب جا گل خوبصورت ٻارن ۾ تبديل ٿئي ٿا پون، ٻڍڙي جي گهر ۾ رونق لڳي ٿي وڃي ڪي ٻار مذاق ڪنهن ڪلن پيا ته ڪي راند روند ۾ پڇي ڊڪي رهيا هيا، مطلب ته ٻڍڙي جي گهر ڀهڪڻ لڳو پر هوءُ ٻارن جو قدر نٿي ڪري هڪ ٻار ڪان ڪو شيشي جو ٿانوءَ پڇي ٿو پوي هيءُ انهن ٻارن کي ڏاڍي سزا ڏي ٿي، انهن کي لڪڻ هٽي ماري ٿي، جنهن ٻار ويچارا خاموش ٿي ٿا وڃن، هو راند روند ۽ کلڻ ڇڏي ٿا وڃن، جڏهن انهن جو پري اهڙو حال ڏسي ٿي ته هوءَ ٻارن کي ٻڍڙي جي گهر مان واپس وني هلي ٿي وڃي، جڏهن ڪراڙي عورت ڪمري ۾ وڃي ڏسي ٿي ته اتي ڪو ٻه نه آهي، ساڳيان گل پيا آهن ته هوءَ سڄي ڳوٺ ۾ ٻارن کي ڳولهي ٿي پر ٻار ته پري واپس موٽائي ڪٽي وئي هن کي ڪٿي ٻه نظر ڪو نه آيا، ائين هيءُ ٻڍڙي عورت اڪيلي ٿئي ٿي وڃي ۽ پنهنجي عمل تي ڏاڍو پڇتائي ٿي.

''لڪل خزانو'':هن ڪهاڻي ۾ هڪ محنتي پوڙهي هاريءَ جو قصو آهي، جيڪو سڄي زندگي محنت ڪري ٿو. ان جا ٽي پٽ نهايت سست ۽ نڪما آهن، جيڪي سڄو ڏينهن سمهيا پيا هوندا آهن، اهي ٽئي ڪو به ڪم ڪو نه ڪندا هئا، انهن کي پيءُ جڏهن به ٻنيءَ تي هلڻ لاءِ چوندو هو اهي نٽائي ويندا هيا، هاري پٽن جي ان حرڪت تي ڏاڍو غمگين گذارڻ لڳو، ڇو ته هو نه ڪم ۾ دلچسپي پيا وٺن ته نه ئي جو ان هوندي ڪو فڪر هين بس هتان جو هتي فضول گهمندا ڦرندا وتندا هيا، هڪ ڏينهن پوڙهو سخت بيمار ٿي پيو مرڻ کان اڳ ٽنهي پٽن کي گهرائي چئي ٿو "مون وٽ هڪ نهايت قيمتي خزانو آهي، جيڪو مان ٽنهي لاءِ لڪائي رکيو آهي، مون اهو خزانو پنهنجي ٻني ۾ ڪنهن هنڌ لڪائي ڇڏيو آهي، پر اهو ڪو نه ٻڌائيندس ته اهو ڪهڙي هنڌ لڪل آهي، اهو خزانو توهان کي ڳولهي هٿ ڪرڻو آهي. (7)

ائين پوڙهو هڪ ڏينهن گذاري ٿو وڃي ۽ ان جا پٽ خزاني جي لالچ ۾ سڄي زمين کي کوٽن ٿا پر ڪجهه حاصل نٿو ٿين ائين هي ڪيترائي ڏينهن ساڳيو زمين کوٽڻ جو عمل ڪندا رهن ٿا، هنن جو جسم ٿڪجي ٿو پئي پر خزاني حاصل ڪرڻ جاخواب ڏسندا ٿا رهن، هنن سڄي زندگي ڪڏهن به ڪو ڪم نه ڪيو هو ته ڪين ڪم جو ڪو قدر ٽئي ها پر لالچ بري بلا سو ايتري ٿڪ باوجود به خزاني جي لالچ ڪين وري ڪم تي هرڪايو، هنن زمين کي گهٽي اونهائي ۾ کوٽيو پر خزانو ڪٿي نظر ڪو نه آيو نيٺ هي ٽئي ان زمين ۾ ان پوکڻ جو سوچن ٿا ۽ ٻج ڇٽن ٿا، وقت گذرڻ سان هنن جو فصل زمين ۾ سٺو ٿئي هنن کي پنهنجي محنت جو ڦل ملي ٿو ۽ پيءُ جيڪو خزانو ٻڌايو هو اهو ڪهڙو هيو، ائين هنن ست ڪاهل پائرن کي پورهئي ڪرڻ جو سبق ملي ٿو.

''مائي جهرڪي ۽ ڪانگ خان'':مائي جهرڪي جيڪا پنهنجي موم جي گهر ۾ رهندي هئي ۽ ڪانگ خان جو گهر لوڻ جو ٺهيل هو هڪ ڏينهن مائي جهرڪي ڪاڏي جي ڳولها ۾ ٻاهر نڪتي ۽ چانورن ۽ دال جا ڪجهه داڻا ميڙي آئي ۽ کچڙي ناهي جڏهن کچڙي نهي تيار ٿي ته مائي جهرڪيءُ کي ياد اچي ٿو ته ان ۾ لوڻ ناهي ۽ مائي جهرڪي وٽ به لوڻ نه هيو، هوءَ ڪانگ خان جي گهر لوڻ اڌارو وٺڻ وئي، ڪانگ خان کان جڏهن لوڻ گهريائين ته هن صاف جواب ڏنس ته وڃ مائي مان تنهنجي کچڙي لاءِ پنهنجو گهر خراب ٿورئي ڪندس، ائين ويچاري مائي جهرڪي موٽي اچي ڦڪي کچڙي کائي پيٽ تي پري، هڪ ڏينهن تيز

برسات پئي ۽ سخت طوفان لڳو  ڪانگ خان جو گهر لوڻ جو ٺهيل هو، سو برسات جي زور تي پاڻي ۾ ڳري ٿو وڃي ۽ ڪانگ خان مينهن ۾ پسي رهيو هو، جهرڪي کي ان تي رحم اچي ويو سو ڪانگ کي گهر وٺي آئي ۽ هڪ ڪمري ۾ آرام ڪرڻ لاءِ چيائين، ڪانگ کي پرسان واري ڪمري ۾ وڃڻ کان روڪي ٿي ان ۾ منهنجي محنت سان گڏ ڪيل پستا، بادام رکيل آهن، پر ڪانگ خان، مائي جهرڪي جي نه احسان کي ٿو ڏسي نه ئي ان جي محنت ڏي ٿو ڏسي، ڪٽر ڪٽر ڪري هن جي سڄي محنت سان گڏ ڪيل پستا، بادام ڪائي ٿو ويهي، ويچاري مائي جهرڪي جنهن ڪانگ سان چڱائي ڪئي پر ڪانگ ان جو احسان نه مڃو رهندو هن سان برائي ڪيائين.

''نٽ وڏن جو چيو مڃجي'': هن ڪهاڻيءَ ۾ بدڪ پنهنجي ٻچن سان گڏ روزانو درياءَ ۾ ترڻ ويندي هئي، هڪ ڏينهن اها بيمار ٿي وئي ۽ ٻچن کي درياهُ ۾ ترڻ کان روڪي ٿي، پر ٻچڙا گهڻو ضد ڪرڻ ٿا لڳن، نيٺ بدڪ ويچاري ٻچن کي وڃڻ جي اجازت ڏي ٿي پر ڪين اها به هدايت ٿي ڪري ته گهڻو پري نه وڃن ۽ درياهُ جي ڪناري پرسان ئي ڦرندا رهن ۽ گهر اچڻ ۾ دير  به نه لڳائن جلدي واپس اچڻ لاءِ به نصيحت ڪيائين. ٻچا نينگ ٽپا ڏيندا خوش ٿيندا درياءَ جي پاڻيءَ ۾ وڃي ترڻ لاءِ گهرن ٿا، ترندي ترندي بدڪ جي صفا ننڍڙي ٻچي سوچيو اڄ امان به ناهي چو نه درياءَ جو سير ڪجي هو ترندو پاڻي ۾ ٽپيون هڻندو ويو اڳتي نڪرندو هن کي گهڻو مزو اچي ويو ۽  اڳتي نڪرندو، جڏهن هن کي واپس موٽڻ جو خيال ٿو اچي، چا ڏسي هي ته گهڻو پري نڪري آيو هو، جتي پاڻي ئي پاڻي هو تيز وهڪرو هيو، ائين هو پريشانئي روئڻ لڳو پر اتي ڪوئي نه هيو، جيڪي هن جي مدد ڪري، هن کي پنهنجي ڪيل نافرماني تي ڏاڍو پڇتاءُ ٿو ٿئي، هوڏانهن سندس ماءُ ۽ ڀائرن به هن جي جدائي ۾ ڏاڍو پريشان ٿا ٿين، هي به ڪانن، سرن ۽ ٻوڙن مان گذري ٿو، هن کي پنهنجي ماءُ ڏاڍي ياد ٿي اچي، سوچي ٿو، مون امان جو چيو نه مڃي واقعي وڏي غلطي ڪئي آهي،  پوءِ هن نهايت ڏک سان آسمان ڏانهن نهاريو ۽ پنهنجي ننڍڙي چنهب مٿي ڪٽي چوڻ لڳو، الله سائين مون کي معاف ڪرڻ جو مان امان جو چيو نه مڃيو هاڻي مهرباني ڪري مون کي پنهنجي گهر پهچائڻ جو وسيلو پيدا ڪر ته جيئن سيني جي پريشاني ختم ٿئي آءُ پڪو واعدو ٿو ڪريان ته آئيندي ڪڏهن به ماءُ جو چيو نه موٽائيندس هوءَ جيئن چوندي ڪندم. (8)

ٻچڙي کي اتي رات گذري ٿي وڃي صبح جو وري هي ڊوڙڻ ٿو لڳي ۽ گهر

ڳولهڻ جي ڪوشش جاري ٿو رکي هلندي هلندي پري ڪان پنهنجو گهر نظر ٿو اچيس، تڪڙو تڪڙو ان طرف پڄي ٿو ڏسي ته ماءُ ۽ پائر هن لاءِ روئي رهيا هئا، نيٺ هي به وڃي پنهنجن سان ملي ٿو ۽ پنهنجي نا فرماني جي معافي ٿو وٺي ليڪڪ ڏاڍي سهڻي سمجهاڻي ڏني آهي سدائين پنهنجن وڏن جو چيو مڃڻ گهرجي چاڪاڻ ته اهي جيڪي چوندا آهن اهو صحيح هوندو آهي ۽ اهي ڪڏهن به پنهنجي اولاد جي برائي نه چاهيندا آهن.

ڊاڪٽر ادل سومرو

ڊاڪٽر ادل سومرو 15 آگسٽ 1955ع ۾ سکر شهر ۾ ڄائو هو، سندس اصل نالو عبدالڪريم ولد محمد صالح سومرو آهي، بنيادي تعليم سکر ۾ ئي حاصل ڪيائين، جڏهن ته 1979ع ۾ ايم اي سنڌي ادب ۾ ڪرڻ ڪانپوءِ ايم اي اقتصاديات ۾ ڪيائين شاهه عبداللطيف خيرپور ۾ سنڌي شعبي ۾ پروفيسر مقرر ٿيو هو ۽ بعد ۾ سنڌي شعبي ۾ چيئرمين پڻ رهيو، ادل سومرو سنڌي ٻوليءَ جي ناليواري شاعراسڪالر ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي رهنمائي هيٺ 1999ع ۾ سنڌ جي شاعرن اديبن ليکڪن جي تاريخي حيثيت رکندڙ قومي تنظيم سنڌي ادبي سنگت جي حوالي سان سنڌي ادبي سنگت جي تاريخ ۽ ڪردار جي عنوان سان پي ايڇ ڊي لاءِ تحقيقي مقالو لکي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ڊگري حاصل ڪئي هئي ٻارڙن جو هي نامور ڪهاڻيڪار سنڌي ادبي سنگت جو به دفعا سيڪريٽري جنرل پڻ چونڊيو ويو، هو ڪهاڻيڪار ڪان علاوه سنڌي ٻوليءَ جي سهڻي شاعر جي حيثيت رکي ٿو، ڊاڪٽر ادل سومرو جا پندرنهن ڪان مٿي ڪتاب پڻ ڇپيا آهن، جن ۾ روز ٽڙن رابيل، چنڊ پشم گولو،”پتلين جو تماشو“، ”پوپٽ جهڙا گيت“، نئين دؤرجان نوان سبق، رنگبرنگي ڦوڪڻا، مٽيءَ جا رانديڪا مون ڪي وساري نه ڇڏجوءِ 1984ع ”جيتن جي ڪانفرنس“ ڇپيو.

هن جي ڪهاڻين لاءِ اياز گل لکي ٿو ته ٻارن لاءِ ادب تخليق ڪرڻ ائين آهي، جيئن پنهنجي گهر جي اڱڻ ۾ رنگا رنگي سڳند پريا سوين گل پوکڻ، مرڪ جي موٽ مرڪ سان ڏيڻ يا هڪ وهيءَ ۾ ٻي وهيءَ جو قرض لاهڻ ۽ ائين به آهي ته ٻارن لاءِ لکڻ نه صرف ڏکيو آهي، پر ڏاڍو ڏکيو آهي، بوتل ۾ ديو ڪي بند ڪرڻ وانگر ٻالڪپڻ جا جذبا، ٻاتا ٻول، روئڻ کلڻ، ضد ڪرڻ، رسڻ پرچڻ، ڦرهيءَ ڪان فيئر بڪ وارو زمانو، گهٽو گهٽو پوءِ جي عمر ۾ جيئن جو تيئن سپني رنگن ۽ سپني احساسن سان موٽائي ڏيڻ، يقيناً هڪ ڪارنامو آهي ۽ اهو ڪارنامو ڪنهن جهڙي تهڙي جو ڪم ناهي ۽ اهو ئي اهم ڪارڻ آهي، سنڌي

ادب ۾ ٻارڙاٽي ادب جي کوٽ آهي.

اهڙي وقت ۾ جڏهن وڏا وڏا ليکڪ، شاعر ٻارن جو ادب تخليق ڪرڻ کان ونئون ٿا وڃن، تڏهن ادل سومري جو ٻارن لاءِ ايڏي تسلسل ۽ سنجيدگي سان لکڻ هڪ وڏو ڪمال به آهي ته سندس ٻارن سان بيحد محبت جو چٽو پٽو ثبوت به آهي، ايستائين چوڻ سچ ٿيندو آ سندس ٻارن سان بيحد محبت آهي جو هن دؤرجو ٻاراٽو ادب، ادل سومري جي حوالي  کانسواءِ اڻپورو رهجي ويندو، ادل سومرو جو جملي پنجون ۽ نثر جو ٻيو ڪتاب "جيتن جي ڪانفرنس" جي نون ڪهاڻين تي مشتمل آهي، تن جو فني سٽاءُ لوڪ ڪهاڻين وارو آهي، لوڪ ڪهاڻيون جيڪي شهري ماحول جي جادو ۾ نانين، ڏاڏين کي وڏي چمار نه ملڻ جي حادثي ڪانپوءِ آهستي آهستي پنهنجي اهميت ۽ اثر وڃائي رهيون آهن، روشنيءَ جي رفتار کان تيز رفتار جهازن ۽ راڪيٽن جي دؤرڇ حقيقتن جي تيز اس ۾ لوڪ ڪهاڻيون جا غير حقيقي واقعا جادوئي ماحول ۽ اڇرج ۾ وجهندڙ ڪردارن جا رنگ، آهستي آهستي اڏامي رهيا آهن، هن دؤرڇ رڳو جڙتو ۽ هٿرادو، غير حقيقي ڳالهين جي رانديڪن سان پرپائڻ غلطي ٿيندي، ڪين ذهني سجاڳيءُ جو سبق ڏيڻ، ڪوڙ ۽ سچ جي پرک ڪرڻ جو طريقو ڏسڻ، پنهنجي ڌرتي ديس سان پيار ڪرڻ ۽ دنيا جي ٻين ملڪن جي ٻارن سان مقابلي جي ڊوڙ ۾ پاڳي پائيواري ٿيڻ لاءِ همٿائڻ، بهتر حال ۽ آئيندي جي بقا لاءِ ضروري ٿي پيو آهي. (8)

ادل سومري ٻارن جون ڪهاڻيون لکڻ وقت ان جي پلاٽ ان  جي اسلوب منظر نگاري ۽ ٻولي کي ٻارن جي عمر کي ذهن ۾ رکي لکيون آهن، جيڪي ٻارن جي ذهني تربيت لاءِ وڏيڪ ڪرائتيون لڳن ٿيون، ادل سومرو نثر جو هڪ وڏو ليکڪ آهي، هن پنهنجي آس پاس جي پکڙيل حقيقي ۽ دلچسپ ڪردارن کي سنڌي ٻاراٽين ڪهاڻين ذريعي متعارف ڪرايو آهي، جنهن ۾ هن جا ڪردار به ڪهاڻين جي نالن وانگر نوان ۽ وڻندڙ آهن، جيڪي پڑهڻ ۾ هڪ چاهه پيدا ڪن ٿا.

اياز گل لکيو آهي ته "ادل پراڻي انداز ۾ پراڻيون پوڙهيون، نصيحتون، نون لفظن ۾ نون ڪردارن ذريعي نيون راهون ڏيکارڻ لاءِ نئين سيئن ڪيون آهن، هو ٻارن کي هر قسم جي براين کان پاڪ صاف ڏسڻ جو خواهشمند آهي، ٻارن ذريعي هو اهڙي معاشري جو پيڙهه وارو پٿر رکڻ ٿو چاهي، جنهن جي عمارت ڪنهن به قسم جي ملاوٽ واري مٽيريل مان جوڙيل نه هجي اهڙو ماحول تخليق ڪرڻ ٿو چاهي جنهن ۾ سونهن هجي سگهه هجي، سچ هجي ۽ انهن

سپني شين کي جڏهن چندي ڦوڪي توري تڪي، سوڌي سنواري صاف ڪري هڪ روپ ٿو ڏجي ته ظاهر ٿي ٿو پوي، سندس پيار ٻارن سان بي انتها پيار بنان لالچ لوڀ جي اڇو اجرو پيار. (9)

''جيتن جي ڪانفرنس'': ڊاڪٽر ادل سومري جو ڪتاب ڪهاڻي "شرارتي ڪوئو ڪرچولي" هن ڪهاڻي ۾ ڊاڪٽر ادل سومرو انهن ٻارن کي نصيحت ڀريو پيغام ڏيڻ ٿو چاهي جيڪي ڪنهن وڏي جو چيو ناهن مڃيندا، ضد هٺ ڪندا رهندا آهن، هو هر حوالي سان پاڻ کي سياڻو ۽ ٻين سڀني کان مٿانهون چالاڪ هوشيار ۽ سهڻو سمجهندا آهن، ڊاڪٽر ادل هن ڪهاڻي ۾ سمجهايو آهي ته سونهن اخلاق ڪانسواءِ ڪجهه به ناهي اگر ماڻهو جا لڇڻ چڱا ناهن ته هن جي سونهن به ڪنهن ڪم جي ناهي ڪهاڻي ۾ ڪئو ڪرچولي بيحد شرارتي هو جيڪو ته ماءُ جي چوڻ ۾ نه ئي پيءُ جي چوڻ ۾ بس پنهنجي مت تي هلندو هو، هڪ ڏينهن هو رنگريز جي دڪان ۾ رهندڙ ڪوئن سان دڪان ۾ رهندو ۽ ان دڪان ۾ ڏاڍا ۾ هوندا هيا، جتي ڪوئا رهندا هيا، شام جو جڏهن رنگريز دڪان بند ڪندو هيو ته سڀ ڪوئا ٻرن مان نڪري هڪ ٻئي سان ڪچهريون ڪندا هيا، پر ڪرچولي پنهنجي عادت کان مجبور شرارتن ۾ پورو ڪڏهن ڪٿي ٽپو ته ڪڏهن ڪٿي ٽينگ ٽپا ڏئي عجيب حرڪتون ڪندو هو هڪ شام جو ٽينگ ٽپا ڏئي پنهنجي مستي ۾ راڳ ڳائي رهيو هو ٻين ڪوئن کي چيڙائي رهيو هو ته اوچتو رنگريز جي ڳاڙهي رنگ سان ڀريل وڏي ڪونڊي ۾ ڪري ٿو ۽ غوطا کائي کائي نڪري ٿو، جڏهن هو ٻاهر ٿو اچي سڀني ڪوئن کان نرالو ڳاڙهي رنگ جو هن جو غرور اجا وڌي ٿو وڃي ماءُ وٽ اچي چئي ٿو امڙ او امڙ! ڏس ته آءُ ڪيترو نه سهڻو ٿي پيو آهيان، ماءُ کيس وري به سمجهائيندي چيو ته پٽ! تون ظاهري طور ڪيترو به خوبصورت چو نه هجين پر جيڪڏهن تنهنجا لڇڻ خراب آهن ته تنهنجي سموري سونهن بيڪار آهي (9)

پر ڪرچولي پنهنجي ان ئي وڏائي ۾ ٻڏل رهي ٿو، هن کي برادري جا ڪئا به گهڻو سمجهائن ٿا پر هي هر ڪنهن جي ڳالهه ٽاري ٿو، هي ساڳئي جڳهه تي اچي پنهنجي عادت موجب وري ٽينگ ٽپا ٿو ڏي پنهنجي ڌن ۾ حرڪتن ۾ مشغول ڪنهن جو خيال ئي نٿو ڪري ائين بيخيالي ۾ وڃي ڪاري رنگ جي ڪونڊي ۾ غوطا ٿو کائي، جڏهن اتان نڪري ٿو ته ٻين ڪوئن کان ڀوائتو ڪنو بڇڙو خوفناڪ ڪارو ڪارو پنهنجي صورت ۾ پنهنجي روپ تي روئڻ ٿو ويهي ۽ پنهنجون ڪيل سڀ غلطيون اڳيان ٿيون اچنس ڏاڍو افسوس ڪري روئي ٿو

پوءِ شرارت ڪرڻ کان توبهه ٿو ڪري ۽ سڀني ٿيڻ جو هميشه لاءِ پڪو پهه ٿو ڪري.

هن ڪهاڻي ۾ ڊاڪٽر ادل سومرو جيتن جي اتحاد ذريعي اسان کي اهو سمجهائيندو آهي ته اتحاد ڪيئن قائم ڪجي، اتحاد سڀني جي گڏجي هڪ ٿيڻ پڌڻ ڪرڻ سان ٿيندو آهي، اگر اتحاد نه هوندو ته اها قوم ڇڙوڇڙ ٿي ويندي ۽ ڪيترن ئي خطرن جو منهن ڏسندي هن ساري جهان جو ڪاروبار به اتحاد تي ٻڌل آهي جي اتحاد نه هجي ته جيڪر ڪا به شيءَ پنهنجي ساڳئي شڪل ۾ نه رهندي اسان جي ارد گرد جيڪي به ادارا هلندڙ آهن، انهن ۾ تعليمي ادارن هجن يا مذهبي، واپار هجي يا ڪارخانن جو هلڻ، آمد رفت جا وسيلا انهن سڀني کي هلائڻ لاءِ اتحاد نهايت ضروري آهي، ماڪوڙن يا ڪولن کي ڏسو ته اهي به هڪ ٻئي سان گڏگڏ هلنديون آهن، هڪ ٻئي جي پٺيان صفيران ٿاهي، ڊاڪٽر ادل سومري به ان ڪهاڻي ۾ نهايت خوبصورت انداز ۾ اتحاد کي قائم رکڻ جي نصيحت حسنائتي انداز ۾ ڪئي آهي، ڊاڪٽر ادل صاحب لکيو آهي ته هڪڙي جهنگ ۾ جيتن پاڻ ۾ اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي، جنهن ۾ ننڍا وڏا اُڏامندڙ زهريلا سڀ جيت اچي ڪٺا ٿيا، ڪانفرنس ڪوٺائڻ جي، تجويز ڪوريئڙي ڏني، ان جو مقصد هيو ته جيئن هر ڪو پنهنجا مسئلا پيش ڪري ۽ آئيندي لاءِ به ٻڌي برقرار رهي، ڪانفرنس کان اڳ گهريتڙن سخت محنت ڪري مٽي جي هڪ اسٽيج ٺاهي، جنهن کي ماڪوڙن ۽ ٽنڊڻ ميدان کي سڌو ٺا ڪن ۽ پنيوريون پرن سان صفائي ڪري ٿيون وٺن، ڪانفرنس واري ڏينهن تي سڀ جيت اچي مڙيا ڪانفرنس جي صدارت نانگن جو سردار ٿو ڪري ۽ پوپٽن جو چڱو مڙس رنگو پوپٽ اسٽيج سيڪريٽري ٿيو، رنگو پوپٽ سڀ کان پهرين مڻ مڻ مک کي اسٽيج تي اچڻ جي دعوت ڏي ٿو، جنهن تي مکين ۾ پون پون پئجي ٿي وڃي ۽ اسٽيج تي ڳالهائڻ لاءِ رنگين مک کي موڪليو ٿو وڃي، جيڪا اچي پنهنجا مسئلا پيش ٿي ڪري، ان ڪانپوءِ ڪوريئڙن جو چڱو مڙس ڪانيو ڪوريئڙو تاڙين جي گونج ۾ اسٽيج تي اچي ٿو، ائين هڪ ٻئي جي پٺيان جيت ايندا ٺا رهن، جن جو مقصد امن اتحاد آهي، تقريرون ڪري پاڻ ۾ ميٺ محبت، ڀائيچارو قائم ڪرڻ لاءِ زور ڀرن ٺا، هڪ ٻئي کي اها ئي نصيحت ڪن ٺا، ڪو به جيت ڪنهن ٻئي جيت کي نقصان نه رسائي پر ڏکئي ويل سڀ پاڻ ۾ گڏجي هلو هڪ ٻئي جي مدد ڪيو.

''نيڪدل طوطو'': هڪڙي ماري هڪ پولينڊڙ طوطي کي پڃري ۾ قيد ڪيو ۽ ان کي وڪڻڻ لاءِ هوڪا ڏيندو بازار پهتو، طوطو جيڪو ويچارو ڏاڍو پريشان هو، ماري کي تمام گهڻا ايلاز ٿو ڪري ته آزاد ڪر پنهنجن ٻچن سان ملان هو انتظار ڪندا هوندا، پر ماري هر ڀيري اهو چئي لنوائي ٿو ته مان تنهنجي ڳالهين ۾ ڦاسڻ وارو ڪو نه آهيان، نيٺ اهو طوطو هڪ شخص خريد ڪيو، ساڳئي طرح طوطو هن کي ليلائڻ لڳو، ان شخص چيو مون توکي پنهنجي ننڍڙي پٽ لاءِ خريد ڪيو آهي، جو هو ڪيترن ڏينهن کان طوطي جي طلب ڪري رهيو هو، طوطو ان شخص کي احساس ڏياريندي چوي ٿو ته توکي پنهنجي پٽ جي خوشي عزيز آهي، ان خاطر مون کي آزاد ڪر ته پنهنجن ٻچن سان ملان طوطي جا درديلا جملا ٻڌي هن شخص جي اکين ۾ پاڻي ٿو اچي ۽ هو ان طوطي کي ان ئي وقت آزاد ٿو ڪري، ائين طوطو پنهنجي ٻچن سان اچي ملي ٿو ۽ گڏجي سڀ ان کي شخص کي دعائون ٽا ڪن، هڪ ڏينهن طوطو انب جي وڻ ۾ لڏي مٺيون ٻوليون ٻولي رهيو هو، ان جي نظر هڪ شخص تي پئي، جيڪو پريشان حال ۾ ويٺو هو، طوطو ان شخص وٽ اڏامي آيو، طوطي ڏٺو ته هي ته اهو ئي شخص آهي، جنهن کيس آزاد ڪيو هو پوءِ طوطوڪي ان شخص جو حال معلوم ڪيو ۽ ان جي پريشاني جي وجهه معلوم ڪري ٿو، جنهن تي اهو شخص کيس ٻڌائي ٿو ته ان جو پٽ ڏاڍو بيمار آهي، اهو صرف شينهڻ جي کير پيئڻ سان ٺيڪ ٿيندو طوطو ان شخص کي دلاسو ڏئي اڏامي ٿو پاڻ کير جي ڳولها ۾ نڪري ٿو، پنهنجي دوست، ڳيري ۽ ڪانو جي مدد سان گدڙ وٽ اچن ٿا، ان کي سڄو قصو ٻڌائن ٿا ۽ کيس مدد ڪرڻ لاءِ چون ٿا، ائين گدڙ به هنن جو ساٿ ڏيڻ جو چوي ٿو طوطو پنهنجي دوستن جي مدد سان کير حاصل ٿو ڪري ۽ ان شخص وٽ وڃي پهچائي ٿو، جيڪو کڻي وڃي پٽ کي پيئاري ٿو، جيڪو چاڪ چڱو ڀلو ٿي وڃي ٿو، هن ڪهاڻي ۾ ليڪڪ نيڪي جو بدلو ڏيکاريو آهي، ٻئي طرف پنهنجي احسان جو بدلو به چڪائي ٿو، نيڪي ڪڏهن ڪنهن جي ضايع نٿي ٿي، اهڙي طرح ڪنهن سان به چڱائي ڪرڻ سٺو عمل پڻ آهي.

''شهباز خان ۽ فقير'': ڊاڪٽر ادل سومرو هن ڪهاڻيءَ ۾ ماڻهن جو دولت تي غرور ڪرڻ ٻئي تي رحم نه ڪائڻ، پاڻ کا گهٽ حيثيت رکندڙ غريبن کي گهٽ وڌ چوڻ جي سزا جو انجام ڏيکاريو آهي، هن ڪهاڻي ۾ شهباز خان کي پنهنجي دولت تي ڏاڍو غرور هيو، هو ڪنهن ٻئي کي پاڻ جهڙو ڪو نه سجهندو هو، هڪ ڏينهن هڪ فقير شهباز خان جي بنگلي سامهون جهوپڙي ٿو ٺاهي، ان تي

شهباز خان کي تمام گهٽي ڪاوڙ ٿي لڳي، جنهن کي گهٽ وڌ ڳالهائي اها جهوپڙي ڍهرائي ڇو ڇڏي ۽ فقير ويچارو ڪجهه چوڻ کان بنا هتان هليو ٿو وڃي، پر وقت گذرڻ ۾ دير نٿي لڳي، شهباز خان جا پٽ جيڪي نشيءَ ۾ جواري هيا، جيڪي پنهنجي سڄي ملڪيت جوا، نشي ۽ ٻين برن ڪمن ۾ خرچ ڪري وڃائي ٿا ڇڏين، شهباز خان بي گهر ٿئي ٿو، هڪ ڏينهن هو وڃي رهيو هو ته رستي ۾ طوفان ۽ تيز برسات ٿي لهي هي هڪ جهوپڙي ڏسي ان ۾ پناهه ٿو وٺي ذاتي رهندڙ شخص هن کي عزت سان ويهاري ٿو، ماني کارائي آرام ڪرڻ لاءِ چويس ٿو، هو جڏهن باهه جي روشني کي تيز ٿو ڪري ته ڇا ڏسي هي ته اهو ئي فقير آهي، جنهن جي جهوپڙي ڍاهي پٽ ڪئي، هيائين پوءِ ته ڏاڍو پشيمان ٿو ٿئي، اتان وڃڻ ٿو چاهي پر برسات طوفان جي ڪري نڪري به نٿو سگهي، پنهنجون سڀ غلطيون ياد ٿيون اچنس ۽ فقير کان پنهنجي غلطي جي معافي ورتائين، فقير چوي ٿو، انسان خطا جو گهر آهي، هو پنهنجي سهولت تي مغرور ٿي الله تعاليٰ جا سڀ احسان وساري الله جي مخلوق کي رنجائي ٿو، فقير افسوس ڪندي چيو ته دولت تي اچٽي وڃٽي شيءُ آهي، ان تي ڪهڙو ڀروسو! انسان کي پنهنجي ڪردار کي بلند رکڻ گهرجي ڇو ته الله تعاليٰ جو خلقيل ڀانهن تي رحم ڪرڻ، محبت ڪرڻ به عبادت ۾ شامل آهي، ان لاءِ هن ڌرتي تي هٿ وڏائي ڪري آڪڙ ۾ نه هلجي بلڪي نياز نوڙت سان رهڻ گهرجي. (10)

<u>"ڊگهو ۽ بندرو به دوست":</u> ڊگهو ۽ بندرو پاڻ ۾ به دوست هيا، جنهن تي ڳوٺ جا سڀ ماڻهو طنز ۽ ٽوڪ ڪندا هيا، هي ٻئي ويچارا هر هڪ جي طنز جو نشانو بڻيل هيا، هنن ٻنهي مان هڪ دوست تمام ڊگهو هو ته ٻيو بندرو هو، انهن مان ڊگهي جو نالو ارباب هيو، پر سڀ ان کي ٽوڪيندي چيڙ مان ارباب اٺ سڏيندا هيا ۽ بندري جو نالو وري دائم هو، ماڻهو ان غريب کي دائم دبو چوندا هيا، هو ڏاڍو ستايل هيو، هڪ ڏينهن ٻئي ئي دوست پاڻ ۾ صلاح ڪري اهو شهر ڇڏي ٿا وڃن، ٻئي جڻا ضرورت جو سامان کڻي سفر تي نڪري ٿا پون، ڊگهو ماڻهو مغرور وڏائي خور هو، جيڪو ڳالهه تي بندري کي اهو احساس ڏياريندو هو ته مان سمجهه ۽ عقل ۾ توکان وڌيڪ آهيان، سفر ۾ ڊگهي ماڻهو کي بک ٿي لڳي، هو بندري کي ڪجهه کائڻ لاءِ آڻڻ لاءِ چوي ٿو، بندرو ويچارو ڪاڏو ڳولهي ٿو، هن کي ميون جا وڻ نظر ٿا اچن، جنهن تي هي قد جو بندرو هجڻ ڪري پهچي نٿو سگهي، جڏهن ڊگهي کي ٻڌائي ٿو، اهو وري هن مٿان ڪاوڙ جو اظهار ٿو ڪري، بندري کي چئي ٿو، تون نڪمو آ، ڪنهن به ڪم جو

ناهي، ان تي بندري کي ڏاڍو ڏک ٿو رسي پر هن جو ڪو  به ته ناهي جو هليو وڃي، هي ٻئي سفر ڪندا هڪ  پهاڙي علائقي ۾ پهچن ٿا، هنن کي هلندي هلندي هڪ غار وٽ ٻڍڍي ماڻهو جو سونو تعويذ ڪري ٿو پوي ۽ غار جو منهن سوڙهو هجڻ ڪري ٻڍڍي ان ۾ وڃي به نه ٿو سگهيو پوءِ رڙيون ڪري تعويذ لاءِ روئڻ ٿو لڳي پر بندرو ماڻهو پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي غار ۾ تعويذ ڳولهڻ لاءِ وڃي ٿو ۽ اهو ڳولهي واپس ٿو اچي ائين بندري ماڻهو جي همدردي ۽ سهڻو رويو ڏسي ٻڍڍو شرمسار ٿو ٿئي. (11)

الله تعاليٰ ڪنهن کي به بيڪار ناهي ٺاهيو، ڪنهن جي شان ايڏي ڦٽڪار ڪرڻ چڱي ڳالهه ناهي نه ئي ڪنهن جي مٿان رعب تاب ڪري  ان کي برو ڀلو چئجي، انسان کي ڪڏهن به ڪنهن ۾ ڪم پئجي سگهي ٿو.

<u>“مرڪ پري ۽ دودو درزي”:</u>هن ڪهاڻي ۾ درزي جي لالچي گهر واري جو قصو آهي، درزي جيڪو نهايت ايماندار آهي، ان کي  ان جي ايمانداري تي مرڪ پري پئسا ڏيڻ شروع ٿي ڪري جنهن تي درزي جي گهر واري تمام گهڻي لالچ ٿي ڏيکاري ۽ پري کي پئسن آڻڻ لاءِ هر وقت تنگ ٿي ڪري، هڪ ڏينهن اها لالچڻ عورت مري ٿي وڃي، ان کي الله تعاليٰ اهڙي ته سزا ٿو ڏي جو جسم سان سڄا پئسا چنبڙيل ٿا، رهنس، جيڪي قبر ۾ به گڏ دفن ٿا ٿينس اهو سڄو لقاءُ ڳوٺاڻا ڏسي ڏاڍو تعجب ٿا کائن ۽ لالچ ڪرڻ کان توبهه ٿا ڪن.

<u>الطاف شيخ</u>

اعليٰ سيرت جو مالڪ سپاءُ اهڙو جو ماڻهو سندس ملڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ وري وري وٽس ويندو رهي طبيعت محبت، شفقت سان پرپور مزاج ۾ نهٺائي ۽ پنهنجائپ وارو حسن اخلاق رکندڙ سڄي دنيا جو سفر ڪندڙ، سفرن جي قصن، ڪهاڻين، مڪانن، موسمن، رنگن، ڍنڍ، ندين، جبلن، ماڻهن، ماڻهن جي رهڻي، ڪهڻي، لباس، خوراڪ، تعليم، سمنڊ، گل ٻوٽن، جهازن جو سفر، سمنڊ جي گهرن چولين، طوفانن کي پنهنجي قلم ذريعي سينگاري، سفر نامن جو نالو ڏئي اسان تائين پهچائيندڙ سنڌ جي هر فرد جو پنهنجو الطاف شيخ، هن جو جنم 14 نومبر 1944ع ۾ نوان هالا ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو گل محمد شيخ آهي، الطاف شيخ شروعاتي تعليم هالا جي اسڪول مان ورتائين جتي ڪيس نهايت قابل ۽ محنتي استادن پڙهايو پرائمري تعليم بعد هالا جي مخدوم غلام حيدر اسڪول ۾ پڙهڻ ڪانپوءِ هالا مان ٽي درجا انگريزي جا پڙهڻ ڪانپوءِ ڪيڊٽ

ڪاليج ويو، جتان ميٽرڪ ۽ انٽر پاس ڪري مئرين انجنيئرنگ جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ کان ٻهرين ۽ اڪيلي شاگرد جي حيثيت سان چٽگانگ، بنگلاديش ويو، مئرين انجنيئر ٿيڻ کانپوءِ ورلڊ ميرٽائيم يونيورسٽي مالمو، سويڊن مان ميري ٽائيم ايڊمنسٽريشن، انجنيئرنگ ۾ پوسٽ گريجوئيشن ڪيائين ۽ 1968ع کان وٺي دنيا جي سمنڊن تي جهاز هلايا اٿائين، پاڻ ميرين اڪيڊمي ۾ استاد ۽ بحريه ڪاليج ۽ اسڪول ڪراچيءَ جو پرنسپال به ٿي رهيو.

ان لاءِ يوسف سنڌي لکي ٿو ته الطاف شيخ بنگلاديش جي سر زمين جون ڳالهيون پنهنجي ديس جي ماڻهن کي ٻڌائڻ جي جذبي تحت لکڻ شروع ڪيو ۽ گڏوگڏ ڪهاڻين ۽ افسانن کي سنڌي ۾ ترجمو پڻ ڪرڻ شروع ڪيو جيڪي هو ڇپجڻ جي لاءِ هو مختلف اخبارن ۽ رسالن کي موڪليندو هو، سندس اهي ليکڪ روزاني ”عبرت“ ۽ ٻين اخبارن ۾ شايع ڪندا هيا ۽ اڳتي هلي الطاف شيخ لکڻ پنهنجو معمول بنائي ڇڏيو ۽ هن جا سندس پنجاهه کان به وڌيڪ ڪتاب ڇپيل آهن، انهن مان ڪيترن ڪتابن جا ته چار چار ۽ پنج پنج ڇاپا پڻ شايع ٿي چڪا آهن، الطاف شيخ کي فقط سفر نامه نويس ئي نٿا چئي سگهون ڇو ته هو هڪ سٺو مترجم به آهي، جنهن سنڌي ٻوليءَ کي غير ملڪي ادب مان ترجمو ڪري مالا مال ڪيو جن ڪتابن جو ترجمو ڪيائين انهن ۾ ”اناميڪا“ ڪهاڻيون، ”خدا ڏي خط“ ڪاڻيون، موج نه سهي مکڙِي، مهم جوئي لنڊن  تائين لفٽ ڪهاڻيون، ”ٽوڪيو جي گيشا گرل“ ناول،ماسٽر هريام جو ٻئنڪاڪ وڃڻ، ڪهاڻيون ٻارن جون آکاڻيون، ڏاهي جهرڪي ۽ ٻيون آکاڻيون آهن.

الطاف شيخ جي ڪهاڻين ۾ اسان کي ٻاراڻي سطح جو پورو پورو تخليقي خيال ۽ سوچ کي اپاريندڙ جذبا ملن ٿا، انهن ۾ کل ڀوڳ، مذاق سان گڏ نصيحت به رکيل آهي، هن جي ڪهاڻين ۾ ڳالهه کي سمجهائڻ جو هڪ انوکو انداز آهي پنهنجو هڪ فن اٿس جنهن سان پڙهندڙ تي گهرو اثر ڇڏينديون آهن، جيئن هن جي ڪهاڻي، ”جيلي فش پنهنجا هڏا ڪيئن وڃايا“ گهٽو گهٽو اڳ جي ڳالهه آهي جو جپان ۽ ڪوريا جي وچ ۾ ۽ موجي نالي بندر گاهه جي پر واري سمنڊ ۾ ڪنهن سامونڊي ديوتا جو محل هو، هڪ ڏينهن بادشاهه جي شهزادي سخت بيمار  ٿي پئي اوسي پاسي جي ڪيترن ئي ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن هن جي چڪاس ڪري اهو فيصلو ڪيو ته شهزادي ان بيماري مان تيسين صحتياب نه ٿيندي، جسيئن هوءَ ڪنهن ڀولڙي جو تازو جيرو نه کائيندي.

سڄي سامونڊي مخلوق هڪ هنڌ اچي گڏ ٿي ته ان ڳالهه جو فيصلو

ڪيو وڃي ته اهو ڪم آخر ڪندو ڪير يعني پولڙي جو جيرو ڪير آڻيندو، هنن ان ڪم لاءِ ڪٺا ڪڍيا، جنهن ۾ جيلي فيش مڇيءَ جو نالو نڪتو، ان وقت تائين جيلي مڇيءَ جي جسم۾ هڏا هيا، جيلي فيش جو ڪٺي ۾ نالو نڪتو ته هو ڏاڍو خوش ٿي، هن سوچيو ته اهو ڪم منهنجي هٿان ٿيندو ته سامونڊي ديوتا بيحد خوش ٿيندو ۽ هن جا ٿورا مڃيندو، هو پولڙي جي ڳولا ۾ هيڏانهن هوڏانهن ترندي تڙڳندي رهي، هڪ ٻيٽ کان ٻي ٻيٽ ائين هوءَ پولڙن کي ڳوليندي رهي ته جيئن ڪنهن هڪ کي ڦاسائي ان جو جيرو ڪڍيو وڃي ڳولا ڪندي ڪندي ڪيترائي ڏينهن لنگهي ويا، آخر ۾ هڪ ڏينهن هن جي خوشيءَ جي حد نه رهي، جڏهن هن هڪ ننڍڙي ٻيٽ تي پولڙي کي ٽينگ ٽپا ڏيندي ۽ بولاٽيون پائيندي ڏٺو.

" ڇا تون اسان جي سامونڊي ديوتا جو خوبصورت محل ڏسڻ چاهيندي؟ جيلي فيش پولڙي جي پر ۾ وڃي ڪيس نماٽائي مان چيو اهو ڪيترو سهڻو آهي؟"پولڙي جيلي فيش کان پڇيو.

هن محل جهڙي ٻي ڪا سهڻي جاءِ ناهي، اهو سون ۽ چاندي جي ورقن جو ٺهيل آهي، اتي توکي جيڪي وڻي اهو کائي پي سگهين ٿو، ميوا، مڻايون، سڪل ميوو، شربت، ماکيون، جيترو وڻي اوترو کائي سگهين ٿو، جيلي فيش جواب ڏنس.

"اوهه! اها ته واهه جي ڳالهه ٿي ڪرين ڇڱو آئون توسان ضرور رلجي هلندس"پولڙي چيو

پولڙي جي راضي ٿيڻ تي جيلي فيش چيو "پوءِ نيڪ ڪم ۾ دير ڇا جي هل ته هلجي"

پولڙو به هلڻ لاءِ ترت تيار ٿيو، جيلي فيش پولڙي کي پنهنجي مٿان وهاريو ۽ محل ڏانهن رواني ٿي، هوءَ دل ئي دل ۾ ڏاڍي خوش هئي اڌ کن رستو طئه ڪرڻ بعد جيلي فيش خوشيءَ مان پولڙي کي چيو "جي سچ پڇين ته آئون توکي شهزادي جي علاج لاءِ وٺي پئي وڃانءَ! هوءَ سخت بيمار آهي ۽ ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته هن جي مرض جو علاج فقط پولڙي جو جيرو آهي، پولڙي جو تازو جيرو کائڻ سان هوءَ بلڪل چاق ڇڱي ڀلي ٿي پوندي".

"تازو جيرو؟" پولڙو اهو ٻڌي بيهوش ٿيڻ تي هو پر هن وڏي مشڪل سان پاڻ سنڀالي ورتو ۽ پرسڪون هجڻ جو انداز اپنائيندي جيلي فيش کي چيائين "اها ته مون لاءِ عزت جي ڳالهه آهي پر منهنجي پياري جيلي فيش تون مون کي پهرين ڇو نه ٻڌايو آئون ته پنهنجو جيرو وڻ تي ٽنگي آئي آهيان"

”اهو تون ڇا ڇيو؟“ جيلي فيش حيرت مان پڇيو“

دراصل اڄ آئون ايڏو ڊوڙيس ڊڪيس جو منهنجو جيرو پگهر ۾ شل ٿي ويو سو ان کي پنهنجي جسم مان کڍي ڪاري صابڻ سان ڌوئي وڻ جي ٽاريءَ تي سڪائڻ لاءِ رکي آيو آهيان. (22)

الطاف شيخ جي ڪهاڻين جي اسلوب مان خبر پوي ٿي ته هن ٻارن جي دلچسپي انهن جي معلومات جا سمورا ذريعا پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڏنا آهن، هن کي چڱي نموني ان ڳالهه جي پرک آهي ته ٻار ڪهڙين ڳالهين، ڪهڙين شين سان دلچسپي ٿا رکن ۽ انهن کي ڪهڙي ڳالهه سان وندرائي سگهجي ٿو، انهن کي نوان لفظ پڙهڻ لاءِ ڪيئن ڏجن جيئن هن ڪهاڻيءَ ۾ الطاف شيخ محل جو ذڪر ڪيو آهي ته پڙهڻ سان ٻار ضرور اهو سوچيندو ته محل ڪيئن هوندا آهن انهن جي اندر اهڙي ڪهڙي خاصيت موجود هوندي آهي، جنهن کي محل سڏيو وڃي ٿو ڪهاڻي ۾ ٻه ڪردار آهن هڪ پولڙي جو جيڪو تمام گهڻو عقلمند آهي پنهنجو بچاءُ ڏاڍي دانشمندي سان ڪري ٿو، جيلي فش پنهنجي ناداني سان پنهنجو ڪم وڃائي ٿي ويهي ڪجهه به سوچڻ سمجهڻ کان اڳ هر ڳالهه واضع ڪري ٿي ويهي رهي، جنهن سان نقصان ئي مليس ٿو.

الطاف شيخ جي ڪهاڙين بابت ايس نسيم ميمڻ لکيو ته جيتري قدر ڪهاڻي جي ڳالهه ته ڪهاڻيءَ جا ڪوڙ سارا پاسا آهن، جن ۾ تاريخي ڪهاڻي، عشقيه ڪهاڻي، حقيقي ڪهاڻي، تصوري ڪهاڻي، مذهبي ڪهاڻي شامل آهن، هن ڪائنات جي گولي تي گهرائيءَ سان نظر وجهبي ته ڪوڙ ساريون ڪهاڻيون اهڙيون ملنديون جيڪي هڪ ٻئي جي ملڪن سان مماثلت رکندڙ آهن، سفر نامن جي ڪاميابيءَ ڪانپوءِ الطاف شيخ جاپاني ٻارڙن جون جيڪي ڪهاڻيون لکيون آهن اهي ٻين ملڪن جيائن اسان جي ملڪ جي ٻارڙن جي پڻ عڪاسي ڪن ٿيون، فطري حوالي سان ڏسجي ته تبديلي فطري عمل جو نالو آهي، تنهن ڪري الطاف شيخ، سفر نامن کي ڇڏي يا عارضي طور پاسيرو رهي جيڪي هي ڪهاڻيون لکيون آهن، اهي اهڙي فطري عمل جي نشاندهي ڪن ٿيون. (23)

الطاف شيخ جي ڪهاڻين کي ڏسجي ته ان ۾ اسان کي نواڻ ملندي، ڪهاڻين پڙهندڙ کي ڪهاڻي اندر مزاح به ملندو، نصحيت به ملندي، منظر نگاري به نظر ايندي مطلب ته ڪهاڻي هر حوالي سان ماحول جي عڪاسي ڪندي ملندي جيئن هن جي ڪهاڻي جادو جي ديگڙي ۾ هڪ ڇوڪرو ڍڳي جي عيوضي هڪ جادو جي ديگڙي خريد ڪري ٿو، اچي جنهن جي لاءِ هڪ پوڙهو

شخص پڌائينس ٿو ته وڏي ڪارائتي ديڳڙي آهي، ان کي چلهي تي رکي جيڪا شيءِ گهرندو ملي پوندي پر ڇوڪرو جڏهن گهر ٿو موٽي ته هن جي والده هن جي ڳالهه تي يقين ئي نٿي ڪري مڃڻ کان انڪار ڪري روئڻ پٽڻ شروع ڪري ٿي ڏي ته ڍڳي وڪڻي هي ڪاري ديڳڙي ڇو خريد ڪري گهر کڻي آيو آهين، پر ڇوڪري کي پورو پورو يقين هو ته ديڳڙي ضرور ڪارامند هوندي ڇوڪري کي پوڙهي شخص جي ڳالهه ياد ٿي اچي هو ديڳڙي کي چلهي تي رکي ٿو ائين ديڳڙي اڏامي ٿي وڃي ۽ ڪجهه دير کانپوءِ واپس پلاءَ جي پرجي ٿي اچي ۽ ماءُ پٽ پليٽان پري مزي سان کائن ٿا، هو ديڳڙي کان روزانو مختلف ڪم ٿا وٺن ڪڏهن پئسا ۽ سونا سڪا ته ڪڏهن پيو ڪجهه گهرائيندا رهن ٿا.

الطاف شيخ ٻارن جي وندر انهن جي ذهني سطح کي سمجهندي انهن جي پڙهڻ ۾ دلچسپي وڌائڻ لاءِ ڪهاڻيون لکيون آهن، هن اهڙا مزاحيه جملا نهايت سهڻي نموني لکيا آهن جو کلڻ کانسواءِ ماڻهو رهي نٿو سگهي، وري جي اصلاح جي ڳالهه ڪجي ته مون کي پڪ آهي ته ٻارن جو ڌيان هن جي ڪهاڻيءَ طرف اهڙو وڌي ويندو جو هو ان تي عمل ڪري ان مان سبق ضرور سکندا، اهي سڀ ڳالهيون مون کي الطاف شيخ جي ڪتاب ۾ ملن ٿيون هن جون ڪهاڻيون جيڪي نهايت دلچسپ آهن، جن جا موضوع دل کي وڻندڙ ۽ الڳ ٿلڳ آهن.

<u>الطاف شيخ جي ڪتاب ”ڏاهي جهرڪي“ جو جائزو</u>

سنڌي ادب ۾ سنڌي اديبن جيڪي ٻارن جي وندر ۽ تفريح لاءِ ڪهاڻيون لکيون، انهن ڪهاڻين ۾ وندر سان گڏوگڏ ڪا نه ڪا نصيحت سمايل آهي، ان مان پڙهندڙ کي هڪ شخص ملندو جيڪو سماجي اونائين کان آگاهه ڪندڙ هوندو آهي، ٻارن جي ڪهاڻين ۾ هڪ مقصد هوندو آهي، ان کي سمجهائڻ لاءِ ته جيئن ٻار برن ڳالهين کان بچي سگهي ۽ ان جو ذهن ۽ عادتون سٺائي طرف هجن.

اهڙي ريت سنڌ جي نامور ليکڪ سفر نامه نويس جڳ مشهور ليکڪ الطاف شيخ به ٻارن لاءِ ڪهاڻين ۾ ڪو نه ڪو سبق ۽ هڪ سهڻي نصيحت ڏني آهي، جنهن مان پڙهندڙ ان مان لطف  وٺي ٿو، هن کي وندر سان گڏ ان ۾ نصيحت ملي ٿي، البته هر هڪ ڪهاڻي جو موضوع جدا جدا آهي، ائين ئي ان ڳالهه ۾ نصيحت به جدا ڏني آهي، انهن موضوعن ۾ ڳالهين کي ڏٺو وڃي ته اهي الڳ نالن سان نوان نڪور آهن پر ان ۾ ڳالهه هلندڙ ماحول جي آهي، اتان

جي ماڻهن جي ٿيل آهي، ڇا لاءِ ته اڄ به جتي ڪٿي انسانن ۾ چڱايون ۽ منداڻيون موجود آهن، ان ڪري هڪ ليکڪ جو آڪاٽين ۾ نصيحت ڪرڻ جو اهو ئي مقصد هوندو آهي ته ان نصيحتن جي ذريعي انسان پنهنجي خامين، ڪمي، ڪوتاهين کي ختم ڪري ۽ پنهنجي اندر ۾ لڪل خوبين کي جرڪائي دنيا ۾ ظاهر ڪري، تنهن ڪري ٻارن لاءِ نصيحت ڀريون ڪهاڻيون نه ئي انهن جي عقل ۽ سياڻپ ۾ اضافو ڪن ٿيون پر انهن جي ڄاڻ، علم ۾ به واڌارو آڻي وندر ۽ سکيا مهيا ڪن ٿيون.

الطاف شيخ جي ڪهاڻي ڏاهي جهرڪي ۾ به سهڻي نموني نصيحت ڪيل آهي، جيڪا پڙهندڙن کي گهڻو متاثر ٿي ڪري، هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏاهپ، عقل جو استعمال بي مثال ٿيل آهي، هڪ بادشاهه جنهن کي غليل سان پکي مارڻ جو شوق هو، بادشاهه کي به اهي ماڻهو ڏسي ٻين به ڪيترن ماڻهن کي پکي مارڻ جو شوق ٿيو، بادشاهه کي به اهي ماڻهو ٿي وڻيا جن کي پکي مارڻ جو شوق هو، بادشاهه شڪار ڪري محلات ۽ باغيچي جا سڀ پکي ماري چٽ ٿو ڪري، هن جي محل ۾ ڪو به پکي نظر نٿو اچي ته بادشاهه پنهنجا ماڻهو ساڻ ڪري جهنگ طرف شڪار لاءِ روانو ٿئي ٿو، هي پکين جي تلاش ۾ هڪ هڪ وڻ ۽ هڪ هڪ ٻوٽو جاچي ٿو پر ڪٿي ڪو پکي نظر نٿو اچيس، اچانڪ بادشاهه جي نظر وڃي هڪ جهرڪي تي ٿي پئي جنهن کي غليل هڻي ڪيرائڻ ٿو چاهي پر جهرڪي وڏي چالاڪ ۽ هوشيار هئي، جيڪا بادشاهه کي چوي ٿي منهنجي ڳالهه تي غور ڪر مان تنهنجي ئي انتظار ۾هتي ويٺي هيس، بادشاهه جڏهن پڇي ٿو ته جهرڪي چوي ٿي، گستاخي معاف! بادشاهه سلامت مون کي پڙ ڏاڏي جو نياپو توهان کي ڏيڻو هو، پنهنجي پڙ ڏاڏي مرڻ وقت هڪ تمام وڏو هيرو ڇڏيو هو ان هيري جي ماپ توهان جي گوڏي جيڏي آهي ۽ منهنجو ڏاڏو وصيت ڪري ويو ته هي هيرو امانت آهي، جيڪا بادشاهه سلامت کي پهچائڻي آهي، ان آئون توهان جي راهه ۾ هر روز اوسيئڙو ڪندي رهيس ۽ پڪ هيم ته هڪ ڏينهن توهان ضرور ايندا (12)

جهرڪي پنهنجي دانائي سان سڀ ڳالهائي ٿي، بادشاهه ۽ انهن جي ماڻهن کي چوي ٿي صرف هيرو ئي نه پر پنهنجي ڏاڏي ته توهان لاءِ پيغام ۾ به ڏنو هو اهي ڪجهه نصيحتون آهن، جيڪي توهان کي ٻڌائيندس، جنهن ۾ توهان سڀني جو ڀلو آهي.

پهرين ڳالهه ته ڪنهن جي به مٺين ڳالهين تي اعتبار نه ڪجان.

ٻي ڳالهه اها ته جيڪي ڪجهه هٿن مان هليو وڃي ان جي موٽي اچڻ

جي اميد نه رکجاءِ ۽ آخري نصيحت اها ته جيڪي تنهنجو نه رهيو آهي، ان تي افسوس هرگز نه ڪجاءِ (13)

بادشاهه کي هڪڙو ننڍڙو پکي پنهنجي ڏاهپ، عقلمندي ڏيکاري وڃي ٿو، هو انتظار ڪندي ڪندي ٿڪجي ٿو پئي رڙيون ڪري جهرڪي کي سڏي ٿو، نيٺ جهرڪي ظاهر ٿي ٿئي، چوي ٿي، بادشاهه سلامت توهان پاڻ ڪجهه سوچيو ائون ڪيئن پلا ايڏو توهان جي گوڏي جيڏو هيرو ڪٽي ٿي سگهان، جيڪو منهنجي وزن کان ئي ڳرو ٿيندو مون ته اها ڪهاڻي فقط تنهنجي چنبي مان نڪرڻ لاءِ گهڙي ورتي. (14)

الطاف شيخ جي هن ڪهاڻي مان اها نصيحت ملي ٿي ته جيڪا شيءَ اسان وٽ آهي، ان جي حفاظت ڪيون، ڇو ته جيڪي به شيءَ هٿن مان هلي ٿي وڃي اها واپس حاصل ڪرڻ ڪو سنهنجو عمل ناهي، ٻيو ته پنهنجي عقل مان ڪم وٺڻ گهرجي، ڪنهن به ٻئي ماڻهو جي ڏٽن ۽ مئين مئين ڳالهين تي اعتبار ڪرڻ غلط آهي، اڳلي جي ڳالهه ٻڌي ان تي ويچار ڪرڻ گهرجي تڪڙو فيصلو نه ڪجي نه ته نقصان جدا ٿيندو پريشان اڳل ٿيندو، پنهنجي سوچ استعمال ڪجي ويچار ۽ غور فڪر لازمي آهي، ٻين جي ڳالهين تي لڳڻ بيوقوفي آهي، عقل کان ڪم وٺڻ گهرجي جيئن گمراهه ٿيڻ کان بچي سگهجي.

"<u>هاري ۽ نانگ":</u>هن ڪهاڻي ۾ الطاف شيخ ڏيان سان هلڻ تي جو چئي ٿو هو خطرناڪ شين کان پاسو ڪرڻ لاءِ نصيحت ڪري ٿو، ڄاڻي واڻي اهڙن خطري وارن شين ۾ هٿ وجهڻ بهادري ناهي پر چريائپ آهي، جنهن سان زندگي کي نقصان رسي سگهندو، هن ۾ هڪ هاري جي ڪهاڻي آهي، جيڪو ٿڌي برف جهڙي موسم ۾ گڏهه تي سوار ٿي شهر ٿو وڃي ته رستي ۾ هڪ نانگ کي سيءُ ۾ ساٽو ٿيل ڏسي هٿ ۾ ٿو ڪٽي هاري، جي چريائپ ڏسي گڏهه روڪيس ٿو ته نانگ نه ڪڻ ڏاڍو روڪيس ٿو چوي ٿو ته خبردار ٿجانءَ منهنجا مالڪ گڏهه هاري کي چتاءُ ڏيندي چيو ته اهو نانگ ڪمينو اٿئي اتي برف ۾ مرڻ ڏينس (15′)

پر هاري گڏهه جو چيو نٿو مڃي نانگ کي ڪٽي ٿو ڪوٽ جي کيسي ۾ ٿو لڪائي جيئن کيسي جي گرمائش نانگ کي پهچي ٿي هو نڪري هاري کي ڏنگي ٿو ۽ هاري ڦتڪڻ ٿو لڳي، هن ڪهاڻي ۾ ڏسجي ته ٻارن لاءِ ڪيڏوسبق سمايل آهي، جيڪو ماڻهو ٻين جو چوڻ نٿو وڃي، سمجهه نٿو ڏاري ۽ نقصان ڏيندڙ شين ۾ اٽڪي ٿو، سو پنهنجي حياتي تان به هٿ ڪٽي ٿو، هي نصيحت پري

ڪهاڻي انهن ٻارن لاءِ سبق آهي، جيڪي شرارتون ڪري خطرناڪ شين سان ڪيڏڻ پسند ڪندا آهن، ڪنهن به وڏي جو چيو ناهن مڃيندا، ان لاءِ ليکڪ پنهنجي ڪهاڻيءَ ذريعي انهن کي پيغام ڏنو آهي ته زهريلي شين ۽ زهريلن جيتن کان پاسو ڪجي جيئن ڪهاڻي ۾ هاريءَ ڪنهن جو چيو نه ورتو نيٺ وڃي حياتي وڃائي ويٺو ته ٻارن کي اهڙن جيتن بلائن کان پري رهڻ گهرجي.

''استاد ڦڏو ۽ استاد ڇٻو'': هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ الطاف شيخ ڦڏي ڇٻي جي استادي بابت لکي ٿو ته هر صورت ۾ هڪ ڦڏو ۽ ٻيو ڇٻو هيو پر هنن جو عقل تيز ڪم ڪري رهيو هو، استاد ڦڏو ۽ ڇبو ڪو به ڪم ڪار ڪو نه ڪندا، هن کان محنت ڪرڻ ۽ صفا نه پچندي هئي، سو ٻئي ڄڻا مفت جون مانيون ڪائيندا هئا، هڪ ڏينهن ٻئي پاڻ ۾ صلاح ٿا ڪن ته ڪنهن اٽڪل ذريعي پئسو ڪمائجي سو ان لاءِ هو ٻئي ڄڻا هن پر واري ڳوٺ ڏانهن روانا ٿيا، هي ڳوٺ ۾ اچڻ سان ڪنهن جو ڏڳو چورائي لڪائي ٿا ڇڏن، جڏهن ان جو مالڪ ڳولهيندو اتي پهچي ٿو ته استاد ڦڏو هن کي ٿو چئي منهنجو استاد وڏو نجومي آهي، ڪرامتون ۽ اڳڪٿيون ڪندڙ آهي، جيڪو بلڪل هاڻي، هن ڳوٺ ۾ پنهنجا مبارڪ قدم رکيا آهن، اهي ٻڌي مالڪ استاد ڦڏي سان گڏ استاد ڇٻي وٽ اچي ٿو، ڇٻو نمونو ڪندو ڪتابن کي هر هوڏي ٿو اٿلائي هر هوڏي ۽ مالڪ کي رستو ٿو ٻڌائي مالڪ، جڏهن انهن رستن تان ويندي ڏسيل وڻ وٽ پهتو ته ڇا ڏسي ڏاند بيٺو آهي، موٽي اچي ڇٻي جا پير چميا ۽ نذرانو پيش ٿو ڪري، ناٽو ملڻ ڪانپوءِ هو ڳوٺ روانا ٿيڻ لاءِ اٿن ٿا ته وري انهن وٽ ڳوٺ جو وڏيرو پنهنجي گم ٿيل صندوقڙي ڳولهڻ لاءِ پهچي ٿو اهي ٻڌي ڇٻي جا ڪن اپا ٿي وڃن ٿا، ته هاڻي ڇا ٿي پر هو ٻئي بيحد چالاڪ هيا، سوچي وراڻيائون هن وقت ته هڙئي تارا ڪتيون اهڙي چڪر ۾ آهن جو توهان جي فائدي جي ڳالهه ٻڌائي نٿا سگهن ان ڪري رات جا چار پهر گذرڻ ڏيو نئون سج اڀرن سان هليا اچجو ته حساب ڪري ٻڌائيندو سانو ته توهان جي سوني صندوق ڪهڙي چور کنئي آهي. (16)

هي وڏيري کي پنهنجا ٻول ٻڌائي نٿائي ٿا ڇڏن، هاڻي هو هتان ڀڄي وڃڻ جو سوچن ٿا، رات جي اونداهي ۾ هي نڪرن ٿا ته چور وري هنن ڏانهن اهو ڏسڻ لاءِ ٿو پهچي ته ڪٿي منهنجي چوري جي نجومي کي خبر نه پئي هجي، هي ٻئي ڄڻا پنهنجي بخت کي ڪوسي گهٽ وڌ برو ڀلو چئي رهيا هيا پر چور جو نالو به بخت هيو ته هن پاڻ ڏانهن پائيو ته هنن کي علم نجومي ذريعي

سڄي معلومات ملي وئي آهي، چور هنن جي سامهون اچي بيهي ٿو ۽ چوري بابت سڀ سچ سچ ٻڌائي ٿو ويهي، ائين وڏيري جي چوري ثابت سلامت ان تائين به پهچي ٿي ۽ وري چٻي ۽ ڦڏي کي چانديءَ جا پورا هڪ سئو سڪا ٿا ملن، هنن جا وري نڻ ٺا ٿين، هي نيرن ڪري پنهنجي ڳوٺ لاءِ اچا مس سوچن ٿا ته اتي هڪ ماڻهو ٿو اچي جيڪو اهو ٻڌائي ٿو ته هڪ سوداگر سون چاندي سان پريل ست جهاز آندا آهن سوداگرن وٽ لوهي جي هڪ پيٽي آهي، جنهن تي هن بادشاهه سان شرط رکي آهي ته جيڪو اهو ٻڌاءِ ته ان پيٽي ۾ ڇا آهي، ته ست سوني چاندي سان پريل جهاز هن جا ٿيندا، ائين وري بادشاهه وٽ استاد چٻي ۽ ڦڏي کي وٺي ٿا وڃن، جتي هنن کي عاليشان گهر خدمت لاءِ نوڪر چاڪر ڏين ٿا پر هي نجومي ته هيائي ڪو نه سو هاڻي هنن سمنڊ ۾ ٽپو ڏيڻ جو سوچو رات جو ٻئي سمنڊ ۾ ٽپو ٺا ڪائن ۽ ترندا ترندا انهن جهازن وٽ پهچن ٿا، جتي هن کي هڪ بورچي جو پنهنجي پوٽي سان ڳالهائي رهيو هو سو هنن کي اهو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو جيڪو اتفاق سان ان کي انهيءَ پيٽي بابت ٻڌائي رهيو هو ائين هنن جو پاڳ کلي ٿو ۽ هي بادشاهه کي اچي ٻڌائن ٿا .ائين سوداگرن جا ست ئي جهاز بادشاهه جا ٿي ٿا وڃن، هر هنڌ چٻي ۽ ڦڏي جي واکاڻ ٿئي ٿي وڃي، بادشاهه پوءِ چٻي کي رياست جو وزير ۽ ڦڏي کي آرمي جو ڪمانڊر ڪري ٿو رکي.

<u>”پاڳ واري ڪٽلي“:</u>هن ڪهاڻي ۾ هڪ ننڍڙي جانور نوريئڙي جو ذڪر آهي، جيڪو پنهنجي موج مستيءَ ۾ ٻنيءَ مان گذري ٿو، ڪڏهن سائي نرم گاهه تي ڪڏ ٿو ڏي ته ڪڏهن ڪنڊن جي مٿان ٽپو ڏئي اتان ٽپي ٿو، مزي سان پيو گهمي ڦري ٿو، ائين گهمندي گهمندي هڪ ماريءَ جي ڪوڙڪي ۾ وڃي ڦاسي ٿو، هو پاڻ کي ڪوڙڪي مان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، پر نڪري نٿو سگهي ۽ دانهون ڪرڻ شروع ٿو ڪري اتان هڪ ڪنڀار جو گذر ٿو ٿئي جيڪو دانهن جو آواز ٻڌي نوريئڙي وٽ پهچي ٿو ۽ ان کي ڪوڙڪي مان آزاد ٿو ڪري، ڪنڀار تمام گهڻي خلوص وچان نوريئڙي جي پنيءَ تي هٿ ٿو گهمائي ۽ چوي ٿو گهر وڃ ته ڪو ٻيو مسئلو نه تون سان ٿئي، نورئيڙو ڪنڀار جو سلوڪ ۽ پيار ڏسي روئي ٿو ويهي ۽ ڪنڀار کان پڇي ٿو ان احسان جو بدلو ڪهڙو ڏيان پر ڪنڀار هن کان ڪجهه نٿو گهري ٻئي گهر ڏانهن روانا ٿا ٿين پر نوريئڙو سڄي واٽ ڪنڀار جي احسان جو بدلوچڪائڻ لاءِ سوچي ٿو، نوريئڙي جي دماغ ۾ هڪ تجويز ٿي اچي پنهنجو پاڻ هڪ خوبصورت ڪيٽيلي ۾ بدلائي ٿو پوءِ ڪنڀار جي

رستي ۾ بيهي ٿو ڪنپار  هن کي گهر ٿو ڪٽي اچي جنهن تي ڪنپار جي زال ايڏي سهڻي ڪيٽلي ڏسي حيران ٿئي ٿي، نوريئڙو ڪيٽلي جي صورت ۾ ڏاڍا کيل تماشا ٿو ڏيکاري جنهن سان ڪنپار کي ڏاڍو پئسو ٿو ملي، ڪنپار امير ٿو ٿي وڃي پوءِ هو نوريئڙي کي چوي ٿو هاڻي تون واپس گهر هليو  وڃ اسان لاءِ تون تمام گهڻو ڪجهه ڪيو آهي.

"واڱڻائي گدڙ":هڪڙو گدڙ واڱڻائي رنگ جي ٽپ ۾ ڪري ٿو پئي ۽ مڪر ڪري ان ۾ سمهي ٿو رهي، جنهن دڪاندار جي ٽپ ۾ ڪري ٿو، اهو هن کي مئل ڏسي ڳوٺ کان پري ڦٽي ٿو ڪري اچيس، جڏهن گدڙ ان ماڻهو کي ويندو ٿو ڏسي ته مڪر ختم ڪري اٿي ٿو ويهي وڃي ۽ جهنگ ٿو پهچي سڀني گدڙن تي پنهنجو رعب تاب ٿو هلائي ته ڏسو مان سڀني کان نرالو آهيان، ائين جهنگ جا سڀئي جانور هن کان ڊڄن ٿا ۽ سندس حڪم جي تابيداري ڪن ٿا، گدڙ پنهنجي وڏائي ۾  شينهن چيتن سان دوستي ڪري گهمڻ ٿو لڳي، تنهن تي جهنگ جي سڀني گدڙن کي ڳڻتي ٿي ورائي ته چا ڪجي آخر گدڙن مان سڀني کان پوڙهو گدڙ چوي ٿو ته مان اهڙي اٽڪل ڪيان جو واڱڻائي جي سچي اصليت سڀ جي سامهون اچي ويندي ڪراڙو گدڙ سڀني گدڙن کي گڏ ٿو ڪري ۽ ٻڌائين ٿو ته منهنجا ٻچڙو جهنگل جا خوفناڪ جانور شينهن چيتا واگهو وغيره هن گدڙ جو نرالو رنگ ڏسي سمجهن ٿا ته هي ڪو گدڙ نه پر ٻيو ڪو جانور آهي، جنهن کان ڊڄڻ کپي، هاڻ انهن جانورن کي جن جي زور تي اسان واري گدڙ کي ڪڏ آهي، حقيقت کان آگاهه ڪرڻ جو مون وٽ هڪ سولو طريقو آهي، اهو هي ته جيئن ئي شام ٿئي ته اچو ته گڏجي زور سان اونايون ڏيون، اونائين جو آواز ٻڌي اسان وارو بيوقوف پاڻ واڱڻائي گدڙ به اونايون ڪرڻ شروع ڪندو جو گدڙ ڪٽي پاڻ تي سونا سنگ چاڙهي يا سونا ڳهه ڳنا پائي پر اصل ۾ رهندو ساڳيو ئي گدڙ ۽ گدڙ اهڙي ذات آهي جو مري پوي پر اونائيءَ جو جواب ضرور ڏي چو جو ڪو به پنهنجي اصلي عادت ڇڏي نٿو سگهي، ڪتو ڪٽي بادشاه ٿي پوي ته به بک لڳڻ تي ٻئي جا پير چٽيندو وتندو (16)

اها تجويز سڀني کي پسند ٿي اچي پوءِ شام جو سڀ گدڙ گڏجي اونائيون ٿا ڪن، واڱڻائي جيڪو شينهن، هاٿين ۽ چيتن جي وچ ۾ ويٺو هو، سو سڀني گدڙن جو اونائيون ٻڌي پاڻ به ڪرڻ شروع ٿو ٿي، اتي گڏ ويٺل جانور هن کي ڏسي سمجهن ٿا ته هي ٻين گدڙن جهڙو گدڙ آهي ۽ اسان کي بيوقوف بڻايون ويٺو هو، چيتو ڪاوڙ مان چنبا هڻي ماري ٽڪر ٽڪر ٿو ڪري وجهيس، جيڪو

پنهنجي اصليت کي وساري ويهي پنهنجن جو ساٿ ڇڏي وڏائي ۽ تڪبر ۾ اچي وڃي ذارين ۽ پروان جي ته اهو انسان ڪٿان جو به ناهي رهندو اهڙن ماڻهن جو انجام برو ئي ٿيندو آهي.

"گنو، ڪويو ۽ چانديءَ جو خنجر": هن ڪهاڻيءَ ۾ گنو ۽ ڪويو ٻه دوست آهن، رستي ويندي هنن کي هڪ خوبصورت خنجر ٿو ملي جنهن لاءِ فيصلو ٿا ڪن ته وڪڻي ان مان جيڪا رقم ملندي سا اڌ اڌ ڪنداسين پر جڏهن رات جو سمهن ٿا ته ٻئي خنجر کي ڦٻائڻ لاءِ مختلف ڳالهيون ٿا سوچن، جڏهن ڳنو کي ننڊ ٿي وڃي ته ڪويو خنجر سمنڊ ڪناري واريءَ ۾ ٿولڪائي پر گنو ڏسي ٿو وٺيس، جڏهن ڪويو سمهي ننڊ ٿو ڪري ته گنو وڃي خنجر ڪانن ۾ ٿو لڪائي پر ڪويو وري اهو سمجهي ٿو وڃي ۽ هٿ ٿو ڪري وٺي نيٺ ٻئي راضي ٿا ٿين ته خنجر ٻنهي جو آهي.

"هرڻ جو شڪار": هن ڪهاڻي ۾ الطاف شيخ ڪبايان ۽ ان جي سهري جي ڳالهه ڪئي آهي جنهن جو هڪ ٻئي سان تڪرار پيو هلندو هو نه گهٽ ڪبايا ڪندو هو نه ئي ان جو سهرو ٻنهي کي جٺان جيڪي وجهه ملندي هئي سو وڃي ڪندا هيا، هڪ ڏينهن هنن هرڻ کي ڦاسائڻ لاءِ ڪوڙڪي ناهن ٿا ڪبايا هرڻ جي ڪوڙڪي ۽ ان جو سهرو پکين جي ڦاسائڻ لاءِ ڪوڙڪي ناهن ٿا، رات جوهي ڪوڙڪي لڳائي وڃي آرام ٿا ڪن صبح جو ڪبايا جو سهرو جيئن ئي اٿي ٿو ڏسي ته ڪبايا جي ناهيل ڪوڙڪي ۾ پلو متارو هرڻ ڦاٿو پيو آهي سو چالاڪي ڪري هرڻ اتان ڪڍي وڃي پنهنجي ڪوڙي ۾ ٻڌي هرڻ کي وڻ ۾ لڙڪائي وڃي ڪبايا کي جاڳائي ۽ چويس ٿو هرڻ منهنجي ناهيل ڪوڙڪي ۾ ڦاٿو آهي، انهي لاءِ سڄو هفتو گوشت ٻه مان کائيندس، ڪبايا ٻه سهري جي اٽڪلن ۽ چالبازن کي سمجهي ٿو وڃي ۽ هو گهر ڇڏي هليو ٿو وڃي ڪبايا جي زال ۽ سس ڏاڍو ڳولهنس ٿيون ۽ ان ڳالهه کي سمجهي ٿيون وڃن ته ان جي وڃڻ جو ڪارڻ سهرو ئي اٿس، سو ان کي به ڪبايا کي ڳولهڻ لاءِ چون ٿيون، ڳولهيندي اچي ندي ڪناري ته ڏسن ته ڪبايا ويٺو آهي، پوءِ ان جي سهري کي به ڪيل حرڪت تي افسوس ٿئي ٿو ۽ ڪبايا کان معافي ٿو گهري.

"ڏاهو ڪيڪڙو": هن ڪهاڻي ۾ هڪ ڪيڪڙي ڍنڍ ۾ رهندڙ مڇين ۽ دوکي باز ٻگهه جو قصو آهي، ڍنڍ هڪ بادشاهه جي هئي، جنهن ۾ سڀ مڇيون خوشيءَ

۾ مزي ۾ رهنديون هيون ڇو ته بادشاهه سلامت جو حڪم هين ته ڪو به ڍنڍ مان مڇيون نه ڦاسائيندو ان ڪري سڀ شهر  ڪان ٻاهر مڇيون ڦاسائڻ ويندا هيا، ڍنڍ جي ڪناري هڪ ڪيڪڙو ۽ ٻگهه به رهندا هيا، ڪيڪڙو، ٻگهه ۽ مڇيون پاڻ ۾ دوستن وانگر گذاريندا هيا، مڇيون انهن ٻنهي کي پنهنجون همدرد ۽ سچو ساٿي سمجهنديون هيون، هي اهو به ڄاڻينديون هيون ته ٻگهه جو گذارو مڇين مارڻ تي هوندو آهي پر هنن اها تسلي هئي ته هو کين دوست آهي ان مان ڪو خطرو ناهي، جيئن جيئن وقت گذرندو ويو ٻگهه پوڙهو ٿيندو ويو هن لاءِ پري وڃي ٻين ڍندين تان مڇيون پڪڙڻ هڪ مسئلو ٿيندو ويو، هو پاڻ کي ڪمزور ۽ ٿڪل محسوس ڪرڻ لڳو، پوءِ هن بادشاهه واري ڍنڍ جون مڇيون پڪڙي کائڻ لاءِ سوچيو پر وري خيال آيس ته اهي منهنجون دوست آهن پر وري دل ئي دل ۾ هن سوچڻ شروع ڪيو ته ڪيئن انهن کي کائجي؟ هي مڪر ڪري ڍنڍ جي ڪناري  تي ويهي ٿو، ڪيڪڙو پريشاني جو سبب ٿو پڇي ته ٻگهه ڊرامو ڪري روئڻ جهڙي شڪل ناهي چوي ٿو پرين پري واري ڍنڍ جي مهاڻن ٻڌايو آهي ته هي ڍنڍ سڪي ويندي ۽ مڇيون سڀ مري وينديون، مڇيون پنهنجون دوست آهن، سو انهن لاءِ پريشان آهيان، ائين غريب مڇيون به سچي ڳالهه ٻڌي ٻگهه ڏانهن اچن ٿيون ۽ مدد گهرن ٿيون هي چوي ٿو منهنجي چهنب وڏي آهي توهان کي چار يا پنج پنج ڪندو ٻئي هنڌ پهچائيندس، ائين ڪندو روز جو روز مڇيون پڪڙيندو کائيندو ٿو وڃي، هن جي چال بازي ۽ ٺڳي کي ڪيڪڙو سمجهي ٿو وڃي ۽ هن جو پيڇو ڪرڻ شروع ٿو ڪري هڪ جاءِ تي وڃي لڪي ويهي ٿو ۽ سچو لڪاءُ ڏسي ٿو پوءِ ٻگهه جي منڍي کي اهڙو ته مهٽو ٿو ڏي جو جيستائين مري نٿو وڃي جان نٿو ڇڏيس، ائين دوستن سان دغا ڪندڙ ٻگهه کي پنهنجي برائي جو سلو مليو، ڪيڪڙي وفا نڀائيندي باقي مڇين جي جان بچائي ۽ خوشيءَ سان رهڻ لڳو.

<u>“ظالم جو موت”:</u>هڪ جهنگ ۾ ڪانگ ۽ نانگ رهندا هيا، ٻئي ساڳئي وڻ۾ به رهندا هيا، وڻ جي چوٽيءَ تي ڪانگ ڪکن پنن سان آکيرو ناهيو هو ان جي هيٺيان پور ۾ نانگ رهندو هو، هڪ ڏينهن تيز طوفان ٿو اچي جنهن ۾ وڻ ٿو ڪري پئي ان ۾ آکيرو به ڊهي ٿو وڃي ۽ نانگڻ به وڻ جي هيٺيان اچي مري ٿي وڃي.

<u>محمد صالح کهڙي جو ڪتاب ”مور ۽ سهي جي ڳالهه“</u>

”چاچو متيرو“: هن ڪهاڻي ۾ هڪ سادڙي ڳوناٽي لاءِ لکيو ويو آهي جيڪو شهر ۾ اچي پريشان ٿئي ٿو، چاچي متيري کي شهر ڏسڻ جو وڏو چاهه هيو، سو به وڏا نان پچرائي پاڻ سان گڏ کڻي شهر ٿو اچي نڪري ٿو، ويچارو ڳوناٽو شهر جو گوڙ گهمسان وارو ماحول ڏسي وائڙو ٿو ٿي، پنهنجا پادر لاهي لٺ ۾ ٻڌي لٺ ڪلهي تي رکي شهر ٿو گهمي، گهمندي بک ٿي لڳيس، هڪ هوٽل ۾ ٿو اچي ته هڪ نان وٺي به بصر ڏيو ته ٻئي نان سان ماني کاوان، سو هوٽل وارن کي ڪاوڙ ٿي لڳي چاچي متيري کي ڌڪا ڏئي ڪڍن ٿا، جيئن ئي ٻاهر ٿو نڪري ته اتي بيٺل آفيسرن کي پادرن واري لٺ لڳي ٿي ۽ اتا وٺي پچي ٿو سهڪندو سهڪندو رستي پهچي ٿو ٽپو جو ڏي ٿو ته وڃي هڪ ڪار ۾ ڌو ڪري لڳي ٿو، جنهن جا شيشا ئي پچي ٿو وجهي وري اتان روئي روئي مس جان ڇڏائي هڪ دڪاندار کي ساڳئي ڳالهه ٿو چوي هڪ نان وٺ به بصر ڏي ماني کاوان اهو به ڌڪا ڏئي ڪيرائيس ٿو ۽ هي گپ ۾ پرجي ٿو وڃي وري نه ڪري ٿو ڪنهن کان پچا نه ڳچا وڃي هڪ اوطاق ۾ پلنگ تي ليٽي ٿو پئي اهو پلنگ ۽ چادر گپ ٿو ڪري ڇڏي، ان جو مالڪ به کڻي ٻاهر ڌڪو ٿو ڏئي ائين بک تي ڌڪا کائي شهر اچڻ کان توبهه ڪري ماني به اتي اچلائي ڳوٺ روانو ٿئي ٿو، جيڪو به ماڻهو پنهنجي عقل مان ڪم نه وٺندو سوچ نٿو رکي اهو ائين هن جهان ۾ ڌڪا ٿاپا کائي ٿو.

<u>”۽ دوست ٿي پيا“:</u>هن ڪهاڻي ۾ به ٻار زاهد ۽ شاهد آهن، جيڪي هڪ ٻئي کان طبيعت ۾ ڏاڍو مختلف هيا، هڪ جنهن جو نالو شاهد هو اهو وڏيري جو پٽ هيو، جنهن پنهنجي دولت تي ڏاڍو ناز هيو، هو ستين ڪلاس جو شاگرد هيو پر سڄي اسڪول جي ٻارڙن کي بي واجبي پريشان ڪرڻ شيون کسڻ انهن کي مارڻ هن جو روز جو معمول هيو، ان ساڳئي ڪلاس ۾ زاهد نالي ٻار ڏاڍو حليم طبيعت جو پڙهڻ ۾ ڏاڍو هوشيار استادن جو فرمانبردار شاگرد هيو، جنهن ڪري سڀ ڪيس ڏاڍو پائيندا هئس ۽ خيال ڪندا هيس زاهد هڪ غريب گهراڻي جو ٻار هيو، اسڪول به چانورن جي ماني ۽ بصر کائڻ لاءِ کڻي ايندو هو، جيڪو به شاهد کسي هيٺ ڦٽي ڪندو هيو، پر هي غريب جو ٻار هجڻ جي ڪري صبر ڪندو هو ۽ ڪنهن سان ڪا به شڪايت نه ڪندو هو، زاهد پنهنجي پڙهڻ ۾ مشغول رهندو هو ۽ اهائي وجهه هئي جو هو امتحان ۾ پهريون نمبر ٿو حاصل ڪري پر شاهد کان اهو بلڪل برداشت نٿو ٿئي سو پاڻ جهڙن لچن دوستن سان گڏ زاهد کي مار ٿو ڏي، ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن زاهد اسڪول

ڪان موٽي رهيو هو ته هن شاهد کي رتوڇاڻ رستي ۾ پيل ڏٺو، جنهن ڪا گاڏي ٽڪر هڻي وئي هئي زاهد هڪ دم ان کي اسپتال ٿو پهچائي ۽ پنهنجو رت ڏئي شاهد جي جان به بچائي ٿو ائين شاهد پوءِ ڏاڍو شرمسار ٿئي ٿو زاهد کان پنهنجي ڪيل سڀني خطائن جي معافي ٿو وٺي ۽ واعدو ٿو ڪري ته هو به هڪ سلجهيل سلڇڻو ٿيندو پنهنجي اسڪول جي ٻارڙن جو خيال رکندو ۽ محنت ڪري پڙهندو.

"جگنو":هيءَ ڪهاڻي هڪ جگنو نالي شرارتي ٻار جي آهي، جيڪو پنهنجي ننڍن ڀائرن کان وٺي پاڙيسرن ۽ اسڪول جي ٻارن کي ڏاڍو ستائيندو ۽ وڙهندو هو، هن کي چوريءَ جهڙي بري عادت هئي، اسڪول ۾ ڪلاس جي ڪنهن به ٻار جي ڪا به شيءَ نه ڇڏيندو هو پوءِ اها پينسل هجي، پين، جاميٽري ڪتاب توڙي پئسا هن جي نظر مان گذرندي ئي غائب ٿي ويندا هيا، هي گهر جي به چوري ڪندو هو اگر ڪو پڇندو هيس ته چوندو هين توهان مون کي چور ٿا وٺو، ڪلاس جا ٻار ايلاز منٿون ڪندس ته اسان واپس ڏي پر هن تي ڪو به اثر نه ٿيندو هيو، پوءِ هن مان سڀ تنگ ٿي ويا هئا، هڪ رات جگنو ستو پيو هو ۽ خواب ۾ ڏٺائين ته پراڻو دور اچي ويو آهي، ماڻهو کيس پڪڙي هڪ بادشاهه اڳيان پيش ٿا ڪن ۽ هو سندس چوريءَ جي الزام ۾ هٿ ڪٽرائي ٿو ڇڏي، جگنو ڏاڍيون رڙيون ٿو ڪري جڏهن ننڊ مان اک ٿي کليس ته هڪ دم اٿي الله تعالىٰ کان پنهنجي گناهن جي معافي ٿو گهري، هو دل ۾ اهو عهد ٿو ڪري ته جيڪي به دوست چوري ڪندا آهن انهن سڀني کي روڪيندس ۽ آءُ هاڻي ڀلائيءَ جا ڪم ڪندس.

"دنيا دم گذر": هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ صالح محمد کهڙي بادشاهه ۽ فقير جو قصو لکيو آهي بادشاهه جيڪو نيڪ دل جو ڪليل ۽ انصاف پسند هيو، بادشاهه روزانو باغ جي سير لاءِ نڪرندو هيو اتي هڪ فقير سان ملاقات ٿيس، بادشاهه فقير کي اشرفين جي مٺ ڀري ٿو ڏي جنهن تي فقير چوي ٿو دنيا دم گذر، بادشاهه سوچي ٿو شايد اشرفيون گهٽ هيس ۽ هن جي ضرورت وڌيڪ هئي ٻئي ڏينهن ته به ائين ٻنهي جي ملاقات ٿئي ٿي، بادشاهه هن کي اڳ کان وڌيڪ اشرفيون ڏي ٿو وري به فقير ساڳئي جملو چئي ٿو، نيٺ بادشاهه پريشان ٿي ان جو مطلب ٿو پڇي فقير وقت جو تيز رفتاري سان گذرڻ بابت ٻڌائي ٿو ته خبر نه پوندي هي وقت گذري ويندو.

عبدالجبار ”عبد“

شڪارپور علمي ادبي تاريخي توڙي تهذيبي حوالي سان سنڌ جو انتهائي خوبصورت شهر رهيو آهي، هن شهر ۾ پائي چين راءِ سامي، ڪيئل داس فاني ۽ شيخ اياز جهڙن مهان شاعرن جنم ورتو هو، اسان جڏهن سنڌي ٻاراڻي ادب جو مطالعو ڪريون ٿا ته اسان کي ڪيترائي خوبصورت حوالا نظر اچن ٿا، ڪيترين ئي نامور ادبي شخصيتون نظر اچن ٿيون، جن سنڌي ادب خاص ڪري ٻاراڻي ادب جي ترقي ۽ ترويج خاطر شاندار انداز ۾ ڪم ڪيو، انهن ۾ عبدالجبار عبد جو نالو سرفهرست ملي ٿو، جنهن نثر توڙي نظم ۾ ٻارن لاءِ چا ته معياري انداز ۾ لکيو آهي، هن ٻارن لاءِ ڪهاڻيون به واهه جون لکيون آهن، 20 ڊسمبر 1960ع ۾ شڪارپور جي ڳوٺ مريد سيئار ۾ جنم وٺندڙ عبدالجبار عبد سنڌي ادب ۾ ايم اي ۽ ايجوڪيشن ۾ ماسٽرس ڪئي ۽ تعليم کاتي ۾ استاد مقرر ٿيو، انتهائي فرض شناسيءَ سان درس تدريس وارو اهم ڪم سر انجام ڏيندو رهيو آهي، 1979ع کان لکڻ جي شروعات ڪندڙ عبدالجبار عبد جا ٻارن لاءِ ڪيترائي ڪتاب ڇپيا آهن، سندس ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻين جا پڻ ڪافي ڪتاب ڇپيا آهن، جن ۾ عقلمند فقير راڪاس ۽ برڙ باڪاس چور جي ڳولا ،اوڏر ۽ نقد، ضدي ٻالڪ ،جادو جو ڏنڊو .ڏيڏر شهزادو، جادو جي ٽوپي، ڏائڻ شهزادي، پر اسرار حويلي، بت تراش شهزادو، صحرا جو چور، ”وچايل دولت“ ”فقير ته ڦند“، ”امڙ جي دعا“ ”ڏاڏا سائين“ ”آءٌ به روزو رکندس“ ”فيصلو سوداگر“ ”سندس پاڳ“ ۽ ”حورن جي هنج ۾“ جڏهن ته سندس ترتيب ڏنل ڪتابن ۾ نثار بزميءَ جي شاعري جو ڪتاب ٻت ٻت تنهنجا ٻول ۽ شوق شڪارپوري جو ٻار اڪين جا ٺار پڻ شامل آهن، شڪارپور ۾ مهراڻ ادبي سنگت جي پليٽفارم تان سموري زندگي علمي ادبي سرگرميون جاري رکندڙ عبدالجبار عبد ڪيترائي درسي ڪتاب پڻ لکيا آهن، ٻاراڻي ادب لاءِ ڏنل سندس خدمتن جي مڃتا عيوض ڪيس سنڌي ليئنگويج اٿارٽي حيدرآباد دعوه اڪيڊمي اسلام آباد، سنڌ چلڊرنس اڪيڊمي خيرپور، سنڌ رائيٽرس ادبي فورم ۽ ٻين ادارن پاران ڪيترائي ايوارڊ پڻ ملي چڪا آهن هن جو سرجل ادب سنڌي جو بي بها سرمايو آهي، هو هن وقت تعليم کاتي مان ريٽائرمينٽ وٺي پنهنجي گهر ۾ سنڌ جي ٻارڙن لاءِ لکڻ پڙهڻ جو ڪم احسن طريقي سان سر انجام ڏئي رهيو آهي، عبدالجبار عبد سچ جو ساٿاري آهي، هن جون ڪهاڻيون حقيقت ۽ اکين ڏٺي ڳالهه جو آئينو آهن، هن

جيڪي به ڏنو انهن ڪي محسوس ڪيو ۽ جيڪي ڪجهه هن جي اڳيان گذريو آهي، هن انهن ڪي ڪهاڻين جو روپ ڏنو آهي، ٻار جيڪي ٻڌندو آهي يا ڪهاڻين ۾ پڙهندو آهي، انهن ڳالهين جو اثر به ضرور وٺندو آهي ۽ ٻار هميشه سٺن ڪردارن ڪي ئي گهڻو پسند ڪندا آهن، ٻار ڪهاڻي جي مک ڪردار يعني هيرو ڪي گهڻو پسند ڪندا آهن ۽ ان ڪردار جي نقل ڪندا رهندا آهن، اهڙيون سٺيون ڄاڻ پريون علم جون ڳالهيون عبدالجبار عبد جي ڪتاب ۾ اسان پڙهڻ لاءِ ملن ٿيون، جيئن هن جي ڪهاڻي محنت جو انعام ۾ آهي، ماما هو اسلم آهي، نه ان ڪي سندس ناني سائيڪل وڍي ڏني آهي هو ڪلاس ۾ پهريون نمبر آيو آهي نه ان ڪري سندس ناني ڪيس سائيڪل وٺي ڏني اٿس پر آءُ ته تمام ٿوريون مارڪون ڪنيون آهن، سو بابا ڪي سائيڪل لاءِ ڪيئن چوان؟

ڏس اسلم محنت ڪئي آهي ته تڏهن ئي هو پهريون نمبر آيو آهي، تون به جيڪڏهن اجاين راندين ۾ وقت وڃائڻ بدران پنهنجي پڙهائي ڏانهن ڌيان ڏيئن ها ته تون به سٺن نمبرن ۾ پاس ٿئين ها! ۽ هاڻي منهنجي نصيحت ٻڌي ڇڏ ته محنت ئي ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي، محنتي ٻار ڪي هر ڪو چاهيندو آهي هاڻي به وقت ويو ڪا نه آهي، تون اڄ کان ئي محنت ڪرڻ شروع ڪر، جيڪڏهن ايندڙ امتحان ۾ تون پهريون نمبر ڪنيو ته توکي سائيڪل آءُ وٺي ڏيندس. (24)

دنيا جي هر مذهب ۾ محنت ڪرڻ لاءِ تاڪيد ٿيل آهي، ڇو ته ڪاميابي جو راز محنت آهي، دنيا جي ترقي ۽ اوج جو سبب به محنت آهي، محنت قابل ۽ سچن انسانن جو نشان آهي، محنت جو جذبو هر ماڻهو ۾ هجڻ گهرجي، اهو ئي جذبو عبدالجبار عبد جي ڪهاڻي ۾ ملي ٿو جيڪو هي هر ٻار ۾ جڳائڻ چاهي ٿو ته محنت ڪرڻ زندگي لاءِ تمام ضروري آهي، محنتي ماڻهو ڪڏهن ڪنهن جي آڏو شرمسار يا محتاج ناهي ٿيندو، هو هميشه خوشحالي واري زندگي گذاريندو آهي.

وڃايل دولت:هن ڪهاڻي ۾ ليکڪ عبدالجبار عبد پنهنجي قيمتي شين جي حفاظت ڪرڻ لاءِ چئي ٿو ۽ نصيحت ٿو ڪري ته پنهنجو راز ڪنهن ٻئي سان نه سليو پوءِ اهو ڪيڏو به ويجهو دوست ڇو نه هجي، پئسو ڏوکڙ ڪيترن ڪي بي ايمان ڪري وجهندو آهي، ڪهاڻي وڃايل دولت ۾ به ٻن دوستن جنهن جي هڪ ٻي سان گهڻي گهري سنگت هئي، انهن مان هڪ پائو سفر جي نالي سان مشهور هيو، هو ڏاڍو بردبار،ملنسار، خوش طبع ۽ با اخلاق

ماڻهو هيو، جنهن کي سموري ڳوٺ جا ماڻهو پسند ڪندا هيا، سفر کي 2 پٽ هيا، جيڪي ننڍڙا هيا ۽ هي انهن لاءِ ڪجهه ڪرڻ چاهي پيو سو جيڪا به جمعا ڪنجي هئس، سوهي سڄي ڳالهه پنهنجي دوست پيرل کي ٻڌائي ٿو ته سون زيور ۽ رقم ڪٿي محفوظ جڳهه تي رکجي دوست کيس جهنگ وڃي لڪائڻ جي صلاح ٿو ڏيس، ائين ٻئي ڄڻا وڃي اها ماڻي جهنگ ۾ هڪ جڳهه تي لڪائي موٽي گهر ٿا اچن سفر خوش هيو ته هو پنهنجي سموري دولت جهنگ ۾ لڪائي سڻو ڪم ڪيو آهي، ڪجهه وقت گذرڻ کانپوءِ سفر کي پنهنجي دولت جي سار سنڀال لهڻ جو خيال ٿو اچي جيئن جو جهنگ ۾ کڏ کوٽي ٿو ته ڪاري وارا ڪک ماٽو ته هيوئي ڪو نه هاٽي هو ڏاڍو پريشان ٿيڻ لڳو، هن کي پنهنجي رقم، سون زيور جو فڪر ستائڻ لڳو، هن وٽ ته ڀيو ثبوت به ڪو نه هيو، دوست ڪيجي چور چوي پيو ته سپ مٿان چڙهت ڪنس ها، سفر سوچ ويچار کانپوءِ ڳوٺ جي هڪ ڏاهي ماڻهو وٽ وڃي مشورو ٿو ڪري، اهو کيس چوي ٿو ابا! تون هيئن ڪر جو پيرل وٽ وڃ ۽ ان کي چئو ته ادا مون کي پنهنجي ڪجهه ٻي دولت ۽ زيور هٿ آيا آهن، آءٌ چاهيان ٿو ته اهي به هلي جهنگ ۾ هٿيڪا ڪجن، سو مهرباني ڪر هل ته هلي جهنگ ۾ ان ماٽي ۾ رکي اچون، پيرل توکي چوندو ته ادا اچ ته مون کي ڪم آهي، باقي سڀاڻي هلنداسين ۽ هلي امانت بلائتي ڪنداسين، ان وچ ۾ هو لالچ ۾ اچي ٿو وارو ماٽو دولت سميت ساڳئي جاءِ تي پوري ايندو ۽ تون ان ڏينهن رات جو وڃي اهو ماٽو ڪڍي اچ (17)

ائين سفر ڏاهي ماڻهو جي ڳالهين تي عمل ڪندي ان طريقي سان پنهنجي سڄي دولت ٻيهر واپس ٿو حاصل ڪري.

"ڏوهي": سليم ۽ جاويد پاڻ ۾ ڀائر هئا. سليم وڏو ۽ جاويد ننڍو هو. انهن جو پيءُ مزدور ماڻهو هو جيڪو محنت ڪري گهر جو خرچ هلائيندو هيو، هڪ ڏينهن ڪريم جو ايڪسيڊنٽ ٿئي ٿو، جنهن ۾ هن جي هڪ ڄنگهه ڪٽجي ٿي وڃي ۽ هو پوءِ مزدوري ڪرڻ جي لائق نٿو رهي، پوءِ گهر جي سموري بار کي سليم پنهنجي مٿان ٿو کڻي ماءُ پيءُ جو سهارو ٿو بڻجي ۽ ننڍي ڀاءُ جاويد کي پڙهائي ٿو ۽ سليم ان کي پڙهائڻ لاءِ مزدوري ڪري ان جي پڙهائي جي خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ پئسا ٿو ڪمائي آخر اهو ڏينهن به اچي ٿو ته جاويد ڊاڪٽر ٿئي ٿو ۽ سٽت اسپتال ۾ نوڪري به مليس ٿي، پر هو پنهنجي وڏي ڀاءُ جي محنت ۽ ان جي احسانن کي وساري پنهنجي نوڪري ۽ دولت تي غور ڪرڻ

لڳي ٿو، جڏهن هن سان پاءُ ملڻ ٿو وڃي ۽ اتي ويٺل ماڻهو جاويد کان پڇن ٿا ته هي ڪير آ ته انهن کي ٻڌائي ٿو ته ڳوٺ جو هڪ هاري آ جنهن تي سليم کي دلي صدمو ٿو رسي ۽ روئيندي ڳوٺ ٿو اچي، هڪ ڏينهن سليم جي پرسان هڪ ڇوڪرو ڇولا ڪائي رهيو هو ته ان وٽ هڪ اخبار هئي، جنهن ۾ جاويد جي تصوير هئي ۽ هيٺيان لکيل هيو ڊاڪٽر جاويد کي رشوت جي ڏوهه ۾ گرفتار ٿي ويو، ائين جاويد جي نوڪري ۽ سڀ ڪجھ هليو ٿو وڃي، هن پنهنجي عملن جي سزا ٿي ملي وڃي.

<u>شمس الدين سومرو</u>

شمس الين سومرو حيدرآباد جي قديم پاڙي واڊن جي پڙ ۾ 25 مارچ 1948ع ۾ جنم ورتو ۽ ساڳئي پاڙي ۾ 4 آگسٽ 2012ع تي دل جي دوري پوڻ سبب هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو، شمس الدين سومرو ملازمت جي حوالي سان سڄي زندگي سنڌ ادبي بورڊ سان ناتو نڀائيندو رهيو هن اسٽور ڪيپر کان شروعات ڪئي ۽ پبليڪيشن آفيسر جي حيثيت سان رٽائرمينٽ ورتائين هو سنڌي ادبي بورڊ ۾ ئي مختلف عهدن تي رهيو ۽ هن لکڻ جي شروعات به ٻاراڻي رسالي گل ڦل کان ڪئي، جنهن ۾ هن جون ڪهاڻيون ڇپجنديون رهيون، ان کان علاوه سنڌ جي ٻين رسالن ۾ سالن جا سال سندس ڪهاڻيون شايع ٿينديون رهيون، هن نٽ ڪٽ ۽ ٻين ٻارن جي اردو رسالن ۾ به لکندو رهيو.

هن جي ٻارن لاءِ لکيل مشهور ڪتابن ۾ شيري ۽ پوري، جنهن کي رب رکي، ڪهاڻيون 1998ع نيڪي جو بدلو نيڪي، ڪهاڻيون، 2000ع روبي آئي خوشبو آئي 2000ع ۽ ماسي ڪتو، شامل آهن، ٻاراڻي ادب جي اضافي لاءِ جفا ڪشي ڪندڙ شمس الدين سومرو سان ان ڪم ۾ ڪجهه ٻيا دوست به شامل هيا، جن ۾ صبغت الله ميمڻ، عنايت الله عباسي، محمود يوسفاڻي آهن، جن لکڻ پڙهڻ سان گڏوگڏ ٻارن جي ڪتابن جي اشاعت جو سلسلو پڻ شروع ڪيو هو، شمس الدين سومرو توڙي جو سنڌي ادبي بورڊ سان منسلڪ رهيو پر جڏهن به هن جون ڪهاڻيون پڙهجن ٿيون ته هڪ حقيقت ۽ ڪهاڻين ۾ سچائيءَ جا رنگ جهلڪا ڏيندي، نظر ٿا اچن، هن جيڪو ڏٺو ۽ جيڪي ڪجهه محسوس ڪيو ان کي ڪاغذ تي لکي ڪهاڻين جو روپ ڏنو، هن جي ڪهاڻين ۾ ڪو به وڌاءُ ڪا به بناوٽ نظر نه ٿي اچي، هن جا ڪردار جاگيردار، شاهوڪار، اعليٰ آفيسر، وزير يا بادشاهه ناهن پر هن جي ڪهاڻين جا ڪردار اهي ٻارڙا آهن،

جيڪي پنهنجي غربت جي چڪيءَ ۾ پسجندا رهيا آهن، هن انهن پارن جو حوصلو ڏيڪاريو آهي جن وٽ محنت جو جذبو آهي، ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جو جوش ۽ ولولو آهي. شمس الدين پنهنجي هڪ ڪهاڻي ٻوڙو ۾ لکيو اٿس ته ننڍڙو محمد بخش هڪ هوٽل تي وڃي ٻاهر واري نوڪري ٿو ڪري، هڪ معصوم پير اگهاڙا، ڪٽلي ۽ ڪوپ هٿ ۾ سڄو ڏينهن دڪانن تي ڦرندو وتي ٿو، ڪڏهن ڪو چڙب ڏيندس، پر هو هميشه پنهنجي ڪم ۾ مگن هو، شايد هو اهو سوچيندو هو ته مان پڙهي ته نه سگهندس، پوءِ ڪجهه ٿي ضرور ويندس، هو مسلسل سڄو ڏينهن محنت ڪندو هو پر جڏهن رات ٿيندي هئي ته مسجد ۾ وڃي قرآن شريف جي تعليم پڻ وٺندو هو ۽ نماز ته پنج ئي وقت پڙهندو هو، آخر ڪجهه عرصي ڪانپوءِ هن جي ترقي ٿي ۽ ٻاهر واري مان اسٽان وارو ٿي ويو، پر ايتري قدر جو هاڻ هو ٻڌڻ به گهٽ لڳو هو، ڪير ڇا پيو چئي ان سان ان ڪي ڇا، هن جي ته ڇهري مان هڪ  جستجو هڪ مهم جوئي جو تاثر ظاهر ٿيندو هو.

هن ڪتاب لاءِ ڊاڪٽر غلام محمد لاکو چوي ٿو ته شمس صاحب مون وٽ ڊپارٽمينٽ ۾ لنگهي آيو، هٿ ۾ پنهنجي نئين ڪتاب جنهن کي رب رکي جي ڊمي هيس، ڊمي منهنجي حوالي ڪندي  پيش لفظ لکي ڏيڻ جو حڪم ڏنائين، هن ڪتاب ۾ اکثر ڪهاڻيون آهن پر ڪن لکتن کي ڪهاڻي سڏڻ مناسب نه ٿيندو، ڪي لکتون مختصر آهن ته ڪي وري ڊگهيون آهن ان حساب سان هن ڪتاب کي رڳو ٻاراڻو ادب سڏڻ مناسب نه ٿيندو، ٻارن سان گڏ وڏن لاءِ به هي ڪتاب مفيد ثابت ٿيندو، مون هن ڪتاب ۾ شامل ڪي شيون غور سان پڙهيون آهن جنهن کي رب رکي، منهنجو انتظار نه ڪجو، موڳو ٻلو، ٻوڙو، ڪوڙ جي سزا، سورن جو سودو، جي جيءَ کي جيارين وغيره (25)

هر ماڻهو ساهت جو سجاڻ نٿو ٿي سگهي، ماحول جي پس منظر کي لفظن جي سٽاءُ سان سرجڻ ڪو سولو ڪم ناهي، اها قدرتي ڏات آهي رب جنهن کي عطا ڪري ٿيو ته خدا پاران سيني کي سمجهه، عقل مليل آهي پر ان جو ڪٿي ڪيئن استعمال ڪجي اهو فن وري ڪنهن ڪنهن وٽ ٿئي ٿو، سوين هزارين ئي نه پر لکين ماڻهو پڙهڻ لکڻ ڄاڻيندا آهن  هو گهري اک به رکندا آهن پر پنهنجي خيالن کي بيان ڪرڻ جي سگهه ۽ طريقو وٽس ناهي هوندو نه ئي هر تعليمي يافته ماڻهو ڪهاڻيڪار ٿئي سگهي ٿو.

سنڌ جي نامياري ليکڪ زيب نظاماڻي، شمس  سومرو لاءِ پنهنجا  تاثر ڪجهه هن ريت ونڊي ٿي ته ادبي گڏجاڻين جو پرجوش ورڪر نالي جي لحاظ

ڪان شمس گفتار، ڪردار، انداز اخلاق به سچ جيان جرڪندڙ، ڏات ۽ ڏانو جي ڏس ۾ ايترو چوڻ ڪافي آهي ته آڱرين ۾ ڪچا ڌاڳا ڦاسائي!!! اڏامندڙ پوپٽن ۽ پنيورين کي پڪڙيندڙ!!! مٽيءَ جا گهرڙا ٺاهيندڙ!!! درد جي احساسن تي مرڪندڙ!!! معصوم مرڪن تي لکڻ ايترو ئي ڏکيو، جيترو ڪائنات جي سچائي تي لکڻ پر ان ڏس ۾ به شمس پاڻ موڪيو ۽ پاڻ ملهايو آهي، ننڍڙين ننڍڙين خوشين کي گڏ ڪري خوشحالي جا ٿهڪ ڏيندڙ شمس ظاهري بناوٽ ۽ آپي جي ماپي ڪان آ جو ان سان!!! پنهنجن توڙي اوپرن سان ائين رلي ملي رهن جڻ ته سچ، سونهن، سک ۽ پاٻوهه جو سنڌو سندس من ۽ ذهن ۾ جهولي، جهومي چلي رهيو هجي، منافقن جي هن راڄ ۾ کلي کيڪاريندڙ ۽ مرڪي مرڪي ملهائيندڙ شمس دنيا جي اونداهي مک تي پريت ۽ جاڪوڙ جو اهو سچ آهي، جنهن زندگي جي ارڏن رخن کي جاڪوڙي ۽ جسامتي انسان جيان سفر در سفر منزلون ماڻيندڙ شمس. (26)

جنهن کي رب رکي

ڊاڪٽر غلام محمد لاکو هن ڪتاب لاءِ لکي ٿو ته هي ڪهاڻيون پڙهي مون کي پنهنجو ننڍپڻ اسڪول جو زمانو، موچِي پلو جهڙا ڪردار ۽ ڪوڙ هٽي خرچيون ونڻ جا واقعا ياد اچي ويا، ائين هي ڪهاڻيون هر ٻار جو ڪهاڻيون آهن، شمس جا خيال، ڪردار ۽ پيش ڪيل واقعا ساراهه جوڳا آهن، سندس هر لکت مقصد پري آهي، خاص ڪري ٻارن لاءِ هي ڪتاب، نهايت ڪارائتو ثابت ٿيندو، ڪوڙ هٽي خرچي نه ونڻ گهرجي، محنت مزدوري ڪري هر ٻار کي ٻوڙي محمد بخش وانگر پاڻ پريو ٿيڻ گهرجي، مطلب ته شمس جون تحريرون با مقصد ۽ مفيد آهن. (18)

<u>”منهنجو انتظار نه ڪجو“</u> هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ گلڻ نالي ڇوڪري جي ڪهاڻي آهي، جيڪو نه پڙهندو هو، بس اوڙي پاڙي جي دڪانن تي ويهي وقت وڃائيندو هو، جيڪڏهن ڪا پاڙي جي عورت ڪو ڪم ٻڌائيندس ته وڏي شوق سان ڪندو، اٽو پيهاڻ، گوشت، مڇي ونڻ، سبزي آڻڻ اهڙا ڪم ڪرڻ ۾ سورهيائي پائيندو هو، ڪم ختم ته ساڳيو ئي دڪانن جا پاسا وٺندو هو، هڪ ڏينهن گلڻ کي هڪ جاءِ تي تمام گهٽي رش نظر اچي ٿي، هو جڏهن اتي پهچي ٿو ته خبر پئيس ٿي ته نوڪري لاءِ انٽرويو آهن، هي اتي بيٺل ڇوڪرن جي سٺي صاف لباس ۽ هٿن ۾ ڪاغذن جي فائيلن کي ڏسي رهيو هو، هي به

ڪنهن اٽڪل سان اندر پهچي ٿو، آفيسر قطار ۾ ويٺل هيا، هن کان ڪاغذن جي گهر ڪيائون پر هي ته پڙهيل ئي ڪو نه هو، نه هيس سرٽيفڪيٽ، نه ڊوميسائيل نه ئي مارڪ شيٽ پوءِ ته هن کي ڌڪا ڏئي ٻاهر ڪڍي ٿا ڇڏن پوءِ هن کي تمام گهڻو افسوس ٿئي ٿو علم جو قدر ٿيڻ لڳيس ٿو ته جيڪڏهن پنهنجو وقت نه وڃايا ها محنت ڪري پڙهان ها پر پوءِ هي پنهنجو پاڻ سان اهو طئي ٿو ڪري پڙهندي ۽ هڪ ڏينهن انٽرويو ڏيڻ ضرور ايندس.

"اصول ۽ چماٽ": هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻن سٺن دوستن جي ڳالهه آهي، جيڪي روزانو گڏ اسڪول ايندا ويندا هيا پر ڪائيندا پيئندا ۽ گهمندا ڦرندا به گڏ هيا، جنهن اسڪول ۾ پڙهندا هيا ان ۾ هڪ استاد رعب تاب وارو ۽ تيز مزاج جو هيو، جنهن کي ڏسي ڪيترائي شاگرد پنهنجي پڙهائي جو نقصان ڪندي ڪلاس مان ڀڄي ويندا هيا ۽ ڪيترا خوف ۾ ئي پڙهڻ وساري ويهي رهندا هيا، جيڪو ڪجهه گهر کان ياد ڪري اسڪول پهچندا هيا، جڏهن ان ماستر تي نگاهه پوندي هين ته ڪجهه به هنن جي ذهنن تي ياد نه رهندو هو، هو ٻارن کي سخت سزا ڏيندو هو، لڪڻ کي نم جي پاڻيءَ ۾ پسائي پوءِ شاگردن کي هڻندو هو، ڪنهن به غلطي جي ڪا به معافي ڪو نه ڏيندو هو، هڪ ڏينهن هڪ شاگرد اسڪول جو ڪم لکي نٿو اچي ائين ڪلاس ۾ ساڳيو استاد به اچي پهچي ٿو پوءِ ته شاگردن جون وايون بتال ٿي ٿيون وڃن، هو ڏهه لڪڻ کائي وري اتفاق سان پين ۾ مس به ڪا نه هيس جيئن ئي مس جي ڪپڙي ۾ ٿو وجهي ڪپڙي ڪري ٿي پئي مس هارجي ٿي وڃي، ۽ وري شاگرد ڏهه لڪڻ ٻيا به کائي ٿو، ايڏي مار کانپوءِ هو بيهوش جهڙي حالت ۾ اچي ٿو، وجي ائين استاد انگريزي لفظن جو اسپيلنگ پڇڻ شروع ٿو ڪري هي ڏڪي اسپيلنگ ٻڌائي ٿو جيڪا ڪيس صحيح ٿي وڃي اتي استاد چويس ٿو جن ناهي ٻڌائي انهن کي پنج پنج چماٽون هڻ، هن ۾ همٿ نه هئي 20 لڪڻ کائڻ کانپوءِ هٿ سور پيا ڪنس، ٻئي طرف گهرا دوست پر استاد جي ٻيهر مار کائڻ جي همٿ به ڪو نه هيس پر پنهنجي دوست کي اهڙي ته چماٽ ٿو هڻي جو ڪلاس ۾ خاموشي ڇانئجي ٿي وڃي، ان کانپوءِ هو ٻار اسڪول ڇڏي ٿو وڃي

"ٻوڙو": هن ڪهاڻي ۾ محمد بخش نالي ڇوڪر ڪنن کان ٻوڙو هيو، هو نهايت شريف، محنتي ٻار هيو، جنهن جو ننڍپڻ ۾ پيءُ گذاري ٿو وڃي، هن جي دل ۾ ٻين ٻارن وانگر سٺا ڪپڙا پائڻ، سٺو کاڌو کائڻ، اسڪول ۾ تعليم حاصل

ڪرڻ جي خواهش هوندي هئي پر غربت سبب اهو سڀ نا ممڪن هيو، هي ٻاٽل ڪپڙن سان هوٽل تي ڪم ڪندو هيو، ڪڏهن ڪنهن جي اڳيان چانهه رکندو هو ته ڪنهن جي اڳيان پاٽي پر هو ڪڏهن به منهن نه گهنجائيندو هيو، دل سان خدمت ڪندو هيو، ائين هڪ ڏينهن محنت ڪندي هوٽل جو مالڪ ٻڌجي ٿو وڃي، هن کي محنت جو ڦل ملي ٿو وڃي.

"ڪوڙ جي سزا": صديق ۽ حفيظ به گهرا دوست هيا، جيڪي اسڪول، ٽيوشن ۽ مسجد ۾ نماز به گڏ پڙهڻ ويندا هيا، انهن کي سائيڪل هلائڻ جو ڏاڍو شوق هيو، هڪ ڏينهن هو اسڪول ۾ چولا وٺي ڪائڻ ۾ سمورا پئسا خرچ ڪري ڇڏين، هاڻي هنن وٽ سائيڪل هلائڻ لاءِ پئسا نٿا بچن، سو هڪ ٻئي کي سوچڻ ۽ ڪجهه ڪرڻ لاءِ رٿون ٿا رٿن اهڙي طرح حفيظ دوستن کي صلاح ٿو ڏي ته منهنجي ماءُ جو مون سان گهڻو پيار آهي، ان کي ٻڌايو ته حفيظ کي پوليس وٺي وئي آهي به رپيا ڏيو ته پوليس کي ڏئي حفيظ کي ڇڏايون هنن جي اها رٿ ڪامياب ٿي وڃي به رپيا وٺي سائيڪل تي چڪر هڻڻ شروع ٿا، ڪن حفيظ پنهنجي مشڪري ۾ سائيڪل هلائي ٿو، هٿن مان نڪري وڃي سامهون ايندڙ تيز رفتار سان گاڏي سان ٽڪرائجي ٿي جنهن ۾ چنگهه پچي ٿي پئيس ۽ هڪ پوليس وارو مدد ڪرڻ لاءِ اچي ٿو ۽ کين گهر تائين ڪٽي ٿو اچي هوڏانهن حفيظ جي ماءُ اهو ٿي سمجهي ته پوليس پئسا وٺڻ باوجود به سندن پٽ کي ماريو اٿن، پوليس وارن کي پٽي پاراتا ٿي ڏي حفيظ کي تڪليف جدا، دل ۾ ڏک ٿو ٿي. سو سوچي ٿو ته نه ڪوڙ ڳالهائي سائيڪل هلايون ها نه ئي ايڏي سزا ملي ها، هنن ڪوڙ ڳالهائڻ کان توبهه ڪئي.

"پڇتاءُ": هن ڪهاڻي ۾ اسحاق نالي ڇوڪري جي شرارتن تي لکيو ويو آهي، اسحاق جيڪو قد جو ڊگهو، اڪيون ڏاڙتيل، نڪ ڊگهو جسم بيدلو هلي ته چڙ زمين پئي ڌڌندي هئي، ڳالهائڻ ۾ صفا ٻاتو ٻاٽل پاجامو ۽ گنجي پائي گهمندو هو، سڄو ڏينهن شرارت ڪندو رهندو هو، ڪنهن جا ڪن پٽڻ، ڪنهن ٻار جي مٽي ۾ مٽي وجهڻ ڪنهن کي ڌڪو ڏيڻ مطلب ٻارن کي تنگ ڪرڻ هن جو مشغلو هيو، انهي ڪري سڀ ٻار اسحاق کان بيزار هوندا هيا، ڪو به هن سان راند ڪيڏڻ پسند ڪو نه ڪندو هيو، اسحاق جسم ۾ ته صفا ڪمزور هيو پر ٻارن جون شيون کسڻ ۽ لڪائڻ ۾ پڙهو ڪو به سندس مقابلو ڪو نه ڪري سگهندو هو، هڪ ڏينهن اسحاق پنهنجي ڀڦيءُ جي پٽ کي چماٽ ٿو

هٽي جنهن تي ان جو وڏو ڀاءُ اسحاق سان وڙهڻ ٿو اچي ۽ اسحاق جي مٿي ۾ سر جو اڌ ڪٽي هٽي ٿو، جنهن تي اسحاق رتو رت ٿي وڃي ٿو، هن جي مٿي مان رت ڦوهارا ڪري نڪري ٿي، هن جو رنگ پيلو ٿي وڃي ٿو ، ڪجهه ڏينهن گذرڻ ڪانپوءِ ڀڦاٽ جي جڏهن اسحاق تي نظر ٿي پئي ته هو ان ڪان معافي ٿو گهري اسحاق جو پيلو چهرو ڏار ڏنل اکيون ۽ ويتر ڪمزورڏسي هو روئي ٿو ويهي اسحاق کان گهٽي معافي ٿو گهري پر هو معاف نٿو ڪري ۽ اتان هليو ٿو وڃي، سو ٻارن کي کپي ته سوچي سمجهي ڪم ڪن ڪاوڙ يا غصي ۾ اهڙو ڪجهه نه ڪجي جو سپاٽي پڇتاءُ ٿي.

<u>"صحبت جو اثر":</u> انسان چاهي ٿو ننڍو هجي يا وڏو ان تي ان جي صحبت جو وڏو اثر پوندو آهي، سنگت اگر سٺن ماڻهن سان هوندس ته سٺو سڪندو، سٺي اخلاق جو مالڪ هوندو پر جي صحبت بدڪار، برن لڇڻ واري سان هوندس ته سماج ۾ پيو سپني جي ٻڌندو ڪو به عزيز رشتيدار يا دوست گڏ هلڻ ۽ ويهڻ پسند ڪو نه ڪندس، هر ڪو نفرت جي نگاهه سان ڏسندس هن ڪهاڻي ۾ هڪ اهڙي ٻار جو ذڪر آهي، جڏهن هن جي دوستي سٺي ٻارن سان هئي هو پڙهندو لکندو هيو، نماز ۽ قرآن پاڪ به وقت تي پڙهندو هيو، جڏهن سڀ دوست ڪچهري ڪرڻ لاءِ گڏ ويهندا هيا ته هي سپني کي بهادرن جي بهادري، دليرن، سورمن ۽ ٻين مشهور ماڻهن جا قصا ٻڌائيندو هيو، جنهن جي ڪري سڀ دوست هن جي ڪچهري مان لطف اندوز ٿيندا هيا، پر ان ٻار جي سنگت برن ٻارن سان ٿي ۽ پنهنجي ويجهن دوستن کي ڇڏي ٿو وڃي سڀ سمجهائنس ٿا پر ڪنهن جي به سمجهه نٿو وڻي پر برن جي صحبت نيٺ بري هڪ ڏينهن اهي گندي صحبت وارا دوست مار ڏين ٿا، رستي تي مرڻ جهڙو ڪري ڦٽي ٿا ڪري وڃنس، ائين، هن کان سٺا دوست به وڇڙي ويا. (19)

<u>گوهر ممتاز جو ڪتاب "پولڙي جي پل ۽ ٻيون آکاڻيون"</u>

<u>"ٻچڙي ٻڌڪ":</u> هن ڪهاڻيءَ ۾ اها نصيحت ڪيل آهي، ته پاڻ کان گهٽ حيثيت رکندڙ يا ڪنهن ڪوجهي ماڻهو کي ڪڏهن به گهٽ وڌ نه چئو ان کي ٻچڙو، ٻي ڊولو يا ڪارو چوڻ سان ان جي دل ۾ غم ۽ ڏک پيدا ٿيندو، اهو ماڻهو رنج جي حالت ۾ گذاريندو آهي، احساس ڪمتري جو شڪار پڻ ٿيندو آهي، ڪنهن کي بدشڪلو يا رنگ جو ڪارو چوڻ اخلاقي حوالي سان تمام خراب

ڳالهه آهي، ڪنهن کي منهن تي برو چوڻ  ان کي ان جا عيب  ٻڌائڻ ان مان وڏ ۾ خاميون ڪڍڻ چڱن لڇڻن ۾ شمار نٿو ٿئي، سٺي اخلاق وارو ماڻهو ڪڏهن ڪنهن سان بدسلوڪي ناهي ڪندو، سڀني جو جوڙون جوڙيندڙ الله تعاليٰ آهي، ان کي وڏائي، تڪبر، هٺ بلڪل پسند ناهي ان لاءِ احتياط ڪرڻ گهرجي، هن ڪهاڻيءَ ۾ بدڪ  جا ڪجهه ٻچا هيا، جن ۾ هڪ ڪارڙو ۽ ٻيا سڀ اڇا هيا، ان تي بدڪ کي به صفا ڪو نه وڻندو هيو، بدڪ سوچيندي هئي خبر هجي ها ته آنو ڪڏهن به نه ڦوڙيا ها پر ڪارڙو ترڻ ۾ هوشيار ۽ تيز ه، هڪ ڏينهن بدڪ ان ٻچي کي ٻين پکين وٽ گهمائڻ لاءِ وٺي ٿي وڃي پر اتي به سڀ ٻچڙو ٻچڙو چئي ٻچڙي کي ڏاڍو ڏک ٿا پهچائن، بدڪ جو ڪارڙو ٻچو تلاءِ جي ٻي ڪناري تي هليو ٿووڃي پر اتي به سڪون جو ساهه کڻڻ ڪو نه ٿا ڏينس، سڀ ڪارو ۽ ٻچڙو ٿا سڏينس هي ويچارو جڏهن به تلاءُ ۾ سهڻن پکين کي ترندو ۽ خوش ڏسندو هيو ته هن جي به دل انهن سان گڏ ترڻ تي چوندي هئي پر دل ۾ پنهنجي ڪو جهائپ جو خيال ڪري ادا ٿي ويهي رهندو هو، هڪ ڏينهن سخت سرديءَ جو موسم هيو هي ويچارو هڪ وڻ جي پاڙ ۾ ويهي ٿو اتان ڪيس هڪ ڪڙمي پنهنجي گهر ڏانهن کڻي  ٿو وڃي، ڪڙمي جا ٻار ڏسي هن کي ڏاڍو خوش ٿا ٿين ۽ سڄي گهر ۾ پڄندا راند ٿا ڪن، هڪ ڏينهن ڪڙمي جا ٻچا ڪارڙي جي ٻچي سان کيڏي رهيا هيا ته ڊڪندي ڪارڙي اڏامڻ شروع ڪيو ۽ ميز تي رکيل جڳ ۾ کير هاري وڏائين پوءِ ڪڙمي جي گهر واري ۽ سندس ٻار چمٽو، ٻهارو ۽ لٺ کڻي ڪارڙي بدڪ کي مارڻ لاءِ ان جي پويان پڄن ٿا، بدڪ ان گهر مان مشڪل سان جان بچائي نڪري ٿو وڃي، ائين ڪارڙو بدڪ هڪ  مصيبت مان نڪري ٻئي ۾ وڃي پئي ٿو.

<u>”نبيله جي گڏي“:</u> هن ڪهاڻي ۾ سڀ هڪ  جيترا ٻار پاڻ ۾ جڏهن گڏجي راند ٿا ڪن ۽ هڪ ٻئي سان گڏجي ننڍڙي گڏڙي جي شادي ٿا رچائن ته هنن تمام گهڻو مزو ٿو اچي ليکڪ هن ڪهاڻي جي ذريعي ٻارن کي اهو سمجهائي ٿو ته پاڻ ۾ ٻڌي اتحاد قائم ڪرڻ ۾ ئي سڪون آهي، ان لاءِ جهيڙن کان پاسو ڪيو ۽ ٻار پاڻ ۾ محبت سان رهو.

<u>”پولڙي جي پل“:</u>انسان کي الله سائين عقل ۽ سمجهه ڏني آهي، جنهن جو استعمال صحيح وقت ۽ صحيح جڳهه تي ڪرڻ لازمي آهي، اگر ائين نه ڪندو ته هن جهان جي مزن کان ته هٿ ڌوئي ويهندو پر جان جو به جوکو کڻندو ان

لاءِ پاڻ ڏاڍن سان به وير نه رکجي نه ئي انهن کي ڪو نقصان پهچائجي ٻارن لاءِ لکيل ڪهاڻي پولڙي جي پل ۾ پولڙو به اهڙو ڪجهه ڪري ٿو، هڪڙي پيري جڏهن پولڙي کي بک تپائي ٿي ته هي کاڌي جي تلاش ۾ نڪري ٿو پئي رستي ۾ هڪ نوريئڙو ٻڌائيس ٿو ته درياءَ جي ٻئي پار ميوي جو باغ آهي، جنهن ۾ هر قسم جا ميوا بيٺل آهن پوءِ ته پولڙي جو وات پاڻي پاڻي ڪرڻ لڳو، هن جي اکين آڏو هنداڻن، ڪيلن ۽ ٻين فروٽن جو تصور ڇائنجي ٿو وڃي پولڙي جي دماغ ۾ زيتون، ڪيلا، صوف ڦرڻ ٽا لڳن، هڪ بک ٻيو ميون جي لالچ پولڙي کي صفا بيحال ٿي ڪري هڪ وڻ کان ٻي وڻ جي ٽاري تي لڏي ٿو ائين هڪ وڻ جي چوٽي تي چڙهي ٿو ٽاري سنهي هجڻ ڪري وڃي هڪ واڳو مٿان ڪريو پوءِ واڳو کي ايلاز ڪري معافي ٿو وٺي ۽ ان کي به ڏٽا ٿو ڏي ته دريا جي ٻئي پر وڏو شڪار آهي، هڪ ڀيرو وٺي هل بس پوءِ توکي ڏيئو ڪرائيندس، پوءِ جڏهن درياءَ جي ٻئي پاسي پهچن ٽا ته پولڙو ميون کي ڏسي ڇريو ٿو ٿئي وڃي هر هنداڻو ته وري ڪيلا ۽ زيتون ٿو کائي ان کان واڳون ئي وسري ٿو وڃي ته ان سان به ڪا زبان ڪئي هيم واڳون انتظار ڪري ٿڪجي ٿو پئي ۽ ڪاوڙ ۾ باهه ٿو ٿئي، بس پوءِ جيئن پولڙو اڇي ٿو واڳو جي پٺيءَ تي ويهي ته بس ان کي پاڻي ۾ٿو ڪيرائي ۽ ان کي ٽڪر ڪري کائي ٿو وڃي.

<u>"بزرگ جو باز":</u> هن ڪهاڻي ۾ به گوهر مماتاز قاضيءَ ٻارن کي لالچ ڪرڻ ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ واري جو انجام ٻڌائي ٿو ته ڇا ٿو ٿئي دين محمد نالي شخص درياءَ مان مڇيون ڦاسائڻ لاءِ روزانو درياءَ جي ڪناري ويهندو هو، هڪ ڏينهن هو صبح کان شام تائين ويٺو رهيو پر ڪا مڇي ڪو نه ڦاٿس ائين هو بيزار ٿي اٿڻ جي ٿو ڪري جڏهن مٿي نهاري ٿو ته هڪ باز لامارا ڪائيندو ڏسي ٿو ۽ پڪ ٿي پئيس ته درياءَ ۾ مڇيون آهن ۽ ڇار ۾ ڦاسنديون پر ڪا به مڇي نٿي ڦاسي وري هي ٻئي ڏينهن تي صبح کان شام تائين ويهي ٿو ساڳئي حال ٿيس هي ڇار ڪٽي وڃڻ تي هو اچن ڪپڙن سان هڪ بزرگ مليس، جنهن چيس ته توکي ايتريون مڇيون ملنديون جو جهلي جهلي ٿڪجي پوندي، ڇار بسم الله ڪري درياءَ ۾ وجهه پر هڪ ڳالهه ياد رک ته ان مڇين مان اڌ مون کي ڏيندي، دين محمد ان وقت ائين ٿو ڪري جڏهن هو بزرگ جي چيل ڳالهه تي عمل ڪندي ڇار درياءَ ۾ ٿو وجهي ته ڇار مڇين سان ڀرجي ٿو وڃي ۽ چلي ڀري ڪٽي ٿو سموريون وڪڻي پئسن جي ڳوٿري ڀري گهر ڏانهن روانو ٿئي ٿو، هي لالچ ۾ بزرگ کي وساري ٿو ڇڏي، گهر ڀاتين کي خريداري لاءِ تيار ٿيڻ لاءِ چوي ٿو پوءِ

جيئن سپ بازار لاءِ نڪرن ٿا ته رستي ۾ باز هن جي هٿ مان پئسن جي ڳوٿري کسي درياءَ ڏي رک ٿو ڪري دين محمدپڇندو باز جي پويان ٿو وڃي پر باز ڳوٿري وجي درياءَ ۾ ڦٽي ٿو ڪري ۽ دينو کي لالچ جي سزا ملي ٿي، ساڳئي هٿين خالي گهر ٿو ويهي رهي.

"ڪينهوڙي تي ڪيٽو": راحيل هڪ ضدي ٻار هيو، جيڪو ڪنهن جي به سمجهه نه وٺندو هو، ٿوري ٿوري ڳالهه تي ضد هوندو هئس، هڪ ڏينهن پنهنجي دوست جو جهاز ڏٺائين جيڪو ان جو پيءُ لنڊن مان آندو هيو، سو گهر اچي ضد تي اڙيو ته مون کي به هر حال ۾ اهڙو هوائي جهاز کپي جڏهن والدين سمجهايس ته اسان غريب ماڻهو آهيون نٿا وٺي سگهون ته پنهنجا رانديڪا پڃڻ لڳو، اهي ٽڪرا ٽڪرا ڪري وري پيڻ جي گڏي جو پلنگ ذرا ڪيائين، جنهن تي پيڻ جڏهن روڪيس ته ان جي گڏي کي به فرش تي اڇلائي پڇي وڌائين رانديڪا پڇندي ٿڪجي جڏهن اک لڳس ڇا ڏسي ڪمري ۾ روشني ٿي ويس هڪ خوبصورت پري اڳيان هيس، جيڪا هن آسمان تي رانديڪا ڏيکارڻ لاءِ ڪٽي ٿي وڃي پر اهو به ٻڌائيس ٿي ته اتي رانديڪا هوندا تنهنجي امان نه هوندي هي ان ڳالهه کي مڃي ٿو هي پريءَ جي پرن تي سوار ٿي آسمان ڏانهن وڃڻ لڳي ٿو، جڏهن هيٺ نظر ڪيائين ڇا ڏسي گهر به رانديڪن مثال لڳي رهيا هئا، هن کي اهو سپ وڻي رهيو هو، هي هڪ ڪمري ۾ پهچي ٿو جتي ڏسي دنگ رهجي ٿو وڃي، ڪمرو رنگين ڦوڪڻ ۽ سنهري جهالرن سان سجل هو، ايترا رانديڪا هيا جو ڪنهن دڪان کان به ٻيٽا ٽيٽا بس هي انهن رانديڪن ۾ گم ٿو ٿي وڃي هڪ رکي ته ٻيو رانديڪو ڪٽي ٿو، وري هڪ سائيڪل تي نظر ٿي پويس جيڪا رنگ برنگيون بتيون ٻاري ٿي گهنڊي وڄائي ٿي هي سوچي ٿو ته ان جي دوست رضو جي سائيڪل کان هيءُ ڪئي ڀيرا خوبصورت آهي، بس هن جي حيرانگي جي ڪا حد نه هئي پر جڏهن پوئتي موٽڻ لاءِ چوي ٿي پوءِ به هن جو ساڳيو ضد ته مان ڪو نه هلندس، پري هن کي ٽي ڀيرا هلڻ لاءِ چئي ٿي، نيٺ پري ناراض ٿي چيو تون ڏاڍو ضدي بي چيو ٻار آهي، نهيو، هاٽي مان وڃا ٿي تنهنجي مرضي وينو راند ڪر" (20) ائين پري غائب ٿي هلي پر راحيل کي ڪا به پرواهه نه هئي، هن کي بس رانديڪن سان راند ڪرڻ وٽي پئي، ٿئي ڇا ٿو جو ڪمري ۾ اوندهه ڇائنجي ٿي وڃي، ڪو به رانديڪو نظر نٿو اچي هاٽي هن کي ڊپ وڪوڙي ويو گهٽائي سڏ ڪيائين پر نيلم پري ته وڃي چڪي هئي پوءِ هن کي پنهنجي ماءُ ياد آئي، پوءِ ته راحيل

ڏاڍو روئي ٿو ۽ ماءُ کي رڙيون ڪري سڏي ٿو پنهنجي ضد تي پڇتاءُ ٿو ٿيس سوچي ٿو مان ڪينهوڙي تي ڪيٽو نه ڪندس.

## مزاحيه ڪهاڻيون

مزاحيه ڪهاڻيون ، انسان جي زندگيءَ ۾ ڪل خوشي آڻيندڙيون آهن، جتي دنيا ۾ افراتفري مچل هجي ماڻهو پنهنجي سوين هزارين مسئلن ۾ گهيريل هجن ته اتي مذاق مشڪري انهن جو ڌيان تبديل ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي، ڪل خوشي انسان جي صحت قائم رکڻ ۾ به سٺو ڪردار ادا ڪري ٿي، اسان جي زندگي جي روز مره ۾ اهڙا ڪيترائي پل ملندا آهن، يا اهڙيون ڪي ڳالهيون اڳيان گذرنديون آهن، جو اچانڪ ٺهڪ نڪري ويندا آهن، يا کلڻ رکجڻ جو نالو ناهي وٺندي، مذاق زندگي جو حصو آهي، جنهن جو زندگي ۾ هجڻ تمام ضروري آهي، مذاق کانسواءِ جيون بي مزي بي رونق لڳندو آهي، ان لاءِ هڪ ننڍڙو مثال وٺون ته اسان جي سامهون ڪو اهڙو شخص هجي جيڪو خاموشي ۾ ويٺو رهي نه ڳالهائي ۽ نه ئي کلي ته اسان جي طبيعت ۾ بيزاري پيدا ٿيندي ته سڄو ڏينهن منهن سجل اٿس پر جيڪڏهن ڪو اهڙو ماڻهو گڏجي جيڪو کل ڀوڳ ڪري ته ان سان نه صرف اسان جي طبيعت ۾ خوش مزاجي پيدا ٿيندي پر سڄو ماحول خوشگوار لڳڻ لڳندو آهي، جنهن سان اسان سرهائي محسوس ڪندا آهيون اهڙن لمحن کي ڀارن توڙي وڏن لاءِ سنڌي ادب جي ليکڪن ڪهاڻين جي صورت ۾ آندو، جنهن کي پڙهندي تمام گهڻو لطف محسوس ٿيندو آهي اسان جو ذهن پڙهڻ کانپوءِ ترو تازه لڳندو آهي.

ٻاراڻي ادب جي دنيا جو وڏو ليکڪ اڪبر جسڪاڻي جنهن جون ڪهاڻيون پوپٽن جي رنگن جيان وڻندڙ آهن، لفظن ۾ ڪمال جي ڪاريگري رکيل اٿس، انداز بيان جو ڪو مثال ئي ناهي، ڪهاڻي پڙهڻ وقت ائين لڳندو ڇڻ اهو واقعو اها ڳالهه هاڻي اسان جي سامهون پئي ٿي، هن وٽ ڇڻ ته پنهنجي ڳالهه ٻڌائڻ جو هڪ نئون انداز موجود هو، جنهن کي هن ڪهاڻيءَ جو روپ ڏئي اسان تائين پهچايو.

## اڪبر جسڪاڻي

ٻاراڻي ادب جو سرموڙ ليکڪ اڪبر جسڪاڻي پهرين سيپٽمبر 1958ع ۾ دادو ضلعي جي شهر جوهيءَ ۾ ڄائو هو، سندس والد محترم جو نالو ڄام خان جسڪاڻي هو ننڍڙي عمر ۾ ئي هو ته سندس والد محترم سعودي عرب ۾ گذاري ويو هو، بنيادي تعليم جوهيءَ مان حاصل ڪيائين، سندس پرورش ناني ۽ نانيءَ ڪئي هئي، اڪبر جسڪاڻي جي سڃاڻپ ٻاراڻو ادب ٻڻيو هو، سنڌي ادبي بورڊ ڀاران ماهوار ٻارن لاءِ ڇپجندڙ رسالي گل ڦل جو

ايڊيٽر بڻيو هو، گل ڦل جا ڪيترائي ايڊيٽر ٿي گذريا، پر اڪبر جسڪاڻي ڪير سڏائي هن جيترو رسالي کي مشهور ڪيو، معياري بڻايو، اوتري محنت ڪنهن جي به نه آهي، اڪبر جسڪاڻي اهو ليکڪ هو، جنهن ٻارن جي لکڻين ۾ ساهه وڌو جنهن ٻارن جي چپن تي ڪاميابي جون مرڪون ڏنيون سچ ته هو ٻارن جي ٿهڪن جهڙو سهڻو ليکڪ هو، جنهن جو ٻارن ۽ ٻوليءَ سان پيار ان جو ڪم ظاهر ڪري ٿو، جيڪڏهن آئون ڪيس سنڌي ٻارن جو هيرو چوان ته پوءِ ان ۾ ڪوئي وڌاءُ نه ٿيندو هن ٻارن جي سڀاءُ کي نظر ۾ رکي ادب تخليق ڪيو هو، اهو ئي سبب هو جوپوءِ هن ٻارن جي دلين تي حڪمراني ڪئي، هئي گل ڦل کان علاوه ماهوار سوجهرو، روزاني آفتاب سنڌ نيوز ۽ عبرت اخبار ۾ سندس لکڻيون شايع ٿيون هيون، سندس ٻارن لاءِ لکيل ناوليٽ بيتن واري ناني کي رڪارڊ شهرت حاصل ٿي هئي، ان کان علاوه سندس ڪهاڻين جي ڪتابن رمون پيٽي خيرو حجم کي ٻاراڻي ادب ۾ وڏي مقبوليت ملي هئي، ڪيس ٻارن لاءِ لکڻ جي حوالي سان انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي کان علاوه ٻين ادارن پاران ڪيترائي ايوارڊ مليا هئا.

اڪبر جسڪاڻي جڏهن ٻارن جي رسالي گل ڦل جو 1987ع ۾ ايڊيٽر بڻيو ته هن ٻارن جي ادبي تربيت ڪرڻ شروع ڪئي، انهن کي ادبي دنيا ۾ آندو هن سنڌي ٻاراڻي ادب جي تحفظ لاءِ تمام گهڻي جدوجهد ڪئي ۽ ڪيتريون ئي تڪليفون برداشت ڪيون، اڪبر جسڪاڻي جي ڪم ۽ محنت کي ادب جي دنيا ۾ ڪو به وساري نٿو سگهي، جڏهن به جتي به ٻاراڻين ڪهاڻين ٻاراڻي ادب جو ذڪر ايندو اتي اڪبر جسڪاڻي کي ضرور ساريو ويندو، هن کي ڪڏهن به تاريخ وساري نٿي سگهي هو اڄ به سنڌي هزارن ٻارن جي دلين ۾ زندهه آهي ۽ زنده رهندو، هو انسان دوست ۽ امن پسند تخليقڪار هو، هن جي دوستي سادڙن ۽ پيرن اگهاڙن ٻالڪ سان هوندي هئي، هو هميشه ٻارن کي تعليم ڏيارڻ جو سوچيندو هو.

واحد بخش مگريو لکي ٿو ته دراصل اڪبر جسڪاڻي صرف اکين کان اوجهل ٿيو آهي، مگر اندر جي آباد ٿيل دنيا ۾ موجود آهي، جيئن ڌرتي عظيم هوندي آهي، تيئن اڪبر به مهان هو، سندس اٺٽي ويهٽي شڪل و شباهت، لباس ۾ سادگي سمايل هئي ۽ ڪردار ۾ هو روشن خيال ۽ روشن ضمير هو خودداري ۽ سچ چئي ڇڏڻ سندس شخصيت جا گڻ هئا. (4)

اڪبر فطرت سان پنهنجي ماءُ سان دوستن سان ٻهڪندڙ ٻارڙن سان ڏيهه جي ڏوٿين ۽ سانگين سان مارئي ۽ سسئي جي ڪردار سان ۽ وطن سان

پيار ڪندڙ انسان هو، هن خواهشن کان محروم ٻارن جي عڪسن کي پنهنجي ڪهاڻي ۾ پيش ڪيو، ان ٻارن جي احساسن محرومي سان گڏ انهن جي شرارتن کي به سهڻي نموني پيش ڪيو، اٿس.

ڪهاڻي ”حرڪتي ٻار ۽ اسپتال“ ۾ اسپتال ۾ لکي ٿو، اسپتال ۾ به هو پنهنجي حرڪت کان باز ڪو نه آيو هو، سڄو وارڊ مٿي تي کڻي ڏنو هئائين، سندس نرس کيس جڏهن سئي هڻڻ ايندي هئي ته لڪي ويندو هو يا کٽ جي هيٺيان ويهي ٻلي وانگيان ميائو ميائو ڪندو هو، سئي لڳڻ وقت شڪل اهڙي ڪندو هو جو سڄي وارڊ جا مريض کل ۾ ٻڏا پيا هوندا هيا، اجا ته آواز بند هئس جي آواز بند نه هجيس ها ته شايد مريضن کي مٿي ۾ سور وجهي ڇڏي ها پر پوءِ به جڏهن نرس سئي هڻندي هئس تڏهن چپڻي وڄائي ان کي اشارا ڪندو هو هل هل ۽ سيٽي ڦش ڦش جو آواز ڪڍندو هو، هن جو آواز ڇو بند ٿي ويو هو ان جو اصل سبب به سندس حرڪت ئي آهي، هي ننڍي هوندي کان حرڪتي هوندو هو ڪيترائي ڀيرا هن کي بجلي جو ڪرنٽ لڳو ۽ ڪيترائي ڀيرا اسڪول ۾ سائنس جا تجربا ڪندي هن سائنس جو سامان ڀڳو هو. (5)

امام راشدي، اڪبر جسڪاڻي لاءِ چوي ٿو ته ٻاراڻي ليکڪ جي حيثيت ۾ مان ايترو ضرور چوندس ته اڪبر جسڪاڻيءَ جي تحريرن ۾ هڪ ڪشش هئي، جنهن سان ٻار پوري طرح متوجهه ٿيندو هو هن جي لکٽيءَ جو اثر مون به ورتو، مون چڱيءَ طرح ڏٺو ته هن ٻارڙن جي نفسيات ۽ خيالن جو پورو پورو خيال ڪيو آهي، جنهن ڪري ئي ٻار هن جي لکٽين کي چاهه سان پڙهندا هئا، هن جون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ٻارن ۾ تمام گهڻيون مقبول رهيون، انهن ڪهاڻين ۾ مزاح سان گڏ هڪجهڙائي ۽ انسان دوستي جو درس ڏنل آهي، ٻاراڻي ادب سان پيار ڪرڻ ۽ ٻارن لاءِ لکڻ هن پنهنجو فرض ڄاتو، انهيءَ فرض شناسي جي عيوض ٻارڙا کيس ”چاچا اڪبر جسڪاڻي چوندا آهن.“(6)

اڪبر جسڪاڻي جي علم دوستيءَ جو اندازو ان مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو جو هن پنهنجي وفات کان ڪجهه وقت اڳ پنهنجا سمورا ڪتاب گاج لائبريري جوهي جي حوالي ڪيا هئا، جيئن نوجوان اتان مطالعو ڪري لاڀ حاصل ڪري سگهن، 13 آگسٽ 1999ع تي ٻارن جو هي مشهور ڪهاڻيڪار گذاري ويو هو، سندس ياد ۾ جوهي شهر ۾ اڪبر جسڪاڻي ميموريل لائبريري قائم ڪئي وئي آهي.

هن لاءِ سنڌ جي مشهور ليکڪ عزيز ڪنگراڻي لکيو آهي ته اڪبر جسڪاڻي ترقي پسند ادب، سياست ۽ سوچ جو بنياد رکندڙ هو، اڪبر جسڪاڻي

ادب، سماج ۽ قوم آجپي بابت سوچ ورچيندي حلقه احباب جو مک بڻجي، هر ڏس ۾ خدمتون سر انجام ڏيندي هڪ شخص مان ڦري جوهي شهر ۾ هڪ اداري جي صورت اختيار ڪري ورتي. (7)

ڪهاڻي ”رمون پيٽي“: هيءَ ڪهاڻي رمون نالي ٻار جي شرارتن سان ڀريل آهي، رمون جنهن کي کائڻ پيئڻ جو بي انتها شوق آهي، هو ايترو ته پيٽ چٽيو هو جو شل نه ڪنهن ٻار جي هٿ ۾ ڪا شيءَ ڏسي بس پوءِ اها جيستائين کسي کائي نه وٺي ته سکون ڪا نه هوندس رمون پيٽي ان شيءَ لاءِ سو ڦيرا ڏيندو پوءِ پاڙي جا ٻار به پيا چيڙائيندس رمون پيٽي قلم سليٽي پر رمون کي صرف کاڌو کپي ان کي ڪنهن جي به ڳالهائڻ جي ڪا پرواهه ئي ڪو نه هوندي هئي هن جي گهر ۾ جيڪڏهن کاڌي جي شيءَ اچي ته جيستائين اها پوري کائي ختم نه ڪري ته تيستائين رمون جو آرام ڦٽل هوندو هو، سڄي رات ننڊ نه ڪندو ۽ ان شيءَ کي کائڻ لاءِ پيو رڙون رڙيندو هو. هڪ ڀيري هن جي پيءُ جيڪي بسڪيٽ آندا پوءِ ته رمون جو سکون تباهه وات پاٽي پاٽي پيو ڪريس، دعائون گهرڻ لڳو ته گهر ڀاتي سمهن ته بسڪيٽ ختم ڪيا، اها گهڙي به آئي جو سڀ گهر ڀاتي ننڊ ڪرڻ لڳا، ۽ هن ڪٻٽ جو پاسو ورتو جتي بسڪيٽ رکيا هيا، اجا مس ڪڍڻ لاءِ ڪيائين ته کڙڪي تي هن جو پيءُ جاڳي ٿو پئي ۽ ٻلو سمجهي پادر اڇلائي ٿو جيڪو رمون جي  مٿي ۾ ٺڪاءُ ڪري لڳي ٿو، پوءِ ته  رمون وڄي ويو، تڪڙ تڪڙ ۾ وڃي بستري تي ليٽي ٿو پئي.

اڪبر جسڪاڻي جي هڪ ٻئي مزاحيه ڪهاڻي، ”عرس مست حيدرآباد ۾“ عرس مست جيڪو سادو ڪل مک ماڻهو هو  هر هڪ سان ڪل ٻوڳ ڪرڻ سندس مشغلو هو، اسڪولي ٻارن سان ته تمام گهڻي لڳندي هيس، انهن سان ڪلي پنهنجي دل وندرائيندو هيو، هي جڏهن به ڪنهن اسڪولي ٻار جو سبق ٻڌندو هو ته دل کي ڏاڍي خوشي ٿيندي هيس، سوچيندو هو عرس پڙهين ها ته جيڪر مسٽر عرس هجي ها نه کي عرس مست عرس مست حيدرآباد  گهمڻ ويو  اتي رڪشا ڏٺائين ڳوٺ جي ماڻهن  کي اچي اها ڳالهه ٻڌائي ٿو ابا ڪرشا تي چڙهيم (رڪشا)، پر ڪرشا ڪان ٿورو وڏي فرسٽ سيٽر(فور سيٽر)، پاڻ ڪان به وڏيڪ ماڻهو پئي ڪٽي پيو ته خدا جي قدرت ماڙيون ته ڏنيونسين پر ابا بس به به ماڙ ڏٺم بس ابا خدا جي قدرت جي ڪرامت آ“ (21)

جڏهن عرس مست کي بک  ٿي لڳي ته ڪجهه کائڻ لاءِ وڃڻ ٿو وڃي پر

اتي به همراهه سان ساڳيو حشر ٿيو هن کي شهر جا  کاڌا ذائقو نٿا ڏين نه ئي پسند ٿا اچنس ۽ انهن جي نالا به هڪ جي پي ڪري ٿو ويهي جيئن هن نهاري ڏٺي ته ابا هڪ پيري هڪ گوشت ديڳ ۾ ڏٺم، گهريو مان ڪاڏم گوشت واري لذت ڪا نه هئي ڇيو مان هي ڇا آهي؟ ڇيائو نهالي، نهاري ابا اها ته ٺهيو پر اڃا به وڌيڪ جڏ ٿي ابا گاڏي تي هڪڙي شيءَ رکيو ويٺا هيا پڇڻ تي خبر پئي ته ڊينبڙا، (ڏهي بڙا) آهن، مون ڇيو ته وٺر ڪري ڏسان، ابا وات ۾ وجهڻ  ۽ دل ڪچو ٿيڻ (22) بس عرس مست پنهنجو مڻ پاڻ هو نيڻ هن کي حيدرآباد جي ماني ۽ گوڙ گهمسان پسند نٿو اچي ۽ ساڳئي ڳوٺ موٽي ٿو اچي.

اڪبر جسڪاڻي جي ڪتاب "خيرو حجم" ۾ به مزاحيه ڪهاڻيون ملن ٿيون جيئن ڪهاڻي پپو جا گفتا هڪ لا جواب مزاحيه ڪهاڻي آهي پپو پيءُ ماءُ جو هڪڙو سڪيلڏو پٽ هو گهڻي پيار جي ڪري پڙهي لکي نه  سگهيو، هڪ ڏينهن هن جي پيءُ، ماءُ به گذاري ويا ۽ پپو اڪيلو ٿي پيو، پوءِ پپو وڃي هڪ درزي وٽ ڪم ڪرڻ لاءِ وڃي ٿو، هن جي عادت ڇرچن ڪرڻ جي هئي سو آئي وئي کي پپو ڇرچا هڻي سپني کي ڪلائي ساٿو ڪندو هو، هن جي پوڳ جي ڪري درزي جي دڪان تي رش ۽ تمام گهڻي رونق هوندي هئس، پر پپو ڪڏهن به ڪو سڌو ڪم ڪو نه ڪندو هو ڪڏهن به ڪا قميص ثابت ڪو نه سبيائين، جيڪڏهن ڪو ڳالهائيندس ته اهڙو جواب ڏيندن جو ماڻهن جا هوڪرا هوندا، مطلب ته هن جا ابتا سبتا ڪم  هي پنهنجي مرضي تي هلڻ وارو هو، قميص ۾ ٻانهن جي جاءِ تي ڪالر هڻندو ته ڪالر جي جاءِ ٻانهن هڻي ڇڏيندو ۽ ڏسندو ته ڪم صفا خراب ٿي ويو آهي، ان جو ٺهڻ وس ۾ ناهي  ته دڪان تان غائب ٿي ويندو، پر جي ڪجهه ٺهڻ  جهڙو ڇڏيندو ۽ ڪو سوال ڪندس ته پپو هي ڇا ته چوندن نئون فيشن آ توهان کي ڪهڙي خبر، بس پوءِ پيا ماڻهو کلندا

اڪبر جسڪاڻي جي لکيل ڪهاڻي " آفيسر، ٻار ۽ ڪار" هي   ڪهاڻي ڪامران نالي هڪ آفيسر جي آهي، جنهن جي شخصيت کي اڪبر جسڪاڻي سهڻي انداز ۾ لکيو آهي  جو پڙهندڙ جو مزاج بهار بهار ٿي ويندو، ڪهاڻي ڪجهه هن ريت آهي ته ڪامران جي شڪل شبيهه اهڙي جو مٿي تي هڪ به وار نه سپر هاءِ وي جهڙي نوڙهه، پيٽ لمليٽ اڳيان ڇڻ ٽڳاري ٽنگيل هجيس، يعني  گول مٿول پيٽ ٻاهر نڪتل قد جو بندرو هلندو ته ڇڻ ڪچون زمين تي هلي رهيو هجي آفيس ۾ ڳالهائڻ کان وڌيڪ سهڪندو گهٽو هو ايڏي ٿولهه هجڻ جي باوجود به ڪار هلائڻ جو بي انت شوق هوندو هئس، پر وري جڏهن ڪار هلائيندو ته پيٽ لمليٽ اسٽرينگ سان لڳل هوندس جو قميص تي

اسٽرينگ جا نشان نهي ويندس، وري جڏهن گهر اچي ليٽندو تي پار پيٽ تي اچي ويهندس ۽ هن جو پيٽ ائين هيٺ مٿي ٿيندو جڻ اسپرنگ واري گاديلي تي پار ويٺل هجي ڪڏهن ڪڏهن جو ننڍڙو پٽ ڪائنس سوال ڪندو هو ته بابا هي ڇا آهي؟ تڏهن پاڻ پيٽ کي ڦوڪي چوندو هو ته پٽ هيءُ اٿئي ماسٽر جو اصلي مولٽي فوم پوءِ ته سڀ کلي کيرا ٿيندا هيا. (23)

اڪبر جسڪاڻي ڪهاڻي ۾ اهڙا ته مذاق ڀريا جملا لکيا آهن، جو ڪهاڻي بار بار پڙهڻ تي دل پئي چئي هن ڪهاڻي جو لکيل هر جملو مزاحيه آهي، اڳتي لکي ٿو ته هڪ ڏينهن ڪامران کي ڊرائيور تي ڪاوڙ هئي ته هو ٻارن کي اسڪول وٺي اچڻ ۾ گهٽي دير ٿو ڪري سو پاڻ وٺي اچڻ لاءِ اسڪول پهچي ٿو اتي گاڏين جا هشام ڪارن، سوزڪين ۽ موٽرسائيڪلن جو ته ڪو شمار ئي نه هو وري انهن جا هارن ٻارن جو گوڙ پوءِ ته هن صاحب جو مٿو ئي چڪرائجي ٿو وڃي پراون ٻارن جي ٻانهون ۾ هٿ وجهندو، نيٺ بيزار ٿي چوڪيدار کي ٿو چوي منهنجا ٻار ڏسي ڏي ڪٿي آهن، هن کي چوڪيدار رستي تان گاڏي هٽائڻ جو اشارو ٿو ڪري گاڏي ۾ ڏسي ته ٻار ان ۾ ويٺل هئا، هيٺ ڏسي ئي نٿو تڪڙ ۾ جيئن وک گاڏي طرف وڌائي ٿو ڪيلي جي کل تان پير ترڪي ٿو وڃيس ۽ ڌو ڪري ڪري ٿو پئي، هڪ ٿلهو، ڀيو وڏو آفيسر ٽيون روڊ تي ڦهه ٿو ڪري پوءِ ته ٻار چوڪيدار بيٺل گاڏين جا ڊرائيور کل ۾ منجهي ٿا وڃن هر پاسي ڪوڪرا ٿا ٻڌڻ ۾ اچنس.

<u>“شرارتي فيضو”:</u> فيضو تمام گهڻو شرارتي ٻار هو، جيڪو نه ننڍي کي ڏسي نه وڏي کي بس شرارتن ۾ گم، هن شرارتن ۾ ايترو ته نالو ڪڍيو جو ڪيس استاد به لهرائيندا هئس، هو جڏهن پرائمري ۾ پڙهندو هو تڏهن هڪ ڏينهن ڇا ٿيو، جو هن جو هڪ استاد صبح جو ڪلاس ۾ لسي ماني پئي کاڌي اسڪول ڀرسان ٿهيل هو ڪچو سو مٿان جهرڪي ويٺي هيس جيئن هن شرارت ڪندي جهرڪي کي غليل هنيو جهرڪي ڦوندي اچي استاد جي لسي واري گلاس ۾ ٿي ڪري، پوءِ ته استاد کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي پر جڏهن گلاس ۾ جهرڪي ته نظر پيس ته کلي ويٺو اڪثر ائين ٿيندو هو جو هن جي شرارتن مان تنگ اچي استاد هن کي ڪلاس مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا هيا پر هو اتي به ڪا اهڙي ته نئين شرارت ڪندو جو سڀ مٿي کي هٿ ڏيندا، نيٺ هاءِ اسڪول مان ڪاليج تائين پهچي ٿو، اتي وري هاسٽل ۾ رهي ٿو پر هن جا ساٿيا افعال سڀني جو نڪ ۾ دم سڀ آزار ۾ سڀني جو جيئڻ جنجال هو، ڇا ٿو ڪري جو پنهنجي پنيءَ سان ڪائي ٻڌي

قميص جون پانهون  ان ۾ وڌائين پنهنجي پانهن تي ڪارو ڪپڙو ويڙهي وجي مهندي جي ٻوٽن ۾ ٿو لڪي جيئن ڪو ڇوڪرو ٻاهر ٿي آيو ته هي انهن کي ڏيڄاريندو رهيو پوءِ ڇوڪرا ويچارا ڏڄي رڙيون ڪندي هاسٽل کان ٻاهر هليا ويندا هيا ته هڪ ٻئي کي چوندا هاسٽل ۾ عجيب مخلوق آئي آهي.

"عوامي چڪن سوپ": سياري جي موسم ۾ چڪن سوپ ته هر ڪوئي پيئندو آهي ۽ ڪيترن ئي گهرن ۾ پيئڻ لاءِ پاڻ تيار به ڪيو ويندو آهي، پر ڪهاڻي عوامي چڪن سوپ ۾ اڪبر جسڪاڻي الڳ ئي ترتيب ٻڌائي آهي ته عوام لاءِ چڪن سوپ ڪيئن تيار ڪيو ويندو آهي، سياري جي ٿڌ پوڻ سٿ ئي اڪثر رستن تي گاڏن تي رڪيل، چڪن سوپ نظر ايندو آهي ۽ ماڻهن جا هشام سوپ پيئندي نظر ايندا آهن، هڪ ڏينهن اڪبر جسڪاڻي کي گهٽي ٿڌ موسم ۾ سوپ پيئڻ جو شوق ٿئي ٿو، سو وڃي هڪ ڪوپ سوپ جو خريد ڪري ٿو، پليٽ ۾ پاڻي لاهي جيئن ئي سرڪي ٿو پري ته بس ڪنن مان دونهان ٿا نڪرنس، اڪين مان پاڻي نڪري آيس ان ۾ صرف ڳاڙها، ڪارا مرچ حد  کان وڌيڪ پيا هيا، ويچارو اڌ پي اڌ واپس ٿو ڏي، جڏهن اها ڳالهه پنهنجي دوست سان ڪري ٿو ته اهو ٻڌائيس ٿو ته گاڏي تي رڪيل سوپ ائين هوندا آهن جو گرم پاڻي ڪري ان ۾ ڪارا ڳاڙها مرچ ۽ هيڊ ملائي رکندا آهن پاڻي جو ديڳڙو پري ايندا آهن ۽ جيئن ٿالهه مان هڪڙو پاڻي ڪڍندو آهي ته ٻيو وجهندا ايندا آهن، ڪنهن ٿالهه ۾ جي ڪو ڪڪڙ جو گوشت ڏسين ته سمجهه ته اهو گوشت اڳين هفتي واري ڪڪڙ جو آهي، جيڪا مسلسل گرم پاڻي ۾ غسل ڪرڻ تي سڃي سڃي ٿتي پوندي آهي، تنهن جو گوشت ڪٽي ٿالهه ۾ وجهندا آهن ۽ ٻي ڪڪڙ جيڪا ٽنگيل هوندي آهي، اها گراهڪ جي ڏسڻ لاءِ آهي، ته اڇو ڪڪڙ جو سوپ پيو، اها ڪڪڙ هفتي ڏيڍ ڪانپوءِ سڃي ٿتي پوندي آهي. (24) اهڙي طرح وڏن ماڻهن لاءِ نهندڙ چڪن سوپ الڳ ٿيندو آهي ۽ ريڙهي وارو چڪن سوپ "عوامي چڪن سوپ" آهي، جيڪو غريبن لاءِ هوندو آهي.

"گڏهه جون خرمستيون": هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ هڪ ته گڏهه جي خرمستين کي نروار ٿو ڪري ته ٻئي طرف ان تي ڳورو سامان ڍوئڻ لاءِ  لڪي ٿو  گڏهن ڪيئن سامان جون پريون ڪٽي هلندو آهي، ليکڪ لکيو آهي ته هڪ ڏينهن آفيس وڃي رهيو هو ته ڪنهن جو زوردار پاسو لڳس پر پاسو به اهڙو جو به فٽ پري هليو ويو ۽ وڃي  بجلي جي ٿنڀي سان لڳو، هن اڳتي ويندي ڏٺو ته ٻار

ڪتاب ڪنيو اسڪول ڏانهن پيا وڃن پر گڏهه پنهنجون خرمستون ڪندي انهن ٻارن کي به نه بخشيو وچ ۾ گهٽ هٽي جيئن ئي گذريو ته ٻارن جا ڪتاب ڪري پيا، گڏهه هڪلیندڙ گڏهه کي لڪڻ ٺو هٽي پر ائين محسوس ٿيو ته گڏهه اسان کي ڏسي اسان تي کلندو هجي اسان جي ماحول ۾ ڏٺو ويو آهي ته جيڪو به ٻار ڪم ڪو نه ڪندو آهي ته چوندس اٿي تون ته گڏهه آهين، وري جي ڪو ٻار مار جو پڪو هوندو ته مٿ مائٹ ۽ استاد چوندس چورا صفا گڏهه وانگيان نود آهين، مطلب ته گڏه هر هنڌ بدنام آهي، ائين گڏهه کي وتائي فقير به ڪو نه بخشيو روزانو ويچاري ڳئون جو گاهه کائي ويندو هو ۽ وري جڏهن وتايو گڏهه کي پٽيو ته سندس ڳئون ئي مري ويس وتائي کي ڳئون جي مرڻ جو ڏاڍو ڏک هيو، اهو اجا تازو هيس گڏهه تي چڙهي ڪيڏانهن وڃي رهيو هو ته فقير به پنهنجي ئي مستي ۾ مست هيو سو خبر تڏهن پيس جو گڏهه ڦيرائي ڪٽي پٽ تي اڇليس وتائي فقير جا ڪپڙا سڄا مٽيءَ ۾ پيوت ٿي ويا ۽ گڏهه کي ڏسي چيائين جيڪو توکي چوٽو هيوسو ته تو پاڻ آهين، وڏيڪ توکي چا چوان ائين اڪبر جسڪاٽي لکيو آهي ته ڏسو ٻار آمريڪا ۾ هڪ پارٽي جي اليڪشن جو نشان ئي گڏهه آهي، اها پارٽي ويچاري ڪڏهن ڪڏهن اقتدار ۾ ايندي آهي چو ته سندس سامان آهي، گڏهه تي لڏيل سو هاٿي ويجهڙ ۾ جو اليڪشن ٿي ته ويچارو ماندیل صدر ٿيڻ لاءِ چڙهي ويٺو گڏهه تي ۽ هيڏانهن ريگن هڪ هاٿي تي چڙهي ويٺو سو سائين گڏهه ڦيرائي ڦيرائي ماندیل کي اهڙو ته ڏک ڏنو جو بجاءِ تخت جي وڃي تختي تي پيو، خدا ڪيو ته بچي ويو، اها ته انهن جي ڀل هئي يا ڪٽي اسان جي ملڪ وارن کان پڇن ها ته ٻڌايون ته ها ته ڀائي گڏهه تي آسرو نه ڪيو" (25)

"خيرو حجم":خيرو حجم وٽ شل نه ڪو گراهڪ اچي پوءِ قصن ۾ شروع ته بس ڪرڻ محال ٿيو پويس هي ڳالهين جو ڳهير جيڪڏهن گهر لاءِ ڪا ڀاڄي يا سامان وٺٽو هوندس ته جي واٽ تي ڪو گڏيس ته پوءِ خيرو حجم کان هر ڳالهه وسري ويندي هئي، ڀل پنيان گهر جا ڀاتي انتظار ڪن سودي لاءِ ۽ رُکي ماني کائن هي پنهنجن قصن ۾ پورو هوندو، مجال آهي جو ڪير ڪٽي بس ڪرائيس هي ڳالهين ۾ ايترو ته گم ٿي ويندو هو جو هٽ ۾ چا اٿس يا اوس پاس ۾ چا پيو ٿي ان تي به ڌيان نه ويندس، هڪ ڀيري ائين ٿيس جو هي گهر لاءِ مڇي ورتيون پئي ويو ته رستي ۾ هڪ ماڻهو گڏيس ۽ هن جون ڳالهيون شروع ٿيون، هن کي هڪ ڪتي تاڙيو سو هٿ مان مڇي کسيو هليو ويس پر هن کلندي چيو ته

منهنجو نصيب نه هيو، خيرو جڏهن به  ڪنهن ٻار جي ٿوڙهه ڪندو هو ان جي مٿي ڪي اهڙو ته مضبوط جهليندو جو چرڻ پرڻ جو ته سوال ئي پيدا نٿو ٿي، هڪ ڏينهن ائين ٿيو  جو هڪ ننڍڙو ٻار ڪرسي تي ويٺو هجي ۽ خيري جي هٿ ۾ پاڪي هجي ٻار جون رڙيون پيون پون پر خيري جو هٿ اهڙو سڪ  هو جو ٻار ڳاٽو ڦيرائي به نه پيو سگهي، وري ٻار جي ٻانهن ڪي ٻار جو پيءُ جهليو بيٺو هو، ڇوڪري جي مٿي مان رت ائين بکي رهي هئي ڇڻ خيرو پاڪي نه پر برش ڪٽي ڪاشيءَ جي سرن تي چٽسالي ڪندو هجي" (26)

ڳوٺ ۾ بس خيرو جا  مزا لڳا پيا هوندا هيا، خيرو وٽ پوڙها جوان، هاري، مزدور سڀ ايندا هيا، هڪ ڏينهن خيرو پڳل ڪٽلي هوٽل واري کي ڏئي  اچي وري ئي دير ڪانپوءِ بيرو ڪٽلي واپس ڪٽي اڳيان ٿو رکيس ته هي پڳل هوٽل تي رکي ويو هئين، مٿين نهاري چئي ٿو "مالڪ! ماڻهن کي ته لک ڦٻيو وڃن اسان کي ته هڪ ڪٽلي به نه ڦٻي" پوءِ پرسان بيٺو هوس ڪڪڙ، بيري کي چيائين اصل ڪٽلي پڳي آهي، هن ڪڪڙ سو انهيءَ کي ڪٽي وڃي ڪپائي اچينس ۽ تون ڪٽلي جا پئسا ڪٽي ٻيا مون کي آٽي ڏي پيٽسان به ڏينهن مس ٿيا اٽس ته نقصان ۾ وجهرايو اٿس، الائي اڳتي ڇا ڪندو." (27)

خيرو نيت جو صاف کرو ۽ سچو انسان هو، جيڪو پنهنجي سچائي جي ڪري سڄي عمر ساڳئي حال ۾ رهي ٿو.

الطاف شيخ ٻارن لاءِ جتي نصيحت ڀريون ڪاٽيون لکيون آهن ته هن ٻارن لاءِ اوتريون دلچسپ مزاحيه ڪهاٽيون به لکيون آهن.

<u>"حاجي سڳوري لاءِ دعوت":</u>هن هيءَ ڪهاڻي هڪ سهري ۽ ان جي نائي تي لکي آهي، نائي جيڪو چڱو طعام کائڻ لاءِ سکي ٿو، جنهن کي گهڻو وقت ڪو سٺيو کاڌو کائڻ کي گذري چڪو هو پر ويچاري جو نصيب ئي ڪو اهڙو هو، هوڏانهن سهرو هئس جو بس ڪنهن حاجي جي اچڻ جو ٻڌي بس پوءِ گهر لٽائيندو هو، دستر خوان سڄي ويندو ان تي ست رشي طعام ٻاکرو گوشت، زردا، پلاءَ مطلب ته حاجي سڳورن جي خدمت ۾ ڪنهن به شيءَ جي ڪا ڪمي نه ڪندو هو، هڪ ڏينهن هن جي  نائي به ٺاهوڪي اٽڪل سوچي حاجي جو ڪٽي روپ ڪيائين، جتي هن جو سهرو ويهندو هو سو هو به اچي اتي ٿو نڪري ۽ نهايت جهيڙين آواز ۾ سهري کي اسلام عليڪم ٿو چوي ۽ سهرو به سلام جو جواب ٿو وراٺي ۽ حاجي سڳوري کي پنهنجي عادت مطابق گهر وٺي اچي

ويهاري ٿو ۽ حاجي سڳوري جي ميزباني ۾ ان لاءِ مزيدار کاڌا تيار ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ٿو وڃي، بس ڪجهه ئي دير ۾ حاجي صاحب جي اڳيان قسمين قسمين جا طعام رکجي ٿا وڃن، بس پوءِ ته هو کائي ڍو ٿو ڪري پر ٿئي ائين ٿو جو سهرو به هيس چالاڪ ماڻهو سا ڳالهين ئي ڳالهين ۾ سمجهي ٿو وڃي ته هو ڪيس نائي آهي، ڪجهه ڏينهن گذرن ٿا، ان جو سهرو به نائي واري اتڪل ڪري حاجي ٿيي و جي پر نائي سهري کان گهڻو هوشيار ۽ چالاڪ هو هڪ دم سهري کي سمجهي ٿو وڃي سهري کي بستر تي ويهاري وڏي آواز ۾ پنهنجي گهر واري کي آواز ٿو ڏي حاجي سڳورو آيو آ جلدي سٺي ماني جو ڪو بندوبست ڪري وٺ تنهنجي پيءُ جي گهر جي دروازي تي پلي طاقتور رڍ بيٺي آهي، سو ان کي حلال ڪرائي وٺ، تنهنجو پيءُ حاجي سڳوري جي خدمت تي ڏاڍو خوش ٿيندو آهي گهر سامان گهٽ هجي ته پيءُ جي گهر مان ڪٽي اچ هو اڻ چاڻ حاجين جي عاليشان ماني ڪرائيندو آ، بس ڪنهن به ڪم ۾ دير نه ڪر رڍ ۽ سامان جو ٻڌي هن جي سهري کي ماٺ وٺي وئي ۽ اتي پيرن تي ٿو ڏي ته هاٽي ته حد ٿي وئي هتي جي ويٺم ته سڀ ڪجهه ويندو سو رڍ جي حلال ٿيڻ کان اڳ سهڪندو وڃي ٿو گهر پهچي.

"گهوڙي تي گهٽ بار": هيءُ ڪهاڻي به ڪبايا ۽ ان جي سهري جي آهي، ڪجهه ڏينهن ڪبايا کي سهرو گاهه ڪرڻ لاءِ موڪلي ٿو، ڪبايا کان گاهه جون پريون تمام ڳوريون ۽ وڏيون هيون سو انهن کي گهر ائين پهچائڻ ڪبايا لاءِ مشڪل ٿي پيو، ڪبايا هڪ ڪاٺي ۾ گاهه جون پريون ٻڌيون ۽ انهن کي پنهنجي ڪلهي تي رکي ٿو پر وزن جي ڪري هن جي ڪنڌ ۾ وڍ وجهڻ لڳس، ايتري ۾ سهري جي گهوڙي تي نظر ٿي پئس، جيڪو گاهه چري رهيو هو، گهوڙي کي چڪي گاهه جون پريون مٿان ٿو رکي ۽ پاڻ گهوڙي پويان هلڻ شروع ٿو ڪري آهستي آهستي هلندا ٿا رهن، انهن جي اڳيان هڪ ٽڪري ٿي اچي ۽ هنن کي ان تي چڙهي رستو پار ڪرڻو هو سو ڪبايا سوچي ٿو ته اگر گهوڙو ٿڪل گهر پهچندو ته ان کي ڏسي چڱو نه ٿيندو سهرو مٿان ضرور ناراض ٿيندو سو ڪري ائين ٿو جو پاڻ گهوڙي تي ويهي گاهه جي پرين کي وري پنهنجي مٿان رکي اچي گهر جو رستو ٿو وٺي جڏهن سهري جي هنن تي نظر ٿي پوي ته تعجب مان پڇي ٿو، "اڙي ڪبايا هي ڇا تماشو ڪيو اٿئي" گهوڙي مٿان چڙهي گاهه وري پنهنجي مٿان رکيو پيو اچين! ڪبايا وراڻيو چاچا ڳالهه اها آهي ته مون کي خبر آهي ته توهان کي گهوڙو تمام گهڻو پيارو آهي، سو ان

تي ايڏو بار کيئن رکان ٿڪجي پوندو ۽ توهان مون تي ڪاوڙ ڪندو ان ڪري مون سوچيو ته گهوڙي تي گاهه آءُ ٿو ڪٽان ۽ گهوڙو فقط مون کي ڪٽي هلي ته گهوڙي تي گهٽ بار هجي" (28)

"ٽي ڪوڙا ۽ سڪو": هن ڪهاڻيءَ ۾ ٽي ڪوڙ ا ۽ ڊاڙي آهن، ڪوڙا به اهڙا جو هڪ کان وڌيڪ پيو ڪوڙو هڪ ڏينهن رستي تي ويندي هنن جي نظر هڪ سڪي تي پئي ۽ اهو ڪٽي ٽا ونن پوءِ پاڻ ۾ ٺئي اهو طئي ٿا ڪن ته جيڪو وڌيڪ ڪوڙ ڳالهائيندو سڪو ان جو ٿيندو هڪ ڪوڙي چيو ته رات جو مسجد ۾ سمهڻ وقت اهڙو طوفان آيو جو گهر، مسجدون، دڪان، جانور اڏامڻ لڳا، پر اهو سڪو اتي ئي پيو هو، ٻئي چيو چڏيو ان ڳالهه کي هي ٻڌو ،منهنجو ڏاڏو اهڙي ته مڇي ڦاسائي آيو جو گهر سڀ ڪم ته ڪندي هئي پر واندڪائي ۾ راڳ به ڳائيندي هئي ان تي ٽئين ڪوڙي چيو هن ڪوڙ ۾ اثر ئي ناهي، پوءِ هو پاڻ شروع ٿو ٿئي ته اسان هڪ آنو ورتو ڪجهه ڏينهن رکيو ته ان مان ايڏو طاقتور ڪڪڙ نڪتو جو ان ڪڪڙ تي وٽج واپار جو سامان ڍوئڻ لاءِ ٻين شهرن ۾ موڪليندا هياسين، وري جڏهن ان جي چيلهه ڇٻي ٿي ته ڪجي جي ملم هٽڻ لاءِ ڏس مليو جيئن اها هنئين ته ڪڪڙي رهجي وئي ته بس پوءِ ڇا ته ڪجي ڦٽي ان ۾ ميوو جو ڦٽو ته ڍير ٿي ويو ميوي جون ڪڪڙيون هيٺ ڪرنديون ويون ۽ ڪڪڙن جو هڪ وڏو پهاڙ ٺهي ويو، اهڙي طرح ٽيون ڪوڙو ويو ڳالهه کي ڊيگهه ڪائيندو هن جو ٻڌي پهريان ٻه ڪوڙا ئي ماٺ ۾ اچي ٿا وجن ۽ سڪو ڪٽي هن جي هٿ تي ٽا رکن ته تو جهڙو ڪوڙو دنيا ۾ نه هوندو تو ڪٽيو اسان هارايو.

"ٻڪري ۽ شينهن":الطاف شيخ جي هيءَ هڪ دلچسپ ڪهاڻي آهي، هڪ ڏينهن هڪ ٻڪري پنهنجي ڌڻ کان جدا ٿي جهنگ ۾ رهجي ٿي وڃي، هڪ غار نظر ٿو اچيس ان ۾ ترسڻ جو سوچي ان غار ۾ وڃي ٿي، ان غار ۾ هڪ خوفناڪ شينهن رهندو هو، ٻڪري جو شينهن کي ڏسي ٿي ته ساهه ئي سڪي ٿو وڃيس پر هو وڏي هوشياري مان ڪم ٿي وني وڏي آڪڙ مان پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪري شينهن جي اکين ۾ اکيون ٿي ملائي ۽ ڪاوڙ جو اظهار ٿي ڪري جنهن تي شينهن جهنگ جو بادشاهه ئي حيران ٿو ٿي وڃي ته هي ڇا سڀ جانور سندس اڳيان اچڻ کان به ڊڄندا آهن ۽ هي ڇا ٿي ويو جو مون تي ڪاوڙ آهي، ٻڪري وڏي چالاڪ هئي سو ٻڌايائين ته ٻڪرن جي راڻي آهيان ۽ مون قسم کاڌو آهي ته هڪ سئو چيتا، پنجويهه هاٿي ۽ ڏهه شينهن جيئرا چٻاڙي کائيندس هن مهل

تائين مان سئو چيتا ۽ پنجويهه هاٿي ته ڪائي ورتا آهن، هاٿي صرف ڏهن شينهن جي ڳولا آهي، ائين ٻڪري شينهن کي ٻيجاري ٿي چڏي شينهن کي ٻڪري جي ڳالهه سچ ٿي لڳي شينهن سوچي چوي ٿو مان پلا درياءَ ۾ وهنجي اچان ائين چئي شينهن غار مان گوليءَ وانگر نڪري پڇي ٿو وڃي.

"سهو ۽ لومڙ" سهو ۽ لومڙ گهاٽا دوست هيا، ان زماني ۾ سهي جا ڪن ننڍا ۽ پڇ وڏو هوندو هو، ٻنهي دوستن کي هڪ ڏينهن مڇي کائڻ جو شوق ٿيو، سو مڇي ڦاسائڻ لاءِ ٻئي درياءَ جي ڪناري تي پهچن ٿا ۽ اتي ويچار ڪين ته نه ڪنڊو آهي، نه ئي ڄار آهي، جنهن سان هي مڇي ڦاسائي سگهن، هنن جي دماغ ۾ هڪ تجويز ٿي اچي ته لومڙ جو هيڏو ڊگهو پڇ آخر ڪهڙي ڏينهن ڪم ايندو ان سان چو نه مڇيون ڦاسايون وڃن، ائين سهو ويٺو درياءَ جي ڪناري تي ۽ پڇ درياءَ ۾ وجهي ٿو مڇين پڪڙڻ لاءِ ٿائيم گذرڻ ڪانپوءِ سهي کي پڇ ۾ ڪجهه ڳورو محسوس ٿيو سهو رڙيون ڪري ماسي لومڙي کي سڏي ٿو ته ڪا وڏي مڇي پڇ ۾ ڦاٿي آهي، جڏهن جو ماسي لومڙي درياءَ ۾ جهاتي پائي چا ڏسي ته مڇي ته آهي ئي ڪو نه هڪ وڏي ڪمي سهي جي پڇ ۾ چڪ وڌيو پئي آهي، لومڙي کي لڳو ته هي سهي کي درياءَ ۾ ڪيرائي ماري چڏيندي پوءِ بل ڏئي سهي جي ڪنن ۾ پنهنجا ٻئي هٿ وجهي پاڻ ڏي ڇڪڻ لاءِ زورٿي لڳائي هو ڏانهن ڪمي پڇ کي ڇڪي هيڏانهن ماسي لومڙي ڪنن کي ڇڪي سهي کي درياءَ ۾ ڪرڻ کان بچائي ٿي وني پر پوءِ چا ڏسن سهي جا ڪن وڏا ته ٿي ويا هئس ۽ پڇ ننڍڙو باقي پڇ کي ڪمي چڪ هنيو ته ڪٽجي ويس بس ويچاري سهي جي جان ته بچي پر پڇ ننڍڙو ۽ ڪن وڏا ٿي ويس.

"گنو ۽ ڪويو جو کوهه کوٽڻ": گهٽو وقت اڳ جي ڳالهه آهي ته گنو ۽ ڪويو کي زمين جي پوک لاءِ پاڻي گهربل هو، سو هنن ٻنيءَ جي پرسان هڪ کوهه کوٽڻ جو سوچو هنن اهو کوهه سارن جي پوک پرسان کوٽڻ شروع ڪيو، ٻئي ڄڻا برابر محنت پيا ڪن، هنن کي کوهه کوٽيندي خوشي ٿي رهي هئي ته سڀاڻي تائين هنن وٽ ضرورت کان گهٽو پاڻي هوندو، شام جي وقت سج لهڻ تي هو هنن گهر وڃڻ جي ڪئي اڳتي هلي جڏهن هنن ڏٺو ته مٽيءَ جو دڙو نظر آين پر وري هڪ ٻئي کي آٿت ڏي چيائون سڀاڻي ان جو به حل ڪنداسي، ڪويو سڄي رات ان مسئلي تي سوچيندو رهيس ۽ ان مٽيءَ جي دڙي کي

تنهنجي ڀنيءَ مان ڪڍڻ جي راهه سوچي ورتي اٿم ان مٽيءَ مان جند ڇڏائڻ لاءِ پاڻ کي هڪ ڀيو ڪوهه کوٽڻ کپي ته جيئن کوهه واري مٽيءَ ان ۾ وجهي ليول ڪري ڇڏجي. (29)

هنن ڀنهي ڀيو کڏو کوٽڻ شروع ڪيو ۽ ايترو کوٽيائون جو پهرين کان به وڏو ۽ پهرين کوهه جي مٽيءَ نئين کڏي ۾ وجهندا ويا نيٺ کڏو پرجي ويو هي ٻئي پنهنجي سياٽپ تي ڏاڍو خوش ٿيا، هنن کي لڳو واهه جو ڪارنامو انجام ڏنو آهي، وري جڏهن مٽيءَ ڏٺائون ته وري فڪر ۾ پئجي ويا، هاڻي وري ان لاءِ سوچڻ لڳا ٻئي ڏينهن جڏهن ملن ٿا ته گنو چيو ته آئون سڄي رات سوچيندو رهيم ۽ آئون پڻ ڪويو چيو اهو ڪم تمام سولو آهي، گنو چيو پاڻ هڪ ڀيو کڏو کوٽينداسين، جنهن ۾ ڪالهه واري کڏي جي مٽي پوري ڇڏينداسين، واهه يار واهه واقعي قابل ماڻهو آهيون، مجيون مان ڏس ته سهي سڄي رات سوچيندي رهيس پر اهڙي صلاح منهنجي ڌيان ۾ نه آئي ڪويو گنوءَ کي شاباس ڏني. (30) ائين وري هي ٻئي ٽيون کڏو کوٽن ٿا.

<u>”گنو، ڪويو ۽ چانديءَ جو خنجر“:</u>گنو ۽ ڪويو کي واٽ ويندي هڪ چانديءَ جو خنجر ٿو نظر اچي جيڪو ٻئي جهٽ ۾ ڪٽي ٿا وٺن پوءِ انهن ٻنهي توچان توچان ئي وڏي گويو چوي خنجر منهنجو ته ڪويو چوي مان ڏٺو نيٺ ٻئي اهو طئي ٿا ڪن ته برابر جا حصيدار آهيون، شهر ۾ وڪٽي جيڪي پئسا ٿيا اهي اڌ اڌ ورهائي کٽبا ائين اهي خنجر کي وچ تي رکي سمهي ٿا پون، ڏهن ڪويو کي گهري ننڊ ٿي اچي ته گنو خنجر کٽي واريءَ ۾ ٿو لڪائي ته جيئن چوان ته چوري ٿي ويو پوءِ وڪٽي سڄا پئسا ڦٻايا، پر ڪويو ڏسي ٿو وٺيس ۽ خنجر واريءَ مان ڪڍي ٿو اچي، وري جڏهن گنو سمهي ٿو ته ڪويو خنجر سودو وڃي ٿو گاهه ۾ لڪي ويهي پر هڪ ٻئي جا دوست هيا سو هڪ ٻئي کي خوب سڃاڻن پيا ۽ وڃي ڳولهي لڌائون.

<u>”وتايو فقير“:</u> نصير الدين هوجا ۽ سي ڪبايان، الطاف شيخ لکي ٿو ته جيئن پاڻ وٽ سنڌ ۾ وتائي فقير جا گفتا مشهور آهن ته ائين ئي ترڪي پاسي نصير الدي هوجي جا، فرق ايترو آهي، جو وتائي فقير کي هر وقت پنهنجي رب سان شڪايت هوندي هئي، نصير الدين هوجي کي پنهنجي سس سان ۽ سي ڪبايا کي پنهنجي سهري سان نصير الدين هوجا پنهنجي سس مان ڏاڍو بيزار هو، صفا ان جي طبيعت مان تنگ هيو نصير الدين هوجا جي سس جڏهن

درياءَ ۾ ٻڏي ٿي وڃي  ته ان جو لاش جيڏانهن درياءَ جو وهڪرو هيو ان پاسي نه پر ان جي ابتڙ ڳولهي رهيو هو، هن کي ماڻهن چيو جاڏي وهڪرو هلي پيو ان طرف ڏسو توهان ابتي پاسي ڇو ٿا تلاش ڪيو، نصير الدين هوجا چيو ته توهان کي ڇا خبر ته منهنجي سس کهڙي ڦريل دماغ جي عورت هئي  هن جو دماغ ابتو سوچيندو هو  ان لاءِ  مرڻ کان پوءِ به هو  پاڻي جي ابتي  وهڪري ڏانهن ئي هوندي .

"ڪبايا ۽ چونئرا":ڪبايا پنهنجي سهري سان چونئرا چوندڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو، هن کي سهرو هدايت ٿو ڪري ته چونئران  جا به وڏا ٻورا پرٽا آهن ۽ اهي مارڪيٽ ۾ وڪرو به ڪنداسين، ان ڏينهن گرمي ۾ گهٽي هئي، سوهي سهڪندو وڃي باغ ۾ پهچي ٿو، هن جو سهرو پنهنجي ڪم ۾ لڳي ٿو وڃي ۽ ڪبايا کي به جلدي ڪم ختم ڪرڻ لاءِ چئي ٿو، ٻورا هيا تمام وڏا ۽ ڪبايا سست ماڻهو هڪ هڪ چونئرو پٽي سو هن جو ٻورو پرجي  ئي ڪو نه پيو، جڏهن سهري پڇيس هي ها ڪري، نيٺ پاڻي پيئڻ جو بهانو ڪري پر وڃي ڪو نه ٿو، هي بهانو ڪري پهريان لڪي ٿو ويهي پوءِ سهري جي هيڏي هوڏي ٿيڻ تي ٻوري ۾ اندر وڃي ويهي ٿو ۽ پنهنجي مٿان چونئرا ٿو رکي ته جيئن سهرو سمجهي سڄو ٻورو چونئرن سان ڀريل آهي، ٻورو ڀريل ڏسي ڪبايا جو سهرو ڏاڍو خوش ٿو ٿئي، ۽ ٻئي ٻورا ڪٺي ٿو پر ٻوري ۾ ڪبايا وينو هو هن جو سهرو پگهر ۾ چل منهن ڳاڙهو پر پوءِ به سوچي ٿو ته ڪبايا لت ڏئي  ٻورو ڀريو هوندو گهر ۾ ٻورا رکيائين ته ڪبايا ٽپ ڏئي نڪتو پوءِ  ته هن جو اندر ئي سڙي ويو، ٻه ٽي هفتا گذرن ٿا، ڪبايا جو سهرو به ساڳئي ٻڌي ڪرت ڪري ٿو پر ڪبايا ڪري ائين ٿو جو ڳوڻ جو منهن چڱي طرح ٻڌي ان کي پٽرن ٻندڻ ۽ ڪندڻ مان ڳهلڻ لڳو، سهرو دانهون ڪرڻ لڳس پر ڪبايا اصل ڌيان ئي نٿو ڏئي ۽ اڇي مارڪيٽ ۾ چونئرن جي دڪان تي ڳوڻ ٿو کولي تيستائين ڳهلجي ڳهلجي ڪبايا جي سهري جي جسم جا ٽڪر اڏامي ٿا وڃن، سڄو جسم رهڙجي ٿو وڃيس، الطاف شيخ جي مزاحيه ڪهاڻيون وندر ورونهن سان ڀرپور آهن.

انجنيئر عبدالمالڪ ميمڻ جون ڪهاڻيون

انجنيئر عبدالمالڪ ميمڻ جون ڪهاڻيون مذاق سان گڏوگڏ سائنسي ڄاڻ سان ڀرپور آهن، جن جي پڙهڻ سان ٻار کي وندر ورونهن سان گڏ سائنس جي به معلومات فراهم ٿئي ٿي ۽ اهو ٻين ڪهاڻين ۾ گهٽ ڏنو ويو آهي ته مذاق

مذاق ۾ تجربن ۽ مشاهدن جي ڳالهه به سولي طرح سان ڪري ڇڏ جي اهڙو فن عبدالمالڪ جي ڪهاڻين ۾ ملي ٿو، هن جي مزاحيه ڪهاڻين جي ڪتاب گهامڻ خان، مسٽر مور، پينڊو بادشاهه، اسان جي معاشري ۾ ڏنو ويو آهي ته مذاق جي ڳالهين کي هلڪو وٺندي نظر انداز  ڪيو ويندو آهي ته ڇڏيو مذاق ۾ چئي پر ائين ناهي، انهن  ۾ گهرائي هوندي آهي، ان ۾ ڪو اهڙو سبق سمايل هوندو آهي، جنهن مان اگر سنجيدگي سان سوچون ته گهڻو ڪجه سکڻ لاءِ ملندو آهي، مزاحيه ڪهاڻين ۾ ليکڪ ان ڳالهه کي واضح ڪندو آهي، جنهن سان پڙهندڙن جو مزاج خوشگوار ٿي هو پريشانين واري ڪيفيت مان ٻاهر نڪري خوشي محسوس ڪري سگهن، ليکڪ جو مقصد اصلاح سان گڏوگڏ ماڻهن ۽ ٻارن کي سٺي صحتمند سوچ طرف وٺي هلڻ آهي، مطلب ته مذاق اهڙي طرح ڪجي جو اڳلي کي ان جي ڪيل غلط ڪم جي نشاندهي به ٿئي ۽ ان ساڳئي ڳالهه تي کل  به اچي، پر مزاحيه ڪهاڻي لکندڙ لاءِ ايڏي سولي ڳالهه ناهي ته هو جلد ۾ بس لکي ويهي پر ان کي هر حوالي سان اهو ذهن ۾ رکڻو پوندو آهي ته هو ڪهڙي ڳالهه کي ڪهڙي طرح لکي ان کي ٻين جي اڳيان ڪهڙي روپ ۾ پيش ڪري جو پڙهندڙن ان تي کلي ڏي ۽ ان جي ڳالهه جو معيار به سهڻو رهي ان ڪا بدتميزي، بداخلاقي واري ڳالهه شامل نه هجي نه ئي ڪنهن جي دل آزاري ٿي.

‘‘پينڊو بادشاهه:’’ڪهاڻي پينڊو بادشاهه ۾ پينڊو جيڪو شڪل صورت جو ته چڱو هوندو هو پر ان جون حرڪتون نراليون ۽ عجيب هونديون هيون، جو جيڪو ڏسي سوکلي کلي ساڻو ٿئي، پينڊو آخر پينڊو سڏجڻ جولڳو، ان لاءِ عبدالمالڪ ميمڻ لکيو آهي ته هڪ پيري پينڊو گهر واري ٻير هيٺيان سمهيو پيو هو، ڳاڙهن ٻيرن کي ڏسي وات پاٽي پاٽي ٿيڻ لڳس سو اٿڻ جي تڪليف کان بچڻ لاءِ هم نه ڪيائين ته اڏ سروٽو ڪٽي ٻير ڏانهن اڇلايائين پوءِ ڇا ٿا سمجهون، ٻير جيڪي ڪريا سي ڪريا پر ان سروٽي ڪشش ثقل جي قاعدن جي تعميل ڪندي واپس پينڊي ڏانهن موٽ ڪاڏي ۽ نڪاءُ اچي ٿيس نڪ ۾ پوءِ پينڊي ڪٽي آسمان مٿي تي کنيو پر جيڪي ٿيڻو هو اهو ٿي ويو، پينڊي جون ناسان ويچاريون چنر ٻڄي ويون، انهيءَ ڏينهن کان  ويچار خانوءَ مان پينڊو ٻڄي ويو. (31)

‘‘پينڊو پوي ڪڏ ۾’’:پينڊي غريب سان ائين ٿيو جو هو امتحان ۾ ڪاپي ڪندي پڪڙجي ٿو پئي ۽ بورڊ هن کي ٽن سالن لاءِ ڪاپي ڪيس ۾ داخلا رد

ڪيس، وقت گذريو ته وري مسڪين پيندي پڙهڻ لاءِ همت ڪئي ۽ هڪ ٻئي شهر ۾ وڃي داخلا ورتائين هڪ ڏينهن هن سان ٻه دوست ملڻ آيا، هنن کي لڳي ٻک سو پيندي کي ماني بابت پڇا ڪيائون خبر پيئن ته بورچي آهي، وري هڪ ٻئي دوست سندس ڪير بابت پڇو ته ڪيئن ٿو ملي سنو يا ملاوٽ وار ان تي پيندي ڪير جي وڏي تعريف ڪئي ته صفا ڪير نج ملندو آهي، جنهن تي دوستن سوال ڪيس ته توکي ڇاخبر پيندي وراٽين ته هي شيشي جو ٿرما ميٽر ان لاءِ ئي ورتو آهي، اهو ڪير ۾ وجهي ڪير کي چڪاسيندو آهيان، پيندي قميص جو بٽڻ مهٽيندي چيو ان تي هڪ دوستن جو اکيون پٽجي ويس ته هي وري کهڙو ٿرما ميٽر آهي، جڏهن ان ڏٺو ته ٻڌايائين پيندل اهو ٿرماميٽر ناهي پر ليڪٽو ميٽر آ، ٿرما ميٽر سان بخار يا ٽيمپريچر ماپيو آهي، پر ڪير کي چڪاسڻ لاءِ ليڪٽو ميٽر ڪم ايندو آهي" (32)

ويچارو پيندو جيڪو هر ڳالهه ۾ پيو ابتا سبتا جواب ڏيندو هو، هي دوست سان هڪ هوٽل ۾ وڃي ٿو، رات جو وڳڙو ائين ڪندي آسمان ۾ جهڙ ٿو، ٿئي ڪنوڻ ۽ گاج به ٿئي رهي هئي پر پيندي کي ڪنهن جي پرواهه نه هئي، پنهنجي سوچ ۾ غرق هيو، نيٺ هڪ دوست سجاڳ ڪيس ۽ چيئس هي آواز ٻڌين ٿو ڇا جا آهن "پيندي چيو اها ته ٻارن کي به خبر آهي ته حضرت پيران پير هماليه ۽ سليمان جبلن جي چوٽين کي ٺهڪائيندا آهن ته اهي گجگوڙ جا آواز ٿيندا آهن، ان تي دوست سمجهايس ته اڙي ابوجهه ويچاري پيران پير جو ڇا؟ آسمان ۾ پاٽيءَ پريل ڪڪر جيڪي هوا جي مٿي تهن ۾ ترندا هوندا آهن، سي ترندي ترندي جڏهن هڪ ٻئي سان زور سان ٽڪرائبا آهن ته اهي ٺڪاءُ ۽ گجگوڙ ڪندا آهن ۽ انهن جي ٽڪرجڻ سان تمام تيز روشني جنهن ۾ بجلي به هوندي آهي، جنهن کي اسين وڄ يا ڪنوڻ چوندا آهيون" (33)

ائين چئي هن جا دوست هاسٽل تي روانا ٿيا ته پيندو اتي ويٺو رهيو، چيون اسان ته هاسٽل پهچئون مينهن ۾ پيندو پوي ڪڏ ۾ ويٺو هجي، اهڙي طرح عبدالمالڪ انجنيئر هر هڪ ڪهاڻي ۾ اصلاح ۽ مذاق موجود آهي، هن جي هر ڪهاڻي ۾ نئون رنگ، نئين ڳالهه سولائي سان بيان ٿيل ملندي، اسان جي معاشري ۾ جيڪي غربت، بيروزگاري، اسڪولن اندر ٻارن جي لاءِ خاص انتظام نه هئڻ ڪري ڪيتريون پريشانيون جنم وٺن ٿيون، جن جو اثر ٻار تمام گهڻو وٺن پيا ۽ ڪيترائي ٻار مايوسيءَ جو شڪار ٿيندا رهن ٿا، انهن لاءِ مزاحيه ڪهاڻيون انهن کي ان ماحول مان ڪڍڻ جو ڪم ڏين ٿيون.

“پيندو خطري ۾”: پيندو ويچارو اڳ ۾ ئي بيمار هيو، هن جا ابتا سبتا سوال ۽ بيماري سبب ٿڪ به گهڻجي ويا، هن کي ڊريس وٺڻ جو شوق ٿيو سو بازار ويو ۽ ڪارو رنگ وٺڻ لڳو، پر سپني سمجهايس ته گرميءَ ۾ ڪارو رنگ ۽ ٿلهو ڪپڙو ناهي پائبو، مس وڃي ڳالهه دماغ ۾ ويٺس ۽ سنهون ڪپڙو خريد ڪيائين صبح جو ٻاهر نڪتو ته پيندي کي ڪتي چڪ پاتو سو پيندو مٿي ڦريو اڇي ڪتي جي ڪڍ پيو ته مان به جيستائين ان کي چڪ نه پايا تيستائين اصل نه ڇڏيانس سو پاڙي وارا وڃي پيندي جي دوست کي وٺي ٿا، اچن ۽ پيندي کي سمجهائن ٿا ته ائين نه ٿيندو آهي.

“گهامڻ هليو ڪراچيءَ”: گهامڻ جي ذهن ۾ اڃي ڪنهن ڳالهه ويهاري ته ڪراچيءَ جي عربي سمنڊ ۾ هوائي جهاز ترندا آهن پوءِ ته گهامڻ کي اهي ڏسڻ جو دل ۾ چاهه جاڳيس سو دوستن کي ايلاز منٿ ڪرڻ لڳي ٿو ۽ چو ين ٿو، ادا ٻڌو اٿم ته ڪراچي جي سمنڊ ۾ جهاز ٿا ترن، مون سان گڏجي هل ته اهي ترندڙ جهاز ڏسي اچون! دوست کل ۾ ويڙهجي ويس گهامڻ خان سمنڊ ۾ پاڻي وارا جهاز ترندا آهن، هوائي جهاز ته آسمان ۾ اڏامندا آهن پر پاڻي وارا جهاز به ته لوهه جا ٿيندا آهن. ٻيلي مون سان ڪراچي هل ته اهو لقاءُ ڏسي اچون” اهڙي ريت عجيب ڳالهيون ڪندو وڃي ٿو ڪراچي گهمي. (34)

“گهامڻ هليو لاهور”: گهامڻ کي هوائي جهاز ۾ سفر ڪرڻ جو ۽ لاهور ڏسڻ جو شوق ٿيو، سو ٽڪيٽ بڪ ڪرائي هي ايئرپورٽ تي پهتو جتي جهاز به ڪجهه دير ۾ پهچي اچي ايئرپورٽ تي لٿو، گهامڻ جهاز کي ڏسندي ئي وائڙو ٿي ويو ۽ سوچ ۾ گم ٿي ويو ته اڏامڻ وقت ننڍرو ڏسڻ ۾ ايندڙ زمين تي ايڏو وڏو ٿو لڳي، هن کي وڏي آفت ٿو سمجهي، ويهي سفر ڪري ٿو، جڏهن ايئر هوسٽس تي نظر ٿي پئيس ته وري دوستن کان پڇي ٿو هي ڪير آ، اهي سمجهائنس ٿا، هوائي ميزبان، ائين جهاز جو سفر پورو ڪري شاليمار باغ ٿو گهمي پوءِ ته گهامڻ جي گل ٻوٽا ۽ وڻ ڏسي حيرت جي ڪا حد نٿي رهي، وري دوست کي چوي ٿو، الله سائين گل ڪيڏا سهڻا ناهيا آهن، انهن ۾ ڪيڏي سونهن رکي اٿس، هر گل مختلف قسم ۽ رنگ جو آهي، اهو پلا ڪيئن ٿيو، دوست ٻڌايس ته گلن کي رنگ عطا ڪرڻ وارو هڪ خاص قسم جا نامياتي مرڪب ٿين ٿا، جن مان هر هڪ جو مرڪب پنهنجو هوندو آهي، پوءِ جنهن ٻوٽي کي جنهن نامياتي مرڪب ٺاهڻ جي صلاحيت هوندي، ان گل جو رنگ به اهڙو

ئي ٿيندو آهي. (35)

"ڪاڪو ڪبو، ڇيلهه ڇبو!!" ڪاڪو ڪبو جنهن ڪي هر ٻار تيز ۾ آواز ۾ چيڙائيندو هيو، ڪڏهن ڪڏهن ته ان مسڪين شخص ڪي ٻار پٿر به ڪٽي هڻندا هيس پر ويچارو چپ ڪري اتان گذري ويندو هو، وري گهامڻ جا سوال شروع ته ڪبو ڪيئن ٿيو، اگر ڳوٺيون ڊوئيندو هيو ته ڳوڻ ڪٽڻ وقت اڳتي پلا ڇو جهڪندو هيو، پوئتي ڇو نه ٿيندو هيو، ڪبي جي گهر واري ڪجهه پئسا گڏ ڪري هڪ ٻڪري خريد ڪئي ٻڪري وڃي چانورن جي چاڏي ۾ منهن وڌو پوءِ ته ڪبي ۽ ان جي گهرواري جي ٻڪري ڪي ڪڍڻ جي هر ترڪيب آزمائن ٿا پر چاڏي جو ٻوٿ سوڙهو هجڻ ڪري نٿي نڪري سگهي، ڪبي ڪهاٽي ڪٽي، ٻڪري جي منڍي ان جي سميءَ ڪان هڪ ئي ڌڪ ۾ الڳ ڪئي پر پوءِ به منڍي ته اندر چاڏي ۾ ڦاٿل هئي، سو وري لٺ ڪٽي چاڏي ڪي ڀڳائين ته منڍي نڪري آئي ۽ ڪبو خوش ٿيڻ لڳو پر ٻڪري به وئي ته پئسا به هنن جي چريائپ ۾ سپ ويا، ڪبو ۽ سندس گهر واري اهو ئي بڪ تي.

"منٺار": هن ٻار ڪي ڪرڪيٽ جو اهڙو ڀوت سوار هيس جو شل نه ٻڌي پوءِ ته اتي پهچي ويندو هي ويچارو پنهنجي ٽيم ۾ يارنهين نمبر تي هوندو هو ڇو ته منٺار هڪ بال ڪان پوءِ ڪو ٻيو بال ناهي ڏسندو بال جي پاسي اچڻ ڪان لهرائيندو آهي جي اتفاق سان هن ڏي بال اچي ڪنهن رانديگر جو بال ڪي ابتو ڌڪ لڳي وڃي ته پوءِ هن لاءِ اهو بال جهپڻ محال ٻڻجو وڃي جو سڄ جا ترورا هن جي اکين ڪي وننڌا آهن وري جيڪڏهن بيٽنگ ڪري ته پهرين بال تي آئوٽ ٿي اچي ويهندو، هڪ ڏينهن ميچ پوري ڪري اچي انب جي وڻ هيٺيان سمهي ٿو ۽ هڪ انب مٿان ٿو ڪريس ته دوستن ڪي چوي ٿو ڏسو ڇوڪرا ڦوڙ ٿا هڻن دوست به ڪليس ۽ هڪ انب ڏيکاريندي چيس ته هي ڏس ڦوڙ نه پر انب ڪريو هيو، ان تي چيائين ته چڱو جو انب جي وڻ هيٺان سمهيس جي هنداٽو ڪير ها ته چٽجي مري وڃان ها پوءِ ته اتي ويٺل هر ڪنهن کلي ڏنو ۽ هڪ دوست ٻڌائيس ٿو ته منٺار هنداٽن جو وڻ ناهي ٿيندو ان جي ول ٿيندي آهي.

عبدالمالڪ جون ڪهاڻيون پڙهي ڪوئي به کلڻ کانسواءِ رهي نه سگهندو هن جو انداز بيان ڪمال جو آهي، ان حوالي سان ڪهاڻين جي جيتري به تعريف ڪجي گهٽ آهي.

"مسٽر مور": هن لاءِ عبدالمالڪ ميمڻ لکي ٿو ته رنگ جو سانورو قد ۾ پتڪڙو، بت ۾ ڏٻرو، ترار ڪٽ مڇون، رنگا رنگ سوٽ ۽ بشرٽ پهريل، پيرن ۾ راند روند وارو اڇو بوٽ ساڄي ٻانهن ۾ ڪٽ چڙهيل واچ، ڪاٻي ويٽيءَ ۾ ڳيچي ۾ ريشمي رومال ٻڌل. (36) اهو هيو مسٽر مور جنهن وٽ دلبر نالي هڪ ڪارو، ڪتو پڻ هيو، جنهن جون تعريفون هر ايندڙ ويندڙ سان ڪندو هيو، جيڪو ماڻهو مسٽر مور وٽان گذريو، مطلب ڦاٿو پوءِ هن جي ڳالهه مٿان ٻي ڳالهه پيو ڪڍندو ۽ ڪتي جي ساراهه ڪندو ۽ وري ٻيو ته پنهنجو پاڻ کي وڏو سائنسدان سمجهندو هو، نيوٽن، فيراڊي، ايڊيسن، مارڪوني ۽ گليلو سان پنهنجي ڀيٽ ڪندو هو پنهنجي واڪاڻ ۾ ماڻهن کي چوندو ته پوٽئشم ڊاءِ ڪرو ميٽ کي مئنگنيز ڊاءِ آڪسائيڊ سان ملائي گرم ڪيم ته آڪسيجن گئس نهي جيڪا ساهه ڪڻڻ ۾ ڪم اچي ٿي پر اسان غريبن کي ڪو ڏسي به ڪو نه ٿو، ڪنهن دوست سوال ڪيس ته اڇو بوٽ ۽ رنگارنگي ڪپڙا چو پائيندو آهين؟ چوڻ لڳو "ادا مور جي معنيٰ ئي رنگا رنگي ۽ پتا پٽي آ، منهنجي هي سونهن ڏسي ئي ته الله سائين مور جهڙو سهڻو پکي خلقيو آهي نه باقي اڇو بوٽ ان لاءِ پائيندو آهيان جو مور پنهنجي ڪارن پيرن کي ڏسي پاڻ روئي ويهندو آهي ۽ مان پنهنجي پيرن ۾ اڇو بوٽ ڏسي پاڻ کي مور پکي نه پر مور ماڻهو سمجهندو آهيان ۽ خوش ٿيندو آهيان، ادا منهنجو پيءُ گڏيل هندستان جي آخري وائسراءِ لارڊ مائوٽ بيٽن جو پڳ مٽ يار هو، سڄي عمر انگريزن سان گڏ گذارڻ ڪري انگريزي مڙئي انڌي منڌي ڳالهائيندو هو سو جڏهن مان چائس ته دعا جا هٿ مٿي ڪٽي الله کي چوڻ لڳو ته الله اجا مور More گهٽا---- مور------More مور------More گهٽا ڏي ماڻهن سمجهو ته بابي پٽ جو نالو مور رکيو آهي، بابي کي مور---More گهٽا ته نه مليا پر امان به مري وئي" (37)

"شادي بد خبر": هيءَ ڪهاڻي شادي نالي شخص جي باري ۾ لکيل آهي، جيڪو لفظ شادي جو ضد هيو، چو ته شادي لفظ خوشي جي علامت ناچ ڳانا، دهل دمام، لاڏا، گيت هر طرف رونق مٿ مائٽ خوشيءَ ۾ گهر ۾ رونق پر هن صاحب ڪان جڏهن ڪو حوال وٺندو ته ڪا چڱي خبر ڪو نه ٻڌائيندو ماتمي خبرون جام هوندس تنهن ڪري خوشيءَ بدران بد خبرون ٻڌائڻ سبب ڀاڙي وارن مٿس نالو ئي شادي بد خبر رکي ڇڏيو هو هڪ ڏينهن سڄي گهٽي ۾ دونهون هيو ۽ شادي جي گهر مان دانهون اچي رهيون هيون ان لاءِ سڄو ڀاڙو ان جي گهر ڏانهن ڀڳو ڏسن ته شادي

جي گهر کي باهه لڳل هئي سو شادي بد خبر کي اتان  ڪڍي اچي ڪنهن جاءِ تي ويهاري سڀ دلاسا ڏيڻ لڳا، جڏهن هو ڪجهه بهتر ٿيو ته سبب پڇا ڪيائون ته هي سڀ ڪيئن ٿيو تنهن تي شادي بد خبر چيو ادا آءٌ کٽ تي ويهاٽو رکي ان کي ٽيڪ ڏئي ڪتاب پڙهي رهيو هوس، جو سپاٽي امتحان هو اوچتو واپڊا وارن جي بجلي بند ٿي وئي آءٌ گهران وجي گاسليٽ واري بتي يا چمني کٽي اچي ٻاريم ۽ ان جي روشني ۾ پڙهڻ لڳس، پر گهٽ روشني سبب اکين تي بار پوڻ لڳو ۽ دماغ به جلدي ٿڪجي پيو تنهن ڪري مون بتي کي ڦوڪ ڏئي وسائي ڇڏيو ۽ ويهاٽو سڌو ڪري سمهڻ لڳس ويهاٽو سڌو ڪرڻ مهل بتي کي پاسو لڳي ويو ۽ سڄو گاسليٽ کٽ تي هارجي ويو، ايتري  ۾ بجلي اچي وئي مون پاڻي سان ڌوئڻ جي ڪوشش ڪئي پر مون کي ياد اچي ويو ته گاسليٽ جيئن ته پاڻي کان هلڪو آهي، تنهن ڪري اهو ته نه ڌوئي سگهبو ماڻ ڪري گهڙي کن سوچيندو رهيس ۽ آخر ترڪيب ذهن ۾ آئي ته ڇو نه گاسليٽ کي تيلي ڏئي ساڙجي ائين ڪرڻ سان ڌپ به ختم ٿي ويندي ۽ کٽ به صاف ٿي ويندي اهوسوچي تيلي ٻاري جيئن ئي کٽ کي ڏيکاريم ته گاسليٽ سبب هڪ دم باهه پڙڪو کاڌو" (38)

شادي بد خبر ٻين  جون بريون خبرون ٻڌائيندي هڪ ڏينهن پنهنجي گهر کي ساڙڻ جي بد خبر سڀني کي ٻڌائي.

جاويد عباسي "ناني سُڦوران"  ٻاراڻي ادب ۾ مزاحيه ڪهاڻين جي جتي تمام گهٽي کوٽ رهي آهي ته اتي لکيل ڪهاڻيون انهن جا موضوع ڏاڍا دلچسپ ۽ نوان به آهن، ڪهاڻين ۾ ڳالهه اسان جي ٻارڙن ۽ انهن سان لاڳاپيل ويجهن رشتن جي آهي، جيئن هن ڪتاب ۾ ناني سڦورا جي موضوع تي ڪهاڻيون ڏنيون ويون آهن، اها اسان سڀني کي خبر آهي ته اسان جي معاشري ۾ رهندڙ ٻار اڪثر پنهنجي ناني يا ڏاڏي جي گهڻو قريب هوندا آهن، انهن سان ئي پيا پوڳ چرچا ڪندا، ڪجهه ونٽو هوندن ته انگل به انهن سان ڪندا آهن، جي اهي ڪنهن ڳالهه ته ناراض ٿين ته دڙڪا ۽ ڪاوڙ به ٻارن مٿان ڪن، انهيءَ ڳالهين کي نظر ۾ رکندي ٻارن جي ذهني سطح مطابق جاويد عباسي جون ڪهاڻيون لکيل آهن، جن کي پڙهڻ سان ٻارن جي منهن تي خوشي ۽ کل ضرور ايندي.

<u>"ناني سڦوران ان جي ناس دٻلي":</u>ناني عمر جي حساب سان حوصلي ويچاري گهٽ جيڪا شيءَ جتي رکي ته اها وسري وڃيس جي گم ٿيس ناس جي دٻلي

پوءِ ته سڄو گهر مٿي تي کڻندي ۽ سڄو ڏوهه هٽندي ٻارن تي ته هاٽي توهان جي جسم تي کل نه ڇڏيندم پوءِ گهر ۾ هيڏانهن ٻار ڳولها ۾ تفيل ٻڌندا ته هو ڏانهن ناني جون دانهون ۽ رڙيون هونديون پوءِ ويچارا ٻار جي خوف کان ڊڄندا به ۽ ڳولهيندا به وتندا ناني بس کاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿيندي ويندي، تارا ڦوٽار جي ويندس ڳولهندي گڏو جي ديد ناني جي پوتيءُ تي ٿي پئي، هن رڙ ڪري چيو ناني آهستي، ماريا ڪن جا پڙدا ٿو ڦاڙين، ناني کاوڙ مان گڏو پوتيءَ جي پلاند ڏانهن اشارو ڪندي چيو: ناني دبلي ملي وئي″ (39)

<u>“ناني گم ٿي وئي”:</u> ٿيو ائين جو گهر ۾ هل پئجي ويو ته ناني ناهي گهر جو هر پاتي پريشان ٿي ويو گهر جا ڪمرا، هال ۽ ڪجهه ٻيون جايون ڏٺيون پر ناني نظر ڪو نه آئي، هر ڪو نانين کي پنهنجي منهن ڳولهڻ لڳو، پاڙي جي مسجد ۾ اعلان ڪرايو ويو سڄو پاڙو اچي گڏ ٿيو ته ناني گم ٿي وئي گهر ۾ روڄ راڙو ٿي ويو، سڀ ڳولهي مايوس ٿي موٽي گهر آيا سڀ فڪر ۾ هيا ته الائي ڪٿي ۽ ڪهڙي حال ۾ هوندي ائين ڪندي ناني اسٽور روم مان مٿي ۾ پيپوت لٽا چڊيندي ٻاهر اچي نڪتي وري جو گوڙ گهمسان ڏٺائين ته مٿان ٿي ڪري بيهوش ٿي وئي ته گهر ۾ الائي ڪهڙو حادثو ٿيو آهي جو ماڻهو گڏ ٿيا آهن، اهي ناني جا ڪم ويچارا ٻار سڄو ڏينهن جن ناني جي ڳولها ڪئي.

<u>“ناني جي لٺ”:</u>ناني هئي ته ڏاڍي پلي ٻار به ڪيس پائيندا هئس پر هن جي کاوڙ ۽ مار کان ٻار هجڻ ڪري ڊڄندا به هئا، ناني وٽ هڪ لٺ هئي، جيڪا گهمڻ وقت ان جو سهارو وٺڻ لاءِ رکي هئي پر ٻارن کي ڪڏهن ڪڏهن ڪٽيندي به هئي سو ان لاءِ ٻارن ويچارن مان بچڻ لاءِ لٺ وڃي پيءُ جي ڪمري ۾ دروازي پويان لڪائي، ٻار جن جو ڪم ئي شرارتون ڪرڻ ۽ نقصان ڪرڻ آهي، هڪ ڏينهن ڪيڏندي پيءُ جي ڪمري ۾ رکيل ٽيبل تي مس هاري وڌائون، سڄي ميز جو پوش مس ٿي ويو، ناني کان پڳا ته هاٽي پيءُ جي مار جو خوف ٿين ائين ٻارن جو پيءُ به گهر پهتو ڏسڻ سان ٻارن تي کاوڙيو پر پت ڪڇي جي ٻار ٻڙڪ به چون ٻارن لٺ به رکي اتي سو هنن جي پيءُ جي نظر وڃي لٺ تي پئي اڳيان ٻار پويان لٺ کنيو پيءُ ڊڪڻ ٿو لڳي بس وري جو ناني ڏٺو ته مار هئي ته منهنجي لٺ آهي، اها وري لٺ جي پويان جاويد عباسي اهڙي طرح هر ڪهاڻي ۾ اسان کي مذاق ملي ٿي، ٻولي جو آسان استعمال ڪهاڻي کي وڌيڪ دلچسپ بڻائي ٿو، جاويد عباسي جي ڪهاڻي ۾ سولن لفظن جو

استعمال ملي ٿو، جيڪو پڙهندڙ ٻارن لاءِ مونجهارا پيدا هرگز نه ڪندو.

''ناني جو ضد'': هڪ ڏينهن ناني ضد ڪيو ته هڪ طوطو وٺي ڏيو جنهن کي ڳالهائڻ سيکاري سو ٻار ويچارا ناني جي دڙڪن جي پوءَ ڪان طوطي جي تلاش ڪرڻ لڳي ٿا وڃن، پوءِ هڪ دوست وٽان اڌارو طوطو وٺي اچي ناني جو ضد پورو ڪيائون، ناني ان کي ڪٽي وجهندي پڃري جو دروازو بند ڪرڻ وسري ويس ۽ طوطو اڏامي ٿو وڃي.

''ناني جي جُتي'':هڪ ڏينهن ائين ٿيو جو ناني جي جتي گم ٿي وئي سو ڏاڍي ڳولهي پر ڪٿي به ڪا نه هئي ان لاءِ ناني اچي سڀني تي ڪاوڙي ته جتي ڳولهي ڏيو ناني جي هوندئن به ڪاوڙ ٻارن تي هوندي هئي وري ڪاشيءَ گم ٿي پوءِ ته بس توبهه ناني تپي باهه ٿي ويندي، جيئن ٻارن کي سڏ ڪيائين ٻار ويچارا روئڻ جهڙا ٿي ويا، ناني ٻارن مٿان تارا ڦوٽاريا ۽ گڏو ڏي نهاري دڙڪي سان پڇيائين اڙي مون توکا پڇيو ڪندا" ناني جي دڙڪي تي گڏو جو منهن لهي ويو. (40)

ڪندي لفظ تي وري سڀ کلڻ لڳا، ٻار قسم کڻڻ لڳا ته اسان جتي ناهي ڏٺي اچا ناني ٻارن کي مارڻ تي هئي ته اسلم ناني جي جتي کڻي گهر ۾ داخل ٿيو، جتي جيڪا ڪيس ناني ئي ڳنڍرائڻ لاءِ ڏني هئي.

''مائي جهرڪي ۽ ڪانگ خان''پولڙا ۽ چنڊ

هڪ رات چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي رهيو هو، پولڙا راند روند ڪرڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ٽپ ڏئي رهيا هيا، انهن مان هڪ جي نظر کوهه تي پئجي ٿي وڃي جنهن ۾ چوڏهين جو چمڪندڙ چنڊ نظر اچي رهيو هو پوءِ ته پولڙو صفا پريشان ٿي ٿو وڃي ته چنڊ کوهه ۾ ڪري پيو آهي، رڙيون ڪرڻ ان تي سڀ پولڙا اچي گڏ ٿا ٿين، انهن پولڙن ۾ هڪ پوڙهو پولڙو به هيو ان به کوهه ۾ ڏٺو ته واقعي به چنڊ ته کوهه ۾ ڪري پيو هو، سڀني پولڙن کي سمجهائيندي چئي ٿو ساٿيو هڪ تمام خراب ڳالهه ٿي پئي آهي، چنڊ آسمان مان ڪري پيو آهي، اسان کي ان جي مدد ڪرڻ گهرجي، ان کي يڪدم اتان ڪڍڻ گهرجي" (41)

جنهن تي سڀ پولڙا راضي ٿي وڻ تي لڙڪي هڪ ٻئي جا هٿ پڪڙيندا هڪ ٻئي جي هيٺيان لڙڪندا، هڪڙي زنجير ٺاهيندا ويا ائين هڪ پولڙو کوهه م

چنڊ تائين پهچي ويو ۽ سپني کي ٻڌائي ٿو ته کوهه ۾ پهچي ويم جڏهن پاڻي ۾ هٿ وڌائين ته چنڊ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو، وري پولڙو پريشان ٿي ويو ته هي ڇا ٿي ويو، چنڊ ته پڇي پيو پوءِ ته سڀ پولڙا ڪاوڙ ۾ دڙڪا ڏيڻ لڳا ته اسان کي لڙڪي ٿڪا آهيون ۽ تون وري چنڊ به پڇين وڏو ائين پولڙا چنڊ کي ڪڍڻ جي ڪوشش ۾ لڳا پيا هيا، ايتري ۾ ٻئي پولڙي جي نظر آسمان تي پئي اڙي چنڊ ته آسمان تي چمڪي رهيو آهي، ائين سڀ پولڙا چنڊ کي ڏسي خوش ٿا ٿين ۽ پنهنجي بيوقوفي تي کلن ٿا.

ٻارن جا مسئلا ۽ انهن جا احساس

ٻار ۽ ان جي سماجي زندگيءَ جي هر پهلو جي ترجماني جيتري ڪهاڻي ۾ ٿي سگهي آهي اوترو نه شعر ۾ نه ئي تاريخ ۾ ٿي سگهي آهي، ڪهاڻين ۾ ٻارن جي ڪنهن نه ڪنهن جذباتي عمل ۽ رد عمل ڪي ڪهاڻيڪار اهڙي ته سادي سولي طرح سان تصوير ڪشي ڪري ٿو، جنهن سان ٻارن تي گذرندڙ مسئلن پريشانين تڪليفن جو بيان ڪن ٿا، اسان جي سماج ۾ ٻارن جي جيڪو ڏاڍ، جبر ۽ ظلم ٿئ ٿو، ليڪ انهن ڳالهين ڪي چٽو ڪري ڪهاڻين جي ذريعي انهن ڪي اسان تائين پهچائن ٿا، جنهن سان پڙهندڙ ٻارن ڪي انهن ڳالهين بابت ڄاڻ ملي ٿي ته اسان جي معاشري ۾ هزارين لکين ٻارڙا اهڙا رهن ٿا، جيڪي سٺي تعليم، سٺي صحت، رهائش، لٽي ڪپڙي ۽ ٽن وقتن جي ماني ڪان به محروم آهن، ڪٿي ڪٿي ڪاڏو ضايع ڪري ڦٽو ڪيو ٿو وڃي ته ڪٿي ڪئي ٻار بکن ۾ سڪي ٻاهه ٿي ٿا وڃن پر ڪين انهن ڪي ماني نصيب نٿي ٿي، ڪنهن ٻارن وٽ جسم ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو ميسر ناهي، اهي ويچارا تن ڍڪڻ لاءِ پريشان آهن، اسان جي معاشري ۾ اسان جي اڳيان اسان جي اوس پاس ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي ڏينهن رات پورهيو ڪندا رهن ٿا پر پوءِ مهانگائي سبب جڏهن انهن جي اولاد بيمار ٿيندي آهي ته انهن ڪي اسپتال ڪٽي وڃڻ لاءِ پئسا ناهن هوندا اهي ٻار بغير علاج جي ئي ڦتڪي ڦتڪي مري ويندا آهن پر انهن جا غريب پيءُ ماءُ انهن جو علاج ناهن ڪرائي سگهندا، اهڙيءَ ريت هڪ ليڪڪ ٻارن جي ڪيترن ئي مسئلن تي ڳالهائي ٿو، ڪهاڻيڪار جي تاثرات جو دائرو وسيع ٿئي ٿو، هو انساني حيات جي اوٽائين ۽ ڏکن ڪي پنهنجي لفظن ذريعي نشاندهي ڪرائي ٿو، هو گهري سوچ رکندڙ ٿئي ٿو، اها سوچ جيڪا هڪ عام ماڻهو جي سوچ ڪان الڳ مٿاهين ۽ گهري ٿئي ٿي ليڪڪ اسان ڪي هن معاشري جي حالاتن ڪان اهڙو روشناس ڪرائيندو آهي ۽ ائين سمجهائيندو آهي جو هر واقعي مان اسان ڪي ائين محسوس ٿيندو آهي ته اهي سڀ حالات تڪليفون ڄڻ مٿس ئي گذريندیون هجن هنن سنڌي ٻاراٽي ڪهاڻيءَ ۾ به ڪهاڻيڪارن پنهنجن ڪهاڻين ۾ٻارن جي دردن، ڏکن، ڏوجهرن، ڏولاون ڪي اوتين ٿا، هو پنهنجي ڪهاڻين ۾ ٻارن جي روز مره جي مسئلن جي انهن جي احساسن جي ڳالهه ڪن ٿا، هو انهن ٻارن جي معصوميت ۽ انهن جي مرڪ جي ڳالهه ڪندا آهن، جيڪا هن معاشري ۾ برن حالتن جي ڪري انهن ڪان کسجي ويندي آهي، هو اڪثر محرومن ۾ رهندڙ ٻارن جي احساسن سان دنيا ڪي سجاڳ ڪرڻ چاهيندا آهن.

اڪبر جسڪاڻي

جيڪڏهن اسان اڪبر جسڪاڻي جي ڪهاڻين کي ڏسون ته ان جو فڪري محور انسانيت آهي، هڪ معصوم ٻار آهي، جيڪو غربت، لاچاري، بيماري، بيوسي ۽ طبقاتي گهٽ وڌائي ۾ پيڙهيل آهي ته ڪٿي وري جبر ڏاڍ جي چڪيءَ ۾ پيسيل آهي، اڪبر جسڪاڻي جي ڪهاڻي کي جاندار ڪهاڻيون چئجي ته ان ۾ ڪو شڪ ناهي نه ئي ڪو وڌاءُ آهي، اڪبر جسڪاڻي جون ڪهاڻيون هن سماج ۾ ٿيندڙ ٻارن سان زيادتين جي حقيقي عڪاسي آهي، اڪبر جسڪاڻي پنهنجي ڪهاڻين ۾ ٻارن جي مختلف مسئلن جي ڳالهه ڪري ٿو، اهو ٻارن جي تعليم مسئلو هجي يا ڳوٺن ۾ تعليم جو معيار بهتر نه هئڻ، ٻارن جي ننڍڙي عمر ۾ انهن جو مزدوري ڪرڻ علم جي روشني کان پري رهڻ، مهانگيون فيس ڏيڻ جو مسئلو ٻارن جي غريب بيروزگار والدين وٽ آمدني جي کوٽ بيمارن وگهي ٻارن ۾ فوتگي انهن جا بروقت علاج نه هئڻ، ٻارن جون حادثن جي ور چڙهي وڃڻ وغيره.

جيئن اڪبر جسڪاڻي جي ڪهاڻي "۽ چند اُجهامي ويو" ۾ هڪ اهڙي ٻار جي دل ڏاريندڙ قصو آهي، جيڪو عيد جي ڏينهن تي ٻين ٻارن وانگر نوان ڪپڙا وٺڻ چاهي ٿو هي عيد جهڙي وڏي ۽ خوشيءَ جي ڏينهن تي ٻين ٻارن جيان سٺو ڪاڏو ڪائڻ جي تمنا کي ظاهر ڪري ٿو، پر هن ٻار جي بيوس ۽ مجبور ماءُ جنهن وٽ ڪجهه به نه آهي، هن جا هٿ خالي هيا، هن جي گهر ۾ اهڙو ڪجهه به نه هيو جو پنهنجي ٻارن کي ڏئي سگهي پر هوءَ پوءِ به عيد جي ڏهاڙي فطري ملڻ جو آسرو ٿي ڪري پنهنجي اولاد جي دل رکڻ لاءِ انهن کي آٿت ٿي ڏي ته چاڻ فطرو مليو هو ٻارن کي فطري ملڻ ڪانپوءِ خرچي ڏيڻ جو دلاسو ٿي ڏي، ماءُ کان ٻارن جي بيچيني برداشت نٿي ٿي، هو عيد جي نماز پڙهڻ لاءِ ويندڙ ماڻهن جي موٽڻ ۽ انهن کان فطرو وٺڻ لاءِ گهر کان نڪري ٿي، هو عيد گاهه تائين پهچڻ لاءِ رستو پار ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪري جيئن روڊ تي اچي ٿي هڪ تيز رفتار ڪار جي ٽڪر ۾ ان غريب ٻارن جي مظلوم ماءُ جو موت ٿئي ٿو وچي ٻار جيڪي خرچي ۽ عيد جي مانيءَ جي آس ۾ هيا سي پنهنجي ماءُ جو خون ۾ لت پت لاش ڏسي سڏڪن ۾ پئجي ٿا وڃن ،ٻئي پاسي سڀ ماڻهو عيد جي خوشين ۾ رڌل آهن، ڪي ٻار پنهنجي والد سان عيدگاهه ڏانهن وڃي رهيا هئا ته ڪي عيد جي خوشي ۾ گهمي ڦري رهيا، پر ٻه معصوم ماءُ جي لاش مٿان زارو قطار روئي رهيا هيا، پر ڪو به انهن جي ويجهو اچي

انهن جي ڳوڙهن اگهڻ وارو ڪو نه هيو، انهن ٻارن کي دلاسي ڏيڻ وارو ڇڻ هن دنيا ۾ ڪو به نه هو هنن طرف ڪو به نٿو وڏي نه ئي هنن کي ڪو هڪ نظر ڦيرائي ڏسي ٿو، هي هن دنيا مان نه هيا.

اڪبر جسڪاڻي جي هيءُ ڪهاڻي بيحس سماج لاءِ آئينو آهي، انهن جي ظلمانه روين کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ پڪار آهي، هڪڙي دانهن آهي ڇو ته اسان جو سماج خود غرض بڻجي چڪو آهي، جتي احساس مري چڪا آهن، رت سفيد ٿي ويو آهي، هڪ انسان کي ٻئي انسان تي رحم ناهي رهيو، هن ڪهاڻي کي پڙهڻ کانپوءِ پڙهندڙ کي ائين محسوس ٿيندو ته اخلاق نه رهيو آهي، ماڻهن مان پلائي ۽ نيڪي موڪلائي وئي آهي، ڇڻ ته انسانيت بس آخري پسا هن ۾ هجي جو ڪجهه ٻار روڊ تي ماءُ جي لاش مٿان روئيندا هجن ۽ اسان جي آس پاس رهندڙ ماڻهو انهن کي نظر انداز ڪري پنهنجي عيد جي خوشين ۾ مصروف رهن.

اڪبر جسڪاڻي ڇڻ ته ڪهاڻي لکي نه پر حقيقتن کان پردو پري ڪري سماج جي اصلي صورت سپ کي ڏيکاري ٿو، هن وٽ لفظن جو ڪمال آهي يا ڪو اهڙو فن اٿس جو هر شيءَ کي گهرائي سان ڏسي ٿو، ماڻهن جي دردن کي ويجهڙائپ سان محسوس ڪري ٿو ۽ پنهنجي ڪهاڻين ذريعي ان جي سچائي اسان جي سامهون آڻي بيهاري ٿو، تڏهن ڪين خبر پوي ٿي ته اهي غير حقيقي ناهن، هٿرادو گهڙيل يا بناوتي ناهن پر زندگي جون ڇاتل سچاتل حقيقتون آهن يا وري هي پنهنجي ڪهاڻين ذريعي اسان کي معاشري ۾ ٿيندڙ واقعن کي ذهن نشين ڪرائڻ چاهي ٿو، سماج ۾ ٿيندڙ ٻارن جي مسئلن کي ڪهاڻين جي روپ ۾ چٽي تصوير آڻي بيهاري ٿو، جن جون ڏنتليون ۽ پرده پوش شڪليون اسان جي ڏسڻ کان اوجهل رهن ٿيون، جن تي هڪ ليکڪ جي نظر پئي ٿي ۽ هو پوءِ لفظن جو سهارو وٺي ان کي ڪهاڻين جو روپ ڏي اسان تائين پهچائي ٿو.

اڪبر جسڪاڻي ٻارن سان ٿيندڙ نا انصافي ڏسي پنهنجي اندر م پيڙا محسوس ڪري ٿو، هن جي ڪهاڻي آيا هڪ اهڙي ٻار جي ڪهاڻي آهي، جيڪا اسان جي سماج ۾ هلندڙ طبقاتي فرق جي ڪري امير ۽ غريب جي وچ ۾ جيڪي ويڇاآهن، انهن کي ظاهر ڪري ٿي امير ٻارن وٽ پئسو هجڻ ڪري هر سهولت عيش آرام آهي پر ساڳئي عمر جو ٻار جنهن وٽ ڪائڻ لاءِ ڇڱو ڪاڌو نه آهي، ڪهاڻي ”آيا“ ۾ ٻار جي نظر ۾ صاحب جو گهر تمام سٺو آهي، ان گهر جي ماني به هن کي تمام لذيذ ٿي لڳي هن جي پيءُ جي وفات کانپوءِ هن جي ماءُ گذر سفر لاءِ هڪ وڏي ماڻهو جي گهر ڪم ڪندي هئي ۽ ائين آيا جي پٽ

کي به وڏو شاندار گھر ڏسڻ جو شوق جاڳي ٿو هو صاحب جو گھر ڏسڻ لاءِ پنهنجي والده کي ايلاز منٿون ڪري اهو گھر ۾ وڃي ٿو، جڏهن گھر ۾ داخل ٿو ٿئي، ته عاليشان بنگلو کيس ڏاڍو وڻي ٿو پر جڏهن اتان جي ماڻهن جا رويا ٿو ڏسي پوءِ تمام گھڻو پريشان ٿو ٿئي، پنهنجي ماءُ کي پراون اڳيان ڪم ڪندي کيس برداشت نٿو ٿي، هن جي عمر جا صاحب جا ٻار جڏهن کيڏندي هن جي ماءُ جي مٿي تان پوتي کي ڇڪي بار بار لاهي ڇڏين ٿا ته هن جي پٽ کي تمام گھڻو ڏک ٿو پهچي، هي خاموشيءَ سان سڀ ڪجهه ڏسي ٿو هن جي عمر جا صاحب جا ٻار جڏهن پنهنجي پيءُ سان راند روند ڪندا رهن ٿا، هو ٻال کي ٽڏي تاڙيون وڄائي خوشيءَ ۾ هيڏي هوڏي ڦرن ٿا، آيا جو پٽ  به هڪ ٻار هو ان جا به ڪي احساس هيا، هن جي دل ۾ ائين کيڏڻ لئي چيو هو جيئن ئي ٻال کي ڪٽي ٿو ته صاحب جو پٽ ان کي چماٽ ٿو هڻي، اهو ٻار ڳوڙها ڳاڙيندي سوچي ٿو ته ان جو پيءُ زندهه هجي ها ته ان جي ماءُ جيڪر ڪنهن جي گھر نوڪري نه ڪري ها، هو جنهن گھر کي خوبصورت سجھندو هو، جتان جو ڪاڏو سوادي لڳندو هئس، اتان جي ماڻهن جي روين ۽ غرور هن ٻار جي دل کي ٽوڙي ڇڏيو، هن جي دل ۾ وڏن ماڻهن لاءِ نفرت ٿيڻ لڳي هن جي ننڍڙي ذهن تي مايوسي تاري  ٿئي ٿي وڃي هو پنهنجي ماءُ کي اتي ڪم ڪرڻ برداشت نٿو ڪري پنهنجي ماءُ کي ڀاڪر پائي بي انتها ڳوڙها ڳاڙيندي چئي ٿو امان مان اسڪول کان واپس اچي چولا وڪٽندس باقي  تون صاحب جي گھر ڪم ڪرڻ نه وڃجاءِ تون آيا نٿي پر  منهنجي ماءُ ٿي" (42)

اڪبر جسڪاڻي هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻار جي صبر جو بند ٽٽندي ڏيکاريو آهي، جيڪو ڀاڻ ننڍڙي عمر ۾ گھر  جو خرچ هلائڻ جو بار پنهنجي ڪلهن تي کڻڻ لاءِ تيار آهي، پر هو اهو هرگز نٿو چاهي ته سندس والده ٻين آڏو ڪم ڪري هي ٻک تي رهڻ پسند ٿو ڪري پرصاحب جي گھر جا لذيذ طعام پسند نٿو ڪري هي اهي طعام گھر ۾ آڻڻ ۽ ڏسڻ نٿو چاهي، هي اها سچائي آهي، جنهن جي پيڙا ڪيترائي ٻار ڀوڳن ٿا، اسان جي معاشري ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي آيا آهن، جن جي اولاد تي مشڪل گھڙيون گذرن ٿيون.

منظور جوکيو، اڪبر جسڪاڻي جي ڪهاڻين لاءِ لکي ٿو ته اڪبر جسڪاڻي ڌرتي ۽ ان جي ماڻهن سان شديد پيار ڪندڙ ماڻهو هو، هو ڀلي ڪٿي به هجي شهرن جي رنگين آسائش ۾ پر پنهنجي ڳوٺ جو هي ۽ ان جي آس پاس واري علائقي کي ياد ڪري پنهنجي اباڻي ماڻهو کي سارينديي انهيءَ کي هر شيءَ کان بهتر سمجهي ٿو، حيدرآباد جي گاڏي کاتي ۾ گھمندي هن کي پنهنجي

ڳوٺ جو خيرو حجم ياد اچي ٿو چائنيز جي اي سي ماحول ۾ چڪن ڪارن سوپ پيئندي هن کي پنهنجي ڳوٺ جو خيرو حجم ياد ٿو اچي، چائينز چڪن ڪارن سوپ نٿو وڻيس ڳوٺ جو تيار ٿيندڙ ساڳ ۽ ٻاجهه جي ماني ڪان وڌ هن کي بهتر نٿو سمجهي هن جون ڪهاڻيون پڑهندڙ ڪجهه جملن کي پڑهڻ سان ماڻهو گهري سوچ ۾ هليو ٿو وڃي، انهن سادن سودن لفظن ۾ جيڪو پيغام رکيل آهي، انهيءَ تي سوچي ماڻهو اڪبر جي تيز مشاهدي ۽ گهري سوچ کي داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهي، جيئن هن جا هي جملا آهن سرڪا اسان کي گرمي جي وئڪيشن انهيءَ ڪري ڏي ٿي ته آرام ڪريون پر انهن کي ڪهڙي خبر ته غريب ٻارن کي آرام نصيب ۾ لکيل ئي ڪونهي اڄ ڪيڏي گرمي آهي، اخبار ۾ لکيل آهي ته ماڻهو بيهوش پيا ٿين ته هن دوزخ ۾ پچرون ٿا پر پوءِ به جيئرا آهيون اهي ضرور نازڪ هوندا. ويڪشين

آئون اسڪول ۾ ٻڌائيندس ته سائين بابي جي بيمار رهڻ ڪري ويڪيشن ۾ مان مينهون چاريندو هيس، پلا، اها به ته بهادري آهي نه"

جن وٽ ڪائڻ پيئڻ لاءِ سڀ ڪجهه هوندو آهي تن کي بک جي ڪهڙي خبر "خواهشون" (43)

ائين ئي اڪبر جسڪاڻي اسان کي پنهنجي ڪهاڻين ذريعي ڪيترين ئي ڪردارن ڪان روشناس ڪرائي ٿو، ڪهاڻي مسيحا به اهڙي ڳوٺاڻن جي ننڍڙي جاهلانه سوچ کي تبديل ڪرڻ لاءِ هڪ پڑهيل استاد جي سٺي اعليٰ سوچ ڏيکاري آهي، جيڪو پاڻ حالتن جي هٿان مجبوري تحت معذور ٿي وڃي ٿو پر هو علم جي واٽ نٿو ڇڏي، هو همت نٿو هاري سچائي ۽ دلي لڳن سان اهو استاد جي ڳوٺ جي ٻارن کي تعليم جي زيور سان سينگارڻ جي لاءِ تمام گهڻي ڪوشش ڪري ٿو، هن جي جدوجهد رنگ لائي ٿي، هن جون ڪوششون ساپيان ٿيون اچن، 20 شاگردن مان هن جي محنت سان 60 شاگرد داخل ٿين ٿا،ٻارن جو استاد آهي، جيڪو ڪيس تمام گهڻي محنت ۽ چاهه سان شاگردن کي پڑهائي ٿو، جڏهن سارنگ ڪلاس ۾ شاگردن جي حاضري پريندي سچل جي غير حاضر رهڻ جو سبب ٿو پڇي هن جي بيماري جو ٻڌي هن جي گهر وڃي ٿو، جتي سچل جا والدين ٻڌائن ٿا ته ماستر صاحب! ڪا مهل نه ڪنهن جهڙي خدا ڪان لکيل هو سچل ٻنيءُ تي وڃي رهيو هو ته ٻنيءَ تي ڏيکارو اچي ويس ۽ هينئر هي حال اٿس، گهڻا پير فقير پيٽيا اٿئون، پر ڪو به فرق نٿو ٿئي، هاڻ مالڪ ڪا مهرباني ڪري نه ته ٻچي جي حالت ڏاڍي خراب ٿي پئي آهي" (44)

سارنگ کي سچل جي زندگي جهرندي محسوس ٿي، ٿڌو ساهه پري

چيائين چاچا سائين اهو ڏيڪارو ٻيڪارو ڪجهه ناهي، پر بيماري آهي، ان لاءِ ڊاڪٽر کي ڏيکاريو، سچل جي پيءُ نهه پهه چيو ماستر صاحب توهان پڙهيل ڳڙهيل زور آور آهيون، ڊاڪٽر کي به ڏيکاريو اٿئون چئي تو ته آپريشن ٿيندو پلا آپريشن ۾ اسان جو ٻچو مري پوي ته!!؟ (45)

اڪبر جسڪاڻي پنهنجي ڪهاڻين ۾ حقيقي مسئلن کي وائکو ڪيو آهي، اهو درد جيڪو اسان جي سماج ۾ هڪ ٻار وڏن جي پراڻي ۽ جاهلانه سوچ جي ڪري ڀوڳي ٿو، هو سماج اندر هلندڙ رواجن ۽ رسمن جي ڪري نقصان ڪٽي ڪيترو نه پيو پيڙهجي، تعليم ۽ شعور ساجاهه نه هئڻ ڪري اسان جي معاشري ۾ ڪيترائي معصوم ٻار پنهنجي مسڪراهٽ وڃائي ويهن ٿا ته ڪيترائي وري زندگيءَ تان هٿ ڌوئي ٿا ويهن، هڪ پنهنجي ڪهاڻي ۾ هڪ ٻار جي بيماري ۾ ڦٽڪندڙ حالت ٻڌائي ٿو پر اهڙا ٻيا به ڪيترائي سچ آهن، جن جي آگاهي ڏي ٿو، جيڪڏهن اسان اڄ به ڏسون ته ڪيترا ئي نيڪ اهڙا پيءُ ماءُ آهن، جيڪي پيرن مرشدن تي انڌو يقين ڪن ٿا، جن جي سوچ اڄ هن جديد ٽيڪنالاجي جي دور ۾ تبديل ناهي ٿي هو چڻ ته صديون پراڻيون رسمون قائم ڪندا پيا اچن، جيڪي بيمار کي ڊاڪٽر ڏي وٺي وڃڻ بجاءِ ان کي ڏيکارو ٿا سمجهن. سچل جي اعلاج ڪرڻ بدران ان کي گهر کان ٻاهر ڪڍڻ تي به اعتراض ٿا، وارين، پر سارنگ، استاد، جو رويو ڪهاڻيءَ ۾ علمي آهي، هو پنهنجي بيماري جي ڳالهه تفصيل سان سچل جي مائٽن ۽ اتي ويٺل ماڻهن کي ٻڌائي ٿو ته هو معزور نه هيو، راند ڪندي چنگهه ۾ بال لڳس، مائٽن ڊاڪٽر کي نه ڏيکاريس ته چنگهه خراب ٿي ويس پوءِ هڪ دوست اسپتال ڪٽي ويس جتي ان جو پيءُ ڊاڪٽر هو تيستائين چنگهه خراب ٿي چڪي آهي، جيڪا مجبورن ڊاڪٽر کي ڪٽي پئي، سارنگ پنهنجي شاگرد جي علاج ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو، جڏهن سچل خوش ٿي وڃي ٿو ته ڳوٺ جا سپ ماڻهو سارنگ جو ٿورو مڃن ٿا، ڳوٺ جا ماڻهو سارنگ جي موجودگي کي ائين پائين ٿا ته ڳوٺ ۾ چار چنڊ لڳي ويا هجن.

اڪبر جسڪاڻيءَ هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻن ڳالهين تي روشني وڌي آهي، هڪ ته استاد جو مخلصانه رويو ۽ علمي تربيتي ڳالهيون جن سان ٻار پڙهڻ لڳن ٿا پوءِ ته ڳوناٽا غريب پيرن فقيرن تي انڌو اعتماد ڪن ٿا پر سارنگ جي اخلاق جي ڪري سوچ بدلائن ۽ ٻارن جو اعلاج ڪرائين ٿا، انهن جي تعليم تي توجهه پڻ ڏين ٿا.

اڪبر جسڪاڻي جي ڪهاڻي ”ٻه ته ٻارنهن“ هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻارن جي

يڪجهتي ۽ پنهنجي ئي ڳوٺ جي ٻارن لاءِ تمام گهڻو احساس رکن ٿا، انهن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ سوچن ٿا، هو هڪ جاءِ تي سڀ گڏجن ٿا، هو عيد جي موقعي تي پنهنجي دوستن لاءِ غريبن جي ٻارن لاءِ عيد جا ڪپڙا سبرائن ٿا، هو پنهنجي ڳوٺ جي ٻين ۾ همدردي جي جذبي کي ڏيکاريو ويو آهي، هن ۾ ٻار غريب جي سار سنڀال ڪرڻ ۾ انهن جو خيال رکڻ ۾ خوشي محسوس ٿا، ڪن هوڀلائي ڪردار ڏاڍو سوچ فهم رکندڙ ڏيکاريو ويو آهي، هو ٻارن کي گڏ ڪري سرهائيءَ مان چئي ٿو، ادا اسان ٻارن لاءِ جماعت ٺاهي اهي، جنهن جو ڪم آهي، غريب ٻارن جي مدد ڪرڻ ۽ جيڪي ٻار اسڪول وڃڻ کان نٽائن ٿا يا نٽا پڙهن تن سان ملڻ ۽ جي اسان جي چوڻ ۾ نٽو اچي ته پوءِ انهيءَ سان سوشل بائيڪاٽ اهي، ڪو به ٻار ان سان ميل ميلاب نه رکندو نه ئي ان کي راند روند ۾ شامل ڪيو ويندو پوءِ اهو ٻار ايترو ته مجبور ٿي پوندو اهي، جو اسان وٽ ايندو آهي ۽ چوندو آهي ڀاءُ! مون گهڻو پڇتايو آهي ۽ هاڻ مان پڙهندس ته ادل پوءِ اسين کي اسڪول ۾ داخل ڪرائيندا آهيون، جي غريب جو پٽ هوندو آهي ته ڪتاب وغيره وٺي ڏيندا آهيون ۽ شام جو اسان جي اوطاق ۾ اچي گڏ ٿيندا آهيون، راند روند پر واري ميدان ۾ ڪندا آهيون ۽ رات جو اوطاق ۾ پڙهندا آهيون" (46)

هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ نه صرف ٻارن کي پڙهڻ طرف ڌيان ڇڪائي ٿو پر انهن کي معاشري ۾ غريب ٻارن لاءِ ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جو جذبو ڏئي ٿو اتساهه، پيدا ڪري ٿو، هو هنن ۾ ٻڌي، ايڪي اتحاد جي جذبي کي وڌائي ٿو، هن ڪهاڻيءَ سان نيڪي جو جذبو جاڳي ٿو، جنهن سان سماج اندر رهندڙ ٻارن ۾ هڪ ٻئي لاءِ همدردي، ڀائيچارو وڌندو ۽ هو تعليم جي زيور کان محروم ٻارن ۾ علم حاصل ڪرڻ جو شوق پيدا ڪندو، جن ٻارن وٽ ڪائڻ پيئڻ لاءِ ڪجهه به نه آهي، انهن ٻارن کي ليکڪ هڪ سهڻي سوچ ڏئي ٿو، جيڪي ٻارڙا عيد جي ڏينهن تي به ڪو چڱو وڳو نٽا پهرين هن ڪهاڻي جي ذريعي سيني لاءِ اهو پيغام آهي ته وڏي ڏينهن تي صرف پنهنجي لاءِ ئي نه پر ٻين لاءِ جيئڻ ئي ناهي پر ڪجهه ڪرڻ جو نالو آهي، ٻين جي خوشين خاطر انسان کي ڪجهه ڪرڻ گهرجي.

سورج هن ۾ اهڙي شاگرد جي ڪهاڻِي آهي، جنهن جي لاءِ اسڪول نالو هڪ ڀيانڪ تصور آهي، هو ٻار استاد کان ايترو ته ڇرڪي ٿو، جو پاڙي جو ڪو ماستر ڪنهن گهٽيء مان ايندي ڏسندو هو ته اها گهٽيءَ ڇڏي ويندو هو پر ان ٻار جي مزاج ۾ هڪ ڊاڪٽر مٽي ٿو، هو ته هو پنهنجي سٺن خيالن سان ان ٻار

کي تعليم طرف متوجهه ٿو ڪري هو سوالن جي ذريعي ٻار جو پنهنجي طرف ڌيان ڇڪائيٿو، ڊاڪٽر پڇيس ٿو ڪائين جماعت ۾ پڙهندو آهين! اهي لفظ ٻڌي سورج جي منهن جو پنو لهي ٿو وڃي ۽ نفرت واري نموني سان ڊاڪٽر کي وراڻي ٿو، "پڙهندو ڪو نه آهيان" ڊاڪٽر هن کي ڏسي مرڪي پيو هو ۽ هن کي چيو هئائين ته پٽ جي پڙهندي نه ته مون وانگر ڊاڪٽر يا ٻي ڪا نوڪري ڪيئن ڪندي، عزت ٿيندءِ ۽ هي ڏس اخبار جي پڙهيل هجين ها ته پڙهي وڃي ها هن منجهه ڏاڍو ۽ دنياجون مزيدار ڳالهيون لکيل اٿئي ۽ ٻارن جون آکاڻيون به" (47)

ليڪڪ هن ڪهاڻي ۾ ڊاڪٽر جو مخلصانه رويو هن جي احساس کي جاڳائي ٿو ڇڏي، ڊاڪٽر ٻار جي نفسيات کي سمجهي اهڙو ته سهڻو ڳالهائي ٿو جو ٻار پنهنجي سوچ تي شرمندو ٿئي ٿو، هو پڙهڻ جي باري ۾ سوچي ٿو، انهن جي فائدن بابت سمجهي ٿو ته واقعي دنيا جي ترقي جو راز تعليم حاصل ڪرڻ ۾ آهي، پڙهڻ هر انسان لاءِ لازمي آهي، علم سان انسان ۽ حيوان ۾ فرق ٿئي ٿو، هو پڙهڻ جو ارادو ٿو ڪري دل لڳائي محنت ڪري پڙهي ٿو، خوب چاهه سان پنهنجي تعليم کي مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، هڪ ڏينهن اهڙو اچي ٿو هي پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿو ٿئي، وڃي اهو انجنيئر ٿو ٿئي پنهنجي ڳوٺ ۾ واپس ٿو اچي، ليڪڪائين اسان کي ٻارن کي ڪيئن سٺي ڪمن طرف وٺي وڃڻ جي سکيا ڏي ٿو، هو ٻارن جي اندر خوف ختم ڪرڻ ڏاهپ ذريعي ان جي ڪردار کي نکاري ٿو، جنهن سان هن ٻار جي زندگي سنورجي ٿي وڃي، هڪ ننڍڙي ڊاڪٽر جي ڪوشش رنگ لائي ٿي، مطلب ته اگر اسان علم جي زور تي ڪنهن ٻئي جي زندگي ۽ سوچ تبديل ڪري ٿا سگهون.

اڪبر جسڪاڻي جي ڪهاڻي خرڪار هن ڪهاڻي ۾ رجب نالي ٻار جي جرئت ۽ بهادري جي ڪهاڻي آهي، رجب پنهنجي والدين جو اڪيلو پٽ هيو، جنهن کي گهر ۾ وڏن نازن سان پاليو هئائون، هن جو پيءُ ماءُ، هن کي آفيسر ڪرڻ جي خواهش رکندا هيا، جڏهن رجب ڇهين درجي ۾ پڙهڻ لڳو ته هن جو اسڪول ڳوٺ کان پر پريو هو، جنهن جي ڪري رجب کي بس تي اچڻو پوندو، هڪ ڏينهن هو جيئن بس جي انتظار بيٺو هيو ته هڪ ترڪ هن جي پرسان بيٺي اتان ڪو ماڻهو لهي هن کي رومال سنگهرائن ٿا، جنهن ۾ رجب بيهوش ٿو ٿئي وڃي، هوڏانهن گهر جا ڀاتي ۽ استاد رجب لاءِ تمام گهڻو فڪر مند رهن ٿا ۽ سڀ ڳوٺ وارا رجب جي تلاش ڪرڻ ۾ لڳي ٿا وڃن، هوڏانهن رجب کي جڏهن هوش اچي ٿو، هو ڇرڻ پرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري پر هٿ پير ٻڌل هيس پوءِ

هي سمجهي ٿو وجي ته خرڪار آهن، هڪ ٿلهو ماٺهو هن کي چماٽ هڻي چوي ٿو ته هاڻي تو کي ٻين ٻارن وانگر گڏهن تي مٽيءَ ڍوڻي آهي، پوءِ رجب ڏاڍو روئي ٿو، هي جڏهن مٽيءَ کڻڻ کان انڪار ٿو ڪري ته خرڪار هن کي ڏاڍو مارن ٿا ، هي روزانو ڪيترن ئي ٻارن کي اتي اغوا ڪري ڪٺي ايندي ڏسي ٿو، هڪ ڏينهن خرڪارن جو سيٺ، جڏهن ڪئمپ ۾ اچي ٿو ته سڀ ماٺهو ان وٽ گڏ ٿا ٿين پوءِ رجب کي اتان ڀڄڻ جو وجهه ملي ٿي ۽ هو پنهنجي ڪوشش ۾ ڪامياب ٿو ٿئي، هو ڊڪندو هو هڪ ٻئي ڳوٺ ۾ ٿو پهچي پر هي پريشان ٿو ٿئي ته ڪاڏي وڃي اتفاق سان اهو گهر هڪ ريٽائرڊ هيڊ ماسٽر جو هو جيڪو هن کان احوال وٺڻ کانپوءِ رجب کي پوليس اسٽيشن وٺي ٿو اچي ۽ پوءِ انهن خرڪارن کي گرفتار ٿو ڪرائي، ائين رجب ۽ ٻيا ٻار پنهنجي گهر ٿا پهچن ۽ پنهنجي والدين سان ملن ٿا، معصوم ٻارڙا خرڪارن جي هٿ ڪيڏي نه ڪرب مان گذرن ٿا، جڏهن هو اتي مار ۽ تشدد ۾ گذارن ٿا، اهي گهڙيون ڪيڏيون تڪليف زده ٿين ٿيون ٻار پنهنجي مٿان ڪيڏيون سختيون سهي ٿو، ڪي اتي ئي دردن جا تاب برداشت نه ڪندي زندگي ٿا وڃائي ويهن ڪي معذور ٿا ٿي وڃن، ڪن جي جسم جي عضون کي ڪٽي انهن کي معذور ڪيو ويندو آهي ته اتان ڪيس پڇي نه وڃن.

ڪيڏي ڏرتي هڪ ٻار لاءِ ان جو گهر جنت جيان هوندو آهي، هو پنهنجي پيءُ ماءُ جي هنج ۾ پاڻ کي محفوظ ڪندو آهي، نياڻيءَ جي اولاد لاءِ ماءُ جو رشتو ڏاڍو اهم ٿيندو اهي، بنا ماءُ جي هو پاڻ کي اڪيلو ۽ ويڳاڻو سمجهندي آهي، وري جي گهر ۾ ماٽيجي ماءُ اچي اڇيس ته پوءِ هن جي لاءِ هن ڏرتي تي رهڻ مشڪل ٿي پوندو آهي، اڪبر جسڪاڻي اهڙي هڪ مارئي جي دردن جي ڳالهه ڪئي آهي، جيڪا گهر ۾ ته ڏاڍي دادلي ٿي نپجي ٿي پر هڪ ڏينهن مارئي جي ماءُ گذاري ٿي وڃي، مارئي کي ائين ٿو لڳي ڄڻ هن جي پيرن هيٺيان زمين نه رهي هجي هن جو پيءُ ڪجهه عرصو ته شادي نٿو ڪري پر مائٽن جي گهڻي اسرار تي ٻي شادي ڪري اچي ٿو ماٽيلي ماءُ پهريان ته مارئي سان سٺو سلوڪ ٿي ڪري پر پوءِ ڏاڍيون حالتون ٿي ڪريس هڪ ڏينهن مارئي کي ايترو ماري ٿي جو جسم مان رت وهيٺو نڪريس هو ظلم کي برداشت نٿي ڪري سگهي ۽ گهر کان ٻاهر نڪري وڃي ريل ۾ ويهي ٿي ۽ وڃي ٻئي شهر ۾ نڪري ٿي ريل ۾ هن کي نيڪ عورت ملي ٿي، جيڪا هن کي پنهنجي گهر ٿي وٺي وڃي ۽ هن کي ماءُ جي مري وڃڻ گهر ۽ پيءُ کان جدا ٿيڻ جو ڏک تمام گهڻو هن جي اندر ۾ رهجي ٿو وڃي اڪبر جسڪاڻِي هن

ڪهاڻي ۾ ان شيءَ تي روشني وڌي آهي ته يتيم ٻار ڪيئن تڪليفون سهن ٿا، انهن سان ڪهڙي جٺ ٿئي ٿي هو ڪيترو برداشت ڪن ٿا، سندن ڪو به فرياد ٻڌڻ وارو نه هوندو آهي.

"چو واٽو": پپو جيڪو ننڍڙي عمر ۾ هوشيار ۽ ٻاتڙيون ٻوليون ٻوليندو هو هڪ ڏينهن هو شديد بيمار ٿي پوي ٿو ۽ کٽ داخل ٿئي ٿو، والدين پنهنجي جهالپ هلائيندي ڪو به علاج نٿا ڪرائن بس رڳو پير فقيرن ڏي پنڌ ٿا ڪن تيستائين پپو ڪمزور ٿيندو پيو وڃي، اچانڪ پپو جو مامو انهن جي گهر ٿو اچي پپو جو اهڙو حال ڏسي ان جي والده کان پڇي ٿو، جنهن تي هو جواب ٿيڏي ته ادا تنهنجي ڀاڻج کي نظر لڳي آهي، ملياٽي چيو آهي ته نظر به لڳي اٿس ۽ پريءُ جو پاڇو به پيو اٿس ۽ ملان چيو آهي ته جنڙي ڏيکارو ڏنو اٿس، مان ماڻ کيو ٻڌندو رهيس، رات ٿي امڙ چو واٽي تان مٽيءَ کٽي آئي ان سان گڏ ڦٽڪي کنيائين ننڍڙي پپوءَ جي مٿان ست پيرا گهمائي مٽيءَ کي گهٽيءَ ۾ ست موچڙا هٽي آئي ۽ ڦٽڪي ۾ مائي ٺهي پئي آهي، ڪنهن چيو پري جو مهانڊو آهي مان مٺ کيو ڏسندو رهيس." (48)

بس تعيلم گهٽ ۽ جهالت هجڻ جي ڪري بجاءِ جو هڪ بيمار ٻار جو علاج ڪرائن هو هن سان عجيب سنوڻ ڪري رهيا هيا، هڪ ڏينهن هنن چا ڪيو جو تئي جي ڪارنهن کٽي پپو جي منهن تي هٽي چڙيائون ان کان پوءِ جتي سان کي سنوڻ ڪيائون ، هڪ معصوم ٻارن کي بيماري جي تڪليف پيو ان جو ڪو به علاج نه مٿان عجيب سنوڻ جيڪي هڪ معصوم کي موت ڏانهن وٺي پيا وڃن، هن جي ڳلي ۾ ٻار جي وزن کان وڌيڪ تعويذ پيل هيا، ٻارڙي کي بيماري جي تڪليف کان ان سان جيڪي جهالت ۽ بيمارن ۽ دوائن جي ڄاڻ نه هئڻ ڪري حالتون ڪيون ويون، اهي ان لاءِ بيماري کان به گهٽيون تڪليفون ڏيندڙ هيون، ائين ڪنهن هڪ پپو سان اهو سڀ ڪجهه ناهي ٿيو پر جن به علم ۽ ڄاڻ گهٽ آهي اتي اڄ به پپو جهڙا ڪيترائي ٻار ان سنوڻ جي ڪري پنهنجي حياتي وڃائي ويهندا آهن.

<u>پروانو سيوهاڻي</u>

پرواني سيوهاڻي جون لکيل ڪهاڻيون جيڪي ٻارن کي نصيحت ڪرڻ سان گڏ سماج جي غلط رسمن بابت آگاهي ڏين ٿيون، جيڪڏهن ٻار اهي ڪهاڻيون پڙهي عمل ڪن ته سندن مستقبل سنورجي وڃي انهن کي نيڪي ۽ بديءَ جي ڄاڻ ملي سگهي ٿي.

پرواني سيوهاڻي جي ڪهاڻي ”علم جي ڳولها“ ۾ هڪ فقير جي گهر ۾ جنم وٺندڙ ٻار جا جذبا ڏيکاريل آهن، جيڪو پنڻ کي خراب سمجهي ٿو ۽ ٻارن کي اسڪول ويندو ڏسي سوچي ٿو ته مان به ڪاش ته انهن جيان پڑهان ها هر مرڪندڙ ٻار جي چهري کي ڏسي تمام گهڻو خوش ٿيندو هو ۽ هو جڏهن پنهنجي غربت کي ڏسندو هو ته ان کي پنهنجي مسڪيني حال جو احساس ٿيندو هيس پوءِ هن معصوم ٻارن جي اکين ۾ لڙڪ پرجي ايندا هيا ۽ آهستي آهستي سندس گلابي ڳلن تان لڙڪ ڪرندا سندس جهوليءَ ۾ گم ٿي ويندا هئا ۽ هو پنهنجي ميري قميص جي پلاند سان پنهنجي بي زبان لڙڪن کي اگهي وري اڳئي حسرت سان انهن ٻارن ڏانهن نهاريندو هو، جيڪي ٻار علم پرائڻ لاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيندا هئا، هو ٻارن کي اسڪول ۾ ڏسي پنهنجيءَ دل ۾ ٿڌو ساهه پري چوندو هو ته جيڪر آءُ به نوان ڪپڙا پهري انهن ٻارن سان گڏ ڪتابن جو ٿيلهو ڪلهي ۾ وجهي اسڪول وڃان ها ۽ علم جي روشنيءَ سان پنهنجي اندر کي روشن ڪريان ها، هي ٻار هيو ته هڪ فقير جو پٽ پر هن کي علم حاصل ڪرڻ جو بيحد شوق هو، هي سوچيندو رهندو هو ته آءُ هڪ پينو فقير جو پٽ آهيان، در در خيرات وٺي پنهنجو ۽ پنهنجي ماءُ پنهنجي پوڙهي بيمار پيءُ جو پيٽ پاليان ٿو پلا هڪ فقير جو پٽ ڪيئن ٿو پڑهي سگهي، هن غريب مسڪين ٻار جي اندر ۾ اهو جهوري رهي ٿي هو بار بار پڑهڻ لاءِ سوچي ٿو هو سوچي ٿو ته مان به ان معاشري جو حصو آهيان، مون کي به ته خدا پيدا ڪيو پڑهڻ منهنجو به هڪ حق آهي پوءِ سڀ چو ڌڪارن ٿا ته فقير آهي، هن کي اها ڳالهه بار بار ذهن ۾ هلي رهي هئي، هن کي علم سان چاهه هيو، هن جو ان ماڻهو سان به چاهه هيو، جيڪي پڑهندا ۽ اسڪول ويندا هيا، هن جي نظر ۾ انهن جو رتبو تمام مٿانهون هوهن کي ان ڳالهه جي پروڙ هئي ته علم واري ماڻهو جا ڪوڙ دوست ٿيندا آهن، علم وارن کي هر ڪو عزت جي نگاهه سان ڏسندو آهي هي به ته زندگي عزت سان گذارڻ گهري پيو هي ان روشني واٿ تي هلڻ پيو گهري جيڪا زندگيءَ جا تمام انڌيره ختم ڪري ڇڏيندي آهي، تعليم يافته ماڻهوءَ کي هر ڪو عزت جي نگاهه سان ڏسي ٿو مان به ته اهي چاهيان ٿو ته ان روشني سان منهنجي حياتي به نکري پوي، وري هي سوچي چوي ٿو پلا ڪڏهن فقيرن جا پٽ پڑهيا آهن جو آءُ به پڑهي سگهندس، اسان فقيرن جو بس اهو ڪم آهي هو گهر جي در تي صدا هڻن پوءِ ڪنهن کي رحم پوي ته خيرات به ڏئي نه ته موٽايو ڇڏين، مان فقير چو ٿيس، هن پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو هن کي هڪدم جواب مليو تون چريو آهين توکي خبر آهي ته تنهنجو پيءُ به

فقير هو، تنهنجو ڏاڏو به فقير هو ۽ تنهنجي پڙڏاڏو به فقير هو تنهنجن ستن ئي پيڙهين پني گذاريو تون پنيو ته چا ٿي پيو نه---- نه آءُ نه پندس، آءُ نه پندس آءُ فقير نه ٿيندس ڪهڙي عزت آهي، فقير جي هن دنيا ۾ هر هڪ شخص فقير ڏي نفرت جي نظرن سان نهاري ٿو، فقير جي عزت هڪ پائي جي به نه آهي، کوٽي سڪي وانگر هن جهان ۾ پيو ٿڏبو رهندو آهي، پلا هيءَ به ڪا زندگي آهي هر هڪ شخص جي اڳيان پنهنجو جهول جهلڻ انهيءَ زندگي کان ته سئو ڀيرا موت بهتر آهي. (49)

هڪ معصوم ذهن ۾ سوين سوال هيا، هو ٻار اهڙي سزا ڪاٽي رهيو هو، جنهن جو ڪو گناهه ئي نه هيو، تعليم صرف وڏن ماڻهن جي ٻارن ۽ پڙهيل لکيل ماڻهن جي ٻارن جو حق ته نه آهي، اها ته سڀ لاءِ آهي. جيڪي گهڻ وڏايون اسان جي معاشري ۾ آهن، اهي اسان ٺاهيون آهن، اسان جي ٺاهيل قائدن قانون ۾ سزا معصوم ٺا ڪٽن جن جي پر گهور ڪو به نٿو ڪري هو معصوم هڪ استاد ئي ٿيڻ چاهي پيو ته جيئن ان جي اڳيان به ٻارڙا ويهي پڙهن هو به انهن کي پڙهائي.

”ها----- آءُ به استاد ٿيندس ۽ علم جي روشني کي گهر پهچائيندس هو اجا معصوم تصوراتي رنگين دنيا ۾ گم هيو، ته اوچتي بيل لڳن جي آواز هن جي معصوم ۽ حسين تمنائن جو اڏيل تاج محل هڪ ئي پل ۾ بيل جي ٺڪاءُ پچي وڌو هيو، هن پنهنجي اکين جي آڏو پنهنجي اڏيل تمنا جي تاج محل کي پور پور ٿيندي ڏٺو هو، هو وري پنهنجي ساڳئي دنيا ۾ واپس موٽي آيو، هو هن جي ڪلهي ۾ ڪتابن جي ٿيلهي بدران گودڙي هئي، جنهن ۾ هن جي ارمانن اميدن کانسواءِ ٻيو ڪو ڪي ڪين هيو، هن جو معصوم گلاب جهڙو چهرو ڪجهه دير لاءِ مرجهائجي ويو“. (50)

بس هو سواليه نظرن سان ٻارن ۽ استادن کي ڏسي رهيو هو، هو علم جي خيرات جي تلاش ۾ هيو هن کي اهڙو ماڻهو گهربل هيو، جيڪو هن کي علم جي خيرات ڏئي، هن جي خاموش نگاهن ۾ ڪئي سوال هيا، هو هتان خالي جهولي کٽي نه پيو وڃڻ چاهي پر هن کي هر حال ۾ خيرات ونٽي هئي، علم جي خيرات جنهن کانسواءِ انسان اڌورو آهي، هن کي به اهو علم کپندو هو، جنهن سان هن جي سمجهه سوچ ۾ اضافو ٿئي، اهو علم جنهن سان جهالت ختم ٿيندي آهي، ماڻهو سٺن اخلاقن جو مالڪ بڻبو آهي، هن جي تلاش اجا ختم نٿي هئي، هن جي صدا اها ئي هئي ته سائين مون کي پڙهايو آءُ پنڻ نه پر پڙهڻ ٿو گهران------ آءُ پڙهڻ ٿو گهران“

”سائين مون  کي پنڻ کان نفرت آهي، آءُ علم حاصل ڪرڻ گهران ٿو----- مون کي علم جي روشني ڏيو، آءُ سڄي انسان جيان جيئڻ  ٿو گهران------ سائين مون مسڪين جي خالي جهولي ۾ علم جي خيرات ڏيو ۽ پوءِ وري هو سڏڪا پرڻ لڳو“. (51)

هڪ ڏينهن ان ٻار جي صدا پوري  ٿئي وڃيٿي، هن کي هڪ رحمدل استاد ملي ٿو، جنهن وٽ هن جي جذبن جو قدر هيو، هو هن کي ڪلاس ۾ وٺي وڃي پڙهائڻ لاءِ جتي هن جي ڪلهي ۾ گودڙي بدران ٿيلهو هو،  جيڪر ته اهڙا استاد هر ڪنهن کي ملن ته هو ند ڪيترن ئي ٻارن جي زندگي سنورجي پوي، اسان جي معاشري  مان جهالت ختم ٿي وڃي.

پرواڻي سيوهاڻي جي هڪ ٻئي ڪهاڻي ”واحد و سائينس“ ۾ ان ٻار جي ڪهاڻي آهي، ان  ٻار جي ڪهاڻي آهي، جيڪو ٿر ۾ پاڻيءَ جي هڪ ٻوند لاءِ سڪي ٿو، پاڻيءَ جي اڻاٺ ٻارن  چپن تان مسڪراهٽون ختم ڪري اداسيءَ جا پاڇا ڏئي ٿي ڇڏي، ڪوڏ جيڪو نهايت غريب هو، جنهن جو گذران ٿر جو پاڻي هيو، اهو پاڻي جيڪو ٿر جي ماڻهن کي مينهن مان حاصل ٿيندو هو، ڪوڏ جنهن وٽ ايتري غربت هئي، جوهن جي گهر ۾ تازو کاڌو ڪو نه پچندو هو، هن جي ماءُ جڏهن ريس جي گهر ڪم ڪندي هئي، تڏهن کين پاروٺا ٽڪر نصيب ٿيندا هيا، هڪ ٻار جيڪو ٻن وقت جي تازي مانيءَ لاءِ به سڪندو هو، آس پريون نگاهون کڻي آسمان ڏانهن تڪي ٿڌو ساهه پريندو هو، ڪوڏ اڪثر پنهنجي ماءُ کان سوال ڪندو امان اسان ڪيستائين اهي ماني جا باسي ٽڪر کائيندا سين، ڇا اسان کي خدا ان لاءِ پيدا ڪيو آهي؟“. (52)

ليڪڪ ڪهاڻي ۾ ڪوڏ جي ڪردار کي  تمام گهٽو اداس ۽ مايوس ڏيکاريو آهي، هو ماءُ کان هڪ  ٻيو سوال ٿو ڪري ” امان هاڻي ته باسي ٽڪرا کائي پيٽ ۾ سور ٿو پوي ڇا تازي ماني اسان لاءِ ناهي“. (53)

پرواني سيوهاڻي ٿر جي ڏتڙيل غريبي حال کي گهرائي سان لکيو آهي، لفظ لفظ ۾ ٻار جو ڏک پڙهندڙ محسوس ڪندو ته ان ۾ ڪيتري گهرائي آهي، هن جو ڏک  ۽ تڪليف ڪيتري آهي، ڪهاڻي ۾ هڪ ٻار جا احساس ان جي اڇ واري ڪيفيت دل ۽ دماغ کي لوڏي ٿي رکي هن ڪهاڻي ۾هڪ ٻار کي پرواني سيوهاڻي  اهو ڏيکاريو آهي ته هو وقت گذرڻ سان هر پل  ڪيڏي نه ڪرب واري ڏکئي حالت مان گذري ٻيو سيوهاڻي لکي ٿو ته جڏهن ڳوٺ جي پر واري تلاءُ به سڪي ٿو وڃي ڳوٺ ۾ پاڻيءَ  جو ڦڙو به نه آهي،  ته ڳوناڻن جا چهرا اڇ تي لوساڻجي ٿا وڃن، ٻارن جا چپ خشڪ ٿي ٿا وڃن، هو پاڻيءَ لاءِ تڙپڻ شروع

ٿو ڪري جيئن پرواني لکيو ته معصوم ڪوڏ جون تاس ۾ اکيون ٻاهر نڪري آيون هيون، هو پنهنجا پتڪڙا پتڪڙا هٿ کڻي آسمان ڏانهن نهاري پنهنجي پالڻهار کي التجائون ڪري رهيو هو ۽ آسمان ماٿ ۾ ڌرتي چرندڙ پرندڙ انسانن جو خاموشي سان تماشو ڏسي رهيو هو، سندس اکين مان لڙڪ وهي سندس ڳلڙن تائين اچا مس ٿي پهتا ته ڪوڏ پنهنجي زبان وات مان ڪڍي پنهنجي لڙڪن کي جهٽڻ جي ڪوشش ڪئي پر زبان سندس ڳلن تائين نه پهچي سگهي ۽ ڪوڏ جا لڙڪ ٽر جي تاساري ڌرتي تي ڪري جذب ٿيندا پئي ويا. (54)

ليکڪ جي هيءُ احساساتي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ سيوهاڻي احساس کي اوتيو آهي ته ننڍڙي عمر جو ڪوڏ ۽ پريشانيون ان عمر کان ٻيڻيون ٽيڻيون هيون، جنهن ۾ معصوم ڪوڏ وڪوڙيل هيو، اهو هن ڌرتي جو رهواسي هو هن ئي سماج جو فرد هو پر هن ڪا سهولت نه ئي ڪو سار لهڻ وارو ملڪ جو رهواسي ئي وٽس حال پڇائي ٿيڻ اچي ٿو، سيوهاڻي جي هن ڪهاڻي ۾ ٿو جي زبردست عڪاسي ٿيل آهي، جنهن ۾ ٽر جي ڏڪار سٽيل ٻارن جي ماحول جي هڪ ڪوڏ نه پر ڪيئي ڪوڏ آهن، جنهن جي ڪيفيت درد واري آهي پر ان درد پري زبان ڏيڻ جو وڏو دان آهي، سندس انداز بيان ٻارن جي ذهني سطح وٽان آهن، هن جي ست ست حقيقتن کان پردو کڻي ٿي ته ڏسو توهان ڪوڏ جهڙا ڪيترائي ٻار هن آسمان هيٺيان بي سهارا آهن جيڪي خدا جي خلقيل زمين تي رهن ٿا، خاموشي سان هر ڏک سهن ٿا هو خدا جي هن خوبصورت جهان ۾ پاڻ کي بي سهارا بي آسرا سمجهي زندگي گذارن ٿا، هو خاموشي سان لڙڪ لاڙيندڙ هن ڌرتي جا چرندڙ پرندڙ انسان آهن، جيڪي بنيادي ضرورت جهڙوڪ ڪاڌو خوراڪ ۽ پاڻي جهڙي نعمتن کان به محروم آهن، هو بس خدا جي رحم جا محتاج آهن، ڇو ته هن ڌرتي تي رهندڙ ماڻهن جي ته اهڙن هيٺن تي ناهي پوندو.

سنڌ جي نامياري ليکڪ نصير مرزا ان ڪهاڻي لاءِ لکيو آهي ته ڪهاڻي واحد و سائينس تاثر سان ڀمٽار ڪهاڻي آهي ۽ مينهن جو انتظار ڪندڙ ٻار ڪوڏ، جي ڪهاڻي دل ڀڄائيندڙ روئداد آهي ۽ پڙهڻ سان وڏو تاثر پيدا ڪري ٿو. (55)

”پسو پکيئڙن“ جو عنوان نئون ۽ وڻندڙ آهي پر ان سان گڏوگڏ جهرڪ ۽ جهرڪي جي همٿ جي نهايت سهڻي ڪهاڻي آهي، جن همت ۽ جرئت جو مظاهرو ڪندي پنهنجي ننڍڙن نازڪ چهنبن سان پڃري ۾ بند ٿيل طوطي جو دروازو کولي کيس آزاد ڪيو، هن ڪهاڻي ۾ ڏسو پرواني سيوهاڻي ڪيڏا نه

سهڻا جملا لکيا آهن.

”طوطي کي جهرڪ ۽ جهرڪي هوا ۾ آزاد اڏامندي ڏسي ڏاڍو خوش ٿي رهيا هيا، شال اها آزادي سنڌ جي هر جاندار کي حاصل ٿئي، ڪهاڻي ناچو ٻارڙن کي جاهل رکڻ ۽ انهن کي ناجائز ۽ ڪنڊاين واٽن تي گهلي وئي اچڻ جي خلاف ليکڪ جو احتجاج آهي ۽ منجهس حساس ليکڪ جي اک لڙڪن سان طريل پئي نظر اچي ڇو ته جن ٻارن جي ڪلهي ۾ ٿيلهو ۽ وکون اسڪول ڏانهن هجڻ گهرجن ان ٻار جي پيرن ۾ ڇير ۽ وکون انهن ماڻهن ڏانهن کڄنديون نظر اچن جن جي هٿ ۾ ڳاڙها، نيرا نوٽ نظر اچن، ڇڙي جي آتم ڪهاڻي“ نهايت دلچسپ ۽ معلوماتي ڪهاڻي آهي، هن ڪهاڻي ۾ آتم ڪهاڻي ٻڌائڻ وارو انداز اختيار ڪري لوهر جي دڪان ۽ ڇڙي جي تياري جو مرحلي وار ۽ ترتيب وار ذڪر هن ۾ نهايت مهارت رکي ٿو، ملان مرئي ماءُ ڪهاڻي ۾ ليکڪ اهڙي ٻار جي باري ۾ لکيو آهي، جنهن کي پڙهڻ جو تمام گهڻو شوق هو، سندس دل جي اها خواهش هئي ته مان وڏو ٿي هڪ آفيسر ٿيا ۽ پنهنجي ديس جي رهواسين جي خدمت ڪريان پر هن کي پنهنجون سموريون آسون ۽ اميدون پنهنجي پيءُ جي خوشين تان ننڍپڻ ۾ ئي قربان ڪري ڇڏيون هيون، هن کي ملان جي مار موچڙ ۾ پنهنجو پيءُ هٿ سان اتي ڇڏي آيو هو، اهڙا ٻار گل ٽيڻ کان اڳ ئي ڪومائجي وڃن ٿا، الائجي اهڙن والدين جي ڪهڙي سوچ آهي، جو اهڙن معصوم ٻارن جون زندگيون ننڍپڻ کان وٺي سفيد پوش نڱن جي حوالي ڪري پاڻ کي ڪنڌ جي هيٺيان ويهاڻو ڏئي ننڊون ڪندا آهن، پرواني سيوهاڻي ٻارن جذبن عڪاسي ڪري انهن جي احساسن جي ترجماني ڪئي آهي.

”ظفر عباسي“ ٻارن لاءِ ڪهاڻين ۾ سچيون ۽ کريون ڳالهيون لکيون آهن، هو طبقاتي سماج ۾ گهٽ وڌائي ۾ منجهس ٿيندڙ غير انساني هاڃن کي سوچ جو محور بڻائي، مظلوم ۽ معصوم ٻارن جي ڏکن جي ڳالهه ڪري ٿو، ظفر پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڪي به وڌيون ڊگهيون ڳالهيون نٿو ڪري پاڻ ڌرتي تي رهندڙ انسانن جو ذڪر ڪري ٿو، هو آسماني مخلوق جي ڳالهه نٿو ڪري، هن ڌرتيءَ جي رهندڙن جي اکين ڏٺل دردن جي ڳالهه ٿو ڪري جيڪي هن ڌرتي تي اسان جي ارد گرد رهي به اسان انهن کان ڇڻ ته اڻڄاتل آهن، هو پيڙا ڀوڳيندڙ ان آدم جي ڳالهه ٿو ڪري اهو آدم جيڪو روز نون مسئلن ۾ مبتلا ٿئي ٿو، اهو آدم جنهن سان روزانو نوان حادثا ٿين ٿا.

انهن تي عرفان مهدي، ظفر عباسي لاءِ لکي ٿو ته هر ڪهاڻي اسان جي معاشري جو جيئرو جاڳندو چتر آهي ۽ ظفر جي ذهن ۾ سرجندڙ ڪردار اسان

جي معاشري ۾ اسان جي سماج جا گهمندڙ ڦرندڙ ڪردار آهن، جن کي ظفر چتر ڪار بڻجي ڪوري ڪاغذ تي سندن عڪس چٽڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، ظفر جون ڪهاڻيون پڙهڻ سان مان پاڻ کي ڪنهن سئنيما هال ۾ ويٺل محسوس ڪيو ۽ پائنيم ته اها ڪهاڻي آءُ سئنيما جي پردي تي ڏسي رهيو آهيان، جڻ اهو سڀ جيڪو ظفر ڪهاڻيءَ ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، سو مان پاڻ اکين سان پيو ڏسان.

سندس هر ڪهاڻي اسان جي معاشري جي ڪهاڻي، سندس سڀئي ڪهاڻيون هڪ آرٽسٽ جي ٺاهيل مختلف تصويرن سمان آهن، جن ۾ هن جيون جا انيڪ روپ ڏيکاريا ويا آهن. (56)

ظفر عباسي پنهنجي ڪهاڻين ۾ انهن ٻارن کي موضوع بڻايو آهي، جيڪي ڏتڙيل مسڪيني حال ۾ گذر سفر ڪن ٿا، هي انهن ٻارن جي ڳالهه ڪري ٿو، جيڪي ٻکن تي رهن ٿا، جن جي جسم تان ماس ختم ٿي باقي هڏ بچي ٿو، اها هڪ خوراڪ جو مسئلو ئي ٻارن سان نه آهي پر سوين ٻيون به ٻارن جو معاشي پريشانيون آهن، جن کي چاٽيندي به نظر انداز ڪيو ويندو آهي، ظفر عباسي جون ڪهاڻيون سماج ۾ ٿيندڙ ان اذيتناڪ صورتحال، بک، بيروزگاري، تعليم مفاد پرستي، خود غرضي جا تصور چِٽيل آهن.

ظفر عباسي جي ڪهاڻي "هاءِ هيءَ حياتي"ڪهاڻي ۾ بک ۽ هڪ سپاهيءَ جي خود غرضي ۽ ڏاڍ جي تصوير چِٽيل آهي.

"اڙي! هتي تنهنجي ويهڻ جي جاءِ آهي"؟ سپاهي ڪڙڪيدار آواز ۾ "سائين غريب آهيان، مسڪين آهيان، بوٽ پالش ڪري پيو پيٽ پاليا، "چوڏهن سالن جو نينگر هٿ ۾ برش جهلي ليلائي رهيو هو، "سائينءَ جا پٽ، چڱ بڪواس---------گول ٿي وڃ هتان، اسان جي نوڪري وڃائيندي ڇا؟"

بس------بس---بس--! اجهو هتان وڏو صوبيدار لنگهڻو آهي، اسان کي صفائي ڏيکارڻي آهي. (57)

غريب جي مجبور ٻار هتان اٿڻ نه پئي چاهيو، هن جي مٿان يتيم معصوم ڀيڻ، ڀاءُ جي ذميواري هئي، جيڪي بک وگهي ڀاءُ جي انتظار ۾ دروازي ڏي نهاري رهيا هئا، هي پوليس واري کي منٿون ٿو ڪري پر زور اڳيان زاري آهي.

زوردار چماٽ جو آواز آيو، معصوم نينگر جي ڳل تي ڪارا آڱرين جا پنج داغ ٺهي پيا، وري آواز آيو"هل-----هتان----ٽري وڃ اکين آڏو (58)

هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ اهڙي حقيقت تان پردو کنيو آهي، جنهن کي انهن ٻارن لاءِ محافظ طور رکيو ويو ٿو، جيڪي سماج جا رکوالا آهن، انهن جي هٿان

ٻارن سان اهڙيون حالتون ۽ جنيون روز پيون ٿين، اهي ٻارڙا پاڻ  ته ڏاڍيون تڪليفون ۽ درد ڀوڳن پيا پر انهن سان ٻيا به تڪليفون ڪاٽين ٿا.

"هن جي ڪيسي ۾ مانيءَ جا پئسا ڪين ها، هو لڙڪ لاڙيندو گهر موٽيو جتي، سندس ننڍو ڀاءُ ۽ ڀيڻ راهه تڪي رهيا هيا، گهر جو در ٽپڻ سان سندس ڪنڌ هيٺ ٿي ويو، چپ چپات ۾ ڏيڍي ٽپي ڀريان جاري ۾ پالش جو سامان رکيائين ته ڀاڻس ڪيس چيو ته ڀائو ماني آندئي؟ ڀيڻس به راند ڪندي ساڳئي رڙ ڪئي. (59)

ظفر عباسيءَ جون ڪهاڻيون حقيقت ڪان آگاهه ڪن ٿيون ۽ هر ماڻهو کي سوچڻ تي مجبور ڪن ٿيون، اسان  به هن ئي سماج جو حصو آهيون، ڪهاڻيون پڙهڻ کانپوءِ ڪيترائي سوال ذهن ۾ اڀرن ٿا، ڇا زندگي اها آهي جو هڪ معصوم ٻار بک تي تڙپندو رهي ۽ سڄي دنيا پيٽ پري ڪائي، ڪيس سوالن جا جواب ڏيندڙ پيءُ پنهنجي پٽ کي گهٽو ڏيئي مارڻ چاهي ٿو ته نه جيئرو هجي نه ئي سوال ڪري.

ڪهاڻي "بابا بک لڳي آ" ڪهاڻيءَ ۾ بک کان بيحال ٻار جو تصور  آهي، جيڪو پنهنجي والد کي بار بار چوي ٿو، بابا---- بک----- پٽ جا اهي جملا ڪنهن پينو فقير جي صدائن جيان ڪيس ڏنگي  رهيا هيا، پٽ کي اڏ جاڳ اڏ ننڊ مان آسرو ڏيندي چيائين ته ابا الله وڏو مهربان رحمان آهي نهايت رحيم آهي.

پٽ جا پيءُ کان گهران سوال آهن، هو معصوم بک جي حالت ۾ الله سائين کي  ڳولهڻ لڳي ٿو ته الله پاڪ ڪاٿي آهي، ڪڏهن اسان وٽ اسان جي سنڀال لهڻ ايندو، اسان کي روزي رسائڻ جو ذمو الله سائين جو آهي ته پوءِ ان وقت هن زمين تي نهار چو نه ڪئي، هن پنهنجي ئي خلقيل بندن کي بک ۾ ڇو تڙپايو آهي، وري هو پنهنجي پيءُ کي سڏڻ شروع ٿو ڪري چوي ٿو ته "بابا----- الله ڪٿي آهي" (60)

پٽ جو سوال پيءُ کي سجاڳ ٿو ڪري ڇڏي، پٽ کي وراڻي ٿو، پٽ الله ڪن جي چوڻ موجب ساهه جي رڳ کان به ويجهو آهي، پر اسان لاءِ ته ستين آسمان کان به مٿي آهي، ٻار جي هر هر سوال تي پيءُ کي ڪاوڙ ٿي لڳي، هو پٽ جي ڳچي وٽ زور ڏئي ڪاوڙ مان چويس ٿو هاڻي اڳ پوءِ وڃ الله ڏي نه هجي نه ئي ڪو مون کان سوال ڪري تنگ ڪرين، "پٽ بابا---- بابا الله ڏي ته موڪلين ٿو، مان ته وڃان به ڪٿي پر تون به گڏيو هل نه؟ متان مان پلجي وڃان." (61)

هي اهڙا لفظ هيا، جنهن مان هڪ ٻار جي معصوم دل ڏاريندڙ هئي ٻار

جي هي غربت بک جي لاچاري واري ڪيفيت چرڪائي ڇڏي ٿي، فڪري طرح اها ڪهاڻي انسان کي گهرائي جي پاتل ۾ وڍي ٿي وجي غربت جنهن کي کو بکن جو ماريل ئي شدت سان محسوس ڪري ٿو سگهي پر هن ڪهاڻي کي پڙهڻ کانپوءِ هر ان کي اهو احساس ضرور ٿيندو ته بک ڪيئن برو حال ڪري پيءُ کي پٽ جو ڳلو دٻائي مارڻ تي مجبور ٿي ڪري پر پٽ ايترو ته معصوم آهي جو الله جي گهر به اڪيلو نٿو وڃي.

سفارش--- سفارش جو مرض اسان جي ماحول ۾ ايترو ته وڌيل آهي جو ڪيترن ئي ماڻهن سان ان مرض جي ڪري نا انصافي ٿئي پئي، هن ڪهاڻي ۾ ليکڪ هڪ اهڙي ٻار لاءِ لکيو آهي، جيڪو ڇنل ڳوٺ وچائي پڙهي ٿو، هو ايتري ته محنت ٿو ڪري جو پڙهندڙ پڙهندي پڙهندي ڪنهن ڪنهن مهل وڃي منهن ڌرتي سان ٽڪرجي پويس ٿو، ڇڻڪ ڌرتي کي سجدو ڪري رهيو هجي، هن کي پڙهڻ سان ايترو چاهه هيو، جو اڳيان ڪتابن جا پڙهڻ لاءِ ڍير رکي ٿو، سج لٿي کان پڙهڻ شروع ٿو ڪري ته چنڊ جي مٿي چڙهڻ تائين پڙهندو ئي رهي ٿو، امتحان ڏيڻ کانپوءِ رزلٽ جو انتظار ٿو ڪري، ڏينهن گذرندا ٿا، رهن هڪ ڏينهن رزلٽ به پڌرو ٿو ٿئي، هو صبح ساڻ ماني کائڻ بغير ئي اخبار وٺڻ ويو، اخبار ۾ جڏهن سندس اي **گريڊ** واري ڪالم تي نظر پئي ته ڪائنس چرڪ نڪري ويو، اتي نمبر آصف جو هيو، گهڻي ڳولا کانپوءِ جڏهن سندس نظر پنهنجي نمبر تي پئي ته سندس ٽڙيل گل جهڙو چهرو ڪومائجي ويو، چاڪاڻ جو سندس بي گريڊ به نه سي گريڊ ۾ هلڪي روشني سان ٽمڪي رهيو هو، اهڙي طرح اها سفارش هڪ شاگرد جي گهڻي عرصي کان محنت جي ان خواب کي ٽوڙي ان جي منزل کان محروم ٿي ڪري ڇڏي، جيڪو حق هن کي ملڻ گهرجي ها، هن جي سخت محنت اجاگر نٿي بلڪي، هن جي سپني ارمانن تي پاڻ ڦيرجي ٿو وڃي، هو غريب جو ٻار آفيسرن، شاهوڪارن ۽ وڏيرن جي هلندي پڇندي جي ڪري هار کائي ٿو ويهي ،هو هن سماج جي قائم ڪيل سفارش جهڙي مرض جي چڪي ۾ پيسجي پورا پورا ٿئي ٿو، سفارش نه صرف هن جي محنت کي ڌڪ ٿي رسائي، بلڪ هن جي ٿاهيل هي تصور کي چڪنا چور ٿي ڪري ڇڏي.

ظفر عباسي سماج جي هر مسئلي کي گهري نظرسان ڏسي ٿو، هو سماج جي غريب ۽ مجبور ماڻهن جي مسئلن کان چڱي طرح واقف آهي، هو روزانو ٿيندڙ سانحن جو گهرو مشاهدو رکي ٿو، ان جو سبب اهو به ٿي سگهي ٿو ته ليکڪ پاڻ به معاشري جو فرد آهي، هو هتان جي ٻارڙن جي بي پناه حادثن ۽ مسئلن کي وائکو ڪري ٿو، هو پنهنجي ڪهاڻي ۾ به انهن مسئلن تي

لکي ٿو، جيڪي معاشري ۾ هلندڙ ڳالهين کي جنم ڏين ٿا، هي انهن متاثر ٻارڙن جي نفسياتي جائزو وٺي ٿو، جنهن جو هڪ واضح ثبوت سندس ڪهاڻين ۾ موجود آهي، ”اجهو سج لٿو“ ڪهاڻي ۾ ظفر عباسي هڪ اهڙي ٻار جي جذبن جي ڳالهه ڪئي ان ٻار وٽ فيس ۽ يونيفارم نه هئڻ ڪري اسڪول مان ڪڍيو ٿو وڃي، هو اسڪول نه وڃڻ جي صدمي ۾ بيماري جو منهن ڏسي ٿو، بستر ۾ پئجي رهي ٿو هن جو پڙهڻ جو شوق اڌورو رهجي ٿو وڃي، پيءُ پٽ جي حالت ڏسي ان جي زندگي بچائڻ لاءِ پنڻ جي ڪوشش ڪندي ان ارادي سان گهران نڪري ٿو پر ڪو به ڪيس خيرات نٿو ڏي، بيوس حالتن هٿان مجبور پيءُ کي مايوسي جو منهن ڏسڻو پوي ٿو، پٽ جي حالت خراب ڏسي هو، ويتر پريشان ۽ سوچن ۾ گهريل آهي، هڪ پٽ جي بيماري ٻيو ان جو علاج مٿان پئسن جو کٽان به انتظام نه ٿيڻ علاج نه ٿين ڪري غريب ٻار سڄي رات اک نٿو کولي هو سڄي رات دنيا کان بيخبر آهي، صبح جو جڏهن اک پٽي ٿو ته پنهنجي پيءُ کان سوال ٿو ڪري ”بابا اڄ به تون مون کي ڇڏي پنڻ ويندي؟ پيءُ وراڻيس ها تنهنجي خاطر اڄ ئي ته پنڻو اٿم پٽ، تمام گهڻو ايترو جنهن مان ڊاڪٽر جو پيٽ ڀرجي سگهي جنهن مان استاد جو پيٽ ڀرجي سگهي ۽ اسڪول جو خرچ پورو ٿي.

هي ڪهاڻيءَ اسان جي سماج جي اندر ڪيترن ئي ڏکويلن ٻارن ۽ انهن جي غريب والدين جي آ جن کان اولاد جو ڏک برداشت نٿو ٿي، جن وٽ تمام گهڻي بيروزگاري آهي، جن کي غربت ۽ بيماري ٻين جي اڳيان هٿ ٽنگڻ تي پنڻ تي مجبور ٿي ڪري جن جي ٻچن جي پڙهڻ جي خواهش اڌوري ٿي رهجي وڃي، اهڙا معاشري اندر معزز شهري ٿيڻ بدران چور، ڌاڙيل يا وري فقير ٿي پنڻ تي مجبور ٿين ٿا، اسان جو پڙهيل لکيل طبقو انهن کي پوءِ چڱو نٿو چئي انهن کي فقط پينو جي نظر سان ڏسي ٿو هرڪو انهن کي پاڻ کان پري ڌڪاري ٿو، هو پوءِ هر هڪ کان تڙيا ٿا وڃن، انهن جو ظاهري خيرات وٺڻ ٻين اڳيان هٿ ڦيلائڻ سڀ کي نظر ايندو آهي، پر انهن جي بيوسي ۽ لاچاري کي ڪو به ڄاڻڻ ناهي چاهيندو بس انهن جي لاچاري ئي هڪ فقير جي اولاد کي فقير ٿي بڻائي ڇڏي.

ٻارن جي ڪهاڻين جا ٻارن جي سوچ، سمجهه ۽ انهن جي زندگيءَ تي پيل اثرات

هڪ ليکڪ مثان جيئن ته اها زميواري هوندي آهي ته اهي پنهنجي ڳالهه ڪهاڻين جي ذريعي ٻين کي سمجهائن ۽ انهن ۾ پڙهندڙ جي دلچسپي پيدا ڪن، سنڌي ٻاراڻي ڪهاڻي ۾ ٻارن جي روز مرده جي زندگي ۾ جيڪي ڪجهه ٿئي پيو، جيڪي واقعا انهن جي سامهون اچن پيا، انهن جي عڪاسي ڪندو آهي، هو اهو ٻڌائڻ چاهيندو آهي ته ان مان چڱائي ڪيئن ٿئي سگهندي، اگر ڪي ڏکيا مرحلا ۽ پريشانيون آهن ته انهن مان ڇوٽڪارو ڪيئن ٿيندو، ڪهاڻيڪار پنهنجي ڳالهه جو اظهار لفظن جي مدد سان ڪهاڻيءَ ۾ بيان ڪندو آهي، ڪهاڻيڪار جيڪا ڪهاڻي تخليق ڪندو اهي، خاص طور تي ٻارن جي ڪهاڻي تحرير ڪندو آهي ته ان جي پويان ان جو ڪو نه ڪو مقصد ٿئي ٿو، هن جو ارادو ان ڳالهه کي ڪرڻ هوندو آهي، جيڪي سندس نظر جي مشاهدي مان گذريون هوندس، ليکڪ جو هن ماحول سان واسطو رهي ٿو، ان لاءِ پنهنجي سوچ کي ڪاغذ تي اتارڻ جو فن استعمال ڪندي ڪهاڻي کي لکي وٺندو آهي، جتي اسان رهون ٿا، پلجي نپجي وڏا ٿيندا آهيون، ننڍپڻ کان جوانيءَ تائين اسان جي زندگي جي تجربن مان چڱايون منڊايون، نيڪيون، بديون گذرنديون آهن، اسان سان ڪڏهن ڪنهن سٺي اخلاق واري با ادب علم سان واسطو رکندڙ انسان سان پوندو آهي، جنهن جي صحبت مان گهڻو ڪجھ حاصل ڪري وٺندا آهيون، ڪي نصيحتون، ڪجهه قول وغيره، چڱيون ڳالهيون چڱن جي صحبت اڪثر دل و دماغ تي اثر ڇڏي ويندي آهي، چڱن جي گفتگو اهڙا ته نقش ڇڏي ويندي آهي، جيڪي تاحيات ياد رهجي ويندا آهن، اهي ڳالهيون عمر پر ننڍپڻ جي لوليءَ وانگر پيون اندر ۾ هرنديون آهن. زندگيءَ ۾ ڪي اهڙا به ماڻهو ملندا آهن، جن جي موجودگي انهن جو طرز عمل سواءِ پريشان ڪرڻ بيزاري ڏيڻ جي ڪجهه به ناهي هوندو، ڪهاڻيڪار جو واسطو هن سماج جي ماڻهن سان آهي، انسانن سان جيڪي اسان جي آس پاس رهائش پذير آهن، جيئن دوست، مٽ مائٽ پاڙيسري، شهر واسي وغيره ڇو ته ڪهاڻي لکندڙ ڪنهن ٻي دنيا جو ماڻهو ناهي ته هو اتان جي حسين نظارن، آبشارن، وهندڙ ندين، پکين جي لاتين ۽ باغ باغيچن جو ذڪر ڪري ڪهاڻي گهڙي وٺي پر هو هتان جو فرد آهي، جتي روزانو سوين هزارين معاشي اقتصادي، تعليمي سياسي ۽ سماجي مسئلن تي نظر وجهي انهن تي لکي ٿو، ڪجهه ٻار اهڙا به

اسان جي نظر مان گذرندا آهن، جيڪي پنهنجي محنت سان اڳتي وڌندا آهن، هو پنهنجي ڪوشش سان پنهنجي زندگيءَ کي بهتر ڪرڻ جي جدوجهد ڪندا آهن ۽ هڪ ڏينهن ڪنهن وڏي مقام تي پهچي ويندا آهن، يا وري هو اهڙو سهڻو ڪم ڪري ويهندا آهن، جنهن جو دنيا ۾ مثال قائم ٿي ويندو آهي ته اهڙا ٻارڙا نه صرف پنهنجي خاندان لاءِ پر ٻين ٻارن ۽ قوم لاءِ به هڪ مثال بڻجي پوندا آهن، جن جي مثال کي هڪ ڪهاڻيڪار پنهنجي لکڻيءَ ۾ ڪٽي اڳتي ٻين ڏانهن منتقل ڪندو آهي ته جيئن ٻيا ٻار ان مان اتساهه وٺن ۽ اهي به چڱن ڪمن طرف وڌن معاشري جا باڪردار فرد بڻجن، اهڙا ٻار جيڪي پنهنجي پورهئي ۽ پنهنجي لڳن سان ڪامياب ٿين ٿا، انهن جي زندگي ڏکن ۽ ڏولاون سان پريل هوندي آهي، هو روزانو هڪ نه پر ڪيترن ئي ڏکن مان گذرندا آهن، اهي پيڙائون سهي به دنيا ۾ پاڻ مڃرائيندا آهن، هو ٻين کي ان تڪليفن ذريعي پيغام ڏيندا آهن ته اسان مضبوط سوچ ۽ ارادا رکندڙ آهيون، جنهن کي تڪليفن جو ڪو به طوفان لوڏي نٿو سگهي اسان ان آوي وانگر آهيون جيڪا خاموشي سان پئي سڙندي آهي پر ٻاهر ٻاڦ ناهي ڪڍندي، ٻارن جون ڪهاڻيون مقصد سان پريل هونديون آهن اهڙو مقصد جنهن مان ٻيا سبق حاصل ڪن، ڪجهه سکن ۽ ڪين سمجهن.

ٻارن جي ڪهاڻي لکڻ يا انهن کي ٻڌائڻ جو مقصد اهو ئي آهي ته انهن ۾ سمجهه، عقل، ساڃاهه وڌي انهن ۾ غور فڪر جو رجحان اڃي انهن جي سوچ جو دائرو وسيع ٿئي، انهن ۾ فيصلي ڪرڻ جي قوت جنم وٺي، جنهن سان هو زندگي کي نئون موڙ ڏين ڪجهه ڪن اوائلي دور ۾ جڏهن وڏڙيون ٻارن کي آکاڻيون ٻڌائيندون هيون ته ان ۾ ڪنهن اهڙي جانور يا ڪنهن اهڙي بهادر شخصيت يا ڪنهن سهڻي پکيءَ جو ذڪر ايندو هو، جو ٻار حيراني وچان سوال ڪرڻ تي مجبور ٿئي پوندو هو، جيئن جانورن ۾ اگر شينهن جي ڳالهه ايندي ته ٻار اهو سوال ڪندا آهن ته شينهن جهنگ جو بادشاهه ڇو آهي؟ پولڙو ڪيلا ڇو پسند ڪندو آهي ٻيا ميوا به ته آهن، جي وري ٻارن کي چنڊ ۽ پرين جي ڳالهه ڪبي ته هو سوچڻ لڳندا آهن ته چنڊ ايڏو مٿي ڇو آهي، ستاره ڪيترا آهن، اهي صبح جو ڇو نظر ناهن ايندا، اهڙي طرح ڪهاڻيءَ جي ذريعي ٻار جو سوچڻ جو عمل تيز ٿيندو ويندو آهي، جنهن سان هو شين کي پرکڻ شروع ڪندو آهي، ڪهاڻيون ٻڌائڻ جو خاص مقصد رهيو آهي ان ۾ ٻارن جي سکيا رکي ويندي آهي، وڏن جو ادب ڪيئن ڪجي، انهن جو ڪو قصو ٻڌائبو ويندو هو ته اخلاقي ٻار کي هر ڪو پسند ڪندو آهي، بااخلاق ۽ باڪردار ٻار ئي

سلڇڻو، سٺو سڌيو ويندو آهي، هن جي هر هنڌ عزت ٿيندي آهي، پنهنجا پروا ٻار کي ڏاڍو پيائيندا آهن ته ٻار اهو اثر ضرور وٺڻ شروع ڪندا هيا، ٻارن کي سخاوت ۽ مهمانوازي جي گڻن کان به واقف ڪيو ويندو هو، مهما نوازي ڪيئن ڪرڻ گهرجي، مهمان جي اچڻ سان برڪت ٿيندي آهي وغيره. يا انهن جي خدمت ڪيئن ۽ ڪهڙي ڪجي، پاڙيسرن جا حق ٻڌايا ويندا هيا، انهن سان سٺي روش اختيار ڪيئن ڪجي پاڙي وارن جي ڏک سک ۾ شامل ٿجي اگر گهر ۾ ڪجهه سٺو پچائجي ته پاڙيوارن کي به موڪلجي جيئن هڪ ٻئي سان محبت وڌندي ۽ ٻارن ۾ ٻين جو خيال رکڻ جو شعور پيدا ٿيندو. انهن کي اها اصلاح پڻ ڪئي ويندي هئي ڪهاڻين جي ذريعي رحم ڪرڻ ٻين تي ڪهل ڪرڻ خدا ترسي جهڙيون ڳالهيون سمجهايون وينديون هيون، غريبن، مسڪين يتيمن تي قياس ڪرڻ انهن جي ڏکين گهڙن ۾ انهن جي مدد ڪرڻ وغيره يا وري پنهنجي وس آهر ٻين جي مدد ڪجي ائين ڪرڻ سان خدا راضي رهندو آهي، جيئن ٻارن کي جانورن متعلق به ٻڌايو ويندو آهي ته اهي بي زبان آهن، انهن تي ظلم ڪرڻ گناه آهي، پکين کي مارڻ نه گهرجي، انهن جو شڪار ڪري انهن کي ايذاءُ نه رسائجي. ٻارن کي اسلام بابت ٻڌايو ويندو آهي ته عيد چو ملهائيندا آهيون، نماز اسان تي ڏينهن رات ۾ پنج ڀيرا فرض آهي، ان کان علاوه روزه، حج ۽ زڪوات جي ڄاڻ ڏني وڃي ٿي، اسان جي نبيء حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم کان علاوه ٻيا نبي به آيا، انهن جي قوم بابت ڳالهايو ويندو آهي، اهڙي طرح ٻار جيڪي ڪهاڻي پڙهندا يا ٻڌندا هيا، انهن کي اهي ڳالهيون ذهن نشين ٿي وينديون هيون، ڪهاڻيون ٻڌڻ يا پڙهڻ مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته ٻارن جون ڪهاڻيون ٻارن تي سٺا اثر وجهن ٿيون، جيڪڏهن ڪهاڻي ٻڌائڻ جي عمل کي ڏسجي ته ان سان ٻارن ۾ ٻڌڻ ۽ سوچڻ جو عمل تيز ٿيندو اهي، جيڪڏهن پڙهڻ جي عمل کي ڪٿئون ۽ اهو جاچئون ته ان سان ڪهڙو فائدو ملي ٿو ته اها خبر پوندي ته ڪهاڻي پڙهڻ سان ٻارن کي لفظن جو ذخيرو ملي ٿو، هو نوان نوان لفظ اچاري سمجهي ۽ انهن کي لکي سگهي ٿو، انهن جي معنيٰ تلاش ڪرڻ لڳندو آهي، نون نون واقعن کان باخبر ٿيندو آهي، ٻار پنهنجي ڪهاڻين جي ڪتابن کي پنهنجو دوست ڄاڻيندا آهن، ان مان حاصل ڪيل ڄاڻ کي طاقت بڻائيندا آهن، ڪهاڻيون اڪثر ٻارن جي حوصلي کي وڌائڻ جو ڪم ڏين ٿيون، ڪهاڻين ذريعي ٻار تاريخ، ثقافت، ريتن، رسمن بابت ڄاڻ حاصل ڪندا آهن، ڪهاڻي جيڪا فقط ٻار جي نشو نما ۾ بهتر ڪردار ادا نٿي ڪري پر هڪ ٻار ڪهاڻي جي وسيلي سماج جي قدر قيمت، سياسي سماجي

لاڙن کان واقف ٿيندو رهندو آهي، هن جي اڳيان چڱ هڪ سچ ايندو آهي، ڪهاڻيون ٻارن لاءِ علمي ۽ نفسياتي فائده پهچائي ٿي، ٻارن وٽ پڙهڻ سان نئون خيال نئون ڍنگ ايندو آهي، ڪهاڻين جي ڪردار کي ذريعو ٻڌائي هو حقيقي زندگي ڏانهن کٽي ايندا آهن، اهي ڪردار ٻارن ۾ حوصلو ڦوڪن ٿا، انهن همت پيدا پيدا ڪندا آهن، اهي ٻار مسئلن کي سولائي سان منهن ڏيڻ سکي وئندا آهن. پڙهندڙ ٻارن کي communication جو فن ملي پوندو آهي.

ٻارڙن لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ سرجندڙ ادب ۽ ان جا ٻارڙن جي نفسيات، زندگي ۽ ذهن تي پوندڙ اثرن بابت سنڌي ٻوليءَ جي ناميارن ليکڪن کان ڪجهه سوال ڪري رايا ورتا ويا، جن جا جواب هيٺين ريت ڏنا ويا.

پريتم قاضي (نوابشاهه)

سوال(1): اوهان جي نظر ۾ ٻارن جو ادب ڇا آهي ۽ سماج ۾ ان جي ڪهڙي اهميت آهي؟

ٻارڙن جي ادب جي تشريح ڪرڻ ،انتهائي ڏکيو ڪم آهي. منهنجي سوچ مطابق امڙ جي هنج ۾ ئي ٻار جي ادبي نشونما ٿئي ٿي،جڏهن معصوم ٻار کي لولي ڏئي ريجهايو وڃي ٿو. سماجي نقطه نگاه سان ٻاراڻي سوچ ،سمجهه جي واڌ ويجهه انتهائي مفيد ۽ فائديمند آهي ء ٻاراڻو ادب ئي ٻارڙن کي اڳتي مئچوئر ۽ سلجهيل اديب بنائڻ ۾ ڪارگر رهي ٿو.

سوال (2): ٻارن جي ڪهاڻي جا هڪ ٻار تي ڪهڙا اثر پون ٿا؟

اڄ ڪلهه جي معاشري ۾ ڪافي ميڊيمسز ٻارن کي متاثر ڪري رهيا آهن ،انهن جي نيگيٽو / ناڪاري اثرن ٻارن جي لکڻ ۽ پڙهڻ کي هاڃو رسايو آهي.

پر پوء به ڏاڏين، نانين ۽ امڙين جون ٻڌايل جنن، پرين ،شهزادن ۽ شهزادين جي ڪهاڻين ٻارن جي ادبي واڌاري ۽ سمجهه ۾ ڪنهن حد تائين اضافو ڪيو آهي.

اڄڪلهه موضوعاتي تناظر ۾ به نت نوان موضوع ٻارن لاء نروار ٿي سامهون اچي بيٺا آهن.

سوال (3): هڪ ٻار ڪهاڻي پڙهڻ کان پوء ان تي ڪيتري حد تائين عمل ڪري سگهي ٿو؟

ڪهاڻي جيڪر اصلاحي پيراهي جي نظرئي تحت لکيل آهي ۽ ان ڪهاڻي ۾ ٻار جي عملن ڪرڻ لاء گهڻو ڪجهه هوندو ته ان تي بلڪل اثر پوندو،اثر پوڻ به گهرجي. پوء مثبت هجي يا ناڪاري.

سوال (4): ٻارن جي ڪهاڻي لکڻ جا لوازمات ڪهڙا آهن؟

ڪهاڻي لکڻ لاءعام طور تي ٻار جي ٻاراڻي اپروچ کي مدنظر رکبو ،سوچ،سمجهه ،سڀاء جو به به خيال رکبو ته جيئنء ڪهاڻي جي اٽت صحيح انداز ۾ ڪري سگهجي.

****

خالد آزاد(حيدرآباد)

سوال(1): ٻارن جي ڪهاڻين جو ٻارن جي سوچ سمجهه ۽ زندگي تي ڪهڙو اثر ٿئي ٿو؟

اسڪولن ۽ ڪاليجن توڙي يونيورسٽين جي تعليم ۾ هڪ ٻار مختلف علم سکي ٿو، سٺي نوڪري هٿ ڪري ٿو ۽ پنهنجي لاءِ زندگي گذاري ٿو، پرٻارن جو ادب (ڪهاڻيون،شاعري،مضمون) ٻارن کي سماج جو شعور ڏئي ٿو، پنهنجي ڌرتي، ٻولي ماڻهن لاءِ ڪجهه ڪرڻ لاءِ ڏس ڏئي ٿو. پنهنجي قوم ۽ تهذيب سان سلهاڙي ٿو.

****

غلام مصطفيٰ سولنگي (حيدرآباد)

سوال (1): اوهان جي نظر ۾ ٻارن جو ادب ڇا آهي، ۽ سماج ۾ ان جي ڪهڙي اهميت آهي؟

ڪنهن به ٻوليءَ جي ادب ۾ ٻاراڻو ادب وڏي اهميت رکي ٿو، ٻاراڻو ادب بنياد جي حيثيت رکي ٿو، ڪنهن به ٻولي جي ادب جو بنياد مضبوط هوندو ته اهو ادب سگهارو ليکيو ويندو ۽ اهو ادب ترقي به ڪري سگهندو، دنيا جون ترقي يافته قومون ۽ ملڪ ٻاراڻي ادب کي وڏي اهميت ڏين ٿيون ۽ ٻاراڻي ادب تي وڏو خرچ ڪري ٻارن کي سهولتونڏين ٿا، جيئن هو صحتمند ادب سرجي سگهن، صحتمند ذهن ئي صحتمند ادب تخليق ڪندا آهن، ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جي ادب ۾ پڻ ٻاراڻو ادب وڏي اهميت رکي ٿو ۽ اسان کي ٻاراڻي ادب تي وڌ کان وڌ ڌيان ڏيڻ گهرجي ته جيئن اسان جو نئون نسل شعوري سگهه جي مشعل هٿ ۾ کڻي اڳتي وڌي سگهي ۽ سنڌي ادب جو بنياد مضبوط ٿيندو ته اسانجو سنڌي ادب به عالمي سطح جي ادب سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي سگهي ٿو ۽ سماج ۾ پنهنجي حيثيت مڃرائي سگهي ٿو.

سوال (2): ٻارن جي ڪهاڻي جا هڪ ٻار تي ڪهڙا اثر پون ٿا؟

سنڌي ادب ۾ ٻارن لاءِ تمام گهڻ ڪهاڻيون لکيون وڃن ٿيون پر جيڪي به ٻارن لاءِ نصيحت آموز ڪهاڻيون لکيون وڃن ٿيون، انهن جا ٻارن تي ضرور مثبت اثر پون ٿا، جيئن ٻار جو اسڪول ۾ استاد آئيڊيل هوندو آهي ۽ گهر ۾ والدين انهن جو آئيڊيل هوندا آهي، اهڙي طرح ادب ۾ وري اديب يا ڪهاڻيڪار

ئي سندس آئيڊيل هوندا آهن، ان ڪري ٻار جهڙي قسم جي ڪهاڻي پڙهندو ان جو اثر به ضرور قبول ڪندو، ان ڪري ڪوشش ڪجي ته ٻارن جي ڪهاڻين ۾ اهڙي نصيحت يا پيغام ڏجي جنهن سان ٻار جي ذهن تي ان جا خراب اثر نه پون پر ان کي سٺا ڳڻ سيکارڻ جي راهه ملي ۽ هو جيڪا ڪهاڻي پڙهي انهيءَ تي عمل ڪري هڪ سٺو انسان بڻجي سگهي.

سوال (3): هڪ ٻار ڪهاڻي پڙهڻ ڪانپوءِ ان تي ڪيتري حد تائين عمل ڪري سگهي ٿو؟

ٻاروتڻ جي عمر سکڻ جي عمر هوندي آهي ۽ اها ئي عمر هوندي جنهن ۾ ٻار گهٽي کان گهٽيون ڳالهيون ياد ڪري سگهندو آهي، انهيءَ ڪري ٻار جيڪا ڪهاڻي پڙهندو آهي ان تي عمل به ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ته جيئن هو پاڻ ان ڪهاڻي جي ڪردار جهڙي ٻار جهڙو ٿي سگهي، گهڻي قدر ٻار جيڪي پرائمريءَ ۾ سبق يا گيت وغيره پڙهي ٿو ته اهي سڄي حياتي ڪيس ياد رهن ٿا، جيئن اسان ننڍي هوندي گيت ڏٽيءَ جا گڏ جي ڳايون، جو ٿو ٿڌڙا مينهن وسائي، يا آءٌ ته لاٽونئڙو ڦيرايون، پاءُ گهڙي ڪن دل وندرايون سميت ٻيا اهڙا گيت پرائمري ۾ پڙهيا جيڪي اڄ تائين اسان کي بر زباني ياد آهن، اهڙي طرح ٻار جيڪي به ڪهاڻيون پڙهي ٿو، اهي ياد رکي ٿو ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي پڻ ڪوشش ڪندو رهي ٿو. منهنجي خيال ۾ ٻار ڪهاڻي پڙهڻ ڪانپوءِ انهيءَ تي پورو پورو عمل ڪري ٿو، انهيءَ ڪري ٻارن کي بهتر ڪهاڻيون پڙهائڻ گهرجن.

سوال (4): ٻارن جي ڪهاڻي لکڻ جالوازمات ڪهڙا آهن؟

ٻارن لاءِ ڪهاڻي لکڻ جا لوازمات اهي ساڳيائي آهن، جيڪي هڪ ڪهاڻيءَ ۾ هوندا آهن، جيئن اڳئين زماني ۾ نانيون ڏاڏيون ٻارن کي آکاڻيون ٻڌائينديون هيون ته ٻارن کي ڏاڍو لطف ۽ مزو ايندو هو ۽ هو غور سان اهي آکاڻيون ٻڌي پوءِ پاڻ ۾ ورجائيندا به رهندا هئا، اهڙي طرح ڪهاڻي اهڙي طريقي سان سکڻ گهرجي جيئن انهيءَ ڪهاڻي جا ڪردار ٻار کي متاثر ڪن ۽ اهو اڳتي هلي پاڻ به اهڙن ڪردار جهڙا ڪردار ادا ڪري سگهن.

****

يوسف سنڌي (حيدرآباد)

سوال (1): اوهان جي نظر ۾ ٻارن جو ادب ڇا آهي ۽ سماج ۾ ان جي ڪهڙي اهميت آهي؟

ڪنهن به سماج ۾ ٻارن جي ادب جي وڏي اهميت آهي، ان سان ٻارن جي ذهني تربيت ٿئي ٿي ۽ ننڍي هوندي ٻار جيڪو پڙهي ٿو يا ڪيس پڙهايو وڃي ٿو، ان جا اخلاقي ۽ فڪري اثر ٻارن جي ذهن تي وڏو ٿيڻ کانپوءِ به رهن ٿا، ٻارن جي ادب جو ٻارن جي آئيندي ۽ تعليمي سرگرمين تي پڻ وڏو اثر ٿئي ٿو.

سوال (2): ٻارن جي ڪهاڻي جا هڪ ٻار تي ڪهڙا اثر پون ٿا؟

ڪهاڻيون ٻڌڻ ۽ پڙهڻ سان ٻار پنهنجو پاڻ کي ان جو حصو سمجهڻ لڳي ٿو ۽ اڪثر ٻار پاڻ کي ڪهاڻيءَ جي ڪردار سان ڀيٽندا نظر ايندا آهن، جنهن سبب ٻار ۾ سٺي يا بري ڪردار جا اثر پون ٿا.

سوال (3): هڪ ٻار ڪهاڻي پڙهڻ کانپوءِ ان تي ڪيتري حد تائين عمل ڪري سگهي ٿو؟

ضروري ڪونهي ته ٻار ڪهاڻي پڙهي ان تي عمل به ڪري عمل هڪ شعور آهي ۽ ڪهاڻي يا ٻيو ڪو به اسم ٻار تي اثر ته ڇڏي ٿو پر اثر ماحول جي ڪري پوي ٿو.

سوال (4): ٻارن جي ڪهاڻي لکڻ جالوازمات ڪهڙا آهن؟

ٻارن جي لاءِ ڪهاڻي لاءِ لکندڙ کي ٻار جي ذهني سطح تي اچڻو پوي ٿو، تڏهن ئي اها ٻار جي ذهن تي اثر پوي ٿو.

****

ڊاڪٽر ظفر عباسي (حيدرآباد)

سوال نمبر(1) توهان هڪ ڪهاڻيڪار ناتي اهو ٻڌايو ته ٻارن جي ڪهاڻي ڪيئن هجڻ گهرجي؟

سڀ کان پهريان ته ٻارن جي ڪهاڻي اهڙي دلچسپ هجڻ گهرجي جو ٻار ان ۾ دلچسپي وٺي ۽ پڙهي، پوءِ ان ۾ اهو ڪجهه آڻڻ گهرجي، جيڪو اسان جي اڄ جي ٻار جي اڳتي هلي مثبت انسان بڻجڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري، ظاهر آهي اهو سڀ ڪجهه هڪ ڪهاڻيءَ ۾ ممڪن نه آهي پر جڏهن اسان طئه ڪنداسين ته پوءِ اسان جي هر ڪهاڻي ۾ اهو پهلو اچڻ شروع ڪندا ۽ ائين اڄ جي ٻار جي شخصيت جي تعمير شروع ٿيندي..

سوال نمبر (2): ٻارن جا مسئلا ڪهڙا آهن.؟

ٻار به اسان جي هن ئي معاشري جا فرد هجن ٿا، ان ڪري معاشري جا سمورا مسئلا وڏن سان گڏ ٻارڙن تي به اثر انداز ٿين ٿا، مثال جيڪڏهن ڪنهن ٻار جو والد اوچتو بيروزگار ٿي پوي ٿو ته ان جو اثر پيءُ سان گڏ ٻارن تي به پوي ته هاڻي هنن جو ڇا ٿيندو؟ پر اتي ئي هنن جا پنهنجا مسئلا هجن ٿا مثال اقربا پروري، گهر ۾ توڙي اسڪول ۾ توڙي معاشري ۾ ٻارڙن سان متڀيد وارو رويو، هنن جي ذهن تي وڏو اثر ڪري ٿو، اتان ئي هنن جي ڪردار جي ڊولپمينٽ ٿئي ٿي، نا انصافي ۽ اقربا پروري سان ٻار ضدي، انا پسند، هوڏي، جهڳڙالو، ٻڌجي سگهي ٿو ۽ نشي، انتقام پرستي يا ٻئي ڪنهن منفي ڪردار جي پاڻ لاءِ چونڊ ڪري ٿو، ٻارڙن کي والدين پاران مناسب ٽائيم ڏيڻ کان وٺي هنن جي صلاحيتن جي مڃتا ۽ واکاڻ ۽ اڳتي لاءِ اتساهه وارا رويا، هنن کي معاشري جو مثبت ڪردار بنائڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

سوال نمبر(3): ڇا ٻارن جي مسئلن تي ڪهاڻيڪارن ڀرپور نموني لکيو آهي يا توهان جي نظر ۾ ڪي اهڙا پهلو آهن، جن تي لکڻ جي ضرورت آهي؟

ورهاڱي کان اڳ ٻارڙن لاءِ ڀرپور نموني لکيو ويو، ورهاڱي کانپوءِ اياز پاٽولي هڪ اهڙو نالو آهي، جنهن ٻاراڻي ادب کي تمام گهڻو وقت ڏنو ۽ ڪوششون ورتائين ان کانسواءِ سياسي پارٽين جون ٻاراڻيون تنظيمون اخبارن جا ٻاراڻا پرچا ۽ انهن جا ٻاراڻا مئگزين، ادبي ادارن جا ٻاراڻا مئگزين به ان ڏس ۾ تمام گهڻا ڪوشان رهيا پر اهو سڀ ڪجهه هاڻي ماضي جا قصا ٻڻجي چڪو آهي، هن وقت نه ته اخبارون ٻاراڻا صفحا ڪڍن ٿيون نه ئي سياسي پارٽين جون

ٻاراٽيون تنظيمون آهن ۽ نه ئي ادبي ادارن جا ڪي معياري ٻاراٽي رسالا نڪري رهيا آهن اهو ئي نتيجو آهي، جو اڄ جو ٻار پنهنجي ادب ته ڇا ٻولي کان ئي ويڳاڻو ٿيندو پيو وڃي.

اوهان جي سوال جي ٻئي حصي بابت مان اهو چوندس ته ها انيڪ پهلو آهن، جن تي لکڻ جي ضرورت ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي، ان ۾ سڀ ڪان ڀِهريون آهي ”

ٻارن ڪان اوهان پڇو ته اوهان جو پسنديده هيرو ڪهڙو آهي ته هو ڀِڪ سان ڪنهن فلم يا ٽي وي ڊرامي جي اداڪار جو نالو کڻندو ڇو جو هن کي اسان ٻڌايو ئي نه آهي ته هيرو هوندو ڇا آهي؟ اسان خود، مان پنهنجو مثال ٿو وٺان ته مون ٻارن لاءِ ٻاراٽي وهيءَ ۾ ئي لکيو ۽ ان وهيءَ ۾ جيڪي مسئلا مون کي منهنجا وڏا نظر آيا مون انهن کي ئي ايڊريس ڪيو، انهن مسئلن کي مون کي ڪيئن ايڊريس ڪرڻ گهرجي ها؟ اها به مون کي خبر نه هئي، بس مون کي جيئن سمجهه ۾ آيو لکي ڇڏيو ۽ جڏهن ٻاراٽي اوستا کان اڳيرو ٿيس ته مون کان وسري ويو ته مان به ٻار هيس، منهنجا به ٻار ٿيندا، سڄي قوم جا ٻار آهن، جيڪي ئي اسان جو مستقبل آهن، اسان سڀ ڪجهه وساري پنهنجي ۾ لڳي وياسين، آءُ گهٽ ۾ گهٽ پاڻ لاءِ اهو قبول ڪيان ٿو ته مان هڪ قومي جرم جو مرتڪب آهيان، جيڪڏهن حياتيءَ ۽ آءُ حالتن مون کي اجازت ڏني ته آءُ ان جي ازالي جي ڀرپور ڪوشش ڪندس.

<u>سوال نمبر(4) ٻارن جي ڪهاڻين جا ٻارن تي ڪهڙا اثر پون ٿا؟</u>

چوندا آهن ته ٻارڙن جا ذهن ڏاڍا معصوم هوندا آهن ۽ اهي ڪورا به هوندا آهن ان عمر ۾ اوهان انهن جي جهڙي تربيت ڪئي اها سندن سموري زندگيءَ تائين اثر انداز رهندي، ان جي ڪري لکڻ وارن تي تمام ڳري ذميواري عائد ٿئي ٿي هو پنهنجو ۽ پنهنجي قوم جو مستقبل سوارين، اهو سوال ٻارن جي ڪهاڻين جو ٻارن تي ڪهڙو اثر پوي ٿو ان جو هڪ مثال مون وٽ اهو آهي ته آءُ پنهنجي بابا جي سگريٽ ٻيڙيءَ جي دڪان تي اسڪول ڪانپوءِ ويهندو هئس، حساس هئڻ ناتي هر ڳالهه جي تهه تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندو هئس، هڪ ڏينهن سامهون واري دڪان تي هڪ فقير آيو دڪاندار نه رڳو ان فقير کي خيرات ڏني پر ان کي برو به ڳالهايائين اتان ئي فقير مون وٽ آيو، مون هن جي ڇهري تي نظر وڌي، هن کي ڏنم ته الائي ڇا؟ پر ان ڇهري جي

پويان جي ڪهاڻي منهنجي ذهن تي اڪري آئي ته هيءَ ماڻهو گهر ويندو ته پويان هن جي ٻارن جو ڇا حال هوندو؟ ۽ هي جيڪڏهن خالي  هٿين گهر پهتو ته گهر جي ٻارڙن تي ڇا گذرندي ؟ مون اهو سڀ ڪجھ هڪ ڪهاڻي ۾ پروڙيو ۽ اها ڪهاڻي ادبي سنگت جي گڏجاڻي ۾ پڙهي، توهان يقين ڪندوئو ته گڏجاڻيءَ ۾ ويٺل هڪ ٻار (ٽين ايج) گڏجاڻيءَ ڪانپوءِ اڪيلائي ۾ وٽي هلي چيو ته  هل ته هلي ان فقير جي گهرڪجهه ڏئي اچون!! اهي آهن اثر.

سوال (5): اوهان ڪنهن ڪان متاثر ٿي ٻارن لاءِ ڪهاڻيون لکيون؟

اسان جي ٻاراڻي  وهيءَ ۾ اڄڪلهه جهڙيون مصروفيتون نه هونديون هيون. ان دور ۾ منهنجو بابا روز رات جو ٻارن ڪي لوڪ ڪهاڻيون ڪتابن مان پڙهي ٻڌائيندو هو. اسان جي گهر جا ٻار ته ڇا وڏا، توڙي اوري پري جا مٽ مائٽ به رات جو اسان وٽ اچي اهي ڪهاڻيون ٻڌندا هئا. ايئن ڪهاڻين ٻڌڻ ڪانپوءِ ڪهاڻيون پڙهڻ جو شوق ٿيو. جيڪو اخبارن جي ٻارن جي صفحن ۽ ٻارن جي رسالن مان پورو ڪرڻ شروع ڪيو.

هڪ اهم ڳالهه اها ته آئون والدين جي زندھ اولاد مان اٺون نمبر ۽ آخري اولاد هيم. منهنجا ڀاڄ به لڳ ڀڳ منهنجي عمر ۾ هوندا هئا. ان ڪري گهر جو توجهه حاصل ڪرڻ لاءِ مون ڪجهه منفرد ڪرڻ پئي چاهيو سو مون ڪٿي ڪهاڻي لکڻ شروع ڪئي. ان زماني ۾ ٻار هيس تہ ٻاراڻيون ڪهاڻيون ئي لکيم، پوءِ ته وڏن لاءِ به لکين ۽ شايد سنڌي زبان جو واحد ليکڪ ٻٽيم جنهن جا ٽين ايج(اٺويهه سالن جي عمر )۾ 3 ڪهاڻين جا مجموعا شايع ٿي چڪا هجن.

****

خالد ڀٽي (شڪارپور)

سوال (1): اوهان جي نظر ۾ ٻارن جو ادب ڇا آهي ۽ سماج ۾ ان جي ڪهڙي اهميت آهي؟

منهنجي خيال ۾ اهڙو ادب جنهن جي ذريعي ٻارن جي دلچسپي ۽ شوق جي تسڪين ٿئي ۽ جيڪو مختلف عمر جي ٻارن جي نفسيات، سندن شوق ۽ ذوق ۽ سندن فهم ۽ ادراڪ جي سگهه کي آڏو رکي تخليق ڪيو هجي، اهو ئي صحيح معنيٰ ۾ ”ٻاراڻو ادب“ چئبو، پوءِ اهو ادب نثر ۾ هجي يا شاعريءَ ۾.

ادب وسيلي ٻار لفظن کي سڃاڻڻ شروع ڪري ٿو، ڇو ته اڳتي هلي حياتيءَ جي سموري ڪاروهنوار ۾ انهيءَ ادبي تعليم ۽ تربيت جي بنياد تي ڪاميابيون ملڻيون هونديون آهن. ٻارنجي ادب کي رڳو ٻارن جي لاءِ وندر جو هڪ ذريعو سمجهڻ درست رويو ناهي.

اڄ اسان وٽ ٻاراڻي ادب ۾ نون تجربن جي اشد ضرورت آهي، اهڙا تجربا جيڪي ٻارن کي مطالعي ڏانهن لاڙي سگهن، جيڪي پنهنجن نرالن موضوعن ۽ منفرد انداز سان ٻارن کي پنهنجي سحر ۾ جڪڙيو ڇڏين.

سوال(2) ٻارن جي ڪهاڻيءَ جا هڪ ٻار تي ڪهڙا اثر پون ٿا؟

ٻار جو ذهن خالي سليٽ وانگر هجي ٿو، اسين جيڪو سندس ذهن تي لکنداسون، تنهنجو اثر ضرور ٿورو يا گهڻو ونندو.

ٻار ۾ قدرتي طرح سکڻ جو عمل وڏيڪ تيز هوندو اهي، هو زندگيءَ ۾ واسطو پوندڙ هرنئين مان ڪجي ته ڪجهه پرائڻ ٻار حاصل ڪرڻ گهرندو آهي يا لاشعوري طور نتيجا محفوظ ڪندو رهندو آهي.

جيئن ته ٻاراڻي ڪهاڻي ۾ ٻار جو ذوق ۽ شوق دلچسپي جو ذريعو بڻايو ويندو آهي، ان ڪري جيڪو ٻار ان ڪهاڻيءَ ۾ دلچسپي وٺندو ته پڪ سان ان جو اثر سندس ذهني اوسر تي پوندا.

سوال(3): هڪ ٻار ڪهاڻي پڙهڻ کانپوءِ ان تي ڪيتري حد تائين عمل ڪري سگهي ٿو؟

اها حقيقت آهي ته ٻار جي ذهن تي پڙهيل مواد جو اثر لازمي ٿئي ٿو، پر اهو ضروري ناهي ته اهو اثر ترت ظاهر ٿئي.

ڪهاڻيءَ تي عمل جو دارو مدار ان ڳالهه سان واسطو رکي ٿو ته خود ٻار سان پڙهيل ڪهاڻيءَ جهڙي وارتا ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿي ٿئي؟

اهڙو واسطو پوڻ کانپوءِ ئي ان ڪهاڻيءَ جو ڇڏيل اثر رد عمل طور آڏو ايندو.

ٻيو اثر اهو پوندو آهي ته لاشعوري طور هو چڱائي ۽ لڱائي ۽ نيڪيءَ بديءَ جي پرک ڪرڻ لڱندو آهي.

ڪهاڻيءَ جو اثر ٻار تڏهن وٺي سگهندو، جڏهن ڪهاڻي اثرائتي انداز ۾ ٻار جي نفسيات وٺان هجي.

سوال(4) ٻارن جي ڪهاڻي لکڻ جا لوازمات ڪهڙا آهن؟

هن سوال جو واسطو ٻارن لاءِ لکندڙن سان آهي، سادن لفظن ۾ مختصر اهو چئي سگهجي ٿو ته ٻارن جي لاءِ لکڻ لاءِ نفسيات کان واقف هجڻ نهايت ضروري آهي.

ٻار ڪهڙين شين ۾ دلچسپي وٺي ٿو، اهو ذهن ۾ ڌيان ۾ رکي تخليق ڪرڻ سان لکٽيءَ جو مقصد حاصل ڪري سگهجي ٿو، زبان ۽ بيان جو انداز سنهنجو ۽ سادو هجڻ گهرجي، ٻاراڻي ڪهاڻيءَ جي ٻولي، ٻار جي ذهني اوسر مطابق هجي ۽ هڪ خاص ۽ اهم نقطو اهو آهي ته اهو ”ٻار بابت ادب“ هجي.

”ٻار لاءِ ادب“ جهڙي حساس ۽ باريڪ مگر ضروري نقطي کان واقفيت ۽ سونهون هجڻ لازمي آهي.

****

عزيز ڪنگراڻي (جوهي)

سوال:(1) اوهان جي نظر ۾ ٻارن جو ادب ڇا آهي ۽ سماج ۾ ان جي ڪهڙي اهميت آهي؟

جواب: ٻارن لاءِ ادب ٻارن جي ذهني اوسر لاءِ ادب هوندو آهي. ٻارن جي اجتماعي قومي، سماجيءِ اخلاقي تربيت ۾ ٻارن لاءِ ادب اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. سماجي حوالي سان اڄ جو ٻار سڀاڻ جو معمار هوندو آهي. ٻارن جو ادب ان معمار ۾ مثبت لاڙا ۽ رجحان پيدا ڪرڻ جو اهم ذريعو ڇئي سگهجي ٿو. انهيءَ ڪري ٻارن جي ادب جي وڏي اهميت آهي. دنيا جي سڌريل قومن ۽ انهن جي معاشري ۾ ٻارن ۾ تعميري سوچ پيدا ڪرڻ ۽ ان جي مثبت ذهني ارتقا لاءِ ٻارن لاءِ ادب کي وڏي اهميت ڏني وڃي ٿي. ٻارن لاءِ سرجيل نثري توڙي شعري ادب ٻارن ۾ مثبت سوچ اجاگر ڪرڻ واري ڪارج تحت به اهميت جو حامل آهي.

سوال : (2) ٻارن جي ڪهاڻي جا هڪ ٻار تي ڪهڙا اثر پون ٿا؟

جواب: ٻار آس پاس جي ماحول جو تڪڙو اثر قبول ڪندو آهي. هن جي ذهن ۾ شين کي سمجهڻ ۽ پرکڻ جو تجسس به هوندو آهي ته سندس ذهن ۾ انهن بابت سوال به اپرندا آهن جن جو جواب ڪهاڻي ۾ شامل هوندو ته ڪهاڻي جو ڪامياب ڪارج سمجهبو. ڪهاڻي ۾ سمايل موضوع ۽ ان جي نسبت سان پيغام ٻار جي ذهن تي اثر انداز ٿئي ٿو ۽ ٻار جي ذهني اوسر ۾ ڪارائتو ڪردار ادا ڪري ٿو .

سوال (3): هڪ ٻار ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ ان تي ڪيتري حد تائين عمل ڪري سگهي ٿو؟

جواب: هيءَ سوال مٿئين سوال سان لاڳاپيل آهي. ٻار ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ جڏهن متاثر ٿيندو آهي ته ان تي عمل ڪرڻ جي سوچ منجهس پيدا ٿئي ٿي. هڪ مثبت پيغام واري ڪهاڻي ٻار جي ذهن تي تمام گهرو اثر ڇڏيندي آهي ۽ زندگي ڀر ان تي عمل پيرا ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته دلچسپ ڪهاڻي پڙهڻ وقت ٻار ڪهاڻي جي ڪردار سان گڏ گڏ هلڻ شروع ڪندو آهي .

سوال (4): ٻارن جي ڪهاڻي لکڻ جا لوازمات ڪهڙا آهن؟

جواب: ٻارن لاءِ ڪهاڻي ٻارن ذهني سطح آهر هئڻ يا لکڻ گهرجي. سادي سلوڻي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪهاڻي لاءِ ٻار جي تشريح جي ضرورت نه پوندي آهي .

سوال(5): ڇا ٻارن جي مسئلن تي ڪهاڻيڪارن ڀرپور نموني لکيو آهي يا توهان جي نظر ۾ اڃا ڪي اهڙا پهلو آهن جن تي لکڻ جي ضرورت آهي؟

جواب: سماجي مسئلن جي نسبت سان هر پهلوءَ تي ٻارن لاءِ ڀرپور لکيو ويو آهي. اهڙي طرح ڀرپور لکڻ گنجائش هميشه رهڻي آهي.

****

# <u>ٻاراڻين ڪهاڻين بابت مختلف شاگردن جا رايا</u>

<u>فضا جاويد (ڪلاس ٻارهون) آء بي اي ڪاليج جيڪب آباد</u>

نندپڻ ۾ پڙهيل ڪهاڻين اسان کي ايندڙ زندگيءَ جي باري ۾ حقيقت ٻڌائي ۽ هر مشڪل کي آسان ڪرڻ جو طريقو ٻڌايو، خاص ڪري سيهڙ (خرگوش) ۽ ڪُميءَ واري ڪهاڻيءَ مان اسان گهڻو ڪجهه پرايو.

****

<u>بشرا امين (ڪلاس ٻارهون) آء بي اي ڪاليج جيڪب آباد</u>

هڪ اڃايل ڪانوَ ۽ هڪ لالچي ڪُتو جهڙين ڪهاڻيون نندپڻ ۾ پڙهايون ٿيون وڃن، انهن تي عمل ڪرڻ سان فائدا ٿين ٿا، جيڪي ايندڙ زندگيءَ جي لاءِ هڪ سبق هوندا آهن ته جيڪڏهن لالچ ڪنداسين ته ڇا ٿيندو وغيره.

****

<u>رباب علي (ڪلاس ٻارهون) آء بي اي ڪاليج جيڪب آباد</u>

مون کي تاريخي ڪهاڻيون تمام گهڻيون پسند هونديون هيون، جن ۾ حقيقي تاريخي ڪردارن يا تاريخي واقعن جون ڪهاڻيون ٻڌايون وڃن ٿيون، فِڪشن به مون کي تمام گهڻو پسند آهي، جيتوڻيڪ انهن ۾ حقيقت ته ناهي پر مون کي پسند آهي.

****

<u>محمد بخش (ڪلاس ٻارهون) آء بي اي ڪاليج جيڪب آباد</u>

ٻاراڻو ادب ٻارن جي اندر احساس ۽ انسانيت لاءِ محبت پيدا ڪندو آهي. ٻارڻو ادب ٻارن جي سوچ وسيع ڪندو آهي ۽ ٻارن کي معاشري اندر رهڻ، اٿهڻ ويهڻ، ڳالهائڻ ۽ زندگي گذارڻ سيکاريندو آهي.

هڪ اسڪول ۾ ٻارن کان پڇيو ويو ته توهان وڏا ٿي ڇا ٿيڻ پسند ڪندؤ؟

ڪنهن جواب ڏنو ته ڏاڪٽر ته ڪنهن چيو پوليس آفيسر..

پر هڪ شاگرد چيو ته مان  هوش محمد شيدي ٿيڻ چاهيندس.

استاد پڇيو ڇو؟

شاگرد جواب ڏنو ته مان هوش محمد شيدي جو سبق پڙيو ۽ مون کي ان جي بهادري ۽ پنهنجي ڌرتي لاءِ محبت ڏسي سبق مليو ته اسان کي به پنهنجي ڌرتي لاءِ جان توڙي مال قربان ڪجي.

ان سان اهيو ثابت ٿي ٿو ته ٻارڙو ادب ڪئين ٻارن جي دل ۾ وطن ۽ انسانيت لاءِ محبت پيدا ڪري ٿو.

پر ذاتي طور مان کي حقيقت تي مبني ڪهاڻيون پسند هيون جن ۾ ڪو سبق ملي ۽ تاريخي ڪهاڻيون به جن ۾ تاريخ جي باري ۾ ٻڌايو وڃي. ننڍپڻ ۾ ٻارن کي زياده تر پرين، بادشاهن ۽ مذاهيه ڪهاڻيون پسند ايندڀون آهن ۽ ٻارن کي اهي ڪهاڻيون به پسند اينديون آهن جن ڪهاڻين ۾ ڪا حقيقت نه هجي. ننڍپڻ ۾ توهان ڪهڙين ڪهاڻين کي پسند ڪندا هيا؟

****

# باب چوٿين جا حوالا


1. جامع لغت ڪ-ي صفحو 427 ڇاپو ٻيو 2007ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
2. قادري اياز، ڊاڪٽر پکين ۽ جانورن جون نصيحت پريون ڪهاڻيون ص: 01 ڇاپو پهريون 1981ع سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
3. ساڳيو:-
4. جتوئي، عبدالرحمان، ”عقلمند ڪانءُ“، ڇاپو پهريون 1988ع ص: 33 منظور بڪ اسٽور.
5. ساڳيو ص: 3.9
6. پٽي رشيد، ”مائي جهرڪي ۽ ڪانگ خان“، ٻارن لاءِ نصيحت پريون ڪهاڻيون، ڇاپو پهريون 1995ع ص: 15 انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو.
7. ساڳيو ص: 21
8. ساڳيو ص: 28
9. سومرو، ادل ڊاڪٽر، ”جيتن جي ڪانفرنس“، ڇاپو پهريون 1984ع ص: 08، آگم پبليڪيشن حيدرآباد.
10. ساڳيو ص: 31
11. ساڳيو ص:
12. شيخ الطاف، ”ڏاهي جهرڪي“ ڇاپو پهريون 1990ع ص: روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.
13. ساڳيو:
14. ساڳيو:
15. ساڳيو ص: 19
16. ساڳيو ص: 30
17. عبد، عبدالجبار، وڄايل دولت، ڇاپو پهريون ص: 4 منظور بڪ اسٽور شاهي بازار شڪارپور.

18. سومر شمس الدين ”جنهن کي رب رکي“ ڇاپو پهريون 1998ع ص: 09 گلشن پبليڪيشن حيدرآباد.
19. ساڳيو ص:
20. قاضي گوهر ممتاز ”پولڙي جي پل ۽ ٻيون آکاڻيون“ ڇاپو ٻيو 1984ع ص: 55
21. جسڪاڻي اڪبر ”رمون پيٽي“ ڇاپو پهريون 1983ع ص: 10 روشن تارا ساهت سرڪل حيدرآباد.
22. ساڳيو ص: 11
23. جسڪاڻي اڪبر ”خيرو حجم“ ڇاپو پهريون 1986ع ص: 21 روشن تارا ساهت سرڪل حيدرآباد.
24. ساڳيو ص: 33
25. ساڳيو ص: 3.8
26. ساڳيو ص: 45
27. ساڳيو ص:-
28. شيخ الطاف ”ڏاهي جهرڪي ۽ ٻيون آکاڻيون“ ڇاپو پهريون ص: 48، 49،
29. ساڳيو ص:
30. ساڳيو ص:
31. ساڳيو ص: 34
32.ميمڻ عبدالمالڪ، انجنيئر ”پيندو بادشاهه“ ڇاپو پهريون 1992ع ص: 04، 05، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور.
33. ساڳيو ص: 9، 10
34. ساڳيو ص: 11
35. ساڳيو ص: 15
36. ساڳيو ص: 24
37. ساڳيو ص: 33
38. ساڳيو ص: 35

39. عباسي جاويد ”ناني سڦوران“ ڇاپو پهريون 1993ع ص: 07 سنڌي لئنگيج اٿارٽي سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو حيدرآباد
40. ساڳيو ص: 08
41. ساڳيو ص: 21
42. ڀٽي رشيد ”ڏاهي جهرڪي ۽ ڪانگ خان“ ٻارن لاءِ نصيحت ڀريون ڪهاڻيون ڇاپو پهريون 1995ع ص: 31 انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو.
43. جسڪاڻي اڪبر، رمون ڀيٽي، ڇاپو پهريون 1983ع ص: 33 روشن تارا ساهت سرڪل حيدرآباد.
44. ساڳيو ص: 09
45. ساڳيو ص: 26
46. ساڳيو ص: 27
47. ساڳيو ص: 35
48. ساڳيو ص: 49
49. ساڳيو ص: 23
50. سيوهاڻي پرواني ”چنڊ ۽ چڪور“ ڇاپو پهريون 1989ع ص. 33 خواجه پرنٽنگ پريس گاڏي کاتو حيدرآباد.
51. ساڳيو ص: 34
52. ساڳيو ص: 39
53. ساڳيو ص: 33
54. ساڳيو ص: 33
55. ساڳيو ص: 35
56. ساڳيو ص: 11
57. عباسي ظفر ”تارا تارن هيٺ“ ڇاپو پهريون 1981ع ص: 04 مهاڳ ساهتي پبليڪيشن ڪنڊيارو ضلعو نوابشاهه، سنڌ.
58. ساڳيو ص: 39

59. ساڳيو ص: 40
60. ساڳيو ص: 40
61. ساڳيو ص: 33
62. ساڳيو ص: 34

# کھاڻيڪارن جا حوالا

قادري اياز " پرين جون ڪهاڻيون" ص: 07، ڇاپو پهريون 1981ع سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ.

قادري اياز "نصحيت پريون ڪهاڻيون" ڇپائيندڙ پاران ڇاپو پهريون 1981ع، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.

ساڳيو ص: 19

مگريو واحد بخش مضمون اڪبر، هڪ تتل تارو ص:52 گل ڦل آگسٽ ڊسمبر 1999ع، سنڌي ادبي بورڊ

ساڳيو: ص: 137

ساڳيو: ص:

ساڳيو: ص:ٖ

سومرو ادل، ڊاڪٽر، جيتن جي ڪانفرنس، ڇاپو پهريون 1984ع ص 01 "ڦرهي کان فيئر بوڪ تائين وارو زمانو"

آگم پبليڪيشن حيدرآباد

ساڳيو: ص – 02

سيوهاڻي پروانو "اُڏام" مهاڳ اڪبر جسڪاڻي، ڇاپو پهريون 1997ع سرهاڻ پبليڪيشن سيوهڻ.

سيوهاڻي، پروانو "چنڊ ۽ چڪور" ڇاپو پهريون 1989ع ص: 33 خواجه پرنٽنگ پريس گاڏي کاتو حيدرآباد.

ساڳيو مهاڳ،

سهتو ناز، رپورٽ، "تارا تارن هيٺ" ظفر عباسيءَ جي ڪتاب جي مهورت ص:31 گل ڦل فيبروري مارچ 1982ع.

ساڳيو ص: 31

ساڳيو ص: 32

ساڳيو ص:33

ڪنگراڻي، عزيز "سنڌي پري" پڙهڻ کان پهرين، اسحاق سميجو، ص: 09، 1999ع، نئون جنم پبليڪيشن حيدرآباد.

ساڳيو ص: 03

ساڳيو ص: 08
ساڳيو ص: 11
سنڌي يوسف ”سنڌي ادب“
شيخ الطاف ”سونهري ٻلي ۽ لالچي زال مڙس“ ص 05 ڇاپو پهريون 2007ع، روشني پبليڪيشن.
شيخ الطاف جل پري ”دنيا جي سفرنامن جي سفر ڪانپوءِ ڪهاڻين جي سفر جو سفير-ايس نسيم ميمڻ“ ص: 12 ڇاپو پهريون فيبروري 2017ع نئون نياپو اڪيڊمي ڪراچي.
عبد، عبدالجبار ”جادو جو ڏنڊو“ ص: 04، ڇاپو چوڏهون، اپريل 2016ع، مهراڻ اڪيڊمي، واڳڻو در، شڪارپور.
سومرو، شمس الدين ”جنهن کي رب رکي“ ص: 09، پيش لفظ- ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، ڇاپو پهريون 1998ع، گلشن پبليڪيشن حيدرآباد.
ساڳيو ص: 145، بيڪ ٽائيٽل.
جتوئي، عبدالرحمان ”حجم ۽ ديو“ ۽ ٻيون دلچسپ ڪهاڻيون ص: 16 ڇاپو اٺون- نومبر 2004ع، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور،
منگي عبدالجبار آزاد ”ٽمون شرارتي“، ”منصور جي من جي ڳالهه“ ڇاپو پهريون 2019ع سمبارا پبليڪيشن.

# نتيجا

- ٻارن جون ڪهاڻيون ٻارن جي نفسيات مطابق لکيون ويون آهن.
- ڪهاڻين ۾ اصلاح ۽ تربيت جو پهلو نمايان آهي.
- 1980ع – 2000ع جي عرصي ۾ لکجندڙ ڪهاڻين ۾ اڪبر جسڪاڻي، پرواني سيوهاڻي ۽ ظفر عباسي جي ڪهاڻين مقبوليت ماڻي.
- اڪبر جسڪاڻي جي ڪهاڻين ۾ ذاتي زندگيءَ جا عڪس ملن ٿا.
- هن جي ڪهاڻين خيرو حجم، عرس مست، عوامي چڪن سوپ ٻارن ۾ شهرت حاصل ڪئي.
- 1980ع کان 2000ع واري عرصي دوران تخليقي ڪهاڻين لکڻ جو رجحان وڌيڪ رهيو جنهن ۾ عبدالجبار آزاد جي ڪهاڻيون ”ٿمون شرارتي“ ۽ ٻيون ڪهاڻيون چيچنديون رهيون.
- روزاني هلال پاڪستان ۾ ”گلن جهڙا ٻارڙا“ ۽ روزاني ”سنڌ نيوز“ حيدرآباد جي ادبي صفحي ”گلستان“ ۾ ٻارن لاءِ مختلف موضوعن تي ڪهاڻيون شايع ٿينديون رهيون.
- 1980ع کان 2000ع واري دور ۾ لوڪ ڪهاڻيون به لکيون ويون جن ۾ مراد علي مرزا ”ايشيا جون لوڪ ڪهاڻيون“ ڊاڪٽر اياز قادري ”پرين جون ڪهاڻيون“، بشير ڀٽي ”مائي جهرڪي ۽ ڪانگ خان“ بهترين ڪتاب آهن.

****